ٻين جو شري ليڙرامل ڪلاڻي، جو هينئر ٦٢ ورهين جو ٿيندو، سو ١٩٢١ کان آزاديءَ جي هلچل ۾ آيو. هو ١٩٣٠ ۾ انجنيري ڪاليج جي نوڪري ڇڏي هلچل ۾ گهڙيو ۽ ڪيس ٻه دفعا جيل جي سزا ملي. هو ٻن ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ٻه رهيو. ١٩٤٢ بعد ڪراچي ۾ چرخا سنگهه جي نوڪريءَ ۾ هو ۽ ١٩٤٧ ۾ ٽنڊو هليو آيو، جتي اڄ سماجڪ سيوا پيو ڪري.

ملياڻين جي ڪاڪي ليکيداس جو سُوٽ شري روپچند پرتاڀراءِ ١٩٣٢ جي هلچل ۾ حيدرآباد مان جيل ويو هو. ڪيس سارا چار مهينا سزا ملي هئي. هو هاڻي سڪندرآباد ۾ رهي ٿو. وڏارٿي جيون ڪان ڪاڏي ڀرپنڌ آهي. سندس پتني شرامتي گوپي ٻائي ٻڌ ڌرمي هلچل ۾ ڀاڱو ورتو هو.

ٻچاڙيءَ ۾ اسان آزاديءَ جي آندولن ۾ ڪم ڪندڙن جو جيڪو سنکيپ احوال ڏنو آهي، تنهن مان پاڻ کي سمجهي سگهندا ته نوابشاه ضلعي ۾ هلندڙ هلچل ۾ اهڙا ٿلها وارا Missionary Type ڪم ڪندڙ پيدا ٿيا، جي اڄ ٻه آزاديءَ ۽ سماج سيوا جا علمبردار آهن.

”جئه هند“.

...س ۽ گڏريل ٢٥ سال بــ لــوس ڪم ڪندو رهيو
آهي.
شــري گوري شنڪر نــبده آدم جــو ڪانــگريس
ڪم ڪندڙ بنگلور ۾ پنهنجي زندي ڪــي وجي لڳو
آهي.
شري ناري گرسياڻي امبئي پنچات فيڊريشن ذريعي
پرشارٿين جو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ اکل ڀارت ڪانگريس
ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهي.
ڊاڪٽر آڏارام، جو لنڊي هرندي ڪان آزاديءَ جي
هلچل ۾ پختو شيواداري رهيو ۽ شري شيوارام گنگارام
گانڌيجيءَ جا اهڙا ٿر پڪا پيروڪار رهيا آهن، جو جڏهن
باپوجي ٣٠ جنوري ١٩۴٨ لي نرواڻ پد کي پاتو، تڏهن
نبده آدم ۾ پبلڪ هــال، جتي گهڻا پاڪستان جــا
مسلمان اچي ڪٺــا ٿيا هــوا، آنــي ميڙ ۾ بــاپوجيءَ
کي شرڌانجلي ارپت ڪيائون ۽ ساڻس گــڏ پاڪستانين
ڏيهانءَ لي شوڪ جو نهراو پاس ڪيو. ڊاڪٽر پاڪستان
تيڻ بعد ۾ هارمونيم گهڻيءَ ۾ وجهي ڏيپارجن ۽ ملڪن
(ساهتيءَ) ۾ سرگــس ڪــدي پرچــار ڪــري آيو،
جيتوڻيڪ هــو اُن وقــت سرڪــار جــي نوڪريءَ ۾
هو. هينئر هن ٻڙودي ۾ گهر ٺاهيو آهي ۽ گجرات جي
ڪنهن ڳوٺ ۾ ڊاڪٽري پيو ڪري.

شري ڪوڙومل ٽلومل نوشهري جو ڪم ڪندڙ
ٿيودي مان "سنڌي ڪرانت" هفتوار اخبار ڪڍي
رهيو آهي.

شري الرچند چندرام ننده آدم جو ڪم ڪندڙ
حيدرآباد دکن ۾ پنهنجي ڏنڌي سان گڏ سروودي وارن
جو ڪم ڪري رهيو آهي.

شري ڪيولرام ٽالواڻي هالاڻيءَ وارو هيئنر پنهنجي
ڏنڌي مان فارغ ٿي ٽراگڙهه ۾ اچي ويٺو آهي، جتي
سندس وڏو پٽ اسٽيمت ٽنڊڪ ۾ آهي. ڪيولرام اڄ
واجبيتي ڪيتر ۾ آهي ۽ ڪانگريس مرڪز اڄا ۾ ڪائنس
صلاح ۽ ڪم ولي رهيا آهن. شري دولهومل لوانشاه
وارو هتي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ اچي پرلي ٽير ۽
ٽراگڙهه ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

شري روچي ٽالواڻي ۽ شري ديو ٽاٽاڻي اتي ناگپور
۾ ڪم ڪري رهيا آهن. هنن ٻنهي تعليمي ڪيتر ۾ ڪافي
ڪم ڪيو آهي. ٻڌاون نه هاءِ اسڪول جو پرنسپال
آهي. ٻيورا ون هيئنر ان ڳالهه ڏانهن ته ڏيان ڏيو ڏي
نه سنڌي پنهنجي لاءِ سنا گهر ناهن.

گروپ، جنهن ۱۹۴۲ ۾ جيل ٻاهرا شروع ڪئي هئي،
سو هاڻي ناگپور ۾ ڊاڪٽري ڪري رهيو آهي.

شري ادجورام شري ولوبا ڀاوي جو ٻڪو شش
رهيو آهي ۽ ڪٽيالا ۾ ڪيٿ لئي آشرم کڙو ڪيو

شري هولچند بدلاڻي
...جستا ڪم ڪندڙ سائي اٿس. شري
...ده آدم جو ٻه اُٿي سروودين جو ڪم پيو ڪري.
شري ميارام، جو سنڌ ڪانگريس ورڪرس سمتيءَ
...ور خزانچي ٿي رهيو هو، سو هينئر سڀ ڳالهه کان فارغ
ٿي دهليءَ ۾ ويٺو آهي.

شري آسودومل شولاڻي هينئر دهلي ميٽرو پوليٽين
ڪائونسل جو ميمبر آهي. نواب شاه ضلع جي ڪم
ڪندڙن ۾ عمر جي لحاظ کان ننڍو آهي، پر پرشارٿين
۾ ڏاڍي سان گڏ ڪارائتو سماجڪ ڪم ڪري رهيو
آهي. هو سرو ڀارت سنڌي ٻولي ساهتيه ڪلا وڪاس
سمتيءَ جي سيڪريٽريءَ شري جيوڻ لعل ڄيرامداس سان
گڏ خزانچيءَ جو پد سنڀالي رهيو آهي.

الهاس نگر ۾ شري نيوندرام وشنداس سان گڏ سروشري
جڳچند راءِ، جيوت گاجرا ۽ شريمتي شڪنتلا ڪم ڪري
رهيا آهن. شري نيوندرام هينئر ڪوپا پد گرهڻ ڪري
تو ڪري، پر ونس ٿي ڪانگريس ۽ سماجڪ ڪم ڪندڙ
صلاح لاءِ اچن ٿا ۽ هو اجا ٻاڻ ٿي اِها جوابداري سمجهي
تو نه الهاس نگر جا باقي رهيل مسئلا به حل ڪرائي
سگهندي.

شري جڳچند راءِ، جو ساري عمر قومي ڪندڙ رهيو
آهي اڄ تائين ٻه جيون دائي آهي. سندس گهر الهاس نگر
۾ آهي.

هندستان ۾ هندواسي اخبارن کي هن اوج تي رسائڻ ۾ شري هيرالال ڪرمچند ۾ هن جو وڏو هٿ رهيو آهي. هو شري ميهارام وانگر لوڪ ڪاڄ ڪندڙ ماڻهو آهي. مشهوريءَ کان وٺي وڌندو آهي.

شري کيمچند ٻالاڻي جوڏپور ۾ سماجڪ سيوا جو ڪم ڪري رهيو آهي. هن ڀاروت ۾ اڳي هند نرواسين کي وسائل لاءِ چڱي ڀاڄ ڀتوڙ ڪئي هئي.

شري ساڌورام ٿهلاڻي، جو واپاري آهي، سو ٻراليءَ ۾ ڪم ڪندو رهي ٿو ۽ هيئنر ۾ قومي سنڌين ۾ سيوا جي احاط کان هستي رکي ٿو.

شري مهادير ڏالواڻي شهدادپور وارو سڪندرآباد ۾ اخبار نويس ۽ سماجڪ ڪم ڪندڙ آهي. شري جوتيرام ولڪاڻي هالاڻيءَ وارو به اُن طرف رهي ٿو.

شري سنتداس پهومل ارشهري وارو ٻرائي ۾ رهي ٿو ۽ پنهنجي ڏنڌي کي وڃي لڳو آهي.

دهليءَ ۾ نوابشاه ضلع جا ٽي ٻرڪ ڪم ڪندڙ سرو شري آسنداس خوشحالداس، ميارام جيلارام ۽ آسودومل شرناڻي رهن ٿا. ٽيئي واپاري آهن. شري آسنداس، جو ڪجهه ۾ سنڌين جو گهر اڏڻ ٿو چاهي، سو ڏنڌو پيٽ کي ڏيئي آدهور وڃي ويٺو آهي ۽ سنڌو ڪاروبار جو Working منيجنگ ڊائريڪٽر ٿي ڪم ڪري. ڪالڪادام کي اڏڻ ۾ "دڪال" جوڙيا

شري هرومل، جو هت پهريان چار سال ڪانگريس ڪم ڪندڙ هو، سو الور ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ڪم پيو ڪري ۽ راجستان ڪسان سڀا جو پريزيڊنٽ آهي. انهي ناتي رشيا مان ٿي آيو آهي ۽ هاڻي اوڀر جرمنيءَ ۾ ڪسان ڪاريه جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ويٺو آهي. هو هيٺر الور ۾ ڪٽنب سان گڏ ٻن ايڪڙن جي باغ ۾ گهر اڏي ويٺو آهي ۽ وڏي اتساه سان پيسو ڪم ڪري هٿي ڪيس ۾ ٽي دفعا جيل ۾ ويٺو پيو آهي.

ڊاڪٽر ٻولچند ڪلناڻي، جو گانڌي آشرم جو مئنيجر هو ۽ ديوگڙه (مداريا) ضلع اديپور ۾ اچي ويٺو، سو ديوگڙه ۾ ٿي ڊاڪٽري ڪري رهيو آهي. شروعات کان پاڻ ۽ سندس پتني شريمتي اندرا ديوي ديوگڙه ميونسپالٽيءَ جا ميمبر ٿي رهيا آهن. شري ٻولچند لڳ ڇهه سال پريزيڊنٽ به ٿي رهيو آهي ۽ پنهنجي ايامڪاري ۾ ديوگڙه، جو ١٢ هزار آدمشماريءَ جو ڳوٺ آهي، اُن ۾ بجلي به وجهائي اٿس ۽ Water works به چالو ڪرايا اٿس. پڪا رستا به ٺهرايا اٿس، جنهنڪري ديوگڙه جو اڍائي هزار فوٽ اوچائيءَ تي پربت تي اڏيل هڪ سهڻو ۽ سٺو شهر ٿي پيو آهي.

شري مالسنگهه چوهڙمل، جو ستر ورهين، جو ٿي ويو آهي، سو شروعات کان بمبئيءَ جي هندستان اخبار جو مئنيجر ٿي رهيو آهي ۽ "هندواسي" جو سمپادڪ به آهي.

جو سمبادڪ آهي ۽ شيوا ڪاري ۾ لڳو رهي.

شري نارائڻداس ڏڦلاڻي ۽ سنڌس ساٿي شرڌمتي رڪمڻي ديوي ۽ ۱۹۴۲ کان تعليم جي کيتر ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. هيئر ٻئي ماستري ڪري رهيا آهن. هي نندا آدرش ۽ هريجن جي چڱي شيوا ڪئي هئي.

شري پرمانند ڏيپارجن وارو اجمير ۾ ڪالڊي پرليس کولي ويٺو آهي.

انهن کانسواءِ سرو شري ڏيرومل ميگهارام، کلومل گرناڻي، ويرومل ٿهلياڻي، پرڀداس ويسرواڻي، ليلارام چترومل ۽ دادي ڪرشنا ديوي اچا پڻ اجمير ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

حيدرپور ۾ ڏهن سالن کان سرو شري شيوارام ٽنڊگارام، هولداج رچهواڻي ۽ چندر پرڪاش ڪم ڪري رهيا آهن. شري شيوارام هيئر راڌاسوامي (بياس) مت وارن سان گڏ ڪم پيو ڪري. شري هولداج پنهنجي ڏاڏي سان گڏ راڌميتي ڪم ۾ پيو ڪري. سنڌس پتني ديوي رچهواڻي ٻي اي. اي پاس ڪري وارڌا پاري جي سروودي کيتر ۾ ڪارائتو ڪم ڪري رهي آهي ۽ هن پيرن سان گڏ ساري هندستان جو پيدل دورو ڪري رهي آهي. هو خاص ڪري پيرن ۾ حاضرنا آهي جو ڪم پيئي ڪري. هو هڪ ڪارائتي ڪم ڪندڙ لائق ليڊي آهي.

وٺڊهم ڪم ڪندڙ - نوابشاهه ضلع جا ڪافي ڪم ڪندڙ، جي اڄ به اجمير ۾ آهن، جي راجنيتي ۽ سماجڪ ڪم ۾ ڀاڱو وٺي رهيا آهن، سي آهن سروشري پرهلاس ۽ ديپچند، جو اعليم، ساهتيه ۽ ٻين ڪمن ۾ شروع کان وٺي ڪارائتو ڪارڻ ڪندا رهيا آهن. هن وقت "سنڌارسيا" جا سرگرم ڪم ڪندڙ آهن، جا سڄي ڀارت ۾ سنڌين جي هڪ ٻرڪ سنستا آهي. اُن جي ساهه هيٺ غريب وڌوائن، بيمارن، وديارٿين ۽ وچولي درجي وارن جي لاڀالي شيوا جا ٢٢ ڪارڻ هلي رهيا آهن. هيءَ سنستا ڇوڪرن جو اسڪول، ناري شالا ۽ ٻيوهه نارين لاءِ آشرم ۾ هلائي رهي آهي.

انڪانسواءِ ماهوار روحاني رسالو "آلم دڙشن" ۽ ڦلواڙي عربي سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ۽ ديوناگري سنڌيءَ ۾ ننڍين وڏن لاءِ رسالو هلائي رهيا آهن.

شري ڪشن گرناڻيءَ نه اجمير ۾ اڄ سان پرشارٿين جي شيوا ڪارڻ ۾ لڳو رهيو آهي. شروعات کان ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊيو آيو آهي ۽ هينئر ميونسپل جو پريزيڊنٽ آهي.

شري شوالدا اخبار نويسيءَ جو ڪم ڪندو ٿو رهي ۽ سوتنترتا سنگرامين جي پوري شيوا ڪندو رهي ٿو.

شري ٺاڪر ٽلسياڻي به "نوڀارت" هفتيوار اخبار

چڱو ڪمزور رهيو ۽ اُت ئي گذاري ويو.

(١٤) سرڳواسي شري سرچند ميوارام هتي آيو ۽ اجمير ۾ به سماجڪ ڪم ۾ لڳو رهيو. اڄ به اجمير ۾ غريب پرشارٿين لئي سنڌس ڇاپ آهي. ٻڍاڙپ ۾ جو پڻ ڪي روز هڪ ويلو ڪاڏو ڪارائيندو هو. بيمارن جي سار سنڀال اهڙي سنڌس مکيه ڪم هو.

(١٥) سرڳواسي شري شمرارام ڪلياڻي، جو نوابشاه ۾ آزادي آندولن ۾ ڪم ڪندو رهيو ۽ ٻه دفعا جيل ويو هو، سو اجمير ۾ اچڻ بعد به سماجڪ ڪم ڪندو رهيو ۽ اجمير ۾ ئي پرلوڪ پڌاريو.

(١٦) سرڳواسي شري واڌومل آلمارام هرپالاڻي آزادي آندولن ۾ لڪري ڇڏي ڪمباري ۾ اچي ڪم ڪي لڳو ۽ ساري عمر سماجڪ ڪم ڪي لڳو رهيو. ٻڍاڙپ ۾ جا پنج سال ته هو آمير (جيرور) ۾ ئي غريب پرشارٿين جي ٻارن کي پڙهائڻ جي ڪم کي لڳو رهيو. اُن بعد هن سدار تيا اجمير جي سماج شيوا جي ڪمن ۾ چڱو ڀاڱو ورتو. اڄ به اهو سنڌس ڪارڻ هلندو رهي ٿو. ودياري، جن کي پڙهيائين، آهي ورڪي لاڏپڻ ودبارٿين جي سنڀال ڪندا رهن ٿا. هو هڪ لماڻو ڪم ڪندڙ هو ۽ ساري عمر کادي پوش رهيو. سنڌس ڏيئر ۽ پٽ سڀ چڙهيل آهن. سنڌن گهر آدرش لکر اجمير ۾ آهي.

ديالومل ڪشنچند ڀڳت همع

(١٠) سرڳواسي شري ... ۾ لڳو رهيو. ڀڄاڙيءَ

...رت ۾ اچڻ بعد به سماجڪ ڪم ۾ ... پرشارٿين کي وسائڻ

...جو وقت اندور ۾ رهيو، جتي ... اولاد اندور

...لاءِ جتن ڪندو رهيو. سندس ڌرمپتنيءَ ۽

... ۾ ئي رهي ٿو.

(١١) سرڳواسي شري پورومل رامرکياڻي ڪم ڪندڙن "هندستان"

... ۾ جڻ ته بلبل هئي، جا اوچتو ٻمبئيءَ ۾

اخبار ۾ ڪم ڪندي بوستان مان اڏامي وئي. جهڙو هو

سريلو، تهڙو مٺو. سندس اولاد گهاٽڪوپر سندو واڙيءَ ۾

رهي ٿو.

(١٢) سروشري ديواچند ۽ تاراچند ناڪرام ٻئي

پاڻ ته اصل ۾ اڏيالمڪ راهه ۾ هلندڙ هوا. سرڳواسي

ديواچند ته شروع ۾ ئي قومي هلچل مان پرآجا ڪري

۽ ايشور آليؤ جي آديش کي لڳو هو. سندس

...رڌالن سندس جيون ڪٿا به ڇپائي آهي ۽ ديواچند

يادگار فند ڪڙو ڪيو آهي، جنهن مان اڄ به ٻمبئيءَ ۾

گهرجائن کي مدد ملندي رهي ٿي.

(١٣) سائين تاراچند ڀارت ۾ اچڻ بعد ڪي سال همع...

چيترو هو. هو قومي ڪارڪن ۾ هالاڻيءَ ۾ آهڙو ته

رهندو هو، جو مٽي ڪنهن جي والد ڪاني به ڪانه ملند...

هئس. جيتوڻيڪ آسڻ ڪندي چاليءَ ۾ گهٽ ئي ...

هوس، پر ڪم کي بندگي سمجهندو هو. ڀڄاڙيءَ

[illegible]

[illegible] سنڌس [illegible] سنڌس [illegible]

[illegible] سنڌس [illegible] حال [illegible]

[illegible] سنڌس [illegible]

[illegible] آهي.

(٢) سر ٽولسي [illegible] سنڌس [illegible] ۽ [illegible] سنڌس [illegible] آهي.

(٥) شريمتي [illegible] آهي.

(٨) سر ٽولسي [illegible]

(٩) سر ٽولسي [illegible] ۽ [illegible] سنڌس [illegible]

سرڳواسي اسان سنڌين جي شڪرگذاريءَ ۽ پرنام جو پورن رُوپ حقدار آهي.“

هن جو ڪلمڪ چهرو اڃا اسان جي اکين پيو ڦري. خود هـي پستڪ به سنڌس سهاري لکيو ويو ۽ وقت به وقت هو انکي پوري ڪرڻ ۾ صلاحون پيو ڏيندو هو ۽ سندس ئي پريس ۾ ڇپيو آهي.

(۴) سرڳواسي شري ٽيڪنداس ڦتنداڻي ٻڙودي ۾ راڇي وسيو، جتي هو پرشارٿين کي وسائڻ جـي ڪم ۾ لڳو رهيو. وڏي ڪٽنب وارو ماڻهو هو ۽ جنهن ڪري سندس ڪٽنب ڏانئين، ان ڪري سارو عمر ملڪ جي ڪم کي ڏکئي وقت مان لنگهڻو پيو، پر هي مڙس اڏول ڪي چڱي رهيو ۽ نوڙ ڏانئين سماج جي ڪم ۾ لڳو رهيو. ويندي وقت به اولاد کي پنهنجي جيـون جو جيڪو اديش آهي، اُن کان واقف ڪندو ويو. هيٺر سندس ٻه پٽ انجنير آهن، ٻيون مـل ۾ Design operator آهي. ڇوٽون هاڻي ۾ به هو ۽ هيٺر نوڪريءَ کان فارغ ٿي سماجڪ سال ٻڙودي ۾ ملهائيندا آهن.

(۵) سرڳواسي پروفيسر هاسانند نـه پنهنجو مت پا نه هن جيون کي پوري طرح سمجهيو هو ۽ پنهنجو سا جيون نشڪام شيوا ۾ گذاري ويو. هن لکيا ڪمايا مڙيو ڪجهه ٻه ڪين. چوندو هو نه ”جو مڙيئي سو پنهنجي

شري رامڪرشن اميرچند ڪنا (جهون ڪنا) جنهن وڏو
پستڪ سنڌيءَ ۾ لکي ڇپائي ورتو، جو سنڌ ۾ ڪسي
روحاني راه ۾ هلندڙن لاءِ وڏو واهڻ لائق ليو آهي. اسان
ڏلـو آهي ته ڪن سنڌين ۾ انهيءَ پستڪ بابت پڇيو
ٿو وڃي.

پوئين وقت هو پت وٽ ايڪانت ۾ رهيو. ان
اوستا ۾ هن هڪ سنڌي پستڪ "پارس مڻي" رچيو، جو
اڃا ڇپيو ڪونه آهي. اهو ڪيترن ئي دلين لاءِ روشني
ڏيندڙ آهي.

پارس واسي روزاني ۷ ڊسمبر ۷۲ ۾ ليک لکيو ته
"هڪڙو هڪڙو ڪري هليا ويا وڃن، هر مٺو،
هر پيئو، هر شرابي، هر راهه. جن سان گڏجي زندگيءَ
جي ڪا راهه هليا هئون، ڪنو پنڌ ڪيترن آزاديءَ
جي اسڪ ۾، ساهتيڪ کيتر ۾، الڪم الڪم هڏن لاءِ.
سرگواسي جيتو لٻڪ آزاديءَ جي جنگ ۾ ته جيل ۾ ويو
مگر بنيادي طور هو جو جيون ساهتيڪ کيتر ۾ ئي
گذاريو. شري موليارام جو نالو سنڌي ساهتيه ڪالسوام واپار
۾ ته ٿو آڻي سگهجي. سنڌي ساهتيه رسالو سنڌي ساهتيه
۾ هڪ نرالي جڳهه والاري ٿو. اهو رسالو سنڌي زالن،
ڇوڪرين ۽ ٻارن سڀ لاءِ پڙهڻ وٽان ڳالهيون جهڙو هو
۽ هنر هوشياري متعلق لڳاتار سان هرڪنهن ان جي راهه
لڪيندو هو.

سرڳواسي اسان سنڌين جي شڪرگذاريءَ ۽ پرنام جو پورن روپ حقدار آهي."

هن جو ڪلمک چهرو اڃا اسان جي اڳيان پيو ڦري. خود هي پستڪ ۾ سنڌس سهاري لکيو ويو ۽ وقت ۾ وقت هو اُنکي پوري ڪرڻ ۾ صلاحون پيو ڏيندو هو ۽ سنڌس ئي پريس ۾ ڇپيو آهي.

(۴) سرڳواسي شري نيپنداس ڦتناڻي ٻڙودي ۾ اچي وسيو، جتي هو پرشارٿين کي وسائڻ جي ڪم ۾ لڳو رهيو. وڏي ڪٽنب وارو ماڻهو هو ۽ جنهن لاءِ ساري عمر ملڪ جي ڪم کي ڏنائين، ان ڪري سنڌس ڪٽنب کي چڱي ڏکئي وقت مان لنگهڻو پيو، پر هي مڙس اڏول رهيو ۽ لوڙ لائين سماج جي ڪم ۾ لڳو رهيو. ويندي وقت ۾ اولاد کي پنهنجي جيون جو جيڪو اديش آهي، اُن کان واقف ڪندو ويو. هينئر سنڌس ٻه پٽ انجنيئر آهن ۽ ٻيون مل ۾ Design operator آهي. ڇوٽون هلچل ۾ ٻه هو ۽ هينئر نوڪريءَ کان فارغ ٿي سماجڪ ڪم ڪري رهيو آهي. ڪاڪي نيپنداس جي ورسي هر سال ٻڙودي ۾ ملهائيندا آهن.

(۵) سرڳواسي پروفيسر هاسانند لـ پنهنجو مت پا هو. هن جيون کي پوري طرح سمجهيو هو ۽ پنهنجو سا جيون نشڪام شيوا ۾ گذاري ويو. هن لکيا ڪمايا مڙنو ڪجهه ڪين. چوندو هو ته "جو مڙئي سو ٻنگي

۾ گذاري ويو، سو به لوڙ لائين ڌرميت جو هامي رهيو
۽ آزاديءَ جي پيڙهه پنهنجي ڪرڻ جي ڪم ۾ لتهر
رهيو. هيئنر ۱۹۷۱ ۾ سندس سوٽ شري ڪشن مولواڻي
اجمير مان ڪانگريس ٽڪيٽ تي راجستان اسيمبليءَ لي
چونڊيو آهي ۽ ڪم ڪري رهيو آهي.

(۳) سرڳواسي شري گلابراءِ شرڌاداس به نوابشاهه ضلع
جو هڪ جهونو ڪاريه ڪرتا هو، جو ۱۹۲۱ ۾ آزاديءَ
جي آندولن ۾ آيو ۽ ان راهه ۾ پختو رهيو ۽ ۱۹۶۸ ۾
اجمير ۾ گذاري ويو.

(۴) سرڳواسي شري ميلهارام جو ۴ ڊسمبر تي ۱۹۷۲
بيڪانير ۾ گذاري ويو، سو
جيتو ٽيڪ نوابشاهه ضلع
جو ڪرتا هو، پر هن
آزاديءَ جي آندولن ۾
جيڪر ساٿيڪو ۽ ترس
ڪم ڪيو، تنهن هر ڪنهن
ضلع ۾ آزاديءَ جي آندولن
ڪسي پشتي ڏني. ه
پنهنجي وڏي پاءِ شري
فتحچند سان گڏ سند ر
ڌرمي ساهتيه پيدا ڪ



(شري ميلهارام واسواڻي)

انکي اسين پاڻجي نه ڀلا سگهون. ويندي ويندي

پکي واري ها آهيون ته جيڪو آندولن اڃا هلي رهيو آهي، سو ليڪ هٿي وڃي هند ڪندو. جي آزادي جي وجهه جينتي يعني ١٥ آگسٽ ١٩٧٢ لي مقصد لي ته ٻيڻي سکيا سون ته ٢٥ سالن بعد يعني سولي جينتيءَ ماهاڻ وقت ڀارت ۾ برابر سماجواد استاپن ٿيل ڏسندا سون.

شرڌانجلي - هيءَ الهاس ختم ڪرڻ کان اڳي الهن نواب شاه ضلع جي سنترا-سنگرامين کي شرڌانجلي ارپڻ ڪرڻ ضروري ٿا سمجهون، جي ڀارت ۾ اچڻ بعد ۾ پنهنجن ٻين لي پنا رهيا ۽ ٻيهاڙيءَ تائين ملڪ جا شيدائي ٿي رهيا.

سرڳواسي شري سچانند ڦيرومل ١٩٠٨ کان آزاديءَ جي هلچل ۾ رهيو ۽ ١٩٧٠ تائين الهن ٻين لي ڀنترو رهيو ۽ وڃڻدي ۾ چوندو ويو، "خوش رهو اهلي وطن، هم تو سفر ڪرلي هين." هو پنهنجي ڪٽنب جي صورت ۾ ديش کي وڏو ورثو ڏيئي ويو آهي.

اڄ به سنتس سيتو سروشري مرنومل، گوبندرام، روچرام ۽ ان جو ڀاءُ جگديش روچيرام ٿانواڻي ملڪ جو ڪم ڪري رهيا آهن. ٻيو ٻن جوان شري ولوڀا ڀاوڪ جي ڪٽنب ۾ گيان ڪم ڪري رهيو آهي. ولوڀا ڀاوڪ جو سرووديه سماج استاپن ڪرڻ لڳو ڄاڻي، ان جي اڳواڻيءَ هيٺ جيون داني ٿي ڪم پيو ڪري.

(٢) سرڳواسي شري سوراج مرنراڻي، جو تازو اڄمير

ڄڻ شريمتي اندرا گانڌي وري وڏيءَ گهٽائيءَ سان چونڊجي آئي آهي، ٽن پنهنجي ڪيل انجام موجب غريب ۽ شاهوڪار جي وچ ۾ جيڪا وڏي کاهي آهي، تنهن کي گهٽائڻ لاءِ قدم کڻندي رهي آهي.

٣ ڊسمبر ١٩٧١ تي لوڪ سڀا هندستان جي راجائن جا خاص حق ۽ پروي پرس، جو ٽن جڪ ۾ ٢٦ درستي پاس ڪري ختم ڪيا.

ٻينڪن جو نه اڳيئي پنهنجي پهرينءَ ايڪاريءَ ۾ راشٽريڪرڻ ڪري چڪي هئي ۽ جنرل ويمي ڪمپنيون ۾ هاڻي سرڪار ڪنيون آهن. هن جي نيتي اها پڻ رهي آهي ته پيداواريءَ جا ذريعا خانگي مالڪن کان ڇڏائي، سرڪار جي سڌي ضابطي هيٺ آڻجن. پر اڃا اُن ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي.

جي سچ پچ جلد بجلد سماج واد استاپن ڪرڻو آهي ته پوءِ ١٩٣١ ۾ ڪراچي ڪانگريس اڌيويشن ۾ جيڪو بنيادي حقن جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو هو، اُن مطابق راڄ ڪاروبارن کي هٿ ڪرڻي پوندي. اڄ وزيرن مٿان جيڪو خرچ ٿي رهيو آهي، اهو سماج واد سرڪار جي ڪرڻ نه گهرجي. هو جيڪو رهڻيءَ جو ڍنگ رکي ويٺا آهن، ان جو اثر انهن ڪاروبارن خرچ تي رکي ويٺا آهن. جو سرڪاري ماڻهن تي به پئجي رهيو آهي. انهن ماڻهن هوندي به انهن آشاوادي آهيون. اسين

آهي.
[illegible] جي [illegible]
[illegible]
[illegible] جي [illegible]
جي [illegible] جي [illegible] آهي.

[illegible] جي
[illegible] آهي. [illegible]
[illegible] جي [illegible] جي [illegible]
[illegible] جي [illegible] جي [illegible]
[illegible] جي [illegible] جي [illegible]
[illegible] جي [illegible]
[illegible] آهي [illegible] جي [illegible]
[illegible] آهي. [illegible]
[illegible] جي [illegible]
[illegible] جي [illegible]
[illegible] جي [illegible]
[illegible]
[illegible] جي [illegible] جي [illegible] هئي.

[illegible] آهي [illegible] جي [illegible]
جي [illegible] جي [illegible]
[illegible]
[illegible] جي

پارنواسي اڳرا ني ثابت ٿيا هئا. اسان ڏنو ته اسان جي ملڪ ۾ جڏهن به لڙائي ٿيڻي پئي وڃي آهي تـه پنجاه ڪروڙ پارنواسي هڪ ٿي بيٺا آهن ۽ آزاديءَ خاطر سڀ ڪجهه وارڻ لاءِ تيار ٿي پيا ويا آهن. مختلف سومان جو انيڪ چڱيءَ ماترا ۾ پيدا ٿي چڪو آهي.

اڄ ديش لاءِ وڏو مسئلو اهو آهي تـه پارنواسين جي رهڻيءَ جي درجي ۾ سڌارنا اچي ۽ هر ڪنهن کي هر ڪنهن قسم جي ترقي ڪرڻ لاءِ پورا وجهه ميسر ٿين. اُن ڏانهن ۾ پورو توجه ڏنو پيو وڃي.

ساڳئي وقت ڀارت کي دنيا جي ترقي ڪيل ملڪن جهڙوڪ آمريڪا ۽ رشيا وانگر ترقيءَ جي راه ۾ آڻڻ لاءِ پنج ساليون يوجنائون تيار ٿيون آهن ۽ انهن تي عمل ڪري ملڪ وڌ اڳتي وڌائيندو رهيو آهي.

ملڪ جي مختلف پربوگ شالائون (Laborataries) ۾ هندن تي ڪولڻ جو پروگرام رٿيو ويو آهي، جن ۾ بچاو جي هٿيارن ٺاهڻ لاءِ ۽ کيتيءَ جي وڌائڻ واسطي پربوگ ٿيندا رهيا آهن. اڄ اهڙيون ڪيتريون پربوگ شالائون ڀارت ۾ آهن. انهن جو نتيجو اهو ٿيو آهي، جو چين ۽ پاڪستان مغروريءَ ۾ اچي هندستان تي ڪاهيو، تـه ملڪ انهنکي پورو منهن ڏيڻ سگهيو. جتي اڳ ڀارت ۾ ١٥٠ گهوٽن مان هڪ گهوٽ ۾ بجلي بيٺي هئي، اُتي اڄ هر هڪ ٥ گهوٽن مان هر هڪ گهوٽ ۾ بجلي پهچي وئي

ترت وٺندي. اڳتي جي بهتر ۽ اچ پاڻ لواسي بهتر
ڪاڻي تاءِ اهڙو پالڻ لاءِ ۽ اهڙو گهرڻ ۽ رهڻ لاءِ. اهو سڀ
آدم جي، وات جي باوجود ٿيو آهي. ڪي شخص انسان
جي بنيادي شڪتيءَ کي نظرانداز ڪري انسان جي
ڪمزورين کي وڌائي پيش ڪري رهيا آهن. اهو
وساري ٿا ڇڏين ته هندستان مان جيڪي الڪ آپدائون
آئون آهن ۽ اُن ڪري جيڪي الڪ مشڪلاتون پيدا
ٿيون آهن، ان جي باوجود به اسين ترقي ڪري رهيا
آهيون. اهو واڌارو ان ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو
آهي، جو آرٿڪ بنياد پختو آهي."

اسين اها آشا رکون ٿا ته اهو وقت پري ڪونهي،
جڏهن انسان جو ملڪ پنهنجي ترقي ڪمل ملڪن جي قطار
۾ اچي ويندو. اج به ڀارت ڪافي ملڪن کي سندس
آرٿڪ واڌاري لاءِ ماهرن ۽ مالي مدد ڏيڻ سان مدد
ڪري رهيو آهي.

ڀارت آزاد ٿيڻ بعد ايشيا جي ڪافي ملڪن کي
آزاد ٿيڻ ۾ مدد ڪئي آهي ۽ ڪن ملڪن جي اقتصادي
ترقيءَ ۾ به ڪين مدد ڪري رهيو آهي.

ان جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو عام طرح ڀارت آ
ته رهيو آهي. اچ آزادي برقرار رکڻ لاءِ جي ڪيتري
به قربانيءَ جي ضرورت ٿئي ٿي ته ان پرڪشيا

ڀارت ڌرم نرپيڪشتا (Secularism) لي بلڪل اُلٽ
رهيو آهي. موقعو آيو جو ١٩٦٧ ۾ مرحوم ڊاڪٽر
ذاڪر حسين کي هندستان جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.
هوڏانهن پاڪستان جا راڄ ڪندڙ، جي گھڻو وقت کان ڪٽر
رهيا، سي جنتا کي فرقيپرستيءَ ڏانهن ڌڪيليندا رهيا
آهن، نيٺ پاڪستان ۾ ئي بغاوت ٿي. اڄ سندن ملڪ ۾
واءُ ڦريل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جي اڃا بہ باقي رهيل
پاڪستان سنڌيءَ راهہ ئي تہ آيو تہ خلق بنگلاديش وانگر
اُتي ڪٽري ٿيندي. هيٺر بہ سندن چڱن مان ڪن پراڻن ۾
لوڪ ڌرم نرپيڪشتا کي پسند ڪن ٿا. اُن مان
ظاهر آهي تہ پاڪستان ۾ بہ هاڻي واءُ بدلجڻ لڳو آهي ۽
اُهو وقت پري ڪونهي، جڏهن هندستان، بنگلاديش
۽ پاڪستان هڪ ٻئي جي ٻهہ ويجها ايندا ۽ ورهاڱي
وارو ويڇو دور ٿي ويندو.

ڀارت جو نو نرماڻ - آزاديءَ بعد ڀارت اڳتي
وک وڌائي رهيو آهي ۽ ڀارت جو نؤ نرماڻ ٿي رهيو
آهي.

منهنجي خيال ۾ ٥ ڊسمبر ١٩٧٢ لي شري ڌر
منتريءَ دهليءَ ۾ هڪ انٽر راشٽريہ سماروہ ۾ نيڪ
تہ "منهنجو اِهو دڙهہ وشواس آهي تہ هندستان جو آ
بنياد پڪو آهي ۽ ڪيترن ئي ڪيترن ۾ پيداوار

آزاد لي دنيا ۾ گهڻي قدر شالتي قائم رهي سگهي آهي.

اسان جو پارٽي ڦرقيپرستيءَ کري پندا لبل مسئلن کي همت سان منهن ڏيندو رهيو آهي؛ مهاتما جي عقيدن لي دنيا سان عمل ڪندو رهيو آهي. پارٽي جو قدم اڳتي وڌندو رهي لو؛ ۲٦ جنوري ۱۹۳۰ لي هن جيڪا پورن آزادي يعني راجنيتڪ، آرٿڪ، لهذابي ۽ اُڌيالڪ آزادي حاصل ڪرڻ جي پرلگيا ڪئي هئي، اُن راه ۾ ثابت قدم رهيو آهي ۽ اڳتي قدم وڌائيندو رهي لو.

پاڪستان جيڪا مسلم ليگ واري ڦرقيوار ليتي ورلي، ان جو اثر اسان جي پارٽي لي ٿ ليندو رهيو، واشترية سوايم شيوڪ سنگهه، جا ڪڪ ڦرقيوار جماعت هئي، انهيءَ مان ۱۹۵۱ ۾ وري جنسنگهه لهيو، جو اح هڪ راجنيتي پارٽي لي ڪم پيو ڪري. ۱۹۵۱ ۾ چونڊن ۾ جن سنگهه کي لوڪ سڀا جي چونڊن ۾ 3.06% ووٽ مليا. وري ۱۹۵۷ ۾ کيس 5.93% ووٽ مليا. ۱۹٦۲ جي چونڊن ۾ کين 6.44% ووٽ مليا. ۱۹٦۷ جي چونڊن ۾ هو وڌي 9.41% ووٽن لي پهتا. پارٽي ۾ ڦرقيپرستيءَ کي پاڙون پٽڻ لاءِ ڪوشش هلندي رهي. ان جو نتيجو اهو ليو جو ۱۹۷۱ جي چونڊن ۾ جن سنگهه کي صرف 7.48% ووٽ ملي سگهيا.

لکين آدمين کي ڪجهي
...ترين جو سڀ نوڙيائون؛ ڀارت ۾ اڇو
...ارپائون ۽ هڪ ڪروڙ ماڻهن کي پنهنجي ڀارت ۾
...ڻو!

ڀارت مهاتما جي سيڪيولر مريادا موجب هن جي پوري سنڀال ڪئي؛ شرڻ آيلن جو ٻرڌ رکيو ۽ ڪين آزادي واري ڏيڻ ۾ پوري مدد ڪئي. اڄ بنگلا ديش مهاتما جي سيڪيولر اديشن ڌرم نرپيڪشتا ۽ سروودي کي مڃي ٿو ۽ پنهنجي ودان انهن ڳالهين تي ٻڌو آئين.

اڄ اسين ڏسون ٿا ته فرقيپرستيءَ جو ڀوت پولن پساهن ۾ آهي ۽ مهاتما جي آتما الڪي ماري مات ڪري رهي آهي. پاڪستان جيڪو ٺهيو، اُن جا اڏ ڪان ٻه وڏيڪ ماڻهو فرقيپرستيءَ کي نه ٿا مڃين. اوپر بينگال پاڪستان کان جدا ٿي ويو آهي ۽ اڄ اهو ملڪ هندستان وانگر ڌرم نرپيڪشتا (Secularism) کي ٿي مڃي ٿو. البت ڀارت ته اُن مت جو پيروڪار رهيو ۽ بنگلا ديش کي اُن ڀوت کان جان ڇڏائڻ ۾ پوري مدد ڪيائين.

مطلب ته مهاتما کي ڪن پليل پائرن سنڌس خيالن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهو نه ختم ٿي نه سگهيو. اڄ به هن جي آتما انڌيري ۾ روشني ڏيئي رهي آهي ۽ دنيا کي رستو ڏيکاري رهي آهي. پنڊت جواهرلعل، جو سندس پيروڪار هو، انهيءَ دنيا کي Non Alliance & Non interferance جو مت سيکاريو، جنهن

بعد اُن طرف زياده لاڙو رکڻ لڳا آهن. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هو سڀئي پارٽيون، جيڪي به آهن، اُلٽي اڌ پاڪستان طرف پنڌ ڪندا رهن ٿا.

اوڀر پاڪستان جي جدائي - پاڪستان جا ڪارڻ

ته غلط بنياد يعني زبردستيءَ، هندستان ۽ فرقيپرستيءَ جي ويچارن تي ٻڌو ويو هو، اُن ڪري سٽ جهلي نه سگهيو. چوندا هئا ته "هس هس ڪي ليا پاڪستان، لڙ ڪي لينگي هندستان." پر مورڳو پاڪستان ئي ڦسي پيو. اوڀر پاڪستان، جنهن تي اولهه پاڪستان زبردستيءَ راڄ ڪندو رهيو ۽ ايڏي فرقيپرستي ڦهلائيندو رهيو، جو اُن ۾ بنگالي ٻولي ۽ ٽئگور جي لالي کي ٻڪ جاءِ ڏيڻ لاءِ به تيار نه هو.

بنگالي مسلمانن ۾ ملڪ ۾ جڏهن فرقيپرستيءَ جي لهر آئي ته هنن جي اکين تي اهڙو جو پردو چڙهي ويو هو ۽ هنن ئي بنگال اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي گهر ڪئي، پر آخر ڳالهه ٻڌي ۽ ٽئگور جي وشو (سنسار) جي ڀلائيءَ جي اوچ ويچارن اُن پردي کي ڦاڙي ڇڏيو ۽ هو اُٿي کڙا ٿيا ۽ پاڪستان خلاف بغاوت ڪري ڪيائون.

مگر هنن کي فرقيپرستيءَ جي غلط راهه وٺڻ لاءِ پوري سزا ڀوڳڻي پيئي. اولهه پاڪستاني حڪومت جي فوج ۾ اهڙا ته الڏا ٿي پيا هئا، جو هنن بنگال ۾ بيدار دماغ ۽ پڙهيل ماڻهن کي ڳولهي ڳولهي ماريو ۽ لکن

۾ ڪرڻ وسارڻو وڃڻو آهي. هر انسان ۽ پکين کي ا—
پنهنجا گهر ٺاهڻ ڪرڻ ۾ پوري مدد پهچي ملي. آزاد—
طرح پنجاه ڪروڙ ماڻهن کي انُ، اٽو ۽ اجهو ميسر
ڪري ڏيڻ هڪ اچائي ۽ اٿاه ڪارڻ آهي، جنهن لاءِ
ڪانگريس سرڪار شاندار شروعات ڪئي آهي ۽ اهو
وقت پري ڪونهي، جڏهن ڀارت ۾ ڪو ڏکيو ۽ اڃيو
ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو.

آزاديءَ جي رجت جينتي ملهائڻ جي موقعي تي مون
ڏٺو ته ۲۵ سالن ۾ سنڌين جو ورهاڱي وارو زخم ميٺجي
چڪو هو ۽ اُن موقعي تي سنڌين منهن تي آزاديءَ جي خوشيءَ
جي مرڪ نمايان هئي. مهيني ۱۵ آگسٽ ۱۹۷۲ بعد
جلد ئي ڪن پرانتن مڌيه پرديش، مهاراشٽر ۽ گجرات ۾
وڃڻ ٿيو ۽ راجستان ۾ ته مان ويٺو آهيان. مون ڏٺو
ته سنڌي ساري ملڪ سان گڏ آزاديءَ جي سلور جبلي
(رجت جينتي) وڏي چوج سان ملهائي رهيا هوا.
سانسڪرتڪ ۽ اڌياتمڪ ترقيءَ جي خيال کان ا—
سنڌي اُنتي ڪري رهيا آهن.
خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو اڄ ناٽڪ جي ڪلا ۾ ڇ—
سنڌي ڪلاڪار پيدا ٿيا آهن، جي نه رڳو پنهنجي برادر—
ڪي ڪارناما ٿيا آهن، پر هنديءَ ۾ به ناٽڪ منچ—
آڻين ٿا، جن جو قدر سڀ ڀارتواسي ڪري رهيا آ—
اڌياتمڪتا جي خيال کان به سنڌي ڀارت ۾ ا—

سنڌين هر ڪنهن ۾ همٿ اڃي ٿاڙ ڪيو آهي. ملڪ
جي اقتصادي ترقيءَ ۾ ٻيڻو حصو پائي ورتو اٿن.
ڪيترن ڪارخانا ٻاهرين ۾ کوليا اٿن. ولايت سان واپار
ڪرڻ ۾ به اڳرا رهيا آهن. محنت مزدوريءَ جي ڪم ۾
به پٺتي نه رهيا آهن. اُن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ملڪ
سان گڏ پاڻ به مالا مال ٿيا آهن.

هي لڙائيءَ جي ڏن ڏاڍهن ڏهاڙن نه آئي به هنن ڪمال
ڪيو آهي. گذريل پاڪستان سان لڙائيءَ ۾ جاليءَ آهر
سنڌين واهه جو جوهر ڏيکاريو، جنهن ڳالهه لئي سڄيءَ سنڌي
جاتيءَ کي ناز آهي.

آزاديءَ مهل وقت جڏهن اسان سنڌين کي وڇائي
ڪري ڏڌڪو آيو، گهر ۽ ملڪيتون ڇڏي هتي اچڻو
پيو، اُن ڳالهه تي غالب پئجي چڪا آهيون.

هيستائين هتي هنن پرشارٿي پاڻ پرا ٿيا آهن ۽ وڏن شهرن
۾ فليٽس ٺهرائڻ جو سلسلو شروع ٿيو آهي نه چڪا سنڌي
۽ اُن ڪم ۾ وڃي پيا آهن. هر ڪو سنڌي، جو ٿورو پاڻ
ڀري وٺو آهي، سو گهر لاءِ هڪ فليٽ پيو خريد ڪري
۽ پيسا سولين قسطن ۾ پيو ڏئي. اِهو اقتصادي طرح
ڀارت جي اعليٰ رهاڪن کان ڪنهن طرح به پٺتي نه
آهي. البت سرڪار جان لاءِ قرض وڏيءَ ادارن سان
پيئي ڏني ۽ ملڪ جا سيٺيءَ باشندا پڻ ڪنهن پنهنجو پاڻ
جو پاڻ پيا وڃن. سماج جي ڪمزور فردن کي

اهڙيون هدايتون جاري ڪري تہ اسڪولن ۾ ٻن ٻارن کي سنڌي ٻولي رڳو ديوناگري لپيءَ ۾ سيکاري وڃي، جيئن وقت پائي عربي لپي رواج مان نڪري وڃي؛ انهيءَ جاءِ مڪمل طور ديوناگري لپي وٺي.

ڪانگريس سميتيءَ سنڌ جي سوتنترتا سنگرامين کي ٻہ ڪين وساريو هو؛ انهن سميلن ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو هو تہ سنڌ جي سوتنترتا سنگرامين کي ٻہ وساريو نہ وڃي. انهن سميلن ۾ هيٺيون ٺهراءُ بحال ٿيو هو. ليڪن ١٢ سالن بعد هند سرڪار هڪ رٿ عمل ۾ آندي آهي، جنهن هيٺ سوتنترتا سنگرامين کي پينشن ملي آهي.

"هن ڪانفرنس کي انهيءَ ڳالهہ تي انتظاري آهي تہ جيتوڻيڪ جدا جدا راڄيہ سرڪارن پنهنجن پنهنجن راڄين ۾ راڄيہ ٻولين جي سهائتا لاءِ ڪي قدم کنيا آهن؛ پر سنڌ جي راڄيہ ٻولين جي سهائتا لاءِ نڪي هند سرڪار؛ نڪي راڄيہ سرڪارن ڪا تجويز رٿي آهي، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو هيئن نظرانداز ٿيڻ ڪري سنڌ جي راڄيہ ٻولين گهڻو سٺو آهي.

انڪري هيءَ ڪانفرنس هند سرڪار کي وينتي ٿي ڪري تہ سنڌ جي راڄيہ ٻولين کي سهائتا ڏيڻ جو ڪاريہ پنهنجي سر تي هموار ڪري يا جدا جدا راڄيہ سرڪارن کي هدايت ڪري تہ سنڌ مان آيل راڄيہ ٻولين لاءِ هو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪن."

جي ٻولي اٺين شيڊول ۾ اچي وڃي آهي ۽ سرڪار سنڌي ٻوليءَ لئي ۽ ٻين ٻولين جيان هڪ ڪروڙ روپيه خرچڻ لاءِ تيار آهي.

اسان جي سمتيءَ جا ڪم ڪندڙ ان ئي خيال جا آهن ته جي سنڌيءَ کي زنده رکڻو آهي ته ديوناگريءَ لپيءَ کي اپنائڻو پوندو. نواب شاه ضلع جو ڪو هڪ اڌ ڪم ڪندڙ ان خيال سان مت ڀيد رکي ٿو.

ياد رهي ته جولين آل انڊيا سنڌ ڪانگريس ورڪرس ڪانفرنس ۾ هيٺيون ٺهراو پاس ڪيو ويو هو:-

هيءَ ڪانفرنس هند سرڪار کي عرض ٿي ڪري ته سنڌي برادريءَ جي بلڪل واجبي طلب قبول ڪري سنڌي ٻوليءَ کي جوڙجڪ جي ٨ شيڊول ۾ آندو وڃي، ڇو ته سنڌي ٻولي جيئن جو هندستان جي هڪ مکيه ٻولي آهي ۽ سنسڪرت سان انجو بلڪل گهرو سنبنڌ آهي، انڪري اها ڀارت جي قومي ٻوليءَ کي وڌائڻ ۾ چڱو چوکو حصو وٺي سگهي ٿي. جوڙجڪي طرح تسليم ڪرڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ به هٿي ايندي ۽ سنڌين کي مڻوڀاونا جي خيال کان به سنتوش ايندو.

ڪانفرنس وڌيڪ اهو ظاهر ڪرڻ لــي گهري لــ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي ئي موزون لپي آهي. انڪري ڪانفرنس سرڪار کي عرض لــي ڪري لــ

ڪانگريس ورڪرس سمتيءَ جو پريزيڊنٽ هو.
اُن بعد وري اِها ڪانفرنس ۱۹۵۵ ۾ دهليءَ ۾ ٿي
۽ ٽين ڪانفرنس ۱۹۵۶ ۾ آگري ۾ ٿي. اُن بعد ڪانفرنس
بمبئي ۾ ٿي. انهن سميلن ۾ پرواس سان سنبنڌ رکندڙ
مسئلن تي ٺهراءَ پاس ڪيا ويندا هئا ۽ اُن بعد انهن کي
عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪم ڪيو ويندو هو. سميلن جي آخرين
ڪانفرنس ۱۹۶۶ ۾ دهليءَ ۾ ٿي. اُن ۾ خاص خيال اهو
رکيو ويو ته سنڌين کي جتي ممڪن هجي، اُتي انهن
کي لوڪ سڀا ۽ اسيمبلين لاءِ ڪانگريس ٽڪيٽون وٺي
ڏجن، جئن راجنيتي اسٽيج تي اڳرا هجن ۽ جئن منجهانئن
پرشارٿي هئڻ جو احساس صفا اڏامي وڃي ۽ وشال
ڀارت جي راجنيتي ڀاڱي ۾ اوت پروت ٿي وڃن.
اهو اسان کي قبول ڪرڻو پوندو ته اِن نموني سنڌي
برادري پنهنجي لاءِ پيٽي ۽ ڏينهون ڏينهن وک اڳتي
وڌائيندي رهي آهي، ۱۹۶۷ ۽ ۱۹۷۲ جي عام چونڊن
۾ سنڌين ٽڪيٽون ورتيون. اڄ مهاراشٽر، گجرات ۽ راجستان
اسيمبلين ۾ سنڌي به آهن.

اڄ سنڌي ڀارت ۾ سمائجي ويا آهن. اقتصادي،
سانسڪرتڪ ۽ سماجڪ آزاديءَ ڏانهن جيڪا وک ملڪ
وڌائيندو رهي ٿو، اُن جو فائدو سنڌين کي به
ملندو ٿو رهي. سانسڪرتڪ ترقيءَ جي خيال
کان سنڌين کي به وساريو ڪين ويو آهي. سنڌين

گجرات، راجستان، مڌيه پرديش ۽ اتر پرديش جتي
جتي سنڌي شرڻارٿي گهڻي تعداد ۾ اچي وسيا هوا، اُتي
اُتي سميتيءَ جون شاخون کُليون ۽ ارجنتا ڪم ڪندڙ هوا،
سي روزانو تائين ڏٺي پرشارٿين کي سنڌين ڪئمپن جا
۽ ٻيا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مدد ڪندا هوا. مڌيه پرديش
۾ ڪاڪي سچانند جو سهتر روچي ٿانواڻي ڪم ڪندڙن
جي ٻاري ولي ڪاهي پيو. اُن وشال پرانت ۾ سنڌي
ملڪ جا چڪر هڻيا ۽ سنڌين هيڊ ڪوارٽر ناگپور ۾ هو.
پوءِ باقاعدي رت لاهي، شرڻارٿين کي سنڌين ڏنڌي
کي خيال ۾ رکي، ڪن مختلف شهرن ۾ موڪليندو رهيو.
هو پرشارٿين جي حقن جو پورو علمبردار ٿي رهيو. ان
وقت سميتي ان ڪار نه لاءِ پنهنجي محدود ذريعن سان
پرشارٿين جي مرڪزن ۾ ڪارڻ ۾ لڳو رهي.

سنڌ ڪانگريس ورڪرس سميتيءَ جو پهريون سميلن
اجمير ۾ ١٩٥۴ ۾ ٿيو. اُن موقعي تي اکل ڀارت ڪانگريس
ڪاميٽيءَ جو اڌيوشن به اجمير ۾ ٿي رهيو هو.

سنڌ ڪانگريس ورڪرس ڪانفرنس جو مهورت هند
سرڪار جي اُن وقت جي پرواس ڪالي جي وزير شري
اجيت پرساد جين ڪيو ۽ صدارت اُن وقت جي اکل
ڀارت ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ سرگواسي
شري بلونترا مهتا ڪئي. آجيان ڪاميٽيءَ جو چيئرمين
سرگواسي شري رستم سڌوا هو، جو اُن وقت سنڌ

لبهن کي وري ٻيڻن پر ٻيهار جي. ڊاڪٽر چوئٿرام جو
ڀنڊارو کليو رهندو هو. لکين روپيه هو پيو همٿ
ڪندو هو ۽ پيو ورهائيندو هو. مان جڏهن ٻه وٽس
ويندو هوس، تڏهن ڪي نه ڪي پرشارٿي وٽس ويٺا
ٿي هوندا هوا. هن جو هيڊڪوارٽر ٻه دهلي هو ۽
پرشارٿي سڄي ڀارت مان پنهنجا مسئلا کڻي وٽس ايندا هوا.
وڏي ڳالهه ته هو هڪ اڏامندڙ پکي هو. ساري ڀارت
۾ چڪر ٻه پيو هڻندو هو ۽ پنجابي خواه سنڌين کي
پنهنجي ليڪچرن ۾ پراوڊ ڏيندو هو ته پاڻ کي پروس
نه سمجهن. هو ان پڪي رائي جو هو ته آزادي هٿ
ڪرڻ لاءِ ملڪ ورهاڱو قبوليو، ان ڪري ساري ملڪ
۽ حڪومت جو فرض آهي ته شرنارٿين کي وسائين.
شروعات ۾ پنڊت جواهرلعل ائين سمجهندو هو ته
شرنارٿين کي ڇڏيل ملڪيتن لاءِ عيوضو ڏيڻ حڪومت
لاءِ لازمي نه آهي؛ پر ڊاڪٽر اهڙو آندولن شروع ڪيو
جو پنڊت جواهرلعل کي مڃڻو پيو ته پرشارٿين کي
ڪليمن جو عيوضو ڏجي ۽ انهن کي اهو برابر عيوضو
مليو، جنهنڪري هو پنهنجا پير هٿ ڪپائي سگهيا. هن
ان نولي ميدان ٺاهيو ته پرشارٿي ٻه اٿي ڪڙا ٿيا
ٻيو سيءَ جي پارنا اڏامي ويٺي ۽ همٿ ڪري. هم
پنهنجا ڪليم وصول ڪيا ۽ ان ڪاريه ۾ سنڌ ڪانگري
ورڪرس سمتيءَ هن جي پوري مدد ڪئي. مهاراش

سرڪاري امداد هو. ٻاڪل لشڪر کي ڪٽي ڌاري پٽي
ڪياسون ۽ سنڌين ڀائرن کي ڪيترين ئي ڪم ۾ مدد
ڪري رهيا هئاسون. اسان کي سنڌ قرب ڏنائون ۽
سنڌ جي ڪارڻ لاءِ ڪافي جوش ڏيکاريون انهي مت
ڪيائون. مان به اهڙي سال ۾ ئي سنڌ ڇڏي هن دوري
۾ رهيس.

سامهون جا ڪانگريس ڪم ڪندڙ جيڪي جڏهن به وڃي
وسيا آهن، انهيءَ ۾ الاهي سماجڪ ۽ راجنيتڪ ڪم ڪري
رهيا آهن. وڏي ڳالهه ته سنڌ سنڌين کي ڀارت جي
راجنيتي ۾ پورو حصو وٺي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي
۽ اکل ڀارت ڪانگريس ڪميٽيءَ ۾ ڪيترا آئيندي رهي
ته جيئن ممڪن هجي، انهيءَ سنڌين کي ڪانگريس ٽڪيٽون
ڏنيون، اسيمبلين ۽ ميونسپالٽين وغيره ۾ آهن.

پريميئر (پرڌان منتريءَ جي) فنڊ مان به پيسا ملندا
رهندا هوا، جي اُن پناهگيرن ۾ ورهايا ويندا هوا.
ان کان سواءِ اکل ڀارت ڪانگريس ڪميٽي اُن ڪم
لاءِ پيسا ڏيندي رهندي هئي. ورهاڱي کان اڳ ئي
ڀارت ۾ جيڪي سنڌي آباد هوا ۽ سنڌ ڇڏي آيا
هوا، سي ته سنڌين کي وڏي دل ڪري پنهنجي
مدد ڪندا رهيا. هر اهڙن شرنارٿين کي برابر
مدد ڪندا رهيا. مطلب اهو هو ته ورهاڱي ڪري
اسان جي سنڌي برادري، جنهن جا ڀر ڪيتري ويا هئا،

ٿيندو هو ته وزيرن ۽ عملدارن سان
هوا ۽ ضروري ملندا هوا. مطلب ته اسان خاص
سفارتون ناهي وڃي سمجهي، ان
ڪري پرشارٿين لاء آزادي اڏوري ڪندا
ڪري اها آزادي سڀني ڪرڻ لاء جدو جهد
رهياسون.
ساڳئي وقت سنڌ ڪانگريس ورڪرس سمتيءَ جون
شاخون به وڌنديون رهيون. سمتيءَ جي هيڊ آفيس، جا
پهرين بمبئيءَ ۾ هئي، سا دهليءَ آندي وئي، جتي
ڪليمدارن جي آمد ڪري جڻ سچو ڏيهه ميلو لڳو
پيو هوندو هو. لکهن ڪانسواء جئپور، اجمير، الور،
پيلواڙي، بريلي، آگرا، ناگپور، رائپور، حيدرآباد دکن
۽ بمبئيءَ ۾ به سمتيءَ جون شاخائون ڪم ڪنديون
رهيون.
پرشارٿي گهڻو قرب ڏيکاريندا
ڏوري ۾ وڃبو هو ته
هوا ۽ انهيءَ حال اور پيدا هوا.
هڪ دفعي مان ۽ پروفيسر ملڪاڻي، جو شري سڌو
ڪالپوء سمتيءَ جو پرزيڊنٽ ٿيو ۽ راجپ سڀا جو ميمبر
ٻه هو، ڪنگانگر ضلع ۾ ۲۲ چڪن (ڳوٺن) ۾ هڪ هفتو
چڪر لڳايوسون. هو الاٽ ٿيل زمينن لئي پنهنجا ڳ
اڏي وينا هوا ۽ آباديءَ ۾ ڪين چڱو اپراسو ٿي ر
هو ۽ خوش وينا هوا. سنڌ ۾ هندوءَ لاء زمين لئي ڪ
سان رهڻ خطري کان خالي نه هوندو هو، پر هتي

۾ پرشارٿين ۾ وڃي ڪم ڪيائون. ۱۹۵۲ جي عام چونڊن ۾ پرشارٿين کي اجا چڙ هئي، ان ڪري جڏهن شري پرسرام ٽيلراماڻي بمبئي اسيمبليءَ لاءِ ڪانگريس ٽڪيٽ تي بيٺو ته ڪي ماڻهو ٿڪ اڇليندا هوا، پر ليوندرام و چڙو ڪولر. پرشارٿين کي آثاري سٽيمن راهه تي آڻيائين. ان بعد پنج سال اهي لڳاتار ڪم ڪندو رهيو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو ۱۹۵۷ ۾ جڏهن کيس ڪانگريس ٽڪيٽ تي الهاس نگر تان بيهاريو ويو ته مخالف اميدوارن جي جملي ووٽن کان ڏهه هزار ووٽ کيس وڌيڪ مليا ۽ ڪامياب ٿي آيو. اڄ هو اصل الهاس نگر ۾ گهر ڪري وڃي ويٺو ۽ اڄ تائين اُتي ماڻهن جي سيوا ڪندو رهي ٿو.

ساهتيءَ جي ڪانگريسين جي پارٽ ۾ به اڄڻ لسني اها پڪي ليڪي رهي ته ڪانگريس کي ساٿ ڏيئي اُن سنستا جي ذريعي پرشارٿين کي وسائجي، جنهن هو ملڪ جي اقتصادي ٻوٽجي ۽ سماجي وچن ۽ ملڪ کي بس سماجڪ، سالسڪرتڪ ۽ اقتصادي آزادي پراپت ٿئي.

اُن خيال سان سنڌ ڪانگريس ورڪرس سميتيءَ جا ڪم ڪندڙن جي هندستان ۾، جتي جتي اسان جا ماڻهو وسيا هوا، اُتي وڃي پهچندا هوا ۽ سالن وڃي رهائيون ڪندا هوا ۽ سندن مسئلن کان واقف ٿيندا هوا ۽ جيڪي ڪم سندن ڪرڻ جهڙا هوندا هوا، سي ڪري ايندا

ماں ۽ شري آسنداس ساري هندستان ۾ گشت ڪندا رهندا هواسون. شري آسنداس ڪي سال ته ماڻهن جا رهيل ڪليم پاس ڪرائڻ کي لڳو رهيو. راليون جاڳي هن جا منجهيل ڪليم چڪاسيندو هو ۽ انهن کي پاس ڪرائڻ لاءِ دهلي هيڊ آفيس ۾ ڪليم آفيسرن ۽ ڪمشنر سان ملندو رهندو هو. ان لاءِ سمتيءَ جي هيڊ آفيس دهليءَ ۾ هئي ۽ سارو ڏيهن هندستان مان ايندڙ پرشارٿين جا ڪليم سلجهائڻ ۽ پاس ڪرائڻ ۾ وقت وٺندو تيندو هو. هو سيڪريٽري ۽ هڪ آفيس سيڪريٽري ڪم لسي سڀو ڏينهن وهندا هوا ته ۾ ڪڏهن رات جو به ڪم ڪرڻو پوندو هو.

"پارتواسي" هفتيوار اخبار به ڪڍي وئي، جا اُن ڪاربه ني پورو توجه ڏيندي هئي ۽ اُن باري ۾ ڪارڪنيون پڌرايون ڪندي رهندي هئي. شري آسنداس ڪليمن جي باري ۾ هڪڙو جاڻو تي پيو ۽ هو سندين جا لڪن جا منجهيل ڪليم سلجهائي سگهيو ۽ پاس ڪرائي سگهيو.

"پارتواسي" سمتيءَ جو ئي مک پتر تي رهي. "پارتواسي" هاڻي روزاني تي آهي ۽ بمبئيءَ مان نڪرندي رهي ٿي ۽ هفتيوار به چالو آهي. اُن جي نيتيءَ ۾ فرق ڪونه آيو آهي.

۱۹۵۱ ۾ شري ليولد رام بمبئي ويو ۽ اُتي الهاس نگر

۱۹۵۲ واري عام چونڊ بعد آيو، جو ڏٺو ويو ته سنڌي ووٽرن ڪيترن هنڌ ڪانگريس ۽ سرڪار کان ناراض ٿي، راڄ، ڪاوڙ ۽ جوش اندر ڪانگريس خلاف ووٽ ڪيو. اڪثر محسوس ڪيو ويو ته سنڌين جو اهو رخ ديش جي ته آڏو اچي رهيو آهي ۽ خود سنڌي جنتا جي فائدي جي بہ خلاف آهي. ان ڪري ان رخ بہ ڦيري آڻڻ جي مراد سان ۽ سنڌي جنتا جي صحيح رهنمائي ڪرڻ جي خيال کان سنڌ ڪانگريس ورڪرس سمتيءَ جو بنياد وڌو ويو.

اسان جو اهو عقيدو هو ته ديش جي آزادگي ۽ آسودگي ڪانگريس سنستا سان ڳنڍيل آهي. اسان انهن سمجهندا هواسون ته ڪانگريس راڄنيتي آزادي تہ ولي ڏني، پر سانسڪرتڪ، آرٿڪ (اقتصادي) ۽ سماجڪ آزادي به اها سنستا استاپن ڪري سگهندي.

سنڌي جنتا جي پنرواس جي مسئلن کي به اهي اڪثر نظر کان ڏٺو ويو. سنڌ بہ سنڌين جي اڳواڻي ڪانگريس ئي ڪندي هئي، ۽ هتي به ڪانگريسن جو ئي فرض هو تہ سنڌ مان اکڙيل آيل جنتا جي صحيح رهنمائي ڪن ۽ سندن پنرواس جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

شروعات کان ولي سروشري آسنداس، ٻلدير ڳاجرا ۽ مان سمتيءَ جا سيڪريٽري ٿي رهياسون.

نيون چونڊون - آڪٽوبر ١٩٥٢

۾ لڳيل وڏن موجب چونڊون ٿيون ۽ ٢٦ مئي تي ڊاڪٽر راجيندر پرساد وري پريذيڊنٽ چونڊيو ويو.

شيخ عبدالله جون اڙٻنگايون - آگسٽ ١٩٥٢

ڪشمير ۾ شيخ عبدالله گهڻا پير کيا ۽ ملڪ جي ايڪتا جي آڏو اچڻ لڳو ته انکي مکيه منتريءَ جي پد تان هٽايو ويو ۽ کيس گرفتار ڪيو ويو. هو هاڻي ٻيهر سنٽين پير تي اچڻ لڳو آهي.

پنڊت جواهرلعل جو ڪاريه - پنڊت جواهرلعل پنهنجي ملڪ جو شان برقرار رکڻ لاءِ دنيا جي سمورن ملڪن سان خوشگوار ناتا رکندو آيو ۽ رفته رفته سيني ملڪن جو چڪر هڻي آيو ۽ موت ۾ هو به اسان جي ملڪ ۾ ايندا رهيا. ان جو اثر اهو ٿيو جو دنيا ۾ ساز سلوڪت وڌندو رهيو ۽ اسان جي ملڪ جا پير به پختا ٿيندا رهيا. ساڳئي وقت هو دنيا ۾ امن ۽ شانتيءَ لاءِ ڪم ڪندو رهيو. ان اديش سان ١٩٦١ ۾ هندستاني فوجون ڪانگو ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنيون ويون هيون.

سنڌ ڪانگريس ورڪرس سمتي - ڀارت ۾ ... مان آيل ڪانگريسي ۽ خاص ڪري نوابشاه ضلع مان ... ڪانگريس سمتي ناهي ڪم ڪري رهيا هئا پر ... ڪانگريس ورڪرس سمتي برپا ڪرڻ جو خيال

چونڊيو ويو. اهو ڏهاڙو وڌان ٢٦ جنوري ١٩٥٠ کان لاڳو ڪيو ويو، جڏهن ڀارت گڻ تنتر راڄ ظاهر ڪيو ويو. ان وڌان موجب ڀارت جي سڀني ڌاڙين، مذهبن ۽ ذاتين وارن کي سمان حقن جي ڀڙوالي ڪئي ويئي. ان بعد ڀارت تان برطانوي سرڪار جو هٿ ختم ٿيو ۽ ڀارت ۾ پنهنجو آزاد راڄ شروع ٿيو.

پڌان منتري - آزاد ڀارت جو پهريون پڌان منتري پنڊت جواهرلعل نهرو ٿيو. هو پنهنجي جيون ڪال ۾ ورهي ورهي پڌان منتري چونڊبو رهيو. سندس مئي ١٩٦٤ ۾ ديهانت ٿيڻ بعد ٻيو پڌان منتري شري لعل بهادر شاستري ٿيو، جنهن پنهنجي اپماڪاريءَ ۾ فقط ١٨ مهنن جي عرصي اندر پنهنجي لائقيءَ جي ڇاپ وڌي ۽ پاڪستان جي هندستان تي ڪاهه وقت پاڪستان جا ڏند کٽا ڪيا. سندس ديهانت تاشقند ۾ ڀارت پاڪستان جي ٺاهه تي صحيح ڪرڻ بعد اوچتو ٿيو. ان بعد شريمتي اندرا ديوي ڀارت جي پڌان منتري آهي ۽ هيءَ وير ديوي پنهنجن ڪارنن سان دنيا جو عقل چرخ ڪري رهي آهي.

سردار پٽيل جو ديهانت - سردار پٽيل اپ پڌان منتري هو. هن اهڙو ته ڪم ڪيو، جو هن کي لوهه پرش ڪري چوندا هئا. هن ڀارت کي اکنڊ بڻايو. هو ١٥ ڊسمبر ١٩٥٠ تي اسان کان موڪلائي ويو.

پهريون ڀارتي وائسراءِ ۽ گورنر جنرل- ڀارت جي آزاد ٿيڻ بعد به ڀارت سان برطانيه سرڪار جا ناتا ٽٽا ڪين. بادشاه جي ڀاران آزاد ڀارت جو وائسراءِ ۽ گورنر جنرل لارڊ مائونٽ بيٽن رهيو. هو پنهنجو مدو ختم ڪري وطن روانو ٿيو ته پهريون ڀيرو ئي بادشاه ڀارت جو پنهنجو عيوضي يعني وائسراءِ ۽ گورنر جنرل هڪ ڀارتي راجگوپال آچاريه کي مقرر ڪيو. هو ڀارت جو وائسراءِ ليستاءِ رهيو، جيستاءِ نئون جوڙجڪ نهي راس ٿيو ۽ جنوري ۱۹۵۰ ۾ ان موجب ڀارت جي راشٽرپتي يعني پريزيڊنٽ جون چونڊون ٿيون.

ڀارت جو نئون وڌان- آزاد ڀارت جي وڌان ناهڻ لاءِ برطانيه سرڪار جي وزارتي سفارت جي رٿا موجب ميمبرن جون چونڊون جولاءِ ۱۹۴۶ ۾ ٿيون هيون. ان جي پهرين ٻيٺڪ ۹ ڊسمبر ۱۹۴۶ تي ٿي. ان وڌان ناهڻ جي ڪاررائي ۾ مسلم ليگ جي چونڊيل ميمبرن ڪو به حصو ڪونه ورتو، باقي مسلمان ميمبر ان ۾ ڀرو وٺندا رهيا. ان جوڙجڪ ناهڻ ۾ رياستن جا عيوضي به شامل هئا. ان وڌان سڀا جو پرڌان ڊاڪٽر راجيندر پرساد هو. اهو وڌان آخرين روپ ۾ ۲۶ نومبر ۱۹۴۹ تي پاس ڪيو ويو. ۲۴ جنوري ۱۹۵۰ تي وڌان سڀا جي آخرين ٻيٺڪ ويٺي، جنهن ۾ ڀارت جو پهريون راشٽرپتي ڊاڪٽر راجيندر پرساد

ويا پيا آهن.

ياد رهي ته شري ٽالڪرام نيڪچنداڻي اهو ماڻهو آهي جو ١٩٢١ ۾ قطع تعلقات جي هلچل ۾ ڪاليج ڇڏي اچي ملياڻين ۾ ڪم ڪرڻ لڳو هو. هو سرڪاري نوڪري ڪندي دائما کادي پائيندڙ رهيو ۽ اڄ تائين هو هڪ پڪو قومي خيالات رکندڙ ماڻهو آهي. اڄ تائين دهليءَ ۾ سماجڪ ڪم ڪندو رهي ٿو.

شري هوانچند مامتاڻي ۽ سرڳواسي ليکراج مامتاڻي جو ننڍو ڀاءُ آهي. شري ليکراج به قطع تعلقات جي زماني ۾ شري ميارام سان گڏ ڪاليج ڇڏي آيو هو ۽ ٺٽي پران (ساهتيءَ) ۾ کادي ڀنڊار اچي کوليو هو. ساري عمر سرڳواسي ليکراج کادي پائيندو رهيو، جيتوڻيڪ پوءِ هن سرڪاري نوڪري ڪئي ۽ پڇاڙيءَ جو سرڪاري پينشنر هو. هن جو آدرشي جيون هئو. جيتوڻيڪ اڪائونٽنٽ جنرل جي آفيس ۾ آفيسر هو ته آفيس ۾ به صرف کاديءَ جي خميس پتلون پائي ويندو هو. سياري ۾ صرف هٿ جي اوني ڪپڙي جو ڪوٽ پائي ويندو هو.

سردار پٽيل جي عاليشان سوڀ- ١٥ آڪٽوبر ١٩٤٨ تي سردار پٽيل مدبريءَ واري اڳواڻيءَ سان راجائن جون سڀ رياستون ختم ڪيون ۽ ڀارت هڪ وشال ديش بڻجي پيو.

هلي رهيو آهي، جو اسان جا ڪم ڪندڙ سروشري پريداس برهمچاري، ديپچند، ٽلوڪچند ۽ ٻيا هلائي رهيا آهن.

شري ٽيولداس پيلواڙي ۾ پرشارٿين کي وسائڻ جي ڪوشش ڪئي. سرڪار طرفان دڪان ٺهيا، جنهن کي هينئر گانڌي بزار ٿا چون. ٻيءَ الي سنڌو نگر نالي سنڌي ڪالوني به ٺهي آهي.

اجمير ۾ سنڌين کي دڪان ميسر ڪرڻ ڏانهن اجمير اسٽال ڪو آپريٽو سوسائٽي قائم ڪئي ويئي، جنهن ۾ سڀ ڪم ڪندڙ شامل هئا، جنهن جو پريزيڊنٽ شري پريداس برهمچاري هئو. اُن هڪ مارڪيٽ ۽ ڪيترا دڪان ٺهرائي سنڌين کي ڏنا.

هينئر به راجستان جي هر ڪنهن شهر ۾ پرشارٿين ڪيچ ڪري چڙيا آهن. پنهنجي نجي ڪوشش سان هزارين گهر خريد ڪيا اٿن يا نوان ٺهرايا اٿن. اجمير ۾ ٽلوڪ ڪالوني به سنڌي نموني ٺهي آهي.

1951 ۾ وري موڪي اجمير ۽ بياور ۾ هريجن لاءِ ڪالونيون ٺهرائڻ جو موقعو مليو. پيسا هند سرڪار ڏنا ۽ منهنجا ٻه ساٿي سروشري نانڪرام ٽيڪچنداڻي ۽ هوتچند ماهتاڻي، جي اُن وقت سرڪاري انجنير هوا، اُنهن بنا ڪنهن اجوري جي شيوا ڪئي. هينئر اُهي سٺيون ڪاليون تيار ٿي پيئون آهن، جن ۾ هريجن مزي سان

ڪاميٽيءَ جي واهڻ ڪان پوءِ ڪم ورتو ۽ سنڌي ڪانگريس ڪم ڪندڙن ذريعي پناهگيرن کي وسائڻ ۾ پورو ڌيان ڏنو. سينٽرل ڪاميٽي سڀني پناهگيرن جي پرگهور لڌي، جنهن ۾ پنجاب ۽ ٻيا ماڻهو نه اچي ويا.

سنڌ ڪانگريس شيوا سميتي جا پوران اجمير ۾ ماڻهن کي وسائڻ جي خيال کان استاپت ٿي، سا پوءِ راجستان تائين محدود نه رهي، پر ان جو دائرو وڌايو ويو ۽ واهپيتيءَ ۾ نه آئي. ۱۹۵۳ ۾ بمبئيءَ ۾ سنڌ جي پراڻن ۽ نون ڪانگريسين گڏجي سنڌ ڪانگريس ورڪرس سميتي ٺاهي، جنهن ۾ شري ليکراج به هو. هن ۾ هن به ... اجمير ۾ پوران اها سميتي ٺاهي هئي: ... اجمير ۽ پيلواڙي (راجستان) ۾ ڪم ڪيو. واهڻ ... ۽ نواب شاه ضلع جا ڪافي ڪم ڪندڙ هوا، سرو شري ... برهمچاري، ديپچند، شوالندڻ ڪشن گرتاڻي، ڏيومل ميلارام، سوراج موتواڻي ۽ ٻيا. انهن ۽ ڪارڪنن سنڌ جا ڪيترا ڪم ڪندڙ هوا ۽ اهي آئي ڪارنعر ڪم ٻيا ڪن.

...

پوران مولڪي ڪانگريس سينٽرل رليف ڪاميٽيءَ طرفان اجمير ۾ پناهگيرن لاءِ ناري شالا استاپن ڪرڻ جو ڪم ڏنو ويو. جنهن ذريعي وڌوائن وغيره کي روزگار نه ملندو هو ۽ ان ۾ سنسڪرت نه ليندو هو، جا ڪي سال هلائي. همراهن جا ۾ ڪيترا سنڌي پرائمري اسڪول

ٿي پيو ۽ اسان جا ڪانگريس جا ڪم ڪندڙ ان جي
سايعي هيٺ باقاعدي ماڻهن لاءِ ڌنڌن ۽ ڌاڻن جي ڪوج
ڪري هٿن کي ڏيڻ اڳانئيندا هوا. ڪانگريس ۾ اسان ۾
جيڪي سنڌ ۾ پرديش ڪانگريس ڪميٽيءَ جا ميمبر هوا،
لن کي هٿ ۾ (ex officio) ڪانگريس عيوضي ڪري مڃيو ۽
۱۹۴۸ ۾ جئپور ڪانگريس اڌويشن ۾ وڃي شريڪ
ٿياسون. نواب شاهه ضلع جي ڪانگريس ڪم ڪندڙن
همت نه هاري ۽ ماڻهن کي وسائڻ جي ڪم ۾ مشغول
رهيا ۽ سرڪار جي مدد سان ماڻهن کي وسائڻ جي ڪم
۾ ڪامياب ٿيا. البت ڪي پريوار، جي سنڌ ۾ ڏاڍا
سکيا هوا ۽ هت اچڻ لي پنهنجيءَ اڳينءَ عياشي جيوت
کي ياد ڪري آلسي رهيا، سي چڙهي نه سگهيا. باقي
عام طرح ماڻهو پاڻ کي هتي وسائڻ لاءِ پورو اُدم ڪندا
رهيا ۽ سرڪار جي ۽ ڪين پوري مدد ملندي رهي،
جنهن ڪري ڀارت جي آرٿڪ ڀاڱي ۾ اوت پروت
ٿي ويا آهن. ڌنڌن ڪارخانن ۽ ڌاڻن ۾ هٿن کي واڄبي
...ڪو ملي چڪو آهي ۽ هو پاڻ کي سکي سمجهن ٿا.
...تري قدر جو ڪنهن کي جيڪڏهن پاڪستان موٽڻ
... چئجي ته ڪو مشڪل اها ڳالهه مڃيندو.

ڪانگريس ڪم ڪندڙ ماڻهن جي وسائڻ جي ڪم ۾
... رهيا. سرڳواسي ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ۽ شريمتي
...تا ڪرپالاڻي ته ڪانگريس جي سينٽرل رليف

زمينون اُتلائڻ ڪرڻ وٺڻ، جن جي قيمت هنن
سولين قسطن ۾ ادا ڪئي. وڏي ڳالهه ته ڀارت ۾ حڪومت
جو رخ پناهگيرن ڏانهن بلڪل همدرديءَ وارو هو ۽
ڪي ارب روپيه شرنارٿين کي وسائڻ لاءِ سرڪار لڳايا.
ساري هندستان ۾ جيڪي جايون مسلمان ڇڏي ويا
هئا، سي کين ڪرائي ۾ ڏنيون ويون ۽ سولين ليکن
ڪالونيون اڏيون ويون، جن ۾ ايندڙ شرنارٿين کي
وسايو ويو.

سنڌين ۽ پنجابين جي همت ۽ جفاڪشي ڏسي،
مڪاني ماڻهو کين پرشارٿيءَ جي لالي سان سڏڻ لڳا ۽
اهو نالو عام چالو ٿي ويو. اڄ ٢٥ سالن بعد اهو نالو ڪم
ٿيندو نظر اچي ٿو ۽ جڻ ڀارت ۾ جذب ٿي ويا آهن.
زندا آهن، چڱا آهن ۽ هڪجهڙا راجيتي اڌڪار
آهن ۽ گهڻين حالتن ۾ ته اصل پرشارٿي اڳي کان به اڳرا
آهن ۽ ٻرون طرح وسي ويا آهن.

نواب شاه ضلع جا ڪانگريس ڪم ڪندڙ هندستان
جي هر رياست ۾ ماڻهن کي وسائڻ ۾ مدد ڪندا رهيا.
اکل ڀارت ڪانگريس ڪاميٽيءَ ليءِ پنهنجي مالدسته
هلندڙ سينٽرل ريليف ڪاميٽيءَ کان پرشارٿين کي وسائڻ
جو ڪم ورتو. ورهاڱي کان اڳي اُها سنستا ڏڪر ۽
ڏولي ڏڪر جي حالتن ۾ ماڻهن جي سهائتا ڪندي هئي،
هينئر اُن سنستا جو مکيه ڪم پرشارٿين کي وسائڻ جو

ميرپور خاص ۾ ڀڄندا پر شري پرڀداس کي ٻدليل ويس
۾ هٿ ڪري گرفتار ڪري ڪين سگهيا. هو ٣١ مارچ
١٩٤٨ تي پنهنجن ساٿين سان صبوح جو اجمير پهتو
جتان اهي گاڏيءَ ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام دهليءَ وڃي
رهيو هو. سنڌ سلامتيءَ سان پهچڻ تي هو ڏاڍو
خوش ٿيو ۽ ڪانگريس سنڌ جو سڄو سماچار ورتائين. اجمير
۾ پهچڻ بعد هو اتي سنڌين جي سيوا ۾ جنبي ويو.

سنڌس اجمير ۾ پهچڻ بعد جلدئي شري ملڪاڻيءَ
سنڌ ۾ رهي سندس ڪيل سيوائن جي قدرشناسيءَ جي
ڪري ليڊر ۾ ڪيس لکيو تہ جتوئيءَ جي سيٺي سڪن کي
اسپيشل ٽرين رستي ڪيڏي پارٽ روانو ڪيو ويو آهي.

سنڌي ڪانگريسي سيوا جي ميدان ۾ اجمير اچڻ
لاءِ سنڌ جي ڪانگريسين سنڌ ڪانگريس ورڪرس
سمتي ٺاهي ۽ باقاعدي ڪم شروع ڪيائون. ٻارن جي
پڙهڻ لاءِ اجمير ۾ ٣٢ پرائمري اسڪول ۽ هڪ هاءِ اسڪول
کوليائون. ڀمن بياور، نصيرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ بہ اسڪول
کوليا. راجستان جي هر ڪنهن وڏي شهر ۾ سنڌي وڃي
وسيا. راجستان جي گنگانگر، الور ۽ ڄرلپور ضلعن ۾ تہ
ڪيترن اپنائتين زرعي زمين لي ڪين وسايو ويو. جن
کي سنڌ ۾ زرعي زمينون هيون، تن کي انهن جي بدلي
لي زرعي زمينون ڏنيون ويون. هريجن ۽ ٻيا جن
کي سنڌ ۾ پنهنجون زمينون نہ هيون، تن کي اسـ

ڪيو. ان خبر ملڻ تي ڪراچيءَ ۾ پارٽي جي ڊپٽي
هاءِ ڪمشنر شري ناراڻداس ملڪاڻيءَ کيس لکي موڪليو
ته پاڻ اسان جي پارٽن لاءِ نوابشاهه ضلع ۾ ليزن آفيسر جو
ڪم ڪريو ۽ اوهان کي آفيس وغيره جو سڄو خرچ ۽
پنج سؤ روپيه پگهار ۾ ڏبي پاڻ ته هڪدم اڪري وڃو،
جو پاڪستان جي جيلن ۾ رهڻ خراب ٿيندو. هن کيس
خاطري ڏياري ته جتون جي باقي ممڪن ڪسي سلامتيءَ
سان ٻاهر ڪڍيو ويندو. هوڏانهن نوشهري جمعو والس
نجم الدين، جو سندس ۽ دادي ڪرشنا ديويءَ جي
هر طرح سنڀال ڪري رهيو هو، تنهن ۽ وارثن اڪري
ڪري کين سلامتيءَ سان اڪري وڃڻ لاءِ چيو. نه رڳو
ايترو، لوڊ ٿيل لاريون ڪري کين ۽ ٻاجيڪي ۾ هندو
سندن آسري نوشهري ۾ رهيا پيا هئا، تن کي رائو واهه
سرڪار خاص موڪلڻ لاءِ روانو ڪيو ۽ شري ٻوٻيداس
هڪ ٽوليءَ کي سرڪار خاص ڇڏي، گرفتاريءَ جي پرواهه
نه ڪري ٻيهر لاريون سميت نوشهري پهتو ۽ وڏيءَ ڪ
جيڪي اتي هلڻ لاءِ تيار هئا، تن کي سامان سميت ولي
دادي ڪرشنا ديويءَ سان گڏ سرڪار خاص پهتو. والس
نجم الدين کيس احتياطي ليٽر ڏنا هئا، جنهن ڪري کين
ڪنهن تڪليف نه ڪار تي بس سرڪار خاص مان مارواڙ
پهچي آيا کين نه ڏاڏا ڏنا ويا، مختيارڪار سندن لاشي
ٿي وڃي ٿيڻ مارواڙ اچي پهتا. نوابشاهه جا جاسوس

هيون • سندن سخت تلاشي ٿيندي هئي ۽ سندن زيور وغيره سامان ڪاڻڻ ڪسيو ويندو هو. هيڪر ته نوابشاهه کان ميرپورخاص ويندڙ لڏيندڙن جي گاڏيءَ تي مسلمانن ڪاهه ڪري اُن ۾ جيڪي به سک مرد هئا، سي سڀ قتل ڪري ڇڏيا. پوءِ ته هندن ۾ ٿاڪوڙو پئجي ويو ۽ زبردست لڏپلاڻ ٿيڻ لڳي. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ جيڪي هندن جا خون ۽ ڦرلٽ ٿي، تنهن به لڏپلاڻ کي زور وٺايو. شري ديپچند رجو ڪراچيءَ ۾ ”آزاد“ پريس سنڀالي ويٺو هو، اُن کي به لاچار ٿي اُتان لڏڻو پيو.

موري تعلقي ۾ باقي جتوئي ڳوٺ ۾ وڃي ڳاڻاٽا سک رهيا هئا. اُتي جي زميندار مسٽر جتوئي اسيمبلي ميمبر سندن سلامتيءَ لاءِ اتي پهرو رکايو ٻه هو ڪمائڻ لاءِ ٻاهر نڪري ڪين سگهندا هئا، تن کي ڪراچيءَ ۾ ڀارت جي پاڪستان ۾ هاءِ ڪمشنر کي لکي، شري پريداس برهمچاري مدد حاصل ڪري ڪين اناج وغيره جي مدد پهچائيندو رهيو. جيڪي رالو واهه اتان نڪري نوشهره پهچندا هئا، تن کي شري پريداس برهمچاري رالو واهه زناني ويس ۾ ٽرين ۾ حيدرآباد ۾ اماڻيندو هو ۽ حيدرآباد جي ڪئمپن مان ڪين ڀارت ڏانهن سلامتيءَ سان اماڻيو ويندو هو. اِها ڳالهه مسٽر مسعود کان سٺي نه ٿي ۽ الس ڀارت جو جاسوس هئڻ جي الزام سبب گرفتاريءَ جو وارنٽ

هندستان ۾ اچي ڪي اڳ آهنڊو رهيو.

هن شهيديءَ ڪري نه فقط پارٽيءَ ۾ ماتم مچي ويو مگر پاڪستان ۾ اهڙو ڪيو ته انسانيت جو ڪوڪ، مسلمانن جو وڏو همدرد ۽ هندستان ۾ مسلمانن جو وڏو ساٿي دنيا مان هليو ويو. ان ڪري پاڪستان ۽ سنڌ جي ڪيترن شهرن ۾ شوڪ سڀائون ٿيون. نوابشاهه ضلع جي نوشهرو فيروز شهر ۾ شري پرمانند ارهمچاري ۽ شهر جي معزز مسلمانن جي ڪوشش سان مارڪيٽ جي ميدان ۾ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽيءَ جي چيئرمين رئيس احمد الدين جي زير صدارت شوڪ سڀا ڪئي، جنهن ۾ هندو توڙي مسلمان وڏي انداز ۾ اچي ڪٺا ٿيا هئا. ان ميٽنگ ۾ نوابشاهه ضلع لوڪلبورڊ جي ميمبر پير قربان علي ونڊي اظهار ڪيو ته اسان جو هڪ پيغمبر دنيا مان هليو ويو. رئيس احمد الدين پنهنجي دردناڪ تقرير ۾ جيڪو ته اسان جو ابو هليو ويو. هن بعد هندستان جا مسلمان جهڙا چنا ٿي پيا. هيءَ شهادت انسانيت جي ... آهي.

شري پرمانند جي تقرير تي ماڻهو اوڇنگارون ڏئي ... . نوشهري ۾ ... ڏينهن خود بخود هڙتال رهي.

... مسعود جا ظلم- نوابشاهه ضلع جو ڪليڪٽر ... مسعود هو. ان جي چوڻ تي هندن سان [illegible] ... [illegible] ... ٿيا ان مردن سان تعديون ٿينديون

مارجي. ٻهرين هن جي رهڻ جي جاءِ لـي کيس مارڻ
لاءِ بم اڇليو ويو، جنهن ڪري هڪ ڀت ڊهي پيئي پر
ان جو مهاتما تـي ڪو اثر ڪونه پيو. مهاتما پنهنجي
پرارٿنا سڀائن جي معرفت فرقيپرستي خلاف پرچار ڪندو
رهيو ۽ ساڳئي وقت پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪو به سرڪاري بچاءُ
جو سهارو نه ورتائين. نيٺ ٣١ جنوري ١٩٤٨ع تي اهو
منصوبو ڪامياب ويو ۽ مهاتما کي گوليءَ جو شڪار بڻايو
ويو. مهاتما ته "هي رام" چئي نرواڻ پد کـي پهچي
ويو پر هن جيڪي اسان کي چيو ۽ سيکاريو، ان تي عمل
ڪرڻ لاءِ اڌم چالو آهي. هن کي ديش جو راشٽرپتا
ڪري مڃيو ويو آهي. هو ئي اسان جي سڄي قوم جو پتا
هو، جنهن مرندي به جان وڌي. هن پنڊت جواهرلعل
کي پنهنجو وارث ظاهر ڪيو هو. هو گهڻي قدر سندس
نقش قدمن ۾ هلندو رهيو.

مهاتما جي شهيد ٿيڻ تي هڪ ڳالهه ٿي، جو هندستان
۽ پاڪستان ۾ فرقيپرستيءَ جي باهه تي پاڻي پيو.

جڏهن اسان جي ڀارت ۾ مريادا رهندي آئي آهي ته
مهاپرش انسانيت کي زنده رکڻ لاءِ پنهنجي جان جي
بازي لڳائيندا آهن، ائين مهاتما ڪيو. ان شهيديءَ تي
ورد پاڪستان ريڊيو به چيو ته بوستان مان بلبل اڏامي
ويئي. ليڪن اها حقيقت آهي ته اها بلبل اڏي ويئي
مري ڪانه ويئي. مهاتما جي خيالن جو پاڪستان ۽

۽ نه هنن وسان ڪين گهٽايو. هوڏانهن نوابشاهه ۽ نوشهره جي شري ڪيمچند ٻالاڻيءَ جي ڏوهٽي شريمتي ساوتري، جا نوابشاهه ضلع اسڪول بورڊ جي چيئرمين هئي، مسا للاينڊز هندو ماسترن کي سندن پگهار بدلت ڏنڊ ۽ پگهارون وغيره وٺي ڏيڻ ۾ هر طرح جي مدد ڪرڻ لڳي ۽ اهي جو شري ڪلومل گوناڻي ته ان ڪم ڪرڻ ۾ پٺتي ڪين پيو. مسٽر ڪيمچند ٻالاڻي نه هندن جي مدد ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندو هو، جنهنڪري سندس نوابشاهه جو بنگلو سامان وغيره سميت پنجابي پناهگير زوريءَ هٿ ڪري ويٺا ته به هو اهي رهي شيوا ڪرڻ ۾ پنهنجو ڌرم جاڻڻ لڳو. نوشهره جي پنچاتن ته جن للاينڊزن کي سمرٿي نه هئي، تن لاءِ پنچاتي ڊوڙيءَ مان مدد ڪرڻ ۾ پٺتي نه پيون لڳي.

مهاتما جي شهادت - پاڪستان جي ڏرڪدار دهميت ڪري فساد اڃا بند نه ٿي سگهيا. ان تي مهاتما ۱۲ جنوري ۱۹۴۸ تي اهي فساد بند ڪرائڻ جي خيال کان برات اپاڳ ورت رکيو. ان جو ڀارت تي اهو اثر ٿيو جو پنجن ڏينهن ۾ سڄي ملڪ جا ۽ سڀني جاتين جا اڳوان دهليءَ پهچي ويا ۽ ۱۷ جنوري تي سڀني جاتين کان وشواس ملڻ تي هن ورت سماپت ڪيو پر اسان جي ڀارت ۾ هندو سڀا ۽ راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه جي اثر ۾ اچي ڪن جوانن پوني ۾ منصوبو رچيو ته مهاتما کي

٥

۽ دادي ڪرشنا ديوي وينا رهيا ۽ الي ڪين هرڪا م
ڪندا رهيا. نوشهره ۽ مورو لعلڻ ۾ جو مسلمان سڪـ
جي بنيان ڪاهي پيا هئا ۽ جتي ٻه ڪين ڏسندا هئـا
الي ڪين قتل ڪرڻ کان ڪين رهندا هئا، تن کي بچاءَ ڏيڻ
۽ ڪين سلامتيءَ سان رواني ڪرڻ جو ڪم شري پرپداس
ڪندو رهيـو، لن ڪري ڪـي ڪٽر مسلمان سـندس
دشمن بڻجي پيـا، جيتوڻيڪ شهـر خواه پسگردائيءَ ۾
مسلمان سندس ڏاڍي عزت ڪندا هئا. ورهاڱي بعد ۾
الي جي نونيفائيڊ ايريا ڪاميٽيءَ جي مسلمان پريزيڊنٽ
رئيس نجم الدين سندس ۽ دادي ڪرشنا ديويءَ جي
سلامتيءَ جو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو ۽ رات جو سندس
رهڻ واري ڀاڱي ۾ پهري جو بندوبست رکيو. هـو
نه جان سان کيلي رهيا هئا. ڊاڪٽر چوئٿرام کين ڪيترا
ڀيرا لکيو نه لڪري اچو ۽ هتي ڇيو نه جيستاءِ اسـان
جي هت ضرورت آهي، ليستاءِ هتـي رهـي شيـوا
ڪنداسين. هو نه رڳو سکن ۽ هندن کي لڏڻ لاءِ مدد
ڪندا رهيا ۽ انهن جي سلامتيءَ لاءِ ڪوشش وندا رهيا
پاڪستان (ڪراچيءَ) ۾ ڀارت سرڪار جي هاءِ ڪمشنر
۽ ڊاڪٽر چوئٿرام کـي واقف ڪندا رهيا مگـر الـي
جيڪـي ٻـاهريان هنـدو هريجـن اچـي رهيا هـئا،
ن کي مسلمان ڪرڻ لـي مسلم زميندارن زور رکيـو
و، تن کي هندو ڌرم ۾ پختي رهڻ ۽ الان ڪيڻ

لڙائيءَ جي ميدان ۾ مقابلي لاءِ وڃي پهتا ۽ پاڪستان جي لشڪر کي پٺتي هٽائي ڇڏيائون. اها لڙائي ٻه مهينا مس هلي ته دنيا ۾ اُن خلاف آواز اٿيو ۽ ڪشمير جو سوال متحد جماعت جي سڪيورٽي ڪائونسل جي اڳيان پيش ڪيو ويو.

سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ - اسان جو ويچار هو ته ڪن ڪم ڪندڙن لاءِ پاڪستان ۾ رهڻ ضروري هو، جو اهي هر وقت مسئلا پيا اٿندا. انڪري اسان جي ضلع جا ڪانگريس ڪم ڪندڙ ته آزادي ملڻ بعد به ڳوٺن ۾ رهي پيا ۽ ڪي ته ١٩٤٩ ۾ ڀارت آيا. پرسن وارو شري موارام ڪراچيءَ ۾ ماڻهن کي حقن جي ڪيترن ورتي ڏيڻ جو پربند ڪندو هو ۽ ٻي ڪا اڻ ڄاڻ ماڻهن کي پاڪستان ڇڏڻ ۾ ٻوڌي هٿي ته اها لاهيندو هو. هو ڪراچيءَ ۾ وڏو واپاري هو ۽ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو هڪ اثر وارو ميمبر هو.

شري تاراچند ويرواڻي هالاڻيءَ ۾ رهندو پيو هو. ڪنڊياره جو پروفيسر هاسانند ٻه رهيو، جو ضلع ۾ چڪر پيو هڻندو هو. هن جي لـ پاڙي لاءِ مسلمان عزت ڪندا هوا، ان ڪري ماڻهن کي لـڏڻ ۾ چڱي مدد ڪري سگهندو هو.

موري ۾ ٻه اسان جو شري نيلرام ڪجهه وقت رهيو، لوشهري ۾ سرو شري کيمچند ٻالاڻي، پريداس برهمچاري

ماڻهو جو عام طرح هراس ۾ هوندا هوا، سي ڪانگريسي
تي چڙيل رهندا هوا، سي ڪڏهن ڪڏهن ٻرا اکر
چئي ڏيندا هوا، پر هو موت ۾ ساڻن چڙندا ڪونه هو
۽ ڪين وسڻ ۾ پوري مدد ڪندا هئا.

اجمير ۾ به ڪافي ڪانگريس ڪم ڪندڙ اچي گڏ
ٿيا. اجمير اسٽيشن تي جڏهن ميلو لڳو پيو هوندو هو ۽
اٿاهه هجوم اچي لهندا هوا. راجستان جي ريلوي اسٽيشن
تي مڪاني ڪانگريسي ۽ آريا سماج ڪم ڪندڙ ايندڙ
شرنارٿين کي ماني کارائڻ ۽ پاڻي پيارڻ سان شيوا ڪندا
هوا. ڪين جهڳا وٺي ڏيڻ جي ۾ ڪوشش ڪندا هئا. ڏندا
ته ماڻهو پاڻيهي همت ڪندا هوا ۽ چست ماڻهو ته اچڻ
سان ڌنڌن ۾ لڳي ويا.

ڪشمير تي ڪاهه

٢٧ آڪٽوبر ١٩٤٧ تي ڪشمير
جي مهاراجا هندستان سان گڏجي وڃڻ بابت اعلان ڪيو
پر پاڪستان هندستان تي ڪاهيو ۽ ڪشمير ۾ بارا مولا
تي قبضو ڪري ويا. ڀارت جو ان طرف خيال ئي ڪونه
...و هو ته پاڪستان ڪڏهن اسان تي ڪاهيندو. ان ڪري
...پاڪستان کي خالي ميدان ملي ويو ۽ جيستائين اسان جو
...لشڪر مٿي جبلن تي پهچي، تيستائين پاڪستان جو لشڪر
...ڪشمير جي گادي۽ سرينگر جي ويجهو پهچي ويو. پر
...ع جي لشڪر جو تعداد ۽ ان جي طاقت پاڪستان
... گهٽ مٿي هئي، ان ڪري هو هوائي جهازن ۾ پهچي

ڪيم چند ٻالاڻي ڪمانڊر نوابشاهه جي ڪليڪٽر وٽ پهتو ۽ پوليس جي مدد سان اُهن سڀني کي هندستان ڏانهن روانو ڪيو ويو. ورِي پريا روڊ اسٽيشن لڳ خالصن تي اچي مار پيئي. هنن جو مال ڦريو ۽ گهڻن نه مسلمان ڦري ويا ۽ ٢-٣ ڄڻا ماريا به ويا. پرين جي ڳوٺ جو وڏو زميندار امام علي شاهه، جو ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو پرانو لٺ هو، سو به وڌيو ۽ خالصن جي ڪٽنبن کي پنهنجي اوطاق تي وٺي آيو ۽ ٻئي ڏينهن کين پريا روڊ جي اسٽيشن تي ريل گاڏيءَ ۾ روانو ڪري آيو. مولڪي به ساٿ وٺي نه ويو، جو هن سمجهيو ته اهو خطري کان خالي نه هو. ان بعد ڦڏيلائي زور وٺندي ويئي.

سنڌ راجستان سان گڏيل پيئي آهي، تن ڪري ماڻهن کي راجستان ۾ اچڻ ڏاڍو سولو لڳو. مير پور خاص ۾ راجا واري گاڏيءَ ۾ چڙهندا هوا ته مارواڙ جنڪشن تي اچي پهچندا هوا ۽ اُتان سڄي راجستان ۾ پکڙجي ويندا هوا. خاص ڪري اجمير ۾ سدا اچي پهچندا هوا. شروعات ۾ ماڻهن تي اثر وڌل هو ته هيءَ فرقيوارانه گهڻو وقت نه هلندي ۽ هو موٽي سنڌ ۾ ويندا. ليڪن ڪانگريس ڪم ڪندڙن پنهنجو چٽو رايو ڏنو ته اهڙن جو سنڌ ڏانهن موٽڻ محال آهي ۽ انهيءَ ڪري پاڻ کي پنهنجي سهوليت انوسار هندستان ۾ ڪٿي اچي ٽڪائين.

سان رهيا پياهوا، تن کي ڪراچيءَ ڇڏڻ کان روڪي
شري ليوندرام کي لـ سندس مسلم ساٿي اسيمبلي
ميمبر ٻڌايو تہ ڪيس حڪم ٿيو آهي تہ ليوندرام کي
پورو ڪيو وڃي. هن ڪيس التجا ڪئي لـ پڪد
پاڪستان ڇڏي وڃو. هن ڪيس چيو تہ مان اُن ڪم جي
پورائي نہ ڪندس تہ ٻئي ڪنهن کي اهو ڪم ڪيو
ويندو، تنهنڪري ڪين اهڙي ٻڇڙي ڪم ڪرڻ کان
بچائي.

سنڌ تي اثر

پنجاب ۾ جيڪي خالصن ۽ هندن
سان وڌيل وهيا ۽ بلوچستان ۾ هندن سان ظلم ٿيا، تن
ڪري جيڪا اڌيلاڻ ٿي، تنهن جو سنڌ تي بہ اثر ٿيو.
ويتر جو پنجابي مسلمان سنڌ ۾ لڏي آيا، تن تہ سنڌ جي
هندن سان زياديون ڪرڻ شروع ڪيون، تنهن ڪري
سنڌين لاءِ پنهن جي عزت ۽ ڌرم جي رکيا لاءِ پنهن جا
گهر گهاٽ، ٻنيون ٻارا، مال ملڪيتون ڇڏي وڃڻ لاچار
ٿيو. نوابشاه ضلع ۾ تہ لباڻن سکن پٺيان مسلمان
ڪاهي پيا ۽ ظلم وڌي ويو. نوابشاه جي نوشهره اعلم
جي ڦلن جي ڳوٺ ۾ هڪ سنڌي سک کي سندس گهر
۾ گهڙي خون ڪيو ويو. نوشهره لڳ لباڻن جي ڳوٺ،
جنهن ۾ گهڻو ڪري لباڻا سک (هندو) رهندا هئا،
ان ڳوٺ کي مسلمانن گهيرو ڪيو تہ يا تہ سڀ مسلمان
ٿيو يا اوهان کي قتل ڪيو ويندو. خبر ملڻ تي شري

ڪراچيءَ ۾ پارٽ مان ايندا هوا. ۽ اهي به هندن کي ڪٽي وٺندا هوا.

اهڙن ٿيٽي اڳواڻن سان گڏجي بعد ۾ ٻئي ڪاڻي ڏاڍهن روانا ٿياسون. اُتي گجرات ۽ اُن پرانت ۾ هئو. احمدآباد ۾ لٿاسون. مڪاني ماڻهن مالدارن ۽ ڪارخانيدارن جو وڏ ٻه همدرديءَ وارو هو. الهاس نگر ۾ ڪئمپن جون پنج ڪئمپون، اڙودي ۾ آلوڙام لائيس وغيره ڪافي ٻيون ڪون لٽر مان ڪئمپون، جن ۾ پوءِ خلق اچي وسي.

اصل ۾ جون ۾ جڏهن ورهاڱي جي پٺڀرائي ٿي ته لاڙڪاڻي جو شري واڌو ڪيسراڻي سنڌ پرديش ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو ميمبر پارٽي روانو ٿي ويو هو، جو هن سمجهيو ته سنڌ ۾ هندن جو عزت سان رهڻ ناممڪن ٿيندو. هو راجستان ۾ اڌيپور ۾ آلي جي مهاراجا سان وڃي گڏيو. هن سائنس پوري همدردي ڏيکاري، جنهنجو نتيجو اهو آيو، جو اڌيپور ۾ هڪ پرتاپ نگر جي نالي سان شرڻارٿين جي سٺي ڪالوني کڙي ٿي.

نواب شاهه ضلع جي ڪمشنر ته اُن کان به اڳي پنهنجي ضلع جي ماڻهن وٽ سنڌن ڳوٺن ۾ وڃي ڪيئن پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ ۽ لڏ ٿو ڪين لڏ ٿي ٿيندو ۽ لڏڻ جي تياري ڪن. مان ان لاءِ ساٿيءَ جو چڪر جٽي، آيو هو، ۽ ٻه ڏهاڙا ماٺ ۽ دوستن ڪراچيءَ ۾ ڪٽڻ

۽ آلي ۾ فساد لڳا پيا هوا ؛ شهر ۾ ڪرفيو لڳو پيو
دهليءَ جي حالت ڏسي اسان کي ڏ حيراني ول
ويئي. آچاريه ڪرپالاڻي اُن وقت اکل ڀارت ڪانگريه
جو پريزيڊنٽ هو. ڪيس ۾ سنڌس مونرلاءِ ڪريو پاس ملي
هئي. اُها گهراڻي پنڊت جواهرلعل، سردار پٽيل ۽ گانڌي جي
سان وڃي مليا سون. سردار پٽيل اها رٿ ڪئي ته سنڌي
ڪراچيءَ مان. سامونڊي جهازن ۾ روانا ٿين، جن
۾ سامان ۽ جيترو هوندن، سو کڻي سگهندا ۽ هڪواريءَ
جهاز ۾ چڙهيا ته سلامتيءَ سان اچي ڀارت ۾ پهچندا.
واس جو واس ۾ جهاز والي ڪمپنين کي امبئي فون تي
ڇپائين ته ۽ جهاز فورن ڪراچيءَ روانا ڪن.
مهاتما ته اِن خيال جو هو ته ڌيرج کان ڪم ونـي
پنڌتا تي، سنڌ ۾ رهون. اسان جي همٿ ڪرڻ لي پاڻ
ڇپائين ته پوءِ ته اسان جو فرض آهي ته هندن کي سنڌ
مان لڏڻ جون پورڻون سهوليتون وٺي ڏيون. اسين اچي
اُن ڪم کي لڳا سون. ساريءَ سنڌ ۾ ڪانگريسي پکڙيا
پيا هوا ۽ هر ضلع ۾ ڪانگريسي اُتي ڪري هندن کي
سهوليتون مهيا ڪري ڀارت ۾ روانو ڪرڻ لڳا.
ڪولٽيا ۾ فسادن بعد سنڌ مان لڏپلاڻ ته وڏي پئماني
تي شروع ٿي ويئي هئي، جا وڌندي ئي رهي. جهازن
جو بندوبست ٿيڻ تي گهڻي خلق سمنڊ ذريعي ڪراچي
مان روانا ٿيندي رهي. جي سرڪاري هوائي جهاز

ڇڙي ڪراچيءَ ۾ آيا. ان ڪري سنڌ پرديش ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪن ڪلاڪن جي نوٽيس تي ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس هائوس ۾ ٿي، جتي ساريءَ اسڪيمَ تي ويچار ڪيو ويو.

بلوچستان جي ڪوئيٽا ۽ لورالائيءَ ۾ ۽ نارٿ ويسٽرن فرنٽيئر جي شهرن ۾ جيڪي هندن سان تعديون ٿيون ۽ اتي خونريزي ٿي، سي "آزاد" ۽ "هندستان" اخبارن درج هيٺ ڪري روزانو ڏيندا هئا، جنهن ڪري عام ماڻهو سمجهي ويا ته هنن جو سنڌ ۾ رهڻ ناممڪن ٿيندو.

سيٺين ان ويچار جا هامي ته هيٺيون حالتون اهڙيون پيدا ٿيون آهن، جو هندو عرصي سان سنڌ ۾ نه رهي سگهندا ۽ اهو فيصلو ٿيو ته هندن کي اهائي صلاح ڏني وڃي ته هو سنڌ ۾ سلامتيءَ سان رهي نه سگهندا، تنهنڪري لڏڻ جي ڪن.

دهليءَ ڏانهن سفارت- ٽن ڄڻن پروفيسر گهنشام ۽ ڪانگريس اسيمبلي پارٽيءَ جي منتري شري گوردن ورڌاڻي، جو اُن وقت پرديش ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو منتري هو ۽ مون کي مقرر ڪيو ويو ته اسين دهليءَ هوائي جهاز ۾ روانا ٿي وڃون ۽ هند سرڪار سان هندن کي لڏائڻ ۽ اُن وسائل جي باري ۾ ڳالهايون.

ڪراچيءَ مان ٻئي هوائي جهاز ۾ دهليءَ پهتاسين

لنهنڪري آزاديءَ ۾ ٿي اسان ٻه خواهه سنڌ جي ماڻهن ۾ جان نه اچي ويٺي ۽ فسادن جي فضا اسان ڪم ڪندڙن لاءِ ڪم ڏهه وڌائي ڇڏيو.

اسان جي نوابشاه ضلع جي ماڻهن ۽ ڪم ڪندڙن ۾ ٻه ٻٽي ڀاونا پيدا ٿي. هڪ طرف آزاديءَ ڪري خوشي ۽ ٻئي طرف ورهاڱي سبب دک ۽ نراسائي. نوشهره فيروز ۾ ڪـــ پارٽ جي آزاديءَ ڪري اڳڙو اُمنگ جاڳيو، جو هنن تلڪ سوراج ڀون، راشٽريه ڪنيا پاٺشالا تي نه قومي جهنڊا چاڙهيا، ۽ خود پوسٽ آفيس تي به ڪانگريس جهنڊو چاڙهي آيا.

لنگڙي آزادي

لنگڙي آزادي - مونکي ياد آهي ته ۱۴ آگسٽ تي مان ڪراچيءَ ۾ "آزاد" پريس جي ٻاهران بيٺو هوس ۽ مسلمانن جا هجوم "آزاديءَ" جي ڏينهن ملهائڻ لاءِ وڃي رهيا هوا. منهنجي من ۾ اهي ٿي اُڌما پئي اٿيا ته آزادي آئي ۽ لنگڙي آزادي آئي، جو هندستان جا ٻاشندا ٻه هڪ نه ٿي سگهيا ۽ ڌاريا اسان جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي اسان ۾ ڦيٽاڙو وجهائي سگهيا ۽ چاڪاڻ ته ۱۴ آگسٽ کان ٿورو اڳي سنڌ جي ليگي بلوچستان ۽ فرنٽيئر پرانت ۾ مسلم ليگ خونخوار فساد شروع ڪرايا هئا ـــي هندو ۽ سـي صدي ٻـــ ڪونه هـوا، ٽـــن ۾ ها مار پيٽي ۽ جو ڪيڏا ماڻهو ته، پنهنجون ملڪيتون ڪونه اُکٽي سگهيا، ڀڄو جانيون بچائـي سنڌ ۾، خاص

ورهائڻ وارو. انگريز فرقيپرستيءَ جا جيڪي انگور لڳايا، اُن ڀارت ۽ پاڪستان ٻنهي کي ڏولائي ۾ وڌو. پاڪستان نه اُن بنياد تي ٺهيو ته هندو ۽ مسلمان ٻه الڳ قومون آهن ۽ هڪ ملڪ ۾ گڏ نه رهي سگهندا. اِن ڪري هو پاڻ کي اُن خيال کان نه صرف آجو نه ڪري سگهيا، پر سڄي ليڳي اها رکيائون ته ڀارت سندن دشمن آهي ۽ انکي ماري مات ڪرڻ کپي ۽ پنهنجن ماڻهن کي خواه مخواه ڀڙڪائيندا رهيا. ڀارت ڌرم نرپيڪشتا (Secularism) جي بنياد تي ٺهيو ۽ اسلاميت فرقيپرستيءَ کي ڪاڻ جاءِ ڪانه ڏني وئي.

١٥ جون ١٩٤٥ تي جڏهن اسان جا وڏا اڳواڻ جيل مان ڇٽا، تن واچيتيءَ ۾ پڌرا اهڙو اکڙو لڳا ۽ چڙهيا، جو جڏهن غلاميءَ جي راب جو آخرين ٻردو ڪريو، تڏهن نه خطي تيار ٿيندي ٿي رهجي وئي.

١٤ آگسٽ ١٩٤٧ تي رات جو ١٢ بجي پنڊت جواهرلعل، هندستان وزير اعظم ٿالي ملڪ جون واڳون ورتيون، تنهن آن وقت چيو ته ”ڪا اهڙي گهڙي اچي ٿي، جا انهاس ۾ اياءِ ڪانوءِ ڪڏهن اچي ٿي، جڏهن اسين آڳاٽي زماني مان نئين دنيا ۾ پير پائون ٿا؛ جڏهن هڪ زمانو پورو ٿئي ٿو ۽ جڏهن قوم جا احساس ڪان دٻيل رهي آهي، سا آئي ڪڙي ٿئي ٿي ۽ مڃهس جان اچي ٿي ۽ قوم آڪي قدم جو اظهار ڪري ٿي.“

ڪرايائين ۽ بهادر بُٽو. نواب شاه ضلعي جي نوابشاه، شهدادپور ۽ ٻين شهرن ۾ به آيو هو. سنڌ جي دوري ڪندي ڏنو ويو ته سنڌ وزارت سنڌ جي خلاف هئي، انگريز ڀارت ني هو. سنڌ مان موني ويو.

ورهاڱي جي پڌرائي - جون ۱۹۴۷ ۾ لارڊ مائونٽ بيٽن هندستان جي ورهاڱي جي پڌرائي ڪئي ۽ اهو به ظاهر ڪيائين ته ۱۵ آگسٽ تي هو انهي انگريزن کي حڪومت جون واڳون سپرد ڪندو. آزادي آئي پر ساڳ ورهاڱو کڻي آئي. حڪومت آئي پر ساڳ وڏا مسئلا کڻي آئي. فرقيپرستي جيڪا ڦهلي، اهو به هڪ وڏو مسئلو سر ڪڍي بيٺو. پر اڳيان به مهاتما جي استقامت ۽ اٽل وشواس هو. اُن فرقيپرستيءَ جي پوت جو خاتمو آڻڻ لاءِ هن پنهنجي جان به واري ڏني.

آزاديءَ جو سورج ڪڙيو - ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ تي ڀارت آزاد ٿيو ۽ ڀاڙين ڪانگريس سرڪار ٿهي، جنهن جو مکيه وزير پنڊت جواهرلعل ٿيو. هڪ لاثاني اڳوان ڀارت کي مليو، جنهن ڀارت جي ٻڏندڙ ٻيڙي ستڙ لڳائي.

ورهاڱو - اُن سان گڏ ۱۴ آگسٽ تي بنگال جو اوڀر وارو حصو، سرحدي علائقو، پنجاب جو اولهه وارو پاڱو، بلوچستان ۽ سنڌ جدا ڪري پاڪستان بڻايو ويو. اِن ريت هندستان ٻن حصن ڀارت ۽ پاڪستان ۾

ڊاڪٽر منشيلال ناير ۽ ٻين سان گڏ هو نواکاليءَ آيو.
مهاتما ۽ سندس ساٿين کي جيڪا تپسيا ڪرڻي پيئي، سا
انهاس ۾ ڪي اهم ياد رهندي. اُتي انسان جيڪا اذا
ٿي پيا. ماڻ ٻنهي جي شناس نه رهي ۽ انسانيت جو حق
گهاتي ٿي ويو. پر مهاتما ٻهاڙ جيان اڏول رهيو. لتيءَ
ٿڏيءَ ۽ ٻوڏ ۾، لڏندڙ ٻالن جي ٻلين تان رستا پار ڪندو،
نفرت جون ڳولين ۾ ٻهچي ستايل هندن سان همدردي
ڪندو هو ۽ مسلمانن کي پهچي لمولي ۽ پيلگ سان
شرمائيندو هو ۽ مٽي لڏو چندو وجهندو هو. جتي هو
ڪلڪتي ۾ فسادن کي بند ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، اتي
نواکاليءَ ۾ ۽ سندس ڪم جو ڪجهه اثر ٿيو. جواهرلعل
وري بهار ۽ پنجاب ۾ ڦرندو رهيو.

اُن وقت جوڙجڪي اسيمبلي، جا وقت جو آئينده
جوڙجڪ ناهي رهي هئي، ۽ اُن ۾ مسلم ليگ ڪو
ساٿ ڪرڻ ٿي ڏنو.

ڪانگريس اجلاس - ڪانگريس جو چوونجاهون
اجلاس ۲۲ کان ۲۴ نومبر ۱۹۴۶ ٿي ميرٺ ۾ ٿيو، جنهن
جو پرڌان آچاريه جيوترام ڪرپالاڻي ٿيو. آچاريه ڪرپالاڻي
پهرئون ٿي سنڌي هئو، جنهن کي ڪانگريس جي
پريزيڊنٽ ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو هو. هن دؤرو
شروع ڪيو ۽ سنڌ ۾ به آيو ۽ سنڌي هندن کي ڏهن لشن

كي ۵ جاڻن ڏيڻ جي آڇ ڪئي پر اُن نه مڃيو. ۱ سيپٽمبر
لي ڪالن جي ورڪ جي سرڪاري پڌرائي ڪئي
وئي، جنهن ۾ پنڊت جواهرلعل کي ڏاوڻ ملڪن جو
ٻيڻڪي ڪالو ڏنا ويا.

۲ سيپٽمبر ۱۹۴۶ حڪومت جي واڳ ڏور سنڀن
ڄڻ جي منتري منڊل کي سونپي وئي ۽ پنڊت جواهرلعل
کي عارضي سرڪار جو وائيس پريزيڊنٽ مقرر ڪيو
ويو. آڪٽوبر جي ٻئي هفتي ۾ مسلم ليگ جا عيوضي
به وزارت ۾ شامل ٿيا.

عارضي قومي سرڪار نه ٿي پر ٻئي طرف مسلم
ليگ رڻ ٻاري ڏنو.

جاتيوار فساد ـ هو ڏانهن مسلم ليگ سڌي قدم
(Direct Action) ڪيڻ لاءِ ڏينهن مقرر ڪيو. بنگال ۽ پنجاب،
ٿي مسلمان گهٽائي ۾ هئا، اتي هندو مسلم فساد ڪرائي
ڇڏيائون. ڪلڪتي ۾ انهن ويڙهن ۾ ۳ هزار مئا، پنج
هزار ڦٽيا؛ لکن جي ملڪيت ناس ٿي. آخر اتي پڇي
سگهيا ۽ نوکالي ۾ طرف ڳوٺن ۾ رڻ ٻاري ڏنائون، جو
ي هندو بلڪل ٿورائي ۾ هوا ۽ هنن جي ڪو
ڻ وارو ڪو نه هو؛ جو حڪومت نه سهراوردي ۾
ب هئي، جو به مسلم ليگ جي چنبي ۾ اچي چڪو
. مهاتما گانڌي ۾ آگ اجهائڻ جي ڪوشش ڪئي
ڪامياب ٿيو. پوءِ ۲۶ نومبر ۱۹۴۶ تي شري پيارلال،

سوال لي امڪ هٿي پيو، مگر سڄو سنڌ پاڪستان جي گهر نامنظور ڪئي، جو مسلم ليگ ڪانفرنس ۾ سڀني مسلمانن جي ديش مان اُن جي خلاف آواز اٿاريو هو. ان سوال لي ڪانفرنس ٽٽي پيئي.

جوڙ جڪي اسيمبلي - ان وزاري مشن ١٦ مئي ١٩٤٦ لي ظاهر ڪيو ته ٣٨٥ ميمبرن جي جوڙجڪي اسيمبلي ٺهي وڌان تيار ڪرڻ لاءِ ٺاهي ويندي، جنهن جا ميمبر اسيمبلين مان چونڊيا ويندا.

ڪانگريسي وزراتون - جڏهن جدا جدا پرڳڻن ۾ ڪانگريس وزراتون قائم ٿيون، تڏهن اُنهن سڌاري جا ڪارج ڪرڻ شروع ڪيا. ملڪي قيدي آزاد ڪيا ويا، نشيدار شين شراب وغيره لي بندش وڌي وئي؛ ڪلهيڙ جي ڦهلاءِ، کاڌي، ڪپڙي، پاڻيءَ وغيره جي پرپند؛ جوڙجڪي رٿن کي عمل ۾ آڻڻ کي لڳي ويون.

ڪم چلائو وزارت - ٢٥ آگسٽ لي بادشاه مرڪز ۾ ١٢ جڻن جي ڪم چلائو وزارت ٺاهڻ جي پڌرائي ڪئي. اُن لي (١) پنڊت جواهرلعل (٢) سردار ولڀڀائي پٽيل (٣) ڊاڪٽر راجيندر پرساد (٤) مسٽر آصف علي (٥) شري راجگوپال آچاريه (٦) شري سرت چندر بوس (٧) ڊاڪٽر جان متائي (٨) سردار بلديوسنگهه (٩) سر شفاعت احمد خان (١٠) شري جگجيورام (١١) سيد علي ظهير؛ (١٢) ڪورجي هورمزجي ڀاڀا مقرر ڪيا ويا. مسلم ليگ

منگهڻو. اِن بعد انگلنڊ جي پارليامينٽ وائسراءِ جي
ڪائونسل تي سڀ هندستاني ميمبرن نه رکڻ جي پٺڀرائي
هنائڻ جو بل پاس ڪيو ۽ ۱۹ فبروريءَ تي انگلنڊ جي
وڏي وزير ظاهر ڪيو ته هڪ وزيرن جي سفارت
هندستان ۾ وڃي، اُتي جي مدبرن سان گڏجي، هندستان
جي لئين جوڙجڪ ناهيندي. ۲۰ فبروريءَ تي وائسراءِ
پڌرائي ڪئي ته لئين ڪائونسل هندستان جي راڄيتي
اڳواڻن مان ناهي، ويندي.

لشڪر ۾ بغاوت - ۲۲ فبروري ۱۹۴۶ تي ڪراچي
۽ ٻين بندرن تي ساموندي لشڪر جا پارٽواسي سنڌڪ
وٺي جهاز هٿيارن سوڌا ڪاهي هليا ويا.
دهليءَ ۾ به رايل انڊين نيويءَ جا ماڻهو هڙتال تي
ويا. اِن مان انگريزن کي چٽو اُهڃاڻ مليو ويو ته
حڪومت جي واڳ ڏور هٿن لاءِ هاڻي سنڀالڻ مشڪل هئي.

سفارت پارت ۾ - وزرائي سفارت ۲۳ مارچ تي
ڪراچيءَ ۾ پهتي ۽ ۲۵ مارچ تي دهليءَ مان پڌرائي
ڪئي ويئي ته اسين هندستان کي آزادي هٿ ڪرڻ ۾ مدد
ڪرڻ ۽ جوڙجڪي اسيمبلي برپا ڪرڻ واسطي آيا
آهيون. آزاد هند فوج جي عملدارن ۽ نظربندن تي
جو ڪيس هلي رهيو هو، اُن جي واپس وٺڻ ۽ سڀني
کي آزاد ڪرڻ جي پڌرائي به ڪئي ويئي. وزرائي سفارت
ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي عيوضين سان ڪانفرنس ڪئي.
اُن ۾ مسلم ليگ جو عيوضي مسٽر جناح پاڪستان جي

هن جو پڪو ساٿي هو. نوابشاهه ضلع جا گهڻا مسلمان ميمبر به الله بخش جا پوئلڳ هئا، پر فرقيپرستيءَ جي اهڙي زبردست لهر آئي، جو هن جي وزارت ۾ لڙهي وئي؛ کيس نه شڪارپور جي ڪٽر مسلمانن جي بندوقن جو شڪار ٿيڻو پيو هو. اُن وقت ڪانگريس ڪم ڪندڙ سرڪاري مرڪزن ۾ ڪافي اثر رکندا هوا. پوليس کاتيءَ جهڙو ماڻهو به اُنهن ڏانهن بي پرواهيءَ جو رخ اختيار نه ڪري سگهندو هو. انگريز ڪليڪٽر به جي اهڙو ڪو رخ وٺي وٺندو هو ته کيس اُهو قدم واپس وٺڻو پوندو هو. الله بخش ۽ ٻيا سنڌ ساٿي به ڪانگريس جي حاضريءَ ۾ عملدارن کي چوندا هوا ته اڄ جيسا ڪانگريسي سياٿي جا وزير آهن. ڪانگريس ۾ عام ماڻهن جو حق مارڻ نه ڏيندا هوا. پر سنڌ آخر ۾ مسلم ڪٽاليءَ جو پڙالعت هئي، اُن ڪري فرقيپرستيءَ جي زور وٺڻ تي ڪانگريس جو اثر سياري ڪ گهٽجڻ لڳو.

آزاديءَ ڏانهن قدم — ۱۹۴۶ جي شروع ۾ پارليامينٽ جي ڏهن ميمبرن جي سفارت پارٽ جو ڪمشن ڪري ڏنو ته سڀ مدار اُن راءِ جا آهن ته آزادي هڪدم ملڻ کپي؛ نه قسطن ۾. ۱۴ فيبروريءَ تي وائسراءِ ڪانگريس پريزيڊنٽ مولانا آزاد کي ملڪ جي ڪاڏي جي مشڪل مسئلي حل ڪرڻ لاءِ گهرايو. هن ٻڌايس ته مرڪز ۾ عام سرڪار هئڻ بنا اُن مسئلي کي منهن ڏئي ڪين

سڄي هندستان ۾ سنڌ ۽ بنگال کان سواءِ سيني پرڳڻن
۾ ڪانگريس وزارتون قائم ٿيون. پنجاب ۾ ڪانگريس
جي مدد سان ڪوليشن وزارت قائم ٿي. ٻهرئين سنڌ
اسيمبلي ٿي هئي، جنهن مسلم ميمبرن جي گهڻائيءَ سبب
پاڪستان جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو.

آزاد اخبار- ۱۹۴۵ کان اسان جي ضلع جا ڪم
ڪندڙ جوڙجڪي ڪم کي لڳا رهيا. اسان جي ضلع
جي ڪم ڪندڙن سرڪاري آسنداس ۽ ليولڊرام کي
خيال آيو ته قومي روزاني اخبار ”آزاد“، جا مسلم
قومي ڪم ڪندڙ مولا بخش مرحوم الله بخش جو ڀاءُ
۽ الاهي بخش وڪيل رهيا هوا، سا پريس ۽ اخبار
خريد ڪري هلائجي. ساڻي ملياسون. شري آسنداس
پيسا ڪيا. مان اُن جو سمپادڪ ٿيس. شري ديپچند
الوڪچند کي به گهرايو ويو، جو سڄي ڪم جو انچارج
ٿي رهيو. اخبار شروع ڪئي ويئي ۽ ٿوري ئي وقت
۾ چگو ناڻو ڪٺي ويئي. ”هندستان“ ۽ ”آزاد“ ساڳين
متن جون پيروڪار هيون. قوميت جو پرچار چالو رهيو.
سنڌ هوندي به فرقيپرستيءَ جي مرض کان چئل هئي،
پر مسلم ليگ جي پاڪستان جي گهر جي اثر هيٺ سنڌ
جي مسلمانن جي ذهنيت ۾ ڪجهه فرق پوڻ لڳو.
نوابشاه ضلع جي مسلم ليگ کان سواءِ ٻيا مرحوم
الله بخش کي پورو ساٿ ڏيندا رهيا هئا ۽ شري ليولڊرام

هندن واريون جايون ڪانگريس کٽيون. نوابشاهه ضلع جي ساهتي ڀاڱي مان شري نيولدرام لاءِ ٻيا مخالفت چونڊجي آيو. هتي ٺڪر راءِ بهادر سيٺ هرچند ۽ شري سيرومل جي ڇڪري لڳي ۽ شري سيرومل ڪانگريس جي مدد سان ڪامياب ٿيو. ان وقت جڏهن نوابشاهه ضلع ۾ ڪانگريس جو پورو اثر هو ۽ شري نيولدرام جي ٻيا مخالفت جي چونڊجڻ ڪري ڪانگريس کان ڪنڌ فارغ ٿيا ۽ مان دادو ضلع ۾ شري پرسرام وشنداس جي مدد ڪرڻ هليو ويس. اهو به پنهنجي، جواهرلعل جي اچڻ لاءِ ٻيا مخالفت چونڊجي ويو، جو مخالفتي پنهنجي استعفا پنهنجي ڪي پيش ڪئي.

شري نيولدرام کي ۽ شري ميگهومل کي مدد ڪرڻ لاءِ هليو ويو ۽ چونڊون پوريون ٿيڻ تائين اتي رهيو.

سرگواسي سچانند ٿانوراڻي ۽ شري ڪيسوالي کي مدد ڪرڻ لاءِ هليو ويو ۽ سڀ اهڙي ئي نموني چونڊيون کٽيون. مگر مسلم اڪن مان سڀ مسلم ليگ جي ٿي ويون.

چونڊ بعد اسيمبليءَ ۾ جي. ايم سيد ۽ غلام حسين جي پارٽين جي وچ ۾ طاقت آزمائي ٿي. اهي ڪي هڪ جيترا ووٽ مليا، ان ڪري سنڌ اسيمبلي برخواست ٿي. ٻيون چونڊون جنوري ١٩٤٧ ۾ ٿيون ۽ شري نيولدرام ۽ سڀ هندو ڪانگريسي ٻيهر ٻنا مخالفت چونڊجي آيا.

سڄي هندستان ۾ سنڌ ۽ بنگال کان سواءِ سيني پرڳڻن
۾ ڪانگريس وزارتون قائم ٿيون. پنجاب ۾ ڪانگريس
جي مدد سان ڪوليشن وزارت قائم ٿي. ٻيهر سنڌ
اسيمبلي ٿي هئي، جنهن مسلم ميمبرن جي گهڻائيءَ سبب
پاڪستان جي قائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو.

آزاد اخبار- ۱۹۴۵ کان اسان جي ضلع جا ڪم
ڪندڙ جوڙجڪي ڪم کي لڳا رهيا. اسان جي ضلع
جي ڪم ڪندڙن سروشري آسنداس ۽ ليونڊرام کي
خيال آيو ته قومي روزاني اخبار ”آزاد“، جا مسلم
قومي ڪم ڪندڙ مولا بخش مرحوم الله بخش جو ڀاءُ
۽ اِلاهي بخش وڪيل رهيا هوا، سا پريس ۽ اخبار
خريد ڪري هلائجي. سائي ملياسون. شري آسنداس
پيسا ڪڍيا. مان اُن جو سمپادڪ ٿيس. شري ديپچند
تلوڪچند کي ۽ گهرايو ويو، جو سڄي ڪم جو انچارج
ٿي رهيو. اخبار شروع ڪئي ويئي ۽ ٿوري ئي وقت
۾ چڱو پاڻ ڪڍي ويئي. ”هندستان“ ۽ ”آزاد“ ساڳين
متن جون پيروڪار هيون. قوميت جو پرچار چالو رهيو.
سنڌ هوندي به فرقيپرستيءَ جي مرض کان ڇڙل هئي،
پر مسلم ليگ جي پاڪستان جي گهر جي اثر هيٺ سنڌ
جي مسلمانن جي ذهنيت ۾ ڪجهه فرق پوڻ لڳو.
نوابشاهه ضلع جي مسلم ليگ کانسواءِ پيا مرحو
الله بخش کي پورو ساٿ ڏيندا رهيا هئا ۽ شري ليونڊر

ماڪاڻي اُن وقت جيل کان ٻاهر هو. هن ۽ ٻين حيدرآباد جي ڪم ڪندڙن اهو ٺيڪ نه سمجهيو ته جڏهن ملڪ آزاديءَ لاءِ آخري لڙائي لڙي رهيو هو، تڏهن شاگرد ويهي ڪاليجن ۾ پڙهن ۽ امتحان ڏين، انڪري امتحان جي هال تي پڪيٽنگ ڪرڻ جو ويچار ڪيائون. ڪراچيءَ ماڻهو موڪلي اُتان ڪم ڪندڙ ۽ خاص ڪري زالون ڪم ڪندڙ گهرائي ورتائون، جنهن امتحان شروع ٿيڻ تي ڪاليجن تي پڪيٽنگ ڪري ودياردين کي امتحان ڏيڻ کان ٻاز آڻين. انهن ۾ اسان جي ضلع جون زالون ڪم ڪندڙ سرگواسي شريمتي موهني ڏيچند، سرو شريمتي جمنا ساڌو رام ڪلاڻي ۽ گنگا مينارام ڪلاڻي به هيون. ڪاليج تي پڪيٽنگ ڪئي ويئي ۽ ڇوڪرا امتحان ڇڏي هلڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

ڀاڱو ٽيون

غلاميءَ جي پڇاڙي

۱۹۴٦ کان ۱۹۵۰

سال ۱۹۴۵ بعد جڏهن ته ڀارت جي غلاميءَ جون ڪڙيون ٽڪ ٽڪ ٿي ٽٽڻ لڳيون. ۱۹۴۴ کان ئي انگلنڊ جي پارليامينٽ جي مزدور ڌر جا ميمبر سروشري اٽلي، سر ڪرپس، ٻيئرا ڪسري ۽ ٻيا پورو جهد ڪري رهيا هئا ته ڀارت کي ٻاڙن رستي آزاد ڪيو وڃي ته

مردار ڌر وارا، جيڪي پارليامينٽ ۾ گھٽائيءَ ۾ هئا،
سي ڪٿي ٿا ڪين پڌن؟ آخر ۱۹۴۵ جي آخر ۾ نين چونڊن
۾ مردار ڌر هارايو ۽ مزدور ڌر طاقت ۾ اچي ويٺي
۽ خود انٽلي انگلنڊ جو وزير اعظم ٿيو ۽ پٿڪ لارينس
هند وزير. ان بعد هند جو وائسراءِ ولائت ويو ۽ صلاح
ڪري اچي ۲۶ سيپٽمبر تي پڌرائي ڪيائين ته پرڳڻن
جون نيون چونڊون ڪري، نيون وزارتون ناهيون
وينديون.

نيون چونڊون - ڪانگريس آزاديءَ جي سوال
تي چونڊن لڙڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مسلم ليگ پاڪستان
جي سوال تي. هندو سڀا به چڱا اميدوار بيهاريا. جتي
ڪٿي ڪانگريس جي ساري سر تي؛ مگر مسٽر جناح جي
زهريلي پرچار سبب مسلمانن جون گهڻيون جايون مسلم
ليگ کٽيون. هندو سڀا جڻ ته نالي جي رهي.
سنڌ جي مسلمانن ۾ به مسلم ليگ زهريلو پرچار ڪيو
هو. سنڌ ۾ ناليرو قومي ديش ڀڳت الله بخش سومرو
هو، تنهن لاءِ سنڌ جي گشت وقت مسٽر جناح سکر اسٽيشن
تي ظاهر ڪيو هو ته جيسين الله بخش سومري جهڙ
ڪافر زنده آهن، تيسين سنڌ ۾ اسان مسلمانن جـ
خير ڪونه آهي. اهڙي زهريلي پرچار ڪري ڪيس خو
ڪيو ويو هو. ان بعد سنڌ ۾ نيون چونڊون ۱۹۴۶ جـ
شروعات ۾ ٿيون ته سڄي پارٽ جيان سنڌ ۾ ته ۲۲

ماڪاڻي اُن وقت جيل کان ٻاهر هو. هن ۽ ٻين حيدرآباد جي ڪم ڪندڙن اِهو ٺيڪ نه سمجهيو ته جڏهن ملڪ آزاديءَ لاءِ آخرين لڙائي لڙي رهيو هو، تڏهن شاگرد وڃي ڪاليجن ۾ پڙهن ۽ امتحان ڏين، انڪري امتحان جي هالن لاءِ پڪيٽنگ ڪرڻ جو ويچار ڪيائون. ڪراچيءَ مانجهو موڪلي انهن ڪم ڪندڙ ۽ خاص ڪري زالون ڪم ڪندڙ گهرائي ورتائون، جنهن امتحان شروع ٿيڻ لاءِ ڪاليجن لاءِ پڪيٽنگ ڪري وديارٿين کي امتحان ڏيڻ کان ٻار آٽين. انهن ۾ اسان جي ضلع جون زالون ڪم ڪندڙ سرسوتي شرماتي موهني ديچندر، سرو شرماتي جمنا ساڌو رام ڪلماڻي ۽ گنگا مينارام ڪلماڻي به هيون. ڪاليج لاءِ پڪيٽنگ ڪئي ويئي ۽ ڪيترا امتحان ڇڏي هلي ۾ ڪاهي پيا.

ڀاڱو ٽيون

غلاميءَ جي پڄاڻي

۱۹۴۶ کان ۱۹۵۰

سال ۱۹۴۵ بعد جڏهن ڀارت جي غلاميءَ جون ڪڙيون هڪ هڪ ٿي ٽٽڻ لڳيون. ۱۹۴۴ کان ٿي انگلنڊ جي پارليامينٽ جي مزدور ڌر جا ميمبر سر وشري اٽلي، سر ڪرپس، ميجر ارا ڪري ۽ ٻيا پورو جهد ڪري رهيا هئا ته ڀارت کي پورن رات آزاد ڪري وڃي ٻ


شري گوبند رام نارائڻداس لوشهره وارو، جو ١٩٢١ ۾
هيڊماستري ڇڏي هلچل ۾ گهڙيو هو ۽ جيل ويو هو،
سو پوءِ وڃي سکر ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ اتان ١٩٣٠ ۾
خواهه ١٩٣٢ ۾ جيل ۾ ويو. سکر ۾ هو سرگرم ڪم
ڪندڙ هو ۽ اتي ئي سندس ديهانت ٿيو.

شري سنتداس ڀيروءَمل ڪشناڻي لوشهره وارو، جو
١٩٢١ جي هلچل ۾ نوڪري ڇڏي هلچل ۾ شامل ٿيو
هو، سو پوءِ وڃي ميرپور خاص ۾ رهيو ۽ اتي هلچل ۾
ڀري ونڻ ڪري ١٩٣٠ خواهه ١٩٣٢ ۾ جيل ويو.
مٽياڻين جا سروشري هولچند ۽ نارائڻداس آسناڻي
پاڻ به ميرپور خاص ۾ ڪم ڪندا هئا.

شري مانسنگهه چوهڙمل پدعيدن وارو به ١٩٢٤ کان پوءِ
وڃي حيدرآباد ۾ رهيو ۽ "هندو" روزاني اخبار، جا
هن وقت "هندستان" جي نالي سان هلندڙ آهي، اُن ادارا
۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ ۽ هاڻي بمبئيءَ ۾
مشهور "هندواسي" هفتيوار جو سمپادڪ آهي.

اهڙيءَ ريت ساهتيءَ جا ڪيترائي سٺا لکڻ وارا
ڪم ڪندڙ ضلعي کان ٻاهر رهي هلچل ۾ چڱو ڀرو
وٺندا رهيا.

حيدرآباد ۾ پڪيٽنگ — هڪ ڳالهه لکڻ رهجي
وئي آهي ته ٥ آڪٽوبر ١٩٤٢ تي حيدرآباد ۾ بي. اي
۽ بي. ايس سي امتحان ٿيڻا هئا. پروفيسر نارائڻ داس



پهرين قطار ۾ بيٺل ساڄي کان - ڇهون نمبر شري راڌو واڌواڻي
اڳين قطار ڪرسيءَ تي ويٺل - ١. شري ٻيرومل اسرداس ٢. شريمتي گنگا مينارام ڪناڻي
٥. ڪڪي ٻيٺ ٧. پروفيسر ناراڻداس ملڪاڻي ٩. شريمتي ديوي هاسومل ١٠. سرو شريمتي موهني لعلچند
١١. جمنا ساڌورام ڪلناڻي ١٢. موهني ديچند ر ١٣. شري هاسومل
هيٺ ويٺل شري سيتل درياناڻي ۽ ابا

هوا. هن ڏينهن ۾ ۲۶ جنوريءَ جي الهآباد جيل ۾ نظربند
مان جيڪا هلچل شروع ٿي، سا ڏينهون ڏينهن زور پڪڙيندي
رهي.

ڊاڪٽر ٽيڪمداس - ٽنڊي آدم ۾ ڊاڪٽر ٽيڪمداس
سٺو ڪم ڪندڙ هو. ان ڪانسواءِ **چندر پرڪاش**، جنهن
ڪم ڪندڙن جي ٽولي ٺاهي ورتي هئي. سرو شري
آتومل ۽ سرڳواسي **لوڪومل** ۽ اُتي جا ٻيا ڪم ڪندڙ
هوا. گانڌيءَ جو اُن زبردست اثر ٿيو هو ۽ هو گهڻن
۾ کادي ۽ رچناتمڪ (جسوڙ جڪي) ڪم ۾ محو
رهندا هوا.

سرڳواسي **لوڪرام** ستيارٿي وارو هڪ هوشيار ڪم
ڪندڙ هو، جنهن ۾ ضلع جون وڏيون اميدون هيون.
هن ۱۹۳۰ کان ۶ سال ڪن لڳاتار ڪم ڪيو. ملي مکڻ
جي ڳوٺ ۾ ۱۹۳۱ ۾ سوين سڌاباين، جتي سنڌ جا چڱا
ٿي ٻيا ڪم ڪندڙ شريڪ ٿيا هوا. اُتي جو الله
ڏسي، ڊاڪٽر چوئٿرام، جو اُتي ويو هو، تنهن ڪيس چئي ڏنو
هو ته ڪيس ٽنڊه آدم واري اک مان اسيمبليءَ لاءِ بيهاريو
ويندو. پر بندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحب جي من ۾ ٻي.
هو ملي مکڻ ۾ گهوڙا گاڏيءَ جي حادثي ۾ اچي ويو ۽
اوچتو اسان کان موڪلائي ويو.

شري جيٺانند - ۱۹۴۲ جي هلچل ۾ نوابشاه ۾ ج



شري گلابراءِ سانولاڻي

ڪمپنڊ پالاڻي ۽ پرڀداس برهمچاريءَ سان گڏ "ٻال منڊليءَ" جي ڪم ۾ لڳو. 1921 کان پنچائتي اسڪول ڇڏي قومي هلچل ۾ گهڙيو ۽ راشٽريه ڪنيا پاٺشالا، شڪتي اخبار ۽ شيوا آشرم جي ڪم ۾ لڳو رهيو ۽ ڪانگريس جو ڪم ڪندو رهيو مگر خاص طرح جوڙجڪي. 1940 کان پوءِ هو ڪانگريس هلچل ۾ هميشه ڀاڱ پترڙيندو رهيو. 1942 ۾ شري پرڀداس برهمچاريءَ سان گڏ "ڪئٽ انڊيا" ايجيٽيشن ڪندو رهيو. 1945 کان هو نوشهره ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. 1947 بعد اجمير اچي رهيو. اتي به ڪانگريس سان وفادار رهندو آيو ۽ سيوا جا ڪم ڪندو رهيو. هتي مالي حالت تنگ رهڻ ڪري به ديوناگريءَ ۾ سنڌ ساهتيه پڙهڻ جي خرچ تي ڇپائي وڌا اٿن ۽ ورهائيندو رهندو هو. 1968 ۾ سندس ديهانت ٿيو.

1921 جو ڪم ڪندڙ شري يوڄراج امراڻي وارو 1930 ۾ به پختو رهيو. سندس پرڌانگي هيٺ ميڙ ٿيندا

هوا. هن ٻوڙن ۾ ٢٦ جنوريءَ جي اُساهه ڀرين لفظن مان جيڪا هلچل شروع ٿي، سا ڏينهون ڏينهن زور پڪڙيندي رهي.

ڊاڪٽر ٽيڪمداس - ٺٽي ۾ ڊاڪٽر ٽيڪمداس سڀ کان ڪم ڪندڙ هو. ان کانسواءِ **چندر پرڪاش**، جنهن کي ڪم ڪندڙن جي ٽولي ٺاهي ورتي هئي. سروشري **آتومل** ۽ سرگواسي **لوڪومل** به انهيءَ جا پڪا ڪم ڪندڙ هوا. گانڌيءَ جو انهن تي زبردست اثر ٿيو هو ۽ هو ڳوٺن ۾ کادي ۽ رچناتمڪ (جوڙجڪي) ڪم ۾ مدو رهندا هوا.

سرگواسي لوڪرام سنتارين وارو هڪ هوشيار ڪم ڪندڙ هو، جنهن ۾ ضلع جون وڏيون اميدون هيون. هن ١٩٣٠ کان ٦ سال کن لڳاتار ڪم ڪيو. ملي مڪڙ جي ڪوٽ ۾ ١٩٣٦ ۾ سڀني سنڌ جا چڱا ٿي پڪا ڪم ڪندڙ شريڪ ٿيا هوا. انهيءَ جو الساهه ڏسي، ڊاڪٽر چوٿرام، جو اتي ويو هو، انهن کيس چيو ته ڏاڍو هو ۽ کيس ٺٽي آدم واري ڪم ان ايمپائيءَ لاءِ بيارڻو ويندو. پر پنهنجي جيون ۾ هڪڙي ته صاحب جي من ۾ اچي هو ملي مڪڙ ۾ ڪوڙا گڏيءَ جي حادثي ۾ اچي ويو ۽ اوچتو اسان کان موڪلائي ويو.

شري چيمانند - ١٩٤٢ جي هلچل ۾ نوابشاهه ۾ جن



ڪميٽيءَ ڀاتي ۽ پريمداس
برهمچاريءَ سان گڏ "هال
مڊليءَ" جي ڪم ۾ لڳو.
١٩٢١ کان پنجابي اسڪول ڇڏي
قومي هلچل ۾ ڪُڏيو ۽ راشٽريه
ڪنيا پاٺشالا، شڪتي اخبار ۽
شيوا آشرم جي ڪم ۾ لڳو
رهيو ۽ ڪانگريس جو ڪم ڪندو
رهيو مگر خاص طرح جوڙجڪي.
١٩٤٠ کان پوءِ هو ڪانگريس
شري ڪلابراءِ سانولاڻي هلچل ۾ ڀرپور ڀاڱ پئي وٺندو
رهيو. ١٩٤٢ ۾ شري پريمداس برهمچاريءَ سان گڏ
"ڪئٽ انڊيا" ايڊٽ ڪندو رهيو. ١٩٤٥ کان هو
نوشهره ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو.
١٩٤٧ بعد اجمير آيو رهيو. اتي به ڪانگريس سان
وفادار رهندو آيو ۽ شيوا جا ڪم ڪندو رهيو. هتي
مالي حالت تنگ رهڻ ڪري به ديوناگريءَ ۾ سنڌو ساهتيه
پنهنجي خرچ تي ڇپائي ورتائين ۽ ورهائيندو رهندو
هو. ١٩٦٨ ۾ سندس ديهانت ٿيو.
١٩٢١ جو ڪم ڪندڙ شري يوڳراج ايراڻي وارو
١٩٣٠ ۾ به پيش رهيو. سندس پرڏانٽي هميشه ميڙ ٿيندا



(شري پرسرام بالاڻي آنندر درشن)

شري پرسرام ٻ هڪ آهو لعل رتن هو، جنهن جو نالو ڪڏهن ڪين وسرندو.

انهن کانسواءِ شري گلابراءِ شونداس سالواڻيءَ جو ذڪر ٻ ڪرڻ واجب ڪين ٿيندو. هو زميداري ڪٽنب مان هو. مئٽرڪ پاس ڪري روينيو کاتي جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو پر اُن کاتي ۾ رشوتخوري وغيره ڳالهين سندس دل کي صدمو رسايو؛ نوڪري ڇڏي اچي پنچائتي اسڪول ۾ ماستر ٿيو؛ ان سان گڏ سروشري


ڪجھ وقت بعد شري ميارام ٻهڻجيءَ ڪوليءَ
لي حيدرآباد هليو ويو، جتان ٻهڻجي ڪراچي جي
ڪوليءَ لـي هميشہ لاءِ وڃي رهيو. ٻوڌل ۾ ڪم
جي لحاظ کان ڦيرا پيو پاليندو هيو. ڪم لاءِ پيسو ته
هميشہ ڪاٽس حجس سان ولندا رهندا هواسون. جڏهن
۾ لکي هلچل هلندي هئي، تڏهن هو سڌ ۾ سڌ ڏيندو
هو. هو ١٩٤٥ ۾ ڪراچي ڪارپوريشن لـي ڪانگريس
ٽڪيٽ لـي ميمبر چونڊجي آيو هو ۽ ١٩٤٨ تائين
ڪارپوريشن لي ميمبر هو. آڪٽوبر ١٩٤٨ ۾ پاڪستان
ڇڏي ڀارت آيو.

هو هتي آيو ته ۾ سنڌ ڪانگريس ورڪرس سمتيءَ
کي ان ڏن جي مدد ڪندو رهيو ۽ اڄا ڪاڏي ٻوش ۽
پڪو قومي خيال جو آهي. ڪاڪي سچانند جي ٻرابار
سان ته گهاٽو ناتو رهيس، جو هلندو ٿو اچيس. هيو
دهليءَ ۾ رهندو آهي.

نوشهره جا ڪم ڪندڙ- هلچل جي شروعات کان
هر ڪنهن هلچل ۾ نوشهره جي ڪم ڪندڙن ڀاڱ ورتو،
جنهن جي ڀالاڻي ڪتاب جي ٻرڪ ڪم ڪندڙن جو
ذڪر اڳ ڪيو ويو آهي. انهن مان شري ٽولارام ڀالاڻي
"عاجز" ۽ شري پرسرام ڀالاڻي به پنهنجو سمت ڀاڱ هئا.

شاگرد ٿي هو ۽ سرگرم سي شري ايسرداس رائسنگهاڻيءَ
جي سنگ ۾ آيو. هن جيڪا شيوا منڊلي برپا ڪئي،
اُن جا ميمبر هوا ۱۹۲۱ ۾ ساهتي ضلع ڪانگريس ڪاميٽيءَ
جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر چونڊجڻ پڻ ۾ ٿيندا
هوا، ڪڏهن شري ميارام جن جي ٻاهر واري ٿيڻ جاءِ
۾ ٿيندا هوا.

شري ميارام قطع تعلقات ۾ ڪاليج ڇڏي آيو ۽ اچي
پنهنجي ننڍڙي هولدي جي بار شري ليکراج مامتاڻيءَ
سان گڏ پڻ ۾ سوديشي ڀنڊار ڪرايائين. شري ليکراج
سندس ڪلاسي هو. پڻ جو هو ۽ ساڻس گڏ ڪاليج
ڇڏي آيو هو. هو ٻئي ۱۹۲۳ تائين اهو کادي ڀنڊار
هلائيندا رهيا. ساڻن گڏ
سرو شري هرنامداس
ڪلناڻي، ۽ ڪندومل
هيمراجاڻي به قطع
تعلقات ڪري ڪاليج
ڇڏي آيا هوا. سي به
ساڻن مددگار هوا. مان
سندن هيٺان والنٽيئر ٿي
ڪم ڪندو هوس.



(شري هرنامداس ڪلناڻي

جنوري ١٩٤٨ تي دهليءَ ۾ گولي لڳي ۽ شهيد ٿيو ته
هي جوان هار مولهه ڳچيءَ ۾ وجهي ڏيهارن ۽ ملڪن
جي ڳوٺن ۾ پرچار ڪري آيو.

شري جيوترام - ڪنڊيارو



جي لنڊڙي نوجوان جيوترام
ڳاجرا کي وساري ڪين سگهبو.
هو ڪنڊيارو ۾ ڄائو هو. ١٩٤٢
۾ نوابشاهه ۾ هن هلچل ۾ ڀاڱو
[illegible] ۽ ساڻ يار جي
ڪم سان ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن
ڪٿي هلندو رهيو. ڪيس جيل
شري جيوترام ڳاجرا جي سزا پڻ ملي هئي.

شري ميارام - جنهن نوشهري جو شري کيمچند
ٻالاڻي ١٩٢١ کان فراخ دليءَ سان سوراج آشرم وغيره جو
خرچ برداشت ڪندو رهندو هو، تنهن انسان جي پٽن
جو شري ميارام چيلارام ته مالي مدد ڪري پنهنجي ڪم
پوراڌو هو.

شري ميارام پنهنجي پڙهيو ۽ مئٽرڪ ته ڪي. سي.
اڪيڊمي پنهنجي معرفت پاس ڪيائين ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ
جي مئٽرڪ امتحان ۾ سڄي اسڪول مان پهريون نمبر
آيو هو.

گانڌيجيءَ پرودا جيل ۾ اپواس رکيو، لڳ ڀڳ هن جوان نوڪريءَ جي استعفا ڏيئاري موڪلي. گوري ميجر گري لکي موڪليس ته نوڪريءَ ۾ ٻه مهينن جي شهوا ڪري سگهو ٿا. جواب ۾ ڊاڪٽر لکيس ته اسان جو اوتاري پرش جيل جي سيخن پٺيان هجي ۽ مان انهيءَ سرڪار جي نوڪري ڪريان، سو مشڪل آهي. هي جوان نوڪري ڇڏي نوابشاهه ۾ اچي قومي ڪم کي لڳو ۽ شري صوبراج جي اڳوائيءَ هيٺ پنهنجن ساٿين سرو شري روچيرام ٿانواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ٿاري ڪرسهاڻي ۽ ڀڳوان ايسرداڻيءَ سان گڏ ڪم ڪندو رهيو.

١٩٤٣ ۾ جڏهن شريمتي سچيتا ڪرپلاڻيءَ بمبئيءَ مان "مهاتما کي ڇوڙو" جو ستياگره چالو ڪرايو، جڏهن ساري هندستان مان ڪم ڪندڙ آغاخان محلات، جتي مهاتما نظربند هو، اوڏانهن روانا ٿيا. انهن ۾ اسان جو هي نوجوان ۽ ان ئي جٿي سرو شري مولچند پرسن واري، رانسگهه سوٽهن واري ۽ ڪشن موري واري سان گڏ سنڌ پرديش ڪانگريس ڪاميٽيءَ طرفان ويل هو. سنڌس پتنيءَ چنٽي کي نوابشاهه مان تلڪ ڏيئي ٻولي روانو ڪيو هو. هو بمبئي پهتا ته کين ورلي جيل ۾ وجهي ڇڏ ڪيائون ۽ ١٣ ڏينهن بعد اتان سيني کي آزاد ڪيائون.

١٩٤٧ تائين هو ورڇي ساهتيءَ جي ڏيپارجن ڳوٺ ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ لڳو رهيو. مهاتما ڪي ٣٠


لي ماڻهن جي ڳولن ۾ شمار ڪري رهيو آهي. هن ڳجهو ليکو. وٺو آهي ته هو پليدان لاڪ ۾ پنهنجو ٻنو پارٽ بخوبي ادا ڪندو هو.

هو ۱۹۲۹ ۾ شاگرد هو ته ان سال گانڌيجي لوشهري ۾ آيو ته ڪنهن ياري هر شري پريداس وٺو واڻي، جيڪو ۱۹۲۱ ۾ جهولو ڪانگريس ڪم ڪندڙ هو، سو انهي جي شاگردن کي بابوجيءَ جي درشن ڪرائڻ لاءِ لوشهره وٺي آيو هو. شاگرد بابوءَ کي پيٽ ڪرڻ لاءِ پيسا به ڪٺا ڪري آيا هوا. اڌي لي ڪم رکيائون ته بابوءَ کي ڪاڻي پيٽ ڪري.

هن لبڪر کي لڳو ته هي گانڌيجيءَ اکيان پيٺا پيش ڪرڻي آهي ته ڪيس سنڌ جي پوليٽارم يعني کاديءَ جي ولس ۾ سنڌس اکيان اچڻ گهرجي. سو جهٽ کاديءَ جا ٻه وڳا اهرائي ورتائين ۽ اچا کادي پير پاتي. بابوءَ اکيان آيو ته ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتائين. بابوءَ منڪي ڪاڻي ورلس ۽ مٿي لسي هٿ گهماياڻس. ۱۹۳۰ ۾ گورنر جي ماڪات وقت هو ٥٠ سان لوشهري ۾ هو. پوليس گهڻا ئي گهوڙا دوڙايا، جن ۾ اڌي جڙن ٽيڪي ئي والنٽيئرن کي ڏک لڳا پر پنتي ڪري ڪرلو هتهو. هو جوان ۱۹۴۲ کان اڳي ايل. سي. پي. ايس پاس ڪري آيو ۽ اچي سرڪاري ڊاڪٽر ٿيو. هو ”پارٽ جوڙو“ جي عاجل ٢ ءَ عربي سوال لي جڻ

ٿي رهيو،

هالاڻيءَ جي ڀرواري ڳوٺ ڀلاڻيءَ جو ش



(شري سڄانسنگهه ٽاومل راوٽاڻي)

سڄان ٽاومل راوٽاڻي ۾ ١٩٤٢ جي هلچل ۾ چڱي جانبازي ڏيکاري.

ڪنڊياري ـ ڪنڊياري جي سورهيه سپوت پروفيسر هاسانند، شري يوڌراج ٽائون مل ۽ ٻين جو اڳ بيان ڏنو ويو آهي. اُنهن کان سواءِ هڪ ننڍو نوجوان جو ١٩٣٠ جي هلچل ۾ اسان جي لهه وچڙ ۾ آيو، سو هو **آڏو نارواڻي**، جو هيئر ڊاڪٽر نارواڻي جي نالي سان پرسڌ آهي ۽ گجرات سرڪار جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر

ٽڪي چنديرام - زميندار ڪٽنب مان؛ لوڙ ٿاڻ ڪرمي سيرا



(ٽڪي چنديرام انبواڻي)

هنگي آء٠سي٠ ايس ۾ نہ کيو ويو٠ آء٠سي٠ ايس پاس
ڪيل ٿي ضلع جا ڪليڪٽر ٿيندا آهن. انڪري آء٠
سي٠ ايس پاس ڪرڻ بدران هو رنگلر ٿي آيو ۽ هينئر
ٿاڻيمن ۾ خاص ڇاڻو هٿڻ ڪري اُتان جي سرڪار وٽ
ڪم ڪري رهيو آهي. ڀارت سرڪار ٿي هن جون
شيوائون اُن سرڪار کي سپرد ڪيون آهن.

شري ريجهومل

شري ريجهومل- هالاڻيءَ جي نوجوان شري
ريجهومل پميائيءَ کي ٻه
وسارڻ ڪين گهرجي.
هو پڙهندي ١٩٣٠ جي
هاچل ۾ گهڙيو ۽ جيل ۾
ويو. ١٩٣٢ ۾ ڪيس ٿي
مهينا سزا ملي ۽ وري
گوٺ نہ ڇڏڻ جو نوٽيس
مليس، جنهن جي ڀڃڪڙي
ڪرڻ ڪري سزاياب
ٿيو. گهرو حالتن ڪري



(شري ريجهومل)


نوڪري ڪيائين پر سداءِ ڪانگريس ڪم سان ساٿ ڏيندو
رهيو آهي. عادتي کادي پائيندڙ آهي. هن وقت دهليءَ
۾ رهي ٿو.

١٩٣٠ جي هلچل وقت آن ڪئي ۽ هو اسڪول ڇڏي ١٩٣٠ جي هلچل ۾ ميدان ۾ اچي ويو ۽ ستياگرهه جي ٻيهر ٽوليءَ ۾ جيل ويو.

شري ڪيولرام- هالاڻيءَ جو شري ڪيولرام ٽانوراڻي هڪ هونهار نوجوان هو، جو پي. ڊبليو. ڊي ۾ ٽون ڪلارڪ هو. هو کادي پوش ٿي چڪو هو. هو ١٩٢١ ۾ هالاڻيءَ جي قومي اسڪول ۾ پڙهي ويو هو، ان ڪري هو ١٩٣٠ ۾ نوڪري ڇڏي هلچل ۾ ڪُوڙي پيو. هو ٻيءَ جو اڪيلو پٽ هو. ڇڱو عياش ٿي پيو هو، پڳوان اعليٰ دماغ ڌار الس، ان ڪري هڪ چستي ۽ چالاڪ ڪم ڪندڙ ثابت ٿيو. ٽڪرار ۽ لنڪڻيءَ ۾ لهڻ ۽ پختو آهي. هو ١٩٣٠ ۾ هلچل ۾ جيل ويو ۽ پوءِ ڇڱو وقت هلچل ۾ رهيو.

شري وينسي ٽانواڻي- ١٩٢١ ۾ جيڪي ڇوڪرا هالاڻيءَ جي قومي اسڪول ۾ پڙهيا هئا، تن ۾ شري وينسي ڏيتارام ٽانواڻي ا.ـ هڪ هو. هو هڪ سهڻو ۽ تيز دماغ ڇوڪرو هو. هو جولاءِ ١٩٣٣ ۾ ڪيمبرج جي بي. اي ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ آيو. مانٽن ڪيس ولايت ۾ آءِ. سي. ايس امتحان ۾ ويهڻ لاءِ موڪليو هو، پر جڏهن ته هو قومي ۽ سماجڪ ڪم ۾ ٿورو وڌندو رهندو هو ۽ دائما کادي پائيندڙ هو، ان ڪري ضلع جي اختياري ...ن معرفت ولايت ۾ اها وڌيرت وڃي پهتي، جنهن ڪري


جنهن جي ٽنهي ڀائرن ڀاڱ شيوا جي ميدان ۾ ارپيو، سي هئا ويرواڻي ڪٽنب جا. انهن مان شري جڳچند راءِ ويرواڻي ٽاٽيءَ ۾ ماستر هو ۽ ساڳئي وقت علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ جي بي. اي ڊگري رهيو هو. هن جا ٻه وڏا ڀائر سرو شري ريواچند ناناڻي ۽ ٽاراچند ويرواڻي اڳيئي قومي ڪاري ڪرتا هوا. البت سائين ريواچند جو جهڪاءُ آلمڪ ڳالهين ڏانهن هو، ان ڪري راڄنيتيءَ جي فضا ۾ هن ڪي گهڻو ڪين آيو. انڪري شڪارپور مان ١٩٢١ ۾ ني قومي اسڪول ڇڏي آيو هو ۽ اچي ڪنڊياره جي هاءِ سڪول جو هيڊماسٽر ٿيو هو. اُتي ود يارٿين ۾ قوميت، اخلاق ۽ ڌرم جي ڀاوَن قوڪڻ جو اهم ڪاري ڪندو رهيو. سندس سکيا وزِل ڪيترا ئي ود يارٿي چڱا ڪم ڪندڙ بڻيا.



(شري ريواچند ناناڻي)

شري ٽاراچند ڌهالاڻيءَ ۾ لوڙتاءُ قومي ڪم ۾ لڳو رهيو. شيوا جي خيال کان هنن جو قومي کيتر ۾ هڪ ... ڪ ڪٽنب هو. سندن ٽيون ڀاءُ شري جڳچند راءِ

منباڻي جي ٻار م ابڇيءَ ڳوٺ جو نوجوان ٽالڪرام به



(شري ٽانڪرام ابڇي)

۱۹۴۲ جي هلچل ۾ بختو رهيو ۽ جيل ڪاٽي آيو.

هالاڻيءَ جا سور وير نوجوان:- ساٿيءَ جي هالاڻيءَ جي قرباني ڪندڙن ڪٽنب جو اڳ بيان ڪيو ويو آهي. اهي ڪٽنب آهن ڪاڪي سچانند ٽالواڻي ۽ شري ليولدرام وشنداس جا. انهن کان سواءِ ٽيون ڪٽنب



(شري ساڌورام نهالاڻي)

پارٽ ۾ ادا ڪندو هو، سو اڳيئي ذڪر ويو آهي. هو ڪڇيءَ ۾ هارين وانگر وڃي پرڀات ڦيرين، جلوسن ۽ عام ميڙن ۾ پرچار ڪندو رهندو هو. مليائي سندس ڳوٺ هو ۽ سندس ڪم جو ڪيندر رهيو. مليائيءَ ۾ هوندو هو ته روز سٺن بزارن مان هڪ نه هڪ بزار ۾ سندس پرچار هوندو ئي هوندو هو. ٻاهر سنڌ جا ٻار سندس پٺيان رهندا ئي هوا. ٽوليءَ ڦوٽيءَ ٻوليءَ ۾ اساه وڄان راڳ، ڳائي ونندو هو ۽ اڃا به پيو ڳائيندو آهي. ١٩٣٠ ۾ هن کي ڏهه مهينا سزا ملي، جا ڪاٽي آيو. وري ١٩٣٢ ۾ ٢ مهينا جيل ۾ هو. هن جو ڪٽنب ڏاڍي وارن جو ڪٽنب هو، ان ڪري هو هنن کي ڏاڍي ۾ ڪڍي وياپر ڏاڍي ۾ رهندي به پنهنجي قوم ۽ سماج ڪم ۾ رهندو ٿو اچي. سندس پتني شانتي ديوي به ڪانگريس ٽڪيٽ لي برلي ميونسپالٽيءَ جي ميمبر ٿي چونڊجي آئي ۽ هئي راڄنيتي ڪيتر ۾ هلندا ٿا اچن.

ديش شردا ۾ سمايل هئس. هن جا خيال اعليٰ ۽ نرالا
هوا. نرالائي ۽ سادگيءَ جي مورتي هو. هو گفتار ۽ ڪيالوان
هو. صدمن سياءُ رلڻو ماڻهو هو. هميشه ڪلمڪ رهندو هو
۽ ٻين کي ٻڏ کلائيندو ۽ وندرائيندو هو. هو ليکڪ به
هو ۽ وڪتا به. راڄ جي ڏاڍ هئس، ان ڪري
ٻورو ٻوڇارڪ ثابت ٿيو. ڀڳوان سونهن ڏاڍي هئس ۽
پنهنجي جيون کي وڏي اهڙو سهڻو ٻالايو، جو هڪ
الوکي شخصيت ٿي پيو. پر عجب اهو جو ان الوکي
شخصيت کي چمڪائڻ لاءِ ڀڳوان محدود موقعو ڏنو.
١٩٣٢ جي هلچل ۾ کيس ١٤ مهينا سزا ملي، جا ڪاٽي
آيو، پر تندرستي ڏاڍي ٿي پئس. جيل وڃڻ کان اڳي
مٿس لٺين ۽ هنٽرن جو وسڪارو پيو، پر هو اڏول
رهيو، ليڪن سرڀرو سنت نه جهلي سگهيس. کيس سلهه ٿي
پئي. ڊاڪٽري صلاح هيٺ هو جهرڪن جي سئنيٽوريم
۾ رهي، پوءِ هوا جي بدل سدل جي خيال سان ڪوئٽا
هليو ويو، جتي هو مئي ١٩٣٥ جي ڌرتيءَ جي زلزلي
۾ ٢٥ ورهين جي عمر ۾ پرلوڪ پڌاريو.

شري ساڌورام – ٻيو چوٿون چوکر جو ١٩٣٠ جي
هلچل ۾ ماڻهن ڪان جماڻي ديش جي هلچل ۾ آيو، سو
هو ساڌ و اپالاڻي، ماڻهن گهڻو ٿي زور آندس نه ڪاليج ۾
پڙهندو رهي يا ولايت ڏانڊي ٿي هليو هلي، پر ڪراچيءَ
مان ڪاليج ڇڏي هلچل ۾ گهڙيو. ليڊران لائق مرنجڪر

هو ڪاليج ڇڏي اچي سائين پهتو هيو. اچا هو انهن ۾
هوند هن ڪراچيءَ ۾ ليڪچرون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون
۽ ڪيس ٽن مهينن جي جيل جي سزا ملي. اها سزا ڪاٽي
وري هو ساهتيءَ ۾ هليو آيو. هن جي ناروشاه جي
اسڪول سان لهه وچڙ نه رهي هئي، ان ڪري گورنر
جي بائيڪاٽ ڪرائڻ ۾ هن وڏي هٿي ڏني ۽
مار پوندي ۾ اڳوڻ رهيو. شري هرشچندر ۽ شري
مولي ملياڻيءَ جهڙن اڳواڻن ۽ پورن اهنسا جي ڀاو سان
پوليس جي ٻي جاءِ هلت جو مقابلو ڪيو، ان آلي پيٽل
جنتا ۽ وديارٿين ۾ اهڙو ته اُتساهه ۽ همت پيدا ڪئي،
جو گورنر جي آجيان جو ناروشاه ۾ سارو پروگرام چوپٽ
ٿي ويو ۽ خود ناروشاه جا ماڻهو ڏندين آڱريون ڏيڻ
لڳا ته ناروشاه هيڏو اهڙس جهڙو ڪم ڪئن ڪري
ڏيکاريو.

١٩٣٠ جي هلچل پوري ٿي ۽ ناهه ٿيو ته هي جوان
ٻيهر پڙهڻ کي لڳو ۽ بي. اي پاس ڪري ورتائين ۽
ايل. ايل بي پڙهڻ شروع ڪيائين ته مٿان ١٩٣٢ ۾
ڊپرڊونس واري هلچل شروع ٿي ويئي ته هو پنهنجي
نه هٽيو. هن ۾ ديش شيوا جي لگن ان حد تائين پهچي
چڪي هئي، جنهن ڪري دنيوي ۽ جسماني خواهشون
دٻائي نه ٿي سگهيون. هن ديش خاطر دنيا ۽ جسماني
سُکن کي قربان ڪري ڇڏيو. هن جي روح جي خوشي

شري مولو موٽياڻي هڪ هونهار جوان هو. هن جو جنم
۱۹۱۰ ۾ ساهتيءَ جي منياڻيءَ ڳوٺ ۾ ٿيو هو.



(شري مولو موٽياڻي)


سرڳواسي مولي موٽياڻيءَ نارو شاهه مان مئٽرڪ پاس
ڪئي ۽ سندس پاڪيس بنارس يونيورسٽيءَ ۾ او
تعليم وٺڻ لاءِ موڪلي ڏنو. هن کي اُتي سک نه آيو
ان ڪري جلد ئي ڪراچيءَ جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج
۾ هليو آيو. اُتي وري هو قومي شورش جي
هيٺ اچي ويو؛ جنهن ۱۹۳۰ ۾ ستياگره جو سڏ ڏنو،

شري ٽيولڊرام سنڌ جي ڪانگريس اسيمبلي ميمبر جي ڌيءُ سان پرڻايائين ۽ ڏيتي ليتي ڪانه ورتائين. سندس ۾ ڪٿا هري ۽ ٻنهي ٻئي آزاديءَ جي هلچل ۾ جيل ويا. سندس هڪ ڪڪيءَ جمنا جي شادي ٻرڻ جي ڊاڪٽر للچارام جهولي ٿرمي شيرڪ جي پٽ ساڌورام سان ٿي، جو ٻہ هلچل ۾ لڪو ٻهرو وٺندو هو. آها ٻہ ١٩٤٢ ۾ جيل وائي.


هو صاحب پينشن وٺڻ بعد هارين، وڏيارٿين ۽ مادري ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ پنهنجو وقت ڏيڻ لڳو. جيون ڀر هو مٿي ذڪر ڪيل جوڙجڪي ڪم ۾ لڳو رهيو. هندستان ۾ اچڻ بعد ٻمبئي ۾ سندس ديهانت ٿيو.

مٽياڻين جا ٻيا نوجوان - ساهتيءَ ۾ نوشهري، هالاڻي، ٻهلاڻي ۽ ٻرڻ وانگر مٽياڻيءَ راڄنيتي ڪيتر ۾ ڪيترا ڪم ڪندڙ پيدا ڪيا. ڪاڪي نيڻداس جو ڪٽنب تہ هو ئي، پر ان کانسواءِ **شري ناڻڪرام ٽيڪچنداڻي** جو پوءِ وڃي، سپرنٽينڊنگ انجنير ٿيو، موليائين ۾ شري مولو موليائي ۽ نهالاڻين ۾ شري ساڌو نهالاڻي ٽيئي اهڙا ڪم ڪندڙ هوا، جن جي سچائي ۽ قربانيءَ جو مثل، هن جيڪو هلچل ۾ ٻهرو ورتو، تنهن مان صفا ظاهر ٿي پيو.

شري مولو موتياڻي - ١٩٣٠ جي ستياگرهہ هلچل ۾ جيڪي نوان نوجوان ميدان ۾ آيا، انهن مان سرگواسي



جو ٻارنڍ ڪٿين سال ڄالو
رهيو. سندس جو اهڙا
ڪمال هوا ته اولاد لي ته
آنهنجو الر ٻيو. ٻهنجو
وڏو ڪڪو شري موهن
ديش شيوڪ شري مولي
موليائي جي ٻنهي ستان
ٻر ٿانانس. اسجو
لمبر ڪڪر هسري (شري پريرجوتسنهائي)



(شري هڙي آسوداسنگهہ)

هو. ڪڪن کي هوشياريءَ سبب انعام ڪتابن جي صورت ۾ ڏيندو رهندو هو.

ڪاديءَ ڪانسواءِ ڳوٺاڻن هنرن کي پنتي ڏيڻ لاءِ هر پهرين ڪان سر جي ليلن مان ٿهيل موڙا، ٽوڪرا، چڪون ۽ ڇڄ ٺهرائي ۽ سڪن ڪان ڪاٺ جون ڦٽيون ۽ ڦٽوڻا، ۽ ٻاگڙين ڪان ڪجيءَ مان پنديون، ٽڌا، ٻهارا، وڃڻيون ۽ ٻارن لاءِ جهنجهڻ ٺهرائڻ ۾ ڪين مالي سهڪار ڏيئي ليار ٿيل شيون وڪرو ڪرائڻ ۾ مددگار ٿيندو هو.

شراب بهشڪار لاءِ ته هو پرچار ڪندو رهندو هو، پر سر پر صحتمند رهڻي اُن لاءِ ٻه ماڻهن کي سالوڪ ڪاڌي جي صلاح ڏيندو هو ۽ ڪين لماڪ ۽ نشيدار شين ڪان پاسو ڪرڻ جي صلاح ڏيندو هو.

جوانن ۾ پرچار ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۾ نوجوانن جو منڊل برپا ڪيائين، جنهن جي سايه هيٺ ڪسرت شالا، واچنالي ۽ پستڪاليه کوليائين. اُن لاءِ ڪين هڪ پنهنجو دڪان چوتينءَ بزار ۾ ڏيئي ڇڏيائين.

پوءِ ته نوجوانن شري آسوداسنگهه ۽ ٻين قومي ڪم ڪندڙن جي مدد سان سوديشي اسٽور ٻه کوليو، جو ڪي سال پئي هليو.

ڪانگريس اهو اعلان ڪري ڇڏيو هو ته قومي اسڪولن ۾ ٻارن کي مادري ٻوليءَ سان گڏ هندي ٻه پاڙهي وڃي. منياڻين ۾ سندس اُدم سان هندي پاڙهڻ

قومي شيوڪن لاءِ ملياڻن ۾ ڪاڪي ليلاڻيداس جو گهر نه کاٻل هو، ڀر جي شري آسوداسنگهه ڳوٺ ۾ هوندو نه ڪم ڪندڙن کي پاڻ وٽ ضرور ولي ويندو هو. ڪين ڪم نه ڏيکاريندو هو پر ماني به کارائيندو هون.

هڪ دفعي ڊپٽي ڪليڪٽر سان ڪنهن ڳالهه تان اٽڪاءُ ٿي پيس ۽ ڪيس نوڪريءَ کان برطرف ڪيو ويو. پٽس قانون جو ڄاڻو هو. اپيل لاهي ڏنائيس. اپيل فائدي ۾ ويس ۽ وري نوڪريءَ تي چاڙهيو ويو.

غريبن لاءِ ڳوٺ ۾ مفت اکين جا آپريشن ڪرائڻ جو پرٻند ڪندو هو. ڊاڪٽر سچانند ۽ ڊاڪٽر ڪشنچند کوبچنداڻي، اتي پراڻن جا وينل، سندس سڏ تي ملياڻيءَ هليا ايندا هوا. ڊاڪٽر ڪشنچند نه ڪراچيءَ ۾ قومي ڪم ڪندڙ هو.

چوٿ ڇاٽ نوارڻ جي خيال کان ڳوٺ جي ڀنگين جي ٻري سنڀال ڪندو هو. پنهنجي ڳوٺ جي صفائيءَ لاءِ ٻاهران هريجن ولي آيو. ڪين پنهنجو پلاٽ گهر لاءِ لاءِ ڏنائين ۽ هو هوميوپيٿي دوائون به انهن ۽ ٻين کي ڏيندو رهندو هو.

انهن کي گهر ۾ گهرائي ٻرتي ڀوڄن ۾ شريڪ ڪندو هو. شروعات ۾ ان ڪم ۾ سندس مخالفت ٿي، پر پوءِ نه ماٺيو ڪيس ڪپڙا وغيره به هريجن لاءِ ڏيندا هوا.

استري آڌار جي ٻاري ۾ به هو آدم ڪندو رهندو


هلندي ڪي انهن سرڪاري نوڪري ڇڏي سيـ
۽ نبي بخش ۾ ڪي ورتي نوڪري ڪندي پاڻ جي
جي محنت ڪئي وچڻ ڪري ڪوڙ عدالت ڪ
ڪندا رهيا. انهن ڪري ڪندڙن عام سرڪاري
شري آسوداسنگهه منگهڻ سنگهه هڪ هو. هن جو جنم ۾
ڊسمبر ١٨٩٣ ۾ عنايتي ۾ ٿيو هو. سندس پيءُ منگهڻ سنگهه
ديواني قانون جو ڄاڻو ۽ بيشل زميندار هو. شري
آسوداسنگهه ننڍي هوندي کان ئي سادگي پسند ۽ اوچ
خيالن جو مالڪ هو. هو رونيو ۾ سپروائزر پيدار
هو، پر ڪٿي سوڙهو دائمي کادي پائيندڙ هو. پاڻ نه
لالچ يا رشوت ڪانه وٺندو هو، پر ماڻهن کي اپيل
ڪندو هو ته لالچ يا رشوت نه ڏين. جي ڪي ڪاسين
جو رونيو کاتي ۾ ڪم اٽڪندو هو ته هو هنکي
درخواستون وغيره مفت لکي ڏيندو هو ۽ ڪين ڪم
ڪراڻي ڏيڻ ۾ مدد ڪندو هو. هو چرخي لي مست
تاني ان مان کادي تيار ڪرائيندو هو. چاليهه چرخا لـ
ائين ۾ هلندا هئا. چرخا پاڻ ڪلهن لي ڪلي زالن
پهچائي ايندو هو. هر ڪم ۾ خود بسترن ۾ کادي ڪم
دو هو.

ندو مسلم اتحاد جي باري ۾ هن جو پرچار هلندو
و هو. هو سرڪاري نوڪر هو، ان ڪري پڙهيل
مسلمانن لي گهڻو اثر هوندو هوس.

قابل ذڪر شخصيتون

ٺٽيءَ جي جن ٻين ڪيترن ديش آزاديءَ جي ڪم ۾ ڀاڱو ورتو، تن جو بيان ۾ اڳي ئي آيو ۾ ڏنو ويو آهي. انهن کانسواءِ نوابشاهه ضلعي جي ڪن مکيه شخص، جن ١٩٢١ع جي هلچل کان ١٩٤٥ع تائين قومي هلچلن ۾ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ حصو ورتو، تن جو به ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

شري آسوداسنگهه - قطع تعلقات جي هلچل



(شري آسوداسنگهه منگوڻ سنگهه)

باقاعدي قرار ڏنو ويو، لڙن سنڌ ۾ به آزاديءَ جي هلچل اڳيان کان اڳرو روپ ڌارڻ ڪرڻ لڳي. نوابشاه ضلع نه هميشه سجاڳ رهيو هو ۽ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ڪارڻ هلندو ٿي رهيو، لنهن ۾ به لڙين جان اچي وئي ۽ خاص ڪري نوابشاه ۽ نوشهره فيروز ۾ ڪارڻ زور شور سان هلڻ لڳو. ڳوٺ ڳوٺ ۾ پرچار ڪري ڪانگريس ڪاميٽيون جو سنگهٽن ڪيو ويو ۽ چونڊون ڪرايون ويون. نوشهره ۾ نه ياڻي گرنيمل آيچنداڻي پنهنجي هڪ جاءِ ڪانگريس ڪارڻ لاءِ دان ڏني، جا وڪڻي، وڏيڪ رقم ڪٺي ڪري رام رکياڻي گهٽيءَ لڳي هڪ ٻي وڏي جڳهه خريد ڪئي وئي ۽ ملڪ سوراج پون ٺهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اُن لاءِ سروشري پريداس برهمچاري، گلاراءِ شونداس، سنتداس پنهون‌مل ۽ لهرومل ليکراج بالاڻيءَ خاص ڪوشش ورتي. نه فقط پاڻ پيسا ڏنائون پر شري گلاراءِ ۽ پريداس برهمچاري نه ڪراچيءَ وڃي وڏيڪ رقم ڪٺي ڪري آيا ۽ "ملڪ سوراج پون" ٺهي راس ٿيو، اُلي نه فقط ڪم ڪندڙن جي رهڻ جو پربند ڪيو ويو پر اُلي راشٽرڀاشا هندي ڪلاس، لئبرري، ريڊنگ روم ۽ هريجن ڪسي پاڙهڻ لاءِ ڪلاس جاري ڪيا ويا. نوشهره فيروز ۾ نه فقط قومي ڏينهن ملهايا ويندا هئا، پر وقت بوقت عام ميٽنگون ڪري ماڻهن ۾ قوميت جا وڌيڪ ڀاو پيدا ويندا هئا، هريجن جي اُڌار جو به خاص ڪارڻ ڪيو ويندو هو.

(ٻارنهن ڇوڪرن) وارو ڦهراءُ ڏٺو هو، لارڊ
ويول جي پڌرائيءَ کي غير تسلي بخش ۽ مبهم ظاهر
ڪيو هو. خود ارادي جي اصول کي وڌيڪ صاف
ڪيو هو ۽ ٻين ڳالهين ۾ ٻهري ولڙ جو فيصلو ڪيو
ويو.

نئون ساٿي- اڄ ڪانگريس اڌيويشن لاءِ اسان
ساٿيءَ جي ڪن مکيه ڪم ڪندڙن جي ٻمبئيءَ ۾ هڪ
جوان شري قيمت راءِ خوشحالاڻيءَ سان لهه وچڙ ٿي،
جو منهنجو اسڪولي ڏينهن ڪان ساٿي هو. هو ٻرلس
جي هاءِ سڪول ۾ پڙهندو هو ۽ ڄالباز ماڻهو هو. هن
اسان کي اچ ڪٿي ۽ قومي ڪارڻ لاءِ اسان کي پنهنجي
جي خيال کان پورو ساٿ ڏيندو رهندو. هو انجنيئر هو
۽ مشينن جي ڪم ۾ ماهر ٿي چڪو هو. اڄ ڪم ۾
لک ڪمائيندو هو ۽ اسان کي چڱي ۽ خالي جڳهه هٿ
۾ ڏئي ڇڏيو هوا ۽ پيشڪ جڏهن ضرورت ٿئي،
تڏهن اُلس ڪيون. هو هر ڪنهن سماجڪ ۽ قومي
ڪم ڪرڻ لاءِ پيسو ڏيندو رهندو هو ۽ جيستائين 1970
تائين جيئرو هو، اسين کي هزار روپيه هر سال ڏيندو
رهندو هو.

نئين حان- آگسٽ ١٩٤٢ ۾ ملڪ ۾ هيٺرو دٻاءُ
جو گهرڙو ٿورڙو هو ۽ اڪيچار ظلم ٿيا هئا، پر
ماڻهن ۾ غلاميءَ مان نجات پائڻ جي ڀاونا جنهن جو ليڪ
هئي. جنهن اسان جا اڳوان آزاد ٿيا ۽ ڪانگريس کي

کي ڪوٺ ملي آهي، تن پڻ اُن ڪانفرنس ۾ شامل ٿين،

سملي ۾ ٢٥ جون تي ڪانفرنس ٿي، پر آها ناڪامياب ٿي. وائسراءِ خود ظاهر ڪيو ته اُن جي ناڪاميابيءَ لاءِ مان ڪنهن به پارٽيءَ کي جوابدار نه ٿو ٺهرايان.

اسان جي آزادي - پارٽ جا اڳوان جيڪي ٩ آگسٽ ١٩٤٢ تي "ڀارت ڇوڙو" آندولن ڪري گرفتار ڪيا ويا هئا، سي وائسراءِ جي اعلان موجب ١٠٤٢ ڏينهن جيلن ۾ رهڻ بعد ڇٽا ته اسان جي سنڌ ۾ باقي جيڪي جيلن ۾ نظربند هئا، سي به ڇٽا. اسان جي نوابشاهه ضلع جا سولنٽرنا سنگرامي به ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جيلن مان آزاد ڪيا ويا ۽ اچي وري ڪار ۾ کي لڳا.

بمبئي اجلاس - ٽن سالن بعد ١٩٤٥ جي آخر ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو جيڪو اڌيويشن بمبئي ۾ ٢٢ ۽ ٢٣ تي ٿيو، تنهن ۾ نوابشاهه ضلع مان به ڪافي عيوضي وڃي شريڪ ٿيا هئاسون. اُن وقت مهاتما جن اسان جي ملڪ جو اڻ تاج بادشاهه هو. مولڪي ڇٽيءَ طرح ياد آهي ته هو جيڏي مهل ڪليل اڌيويشن ۾ ڳالهائڻ آيو، اُن وقت لکين ماڻهو اڌيويشن ۾ ويٺا هوا. جڏهن مهاتما تقرير ويٺي ڪئي، تڏهن اهڙي ته شانتي هئي، جو سئي ڪري ته به آواز پڌرو ٿئي. ماڻهن جو سارو خيال مهاتما جي مکاروند ڏانهن هو. اُن اجلاس ۾ ٢٠٠ ميمبر ۽ ٽيهه هزار ملاقي شامل ٿيا هئا. اُن اجلاس ۾ ڪٽٽ انڊيا

گهڻن هلاڪن وٽڻن ٿيون. مطلب ته ملڪ ۾ انڌ ڌنڌ جو راڄ جاري هو.

ورهيه ۱۹۴۳ ۾ بنگال ۾ جيڪو ڏڪر پيو هو، جنهن ۾ سرڪاري انگن موجب چاليهارو لک آدمي مري ويا، انڪري ته ملڪ ۾ وڏي ڪاٽ پيدا ٿيو.

اڳواڻن جي آزادي - بيماريءَ سبب ٻاپوجي آزاد ٿيو ته بمبئيءَ مان نئين وائسراءِ لارڊ ويول ڪي ليٽر لکيائين ته ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن سان جيل ۾ ڪانفرنس ڪري ٻا ٻاڻ ونت گهرائي فيصلو ڪري، جنهن ڀارت سرڪار کي هلندڙ جنگ ۾ منهن ڏيڻ لاءِ مدد ڪري سگهجي ۽ ٻو وائسراءِ اها رٿ لڪرائي ڇڏي. ڪجهه وقت بعد وائسراءِ انگلنڊ صلاح ڪرڻ ويو. آخر برطانيه سرڪار ڏٺو ته وڏيڪ وقت اڳواڻن کي جيلن ۾ رکڻ مان ڪو فائدو ڪونهي ٿيندو، سو ۱۵ جون ۱۹۴۵ تي باقي جيڪي اڳوان جيلن ۾ هئا، تن کي آزاد ڪيو. وائسراءِ جيڪا بدرائي ڪئي هئي، اُن لاءِ ملڪي حالتن تي ويچار ڪرڻ لاءِ آگسٽ ۱۹۴۲ بعد ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ٻهراون پهرو ميٽنگ دهليءَ جي ٻرلا هائوس ۾ ۲۱ جون ۱۹۴۵ تي ٿي. ان ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ڀارت جي آزاديءَ لاءِ وائسراءِ عارضي سرڪار ٺاهڻ واسطي جيڪا ڪانفرنس ڪوٺائي آهي، تنهن ۾ ڪانگريس پريزيڊنٽ ۽ ٻين جن اڳوان

ماتا ڪستوربا جو ديهانت - اڳوان جيلن ۾ ...
ٻه ڪيترو ئي ديش آزاديءَ جي هلچل کي دٻائي ڪي ...
سگهيو. هڪ نئين ئي روپ ۾ هلچل هلندي رهي ...
باپوجي آغاخان محلات ۾ نظربند هو. انهي ماتا ڪستوربا
سائين گڏ نظربند هئي. کيس دل جي بيماري ٿي پيئي
۽ انهي ئي ۲۲ فيبروري ۱۹۴۴ تي سندس ديهانت ٿيو.
سڄي ملڪ ۾ شوڪ جي لهر ڇانئجي وئي ۽ هزارن
ٿيون. مهاتما گانڌي به انهي بيمار گذاري رهيو هو ۽
سندس حالت ڏاڍي پوندي ٿي وئي. ان ڪري ۶ مئيءَ
۱۹۴۴ تي کيس بيماريءَ سبب آزاد ڪيو ويو. ۱۱ مئيءَ
تي مهاتما بمبئيءَ ويو.

دٻاءَ جا انگ اکر - برطانيه جي هائوس آف
ڪامنس ۾ ۱۹۴۲ ۾ سرڪار ڀارت ۾ جيڪا دٻاءَ جي
نيتي اختيار ڪئي هئي، تنهن لاءِ ظاهر ڪيو هو ته
ڀارت ۾ ٻيڙن مٿان ۵ ڀيرا مشين گنون هلايون ويون ۽
۶۰۲۲۹ ماڻهو گرفتار ڪيا ويا ۽ ارڙهن هزار ماڻهن کي
نظربند ڪيو ويو ۽ ۹۴۰ آدمي پوليس يا ملٽريءَ جي
گولين جا شڪار ٿيا ۽ ۱۶۳۰ ماڻهو زخميا. اهي سرڪاري
انگ هئا پر غير سرڪاري طرح ڏنو ويو ته ست هزار
ماڻهو ماريا ويا هئا ۽ ست هنڌن تي ملٽري گهرائي وئي
هئي، ۵۳۸ هنڌن پوليس گوليون هلايون هيون ۽ پنجن
هنڌن تي ٻي ڏوهي آدمين تي هوائي جهازن مان مشين

ڏيندي ٿي ته ڪهڙو لاڳاپو هو، سو ڳالهه ٻڌائي، ٻڌايائين،
هڪ پستول ڪٿي پيل ڏٺو ۽ اهو کڻي شهر ۾
آندو. اُن مهيني ۾ ڪامريڊ الله بخش سومري جي ڪامياب
سنڌ ڪانفرنس ٿيڻي هئي، جنهن ۾ هڪ ڀيرو وري
چوڪيدار ويٺو هو. اُن ڏينهن وڃي ٻاهر وڌائين.

هڪ رپورٽ اُن ڏينهن ڏاڍو ڪري شروع ڪري
ڇڏيو. ڪمرن ۾ ڪئين ڦرلٽ هندستاني ۽ جيالي فوجي
پاڻ ڪٺا ٿيا، جي بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري
رهيا هوا، پر مونکي اهي پڪڙجي پيا ۽ شريف پوليس
جي ته خبر پئجي وئي ته هو ڪٿان فوج ۾ ۽ آزاد هند
فوج ۾ هو ۽ ڪمرن وچ ڪرڻ ڇڏيائون.

ڪمرن هڪ سک آفيسر وٽ پيش ڪيو ويو ۽ هن کي
چيو ويو ته معافي نامي تي صحيح ڪري، پر هن
انڪار ڪيو.

ڪمرن ولڪون مان سڌو پهري هيٺ ڪاڪتي جي
پرسان ڪرڙي جيل ۾ آندو ويو، جتان هن کي ڏوڪري
مان ڏسمبر ڪري ڇڏيو ويو. هو اُتان پنهنجي ڳوٺ
ٻڙن ۾ پهتو ۽ پنهنجي گهر ۾ آيو مس ته پوليس جمعدار
سنڌس گهر اچي پهتو ۽ چيائينس ته روز ڪمرن پوليس
ٿاڻي تي حاضري ڏيڻي آهي، پر هن اُنهن ڪرڻ کان
انڪار ڪيو. پوليس لاچار ٿي ڪتاب ڪمرن موڪليندي
هئي، جو هو صحيح ڪري ڏيندو هو.

نديءَ ۾ لڙڻ شروع ڪيو، ليڪن مشين گن جو آواز ٿيو ۽ ڏٺائين ته ٽرڪ جو ڊرائيور ۽ ڪلينر نديءَ جي ڪناري تي ئي هوا ته گولين جا شڪار ٿي ويا. شري ٻولچند ڪيهائين لڪڙو گهٽون هٿڌو ڪاٺي اڳتي لڪري ويو ۽ پر آلي ته ٻر اچي پاڻيءَ ۾ ڪريو، جنهن جو هڪ ننڍو ڇرو سندس مٿي کي لڳو ۽ مٿي ۾ ٿورو گهاءُ ٿي پيس. هو جتي پهتو، اهو نديءَ جي ڪناري تي مولوبن جو علائقو هو. اهو علائقو جڻ موت جو گهاٽ ٿي پيو هو، جتي انگريزن جي ايتري ته بم بازي ٿيندي هئي، جو ڏينهن جو اسمان لنگهڻ سان ڏرن ڏڪي ويندي هئي. آخر هو مولوبن جي اجڙيل شهر مان لنگهي پنڌ ئي پنڌ اچي ٽانگو پهتو، جتان ملٽري ٽرڪ ۾ چڙهي اچي رنگون پهتو ۽ پر رنگون ۾ ٻه سخت بمبازي ٿي رهي هئي - اميريڪن هوائي جهاز هڪ هڪ سؤ جي ٽوليءَ ۾ اچي طوفان مچائي ڇڏيندا هوا.

آخر جپان کي اٽم بم ڪيرايو ويو، جنهنڪري جپاني طاقت صفا ٽٽي پيئي ۽ هٿيار ڇڏي پيش پوڻ جو اعلان ٿيو. آزاد هند فوج ۾ آخرين دم تائين لڙڻ لاءِ اتساهه هو، پر نيتاجيءَ جي بار بار اعلان ڪرڻ تي فوج کي مجبور ٿي هٿيار ڇڏي پيش پوڻو پيو.

آزاد هند فوج پيش پيئي، پر گورن کي همت ڪانه پئي ٿي، جو سندن ڪئمپ ۾ اچن. شري ٻولچند لاءِ

چڙهيو ته سڀ و شرني ٻواچند ۽ اطهر حسين کي پرچار کاتي مان ڪڍڻ ۽ صورت ۾ بدلي ته ڪرڻو آهي، جو اهو پرچار آزاد هند فوج ۾ پرلي ۽ کي وڏي هٿي ڏيندي رهندو هو.

لڙائي ۾ زور پڪڙڻ ۽ آزاد هند سرڪار جو ڪجهه ابراضي ۾ ڪي اڌڪار آيو. شري ٻواچند کي هڪ ڪيل ابراضي ۾ سرڪاري ڪاروبار لاءِ اُن ابراضي ۾ جي بالا عملدار ميجر جنرل ايس. سي. چٽرجي ۽ جي هٿان رکيو ويو. سنگاپور کان آزاد هند سرڪار لڏو ٿي رنگون ۾ ماندلي آئي ۾ پنهنجي سرڪار جو خزانو ڪٺي اچي ڪليوا ۾ ڪئمپ ڪيائون، جتان امڦال هڪ اچڻ لي پڪو لڏو ڪرڻو هون. امڦال هت اچڻ جا ڳهڻا آثار هوا، پر اوچتو انگريزن کي امريڪا جي مدد پهچي وئي ۽ آزاد هند فوج کي پٺتي هٽڻو پيو. شري ٻولچند کي ماندلي ۾ سڏائي، ڪرنس آسي سولاءِ ته ٻيو ۽ جو آفيسر ڪمانڊنگ ڪري رکيو ويو ۽ هر امريڪن فوج آزاد هند فوج لي غالب ٿيندي وئي ۽ کين ماندلي کان به پٺتي هٽڻو پيو. شري ٻولچند کي ته ٻيو ماڻ راڻن ۽ ٻين شهرن پٺتي موڪليون هيون ۽ جي هو اُن ڏينهن اندر موڪلي، ٻاڪي آخرين ٽرڪ ۾ چڙهي ماندلي ڇڏي روانو ٿيو. اُن وچ انگريز ٻئرا شرڻ اُن طرفن کان گهيرو شروع ڪري چڙهيو هئو. شري ٻولچند ۽ اُن رستو ته ڏسي الڪي ۾ نهي ٻيو. جٿن هن

۾ ڪي ٻرا گھتا ڇيا ۽ هن ڪسان تي هٿن جو وسڪارو ڪيو. ڪسان ٺاڪ ۾ چلائڻ لڳو ۽ دل جي گهرائيءَ مان رڙ ڪيائين ته هتي ڪوئي هندستاني پاڻي مٿهي بچائي والا؟ (آهي ڪو هندستاني پاڻ مونکي بچائڻ وارو؟) ڏسندڙ ٺاڪ ۾ اهڙو منظر ڏٺو ويو، جو منجهائڻ هڪ پناڻ کي صفا وساري ويئو ۽ هڪ چاڙو ڪولي ونسي مٿي تي ان انگريز عملدار (وبنداري) کي هڻيائين پر ڏان گسي ويو ۽ شري ٻولچنداڻي ويو. اهو چاڙو اڇليندڙ پناڻ هو نظير حسين، جو فلمي دنيا ۾ اڄ فلمي اداڪار نظير حسين جي نالي سان مشهور آهي. هينئر هو ٻئي ڄڻا بمبئيءَ ۾ گڏيا آهن، لڏهن اڪثر انهيءَ ٺاڪ جي ڳالهه ڪرندي آهي. انهيءَ ڊراما جو پناڻ ڪئمپ تي اهڙو نه لهرس ۾ وجهندڙ اثر ٿيو، جو سمورا پناڻ سولجر ٻئي ڏينهن آزاد هند فوج ۾ ڀرتي ٿيا. ڪئهن ٻه ٻيءَ ڪئمپ ۾ اهڙو مثال ڪرنه ٿيو هو.

ٿوري عرصي ۾ آزاد هند سرڪار انگريزن سان لڙائيءَ جو اعلان ڪيو. شري بولچند ڪدم وجي جي. ايس. ڍلان ۽ ميجر جنرل ڀونسلي سان گڏيو ۽ کين عرض ڪيائين ته کيس لڙائيءَ جي ميدان تي موڪليو وڃي ۽ پر آزاد هند سرڪار جي پرچار ڪاتي جي وزير شري آئر اُن ڳالهه جي مخالفت ڪئي. هن حڪم ڪري

ڪرڻا پوري، اُتان پوءِ اُتي اڪتوبر ۾ سنگاپور ۾ هڪ
لڪل جاءِ ۾ ڪيس چار ڏينهن ٻيا روئيءَ رکيو ويو ۽ پوءِ
انهيءَ انگريزن جي هار کان ۽ جپاني اُتي پهتا.

انهي ڏينهن ۾ ڪئپٽن موهن سنگهه آزاد هند
فوج وارو هندستان جي آزاديءَ جي باري ۾ ليڪچر
ڪندو. يڪدم ليار ٿي ٻدا داري ڪئمپ ۾ آزاد هند
فوج ۾ وڃي والنٽيئر ٿي ڀرتي ٿيو، جنهن ڪيس پوءِ چار
ڪالي ۾ رکيو ويو. ساڻس ٻيا ۾ ۴۱ ڄڻا هوا. هنن جو
ڪم هو هندستاني قيدي فوجن ۾ ليڪچر ۽ ڊراما ڪرڻ.
پهرين ته هندستاني سولجر کين ڌاڪي ڪين ڏيندا هوا،
پر لڙيس نئي سڀاش چندر بوس اچي سنگاپور پهتو
۽ آزاد هند فوج جي هٿن واڳ ورتي. هن جي تقرير ۾
جادوءَ جو اثر هو.

شري پرلچند جي پڻ پارٽيءَ ۾ جادوگر، ليڪ، ناچو
۽ سازندا ۽ هوا. هڪ ٻيو سنڌي جوان، شري ٻڌو
ياڳنائي ڪراچيءَ جو به ان پارٽيءَ ۾ هو. هو به ڊراما
پيش ڪندا هوا. هڪڙو ڊرامو ٿيا (انڊين ايڊي)
۽ ٻيو ”دکيا پارت“ (دکي ڀارت). هڪ ڀيرو
هو ٻيو ناٽڪ ”دکي ڀارت“ ڀنالي جي
ڪئمپ ۾ ڪري رهيا هوا. ان ناٽڪ ۾ شري پرلچند
هڪ انگريز سان وفادار عملدار جو پارٽ ادا ڪري
رهيو هو، جنهن ۾ هن ڀارتي جنتا ۽ ڪسان جي شان



(شري بولچند)

۽ ڳيدي گولنيءَ سان شوت ڪيو ويندو، ٺهڪري اچي لڳي.

اُن وقت عجيب گهٽنا گهٽجي رهي هئي. جپاني فوج ٿوري مفاصلي تي هئي ۽ هوءَ هندستاني فوج تي توبن ۽ مشين گن مان گولين جي برسات وسائي رهي هئي. انهن جي پٺيءَ ۾ هوائي جهاز اُن ساڳي ڪار ڪري رهيا هوا. اُن وقت شري بولچند مورچي مان ٻاهر وڃڻ جو ويچار ڪيو. ڪنڊ ڪڙي ٻاهر نهاريائين تہ کيس پنهنجي انگريز ليفٽيننٽ جي ڪاري موٽر ڪار نظر آئي. اڪدم وڃي ڪار چالو ڪيائين. موٽر هلائڻ جو اڳئون اڀياس ڪونہ هوس، پر جوش ۾ ڪار کي هلائي هڪ ٻهاڙي پار ڪري وڃي سڌي رستي تي پهتو. رستي ۾ پنهنجي ڪمپنيءَ جي رسوئي ڪرتارسنگهہ کي بہ ساڻ کنيائين. هڪ ڳوٺ ۾ پهتا، جتي هڪ پنجابي سردار جي مدد سان هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهي پيا ۽ پر پوءِ پتو پيو تہ اُهي بستي چينين جي هئي، اِن ڪري پاڻ کي اُتي سلامت نہ سمجهيائين. خانگي

انجام جو به ذڪر هوندو هو نه هو ٻاهرين ڪي آزاد ڪندا. اُن ٻرچار ڪري ته هندستاني فوج انگريزن جي خلاف ٿي ويئي.

شري ٻولچند ڳالهه ٿو ڪري ته ڪي. سي. والٽر کي جپانين سان وائرليس تي ڳالهائيندي پڪڙيو ويو ۽ ڪيس ٿوري وقت شوٽ ڪري ماريو ويو. آنا سنگهه ڀاڄي ويو، باقي مٿس آئيسرن جي ڪرڙي نظر رهي.

انگريز هن نوجوان جي دل ۾ دولهن دڪندو رهيو. هو اسان جي سنگ ۾ به ڪافي آيو هو. اوچتو هڪ رات جو ڪيس حوالات ۾ ويو ۽ پنهنجي سولاءِ ڊيوٽي جي پلپان پيٽرول جي ڊرم کي باهه ڏئي اچي سڙي پيو. انهيءَ لهو ٿيو جو ڊيوٽي جو پهرين حصو سڙي ويو. مجبور ان کي ڊيوٽي ملي جهڙو سنٽري هو، انکي گولي هڻي منهو ڪري ڇڏيو، پر شري ٻولچند ته پنهنجي ليفٽيننٽ جي اک ۾ رهيو، جو ته انگريز هو ۽ هن جو شري ٻولچند ۾ شڪ هو.

الي جپانين جي حملي زور پڪڙيو ۽ هندستان جي ملٽريءَ کي ڪوالالمپور خالي ڪري سنگاپور ڏانهن رستي اچڻو پيو. سنگاپور پهچڻ تي مدراس ليفٽيننٽ ڪيس هڪ بالا عملدار ميجر جبر پنجابيءَ جي حوالي ڪيو ته هنکي ڪورٽ مارشل ڪيو وڃي. هن وري شري ٻولچند کي نيت ڏني ته ڪيس ڪي. سي. والٽر واري ڪيس

حادثي ۾ گذاري ويو.
ساهتيءَ جا ٻه ڪي جوان هوا، جن ۾ آزاديءَ آندولن هلندي اڳرو ٿيو هو. انهن مان ڪي انگريزي فوج ۾ هئا، جي موقعو پائي پنهنجيءَ فوج مان نڪري آزاد هند فوج ۾ ڀرتي ٿيا هئا ۽ جان جي بازي لڳائي هوائون. انهن ۾ اسان جي ڳوٺ ڀرڻ جو هڪڙو نوجوان شري ٻولچند رامچند ٺاروائي به هو. مان ڏسندو هوس ته جڏهن ڀرڻ ۾ ڀرڀات ٿيري يا سرڪس لڳندي هئي، تڏهن هو اُن ۾ اچي شريڪ ٿيندو هو ۽ ليڪچر ڏيندو ايندو هو.

هو ارڙهن ورهين جي عمر ۾ ملٽريءَ ۾ ڀرتي ٿيو. جڏهن وقت جرمنيءَ جي هٽلر ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ انگريزن جو نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيو، اُن وقت هو هندستان جي فوج ۾ ملايا جي ڪوالالمپور ۾ ملٽري سپلاءِ جي ڊيپوءَ جو اسٽورڪيپر هو.

هو ڳالهه ٿو ڪري ته اُن وقت اُلسي ساٿس ٻه هم خيالي دوست هڪ آياسنگهه ۽ ٻيو ڪي. سي. والٽر هوا. ٻئي ون وائرليس آپريٽر هو.

انگريزن تي جپانين جو حملو ٿيو ته سندن ڪئمپن تي جپاني هوائي جهازن مان راس بهاري بوس جا ڇپيل پترا اُڇلايا ويندا هوا، جن ۾ انگريزي راڄ خلاف لکيل هوندو هو. اُن ۾ جپان سرڪار جي ڪيل

ڏيپچند ۽ جنرل سيڪريٽري شري ڪشن گرناڻي هئا. ٻيو سميلن وري وڏي پيماني سان ١٩٤٠ جي آخر ۾ نوشهري فيروز ۾ سڏايو ويو، جنهن جو پرڌان ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ آجيان ڪاميٽيءَ جو چيئرمن شري پريداس برهمچاري هو. اُن سميلن ۾ نه فقط ساهتيءَ جا ماهر وڏي انداز ۾ آيا هئا، پر سڄي ضلع جا سميلس خاص سڄاڻ پنڊال ۾ آيو هو. پروفيسر لارانئداس ملڪاڻي ۽ ٻيا سنڌ جا ڪي اڳوان نه اُن سميلن ۾ پڌاريا هئا.

آزاد هند فوج — هڪ طرف پارس چوڙو هلچل هلي رهي هئي ته ٻئي طرف اوڀر ايشيا ۾ شري سڀاش چندر آزاد هند فوج ذريعي سرڪار کي ٽڪر ڪري رهيو هو. شري سڀاش چندر بوس کي ١٩٤٠ ۾ جيل ۾ رکيو ويو هو. هن اُتي بک هڙتال ڪئي، جنهن ڪري کيس سندس گهر ۾ نظربند رکيو ويو هو. اُتان هو ٢٦ جنوري ١٩٤١ تي اوچتو غائب ٿي ويو. بدليل ويس ۾ افغانستان مان ٿيندو برلن پهتو، جتي آزاد هند فوج جاري ڪئي. جرمنيءَ مان هو اوڀر ايشيا ۾ رهندڙ هندستانين جي ڪوشش سان ٢٠ جون ١٩٤٣ تي ٽوڪيو (جپان) پهتو. اُتي هن آزاد هند فوج ۽ آزاد هند سرڪار جو سنگهٺن ڪيو، اهو ڪم ڪري ڏيکاريو، جو دنيا جون اکيون ڦرڪي ٿي ويون. جڏهن جپان جي هار ٿي، تڏهن ١٨ آگسٽ ١٩٤٥ ۾ هوائي جهاز جي

مهاتما گانڌيءَ کي پوني ۾ سان آغاخان محلات ۾ اُتي
اُي مهاتما گانڌيءَ جو پيارو سيڪريٽري شري مهاديو
ڊيسائي گذاري ويو. باپوءَ جي جيل مان اُن وقت جي
وائسراءِ لارڊ لنلٿگو سان لکپڙھ هلائيندو رهيو.

مهاتما جو ورت - سرڪار جي بندش ڪري
٦ جنوري ١٩٤٣ تي سڄي هندستان جي اخبارن هڙتال
ڪئي. مهاتما ١٠ فيبروريءَ کان ٽن هفتن لاءِ ورت
رکيو، ان ڪري ٢١ فيبروريءَ تي ته سندس حياتي
خطري ۾ هئي. ان ڪري سر مودي، سر ۽ شري ايم -
سي - اڻي ۽ اين - آر - سرڪار وائسراءِ جي ايگزيڪيوٽو
ڪائونسل تان استعفا ڏني.

لوڪ شيوا منڊل - ١٩٤٢ جي آگسٽ ۾ ٿي
سرڪار ڪانگريس کي غير قانوني ٺهرائي اُن تي بندش وڌي
هئي، جنهن ڪري ڪانگريس جي نالي ۾ ته لوڪ ڪلياڻ
جو ڪو ڪم هلي ڪونه ٿي سگهيو، اِن ڪري اسان
مهاتما جو ورت - سڄو سال ڏيڍ جو گهوڙو تيز ڊوڙندو رهيو، مگر هلچل ۾ نه هلندي ٿي رهي. برٽش سال جي اهنڪار ۽ ڀلن نه ڏيڻ جو لڙڪ هلندو رهيو ۽ بي قاعدي اخبارون ۽ ساهتيه پڌرو ٿيندو رهيو. ان هلچل هلندي ۱۷ آگسٽ ۱۹۳۲ تي برٽش سرڪار جي وزير اعظم مسٽر رامسي مئڪڊونالڊ ڪميونل اوارڊ ڏنو، جنهن موجب هريجنن کي هندن کان ڌار ڄاتو ويو. ان باري ۾ مهاتما گانڌيءَ جيل مان مئڪڊونالڊ سان لکپڙهه هلائي ۽ لکيو ته اهو رد نه ڪيو ويو ته مرڻ گهڙيءَ تائين ورت رکندس. ان سوال تي مهاتما ۲۰ سيپٽمبر ۱۹۳۲ کان ورت شروع ڪيو.

ان ڪري سڀني جاين جا اڳواڻ مهاتما سان ڪڏهن ڪڏهن ۽ صلاحون ڪندا رهيا. هندن جي اڳواڻن هريجنن لاءِ مندرن جا دروازا کولايا. ڪوشش بعد ۲۴ سيپٽمبر تي هريجن، هندن ۽ ڪانگريسي اڳواڻن هڪ ٺاهه پتر صحيح ڪيو، جنهن موجب ڪن بچاون سان هريجن جدا چونڊن تان هٿ ڪيو. اهو ٺاهه پتر، جنهن کي پوونا ٺاهه پتر ڪوٺيو ويو. اهو سرڪار ۾ قبول ڪيو، جنهن ڪري ۲۶ سيپٽمبر تي مهاتما ورت ٽوڙيو.

مهاتما جيل مان "هريجن" اخبار جاري ڪئي ۽ "هريجن سيوڪ سنگهه" به جاري ڪيو. مهاتما جڏهن

بعد رام باغ ۾ تقريرون ڪندو رهيس. جلدئي ڇهه مهينا سزا ملي ۽ ڪراچي جيل ۾ وري ڪراچيءَ جي سائي ڪم ڪندڙن سان سنئي لهه وچڙ ٿيس. اسان جو ساٿيءَ جو ڪم ڪندڙ شري پريو گرباڻي ۽ ٽلٽيءَ جو سرگواسي واسديو راٺسنگهاڻي، جو پوءِ پرڪو وڪيل ٿيو ۽ هندستان ۾ اچي مئجسٽريٽ به مقرر ٿيو هو، سي به ڪراچيءَ ۾ سزا وٺي آيا هئا.

اپريل ۱۹۳۲ ۾ دهليءَ ۾ ڪانگريس اڌيويشن رکيل هو. سرڪار جي به چوڪسي ڏاڍي هئي ته جئين اڌيويشن نه ٿئي ۽ عيوضي دهليءَ نه اچن، سو دهليءَ جهڙي گاڏيون ايندڙيون هيون، تن ۾ نئي هزارين ڪانگريسين کي گرفتار ڪيو ويو. پريزيڊنٽ مدن موهن مالويه پرڌان ٿيڻو هو، اُن کي به واٽ تي ئي گرفتار ڪيو ويو. سنڌ مان پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي ۽ اسان جي ساٿيءَ مان شري ساڌو رام ڪلتاڻي دهليءَ روانا ٿي ويا. پنڊت مالويه جي گرفتاري ٿي وڃڻ ڪري سيٺ رڻڇوڙداس امرت لعل احمدآباد واري جي پرڌانپڻي هيٺ دهليءَ جي چاندني چوڪ ۾ ٽاور جي ڀرسان اڌيويشن ٿيو، جنهن ۾ پنج سؤ عيوضي حاضر هوا. اُن ۾ چار ٺهراو پورن آزاديءَ لاءِ ستياگره هلچل هلائڻ، مهاتما گانڌي جي اڳواڻيءَ ۽ اهنسا ۾ پوري وشواس ۽ سرڪار جي دٻر دوس جي نيتيءَ خلاف پاس ڪيا ويا. شري ساڌورام ته گرفتار


[illegible] جيتنا سزا ملي ۽ شري پريداس برهمچاريءَ کي
[illegible] جيل سان گڏ ٣٠٠ روپيه ڏنڊ يا ٽي مهينا وڌيڪ
[illegible] جي سزا ملي. سڀ سزائون ولي جيلن ۾ وجهي
[illegible] ڇڏيون. سڀنيءَ سنڌ مان گهڻا ساٿي ڪر ڪنڊڙ
[illegible] حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ڪٺا ٿيا. جيل جو لقي
[illegible] هوندي هئي. سڀني کي ٻڌلي پورهيو ملندو هو.
[illegible] خرچ سيڻي جيڪي ڪري سگهندا هراسون،
[illegible] هوا سون. پروفيسر هاسانند ۽ ايسان جهڙو ليو
[illegible] ڪيولرام ٿانواڻي ۽ ايا جيل سپرنٽينڊنٽ سان [illegible]
[illegible] ته هو سنڌين جهڙن مانهن، جن ٻاهر لکڙهه
[illegible] ڪم ڪيو آهي، ان کي ڇڪيءَ پيهڻ جهڙو
[illegible] ته نه ڏيئي سگهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو
[illegible] ڪيترا ڪانه ڪا سزا وٺي وهندا هوا. ڪڏهن
[illegible] جا ڪپڙا، نه ڪڏهن هٿين هٿڪڙيون ۽
[illegible] ڪوٺڙين جي سزا ملندي هئي! پر هو
[illegible] وارا ڪين هوا. سختي ڪڏهن کي ه
[illegible] ڪين هئي. ڏينهن رات ڪچهريون لڳيون
[illegible] هونديون هيون. رات جو نه ٻارڪ ۾ بند ايندا.
[illegible] ڪندا هواسون. ڪتاب پڙهڻ ۽ اڀياس
[illegible] موقعو ملندو هو.
[illegible] جيل ڪاٿي چئنس ته ڪانگريس ڪان
[illegible] ڪراچيءَ ۾ وڃي ڪم ڪريان. آئي پوءِ


لڻن ويا نوٽيس ڏيندا. ٻولکي ٻه مهينا سزا ملي. سروشري



ليولدرام، ديوراج ٻرنواڻي، کيولرام ڻانواڻي، ڄيچند راءِ، مولي ٻرلياڻي، شيوارام، ٻهراج آلومل ۽ چيلداس گوپالاڻي، ڀرين جي مولچند چوئٿرام ۽ پريمچند ڀڏرومل دوباه خان مري ۽ واري کي ڇهه ڇهه مهينا يا ڇهن مهينن کان مٿي سزا ملي. ڪاڪي سچانند، پروفيسر

شري مولچند چوئٿرام هاسانند، چيلارام هسراج مل (ڀرين واري) ۽ ڪاڪي نيينداس منياڻين واري کي





ٺاڪر نيينداس ايسرداس شري ٻريداس برهمچاري

خانگي سامان وغيره سڀ حاضر ڪيو ويو.

جنهن جنهن شخص جا به مهما نظربندي جو پورا ٿي ويا
ته اُن کي ڇڏڻ کان اڳي جيل ۾ ئي پوليس تعميل ٿي
ٿي ته پنهنجو پروب نه ڇڏيندو، اقرار نه ڪندو وغيره.
جيل ۾ ئي صلاحون ڪري اڪثرن نه ڪنهن طرح
ٻاهر هلي ڪم کي زور وڌايو.

ان کي نه ڇهن جن شهرن نه ڇڏڻ جو پوليس مليو هو،
۽ شري پرڀداس ٻوهجاري ۽ کي اوشهرو تعلقي جي هڪ
مسلماني مهر واهڻ ۾ وڃي رهڻ جو نوٽيس مليو. هو
اُتي وڃڻ بدران سڌو ڪليڪٽر وٽ سکر ويو ۽ هن مان
حڪم اُرڙي اوهان وٽ آيو آهيان ۽ مون کي گرفتار ڪريو.
ڪليڪٽر ڪنهن اوشهري جو نوٽيس درست ڪري ڇڏيو.
هو هند اوٽيس توڙڻ جي ڏم ڏما مچي ويئي ۽ گرفتاريون
ٿينديون رهيون، پر ڪم ڪندڙ به ٻلتي ڪول پيا.
ٻلين لڪرندي رهي ۽ پرچار به ٿيندو رهيو. لاڙ شاهه
سڀ ڏونڍن مان به سرڦشري رگهومل پڪس، علي محمد،
ڪنڀاري جو ڇيلداس گوپالاڻي، ننده آدم مان وڌو
تلو سرڦشري گهنشامداس پرمانند، لهالچند چترمل،
هرومل پولچند، ٺاڪرومل موليرام، پولچند مونومل،
گوندومل ايسرداس، پرهومل، ڊاڪٽر نبڪمداس، مهاشه
مهاد پرمل ۽ پڪت ليلارام جو پٽ ٺاڪورداس ۽ ٻيا سزايون
ٿي آيا. ساهتي ۾ جا ڪم ڪندڙ به جيل مان اڪتا،

اُن جي پڪڙي ڪندا هئا ۽ ڪين سزاياب ڪري جيل
اماڻيو ويندو هو.

ساڳئي وقت گهڻائي آرڊيننس سرڪار پاس ڪيا، جن
جي ذريعي هن ملڪ کي پورن طرح دٻائڻ جي ڪوشش
ڪئي. ڪانگريس کي بي قاعدي جماعت ٺهرائي ويئي.
سمورين قومي اخبارن بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي
ويئي. ڪانگريس آفيسون ۽ ڪانگريس ڪم لاءِ ڪم
ايندڙ جايون ضبط ڪيون ويئون. اسان جي ساٿين ۾
نوشهري ۾ شري کيمچند جون سمورئون ئي جايون، جن
۾ اخبار هلندي هئي، ساٿي سوراج آشرم هو، راشٽريہ
ڪنيا پاٺشالا هلندي هئي، شري پريداس برهمچاري ۽
شري ديپچند ۽ ٽلوڪچند رهندا هوا ۽ جتي سندن شاهي
انگريزي، هندي، سنسڪرت، سنڌي، اُردو وغيره
هزارين ڪتابن جي لئبرري هئي ۽ خانگي سامان ۽ هو،
خواه شري کيمچند جي زمينداري اناج جا پاليا هئا،
سي ساري سامان ۽ پريس سوڌو ضبط ڪيون ويون.
ڏيپارجن ۾ شري برهمانند جو گهر، جتي ڪانگريس
ڪاميٽيءَ جي آفيس هئي ۽ هالاڻيءَ ۾ جنهن دڪان ۾
ڪانگريس دفتر هو ۽ جنهن ۾ واچنالي ۽ پستڪاليہ ۾
هلندا هئا، سي سيل مهر ڪري بند ڪيون ويون. اُهي
. ري ١٩٣٤ ۾ مالڪن کي موٽايون ويون ۽ پر نوشهره
فقط خالي جايون موٽايون ويون، اناج، پستڪاليہ

آهي ۽ هن ملڪ کي دائمي جو سوچڻو آهي. ۽ ٻيو نه آهن. مهاتما ملڪ کي سڌ ڪري ٿي ڪري، اُن ڪان اڳ اوچتو ئي اوچتو ۴ جنوري ١٩٣٢ تي مهاتما کي گرفتار ڪيو ويو. ان سان گڏ وائسراءِ آرڊيننس پاس ڪري سڄي ڀارت ۾ هر هنڌ جهڙپ ۽ جيڪي ڪانگريسي هئا، تن کي ان مهيني لاءِ نظربند ڪيو.

سانگهڙ ۾ ڏينهن ــ وار صبح جو چوڌاري گرفتارين جو هڪڙو پڇڙي ويو. پهرئين ڏينهن ئي نوشهري مان سرو شري ڪيمچند ٻالاڻي ۽ پريداس برهمچاري، ڪنڊياري مان پرمانند هاسانند، ٻالاڻي ۽ مان سرو شري سچانند ۽ لوڌارام ۽ ٻين مان شري ميلارام گرفتار ڪري نوابشاهه سب جيل ۾ آندا ويا ۽ پوءِ حيدرآباد نيا ويا. پوءِ ته وڌيڪ گرفتارين لڳاتار گرفتاريون ٿينديون. سڀني کي آڻي حيدرآباد جيل جي ڪوارنٽائن جي ڪوٺين ۾ بند ڪيائون. ڏسندا ڏسندا روز ڪي ڏهه پندرهن ماڻهو نه گرفتار ٿي ايندا هوا. ان جيل ۾ حيدرآباد، لاڙڪاڻو، دادو ۽ نوابشاهه ضلعن مان گرفتار ٿيل ڪانگريسي رکيا ويا ۽ باقي مکيه ڪم ڪندڙن ۽ اڳواڻن کي سکر ۽ ڪراچي جيلن ۾ آندو ويو. ٻين ڪم ڪندڙن کي سب جيلن ۽ لاڪپن ۾ رکي ڪن ڏينهن جو ڪين نوٽيس ڏئي ويندو هو ته وڃي پنهنجي شهر ۾ رهو ۽ هلچل ۾ ڪو به حصو نه وٺو. اهي جيڪي ٻاهر آڪرادا هئا، تن اڪثر

لارڊ ولنگڊن واري هٿي، جنهن جو زور هو حيواني
بل تي. هن حيواني بل سان ڪانگريس جي هستي نيست
نابود ڪرڻ ٿي گهري. هن جيلن جون جايون وڌايون
هيون. مهاتما جيءَ جي ڪنن تي ملڪ ۾ هلندڙ ڏاڍ ۽
ظلم جون ڪهاڻيون پيون. خود پنڊت جواهرلعل ۽ ٻيا
جيلن ۾ اڳواڻ تني ڏوڪيا ويا هئا. مهاتما حالتن کي
لوڙيو لڪيو. صبر جو پيالو ڀري ٿي چڪو هو، ته به هن
وائسراءِ لارڊ ولنگڊن کي ملاقات لاءِ تار ڪئي ۽ لکيائين
ته ”مون تي سمجهيو ته پنهنجي ملڪ ۾ پير رکڻ سان
مونکي اهي خبرون مليون ته اتر پرديش، فرنٽيئر ۽
بنگال ۾ آرڊيننس لڳي ويا آهن ۽ فرنٽيئر ۾ ٻه وڏا بازي
۾ ٿي آهي ۽ انهيءَ پرانت ۽ اتر پرديش ۾ ملڪ ۾ وڏي
مانيتا رکندڙ اڳواڻ گرفتار ٿيا آهن. مان پڪا ان مان لاتين
سمجهان ڇا ته اسان جا دوستانا ناتا ٽٽا؟ يا اوهان اها
اميد ٿا رکو ته مان اوهان سان ان باري ۾ صلاح مشورو
ڪريان ۽ پوءِ ان موجب ڪانگريس کي صلاح ڏيان؟
مهرباني ڪري تار ۾ جواب ڏيندا.“

آرڊيننس راڄ— تار جو جواب تار ۾ آيو پر ان ۾
سرڪار جو رخ بلڪل بدليل لڳو. ملاقات جو اشارو به
ڪونه هو. ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽي آيل تار تي ۽
گانڌي جيءَ کي مغربي مان موٽڻ تي پڌرڻ بعد ان راءِ تي
پهتي ته سرڪار جو رخ ڏاهڻ تي عمل ڪرڻ جو ڪونهي

جي مهراج ڪرپالداس، حيدرآباد جي ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ اسان جي ضلع جي پروفيسر هاسانند ۽ شري پرڀداس برهمچاريءَ کي ڏنا ويا. شري پرڀداس کي خاص تاڪيد ڪيو ويو هو، جو هن شهيدن جي لاءِ شردانجلي ڏيڻ وقت زبردست تقرير ڪئي هئي ۽ ”مالا“ هفتيوار اخبار جو خاص انقلابي پرچو ڪڍيو هوائين.

ولايت ۾ ٻي گول ڪانفرنس ۾ مهاتما جيءَ ڀارت جون گهرون پورن طرح پيش ڪيون ۽ اُتي رهندي ماڻهن کي پنهنجي ديش جي حالت کان پوريءَ طرح واقف ڪيائين گهڻن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيائين. اُتي سندس خوب آجيان ٿي. خود اصل دستور کي ٽوڙي بادشاهه ڀارت جي هن اڌ اگهاڙي عوضيءَ فقير سان پنهنجي محلات ۾ ملاقات ڪئي.

پٺڪت جي پڇاڙي- مهاتما جيءَ کي لنڊن اَئي پورن پيا هئا ته ڪيڏو صلح ملڻو آهي، جڏهن سندس ۽ ملڪ جي اِبن مدبرن ۽ ديش واسين جي عرضن کي درگذر ڪري ڀڳت سنگهه ۽ سندس سائين کي ڦاسين تي چاڙهيو ويو هو.

ولايت ۾ ڪانفرنس ۾ سندس گهرن تي ڌيان ڪونه ڏنو ويو هو، اِن سان گڏ ٢٩ ڊسمبر ١٩٣١ تي ديش ۾ پهچڻ ڪيائين ته ملڪ جي حالت ڦريل معلوم ٿيس. لارڊ اِروِن وائسراءِ ولايت روانو ٿي ويو هو. سندس جاءِ

۽ ڪانگريس کي اها مانيتا ڏني. هرڏانهن اسان ۽ سمجهوتي
جي شرطن موجب شراب ۽ ولائتي دڪانن تي پڪيٽنگ
ڪرڻ جو پورو اڌڪار سمجهيو. وڏي ڳالهه ته اُتر
پرديش، بنگال ۽ نارٿ ويسٽرن فرنٽيئر پرانت (سرحد)
۾ سرڪار دپردوس جي نيتي چالو رکي هئي. انهي
ڌرين جي وچ ۾ لکپڙهون هلنديون رهيون. گانڌيجيءَ کي
مخالف ڌر ۾ ڪيل ناهه جي پاري ۾ ڪجهه دماغي
گنجائش نظر آئي، ان ڪري هو گول ميز ڪانفرنس ۾
شريڪ ٿيڻ کان هٻڪيو ٿي، ليڪن ڪانگريس ورڪنگ
ڪاميٽيءَ مٿس زور آندو، ڪيس ڪانگريس پاران واحد
عيوضي ڪري موڪليو.

هيءَ گول ميز ڪانفرنس جي ڪارروائيءَ ۾ باپوجيءَ
انگريزن کي کليل اکرن ۾ ٻڌايو ته ڀارت کي پورن
آزادي کپي، جنهن ۾ ٿوراڻيءَ وارن جاتين جا حق پڻ
محفوظ رکيا ويندا؛ پر باپوجيءَ سندن نيمن صاف نه ڏٺي
۽ ڪيس اها سڌس پئجي ويئي ته برطانيه هريجن سرڪار
کي هندن کان ڌار جاتي شمار ڪرڻ ٿي چاهي.

وري ڏاڍ شروع— مهاتما جي پٺيان پنڊت جواهرلعل
کي گرفتار ڪيو ويو ۽ سرحد ۽ ٻين هنڌ ۾ گرفتاريون
چالو ٿي ويون. سنڌ ۾ جن هنڌ هلچل ٿوري تيز هئي،
اُتي سرڪار ڪم ڪندڙن کي صلح جي شرطن جي
پرتواري نه ڪرڻ لاءِ نوٽيس ڏنا. اهڙو نوٽيس ڪونري

ڪلاس اربا ڪيا هوا-ون، اُهي اسان جي لاءِ قومي
ڪم جا مرڪز رهندا هوا ۽ انهن سنستائن ذريعي
وديارٿين سان ڳالهائيءَ لهه وچڙ ۾ ايندا هواسون. انگريزي
اُهي وديارٿي ١٩٣٠ جي هلچل ۾ اي پاڪ ۽ بهادر ڪم
ڪندڙ ثابت ٿيا. حيدرآباد جي اولاءِ هيرانند اڪيڊمي
ته قومي ڪم ڪندڙ پيدا ڪرڻ جو ١٩٠٨ کان وٺي وڏي
۾ وڏو مرڪز رهيو. اسان جي نواب شاه ڊويزن جي
شهدادپور ۽ ٽنڊو آدم جا ڪيترا وديارٿي مشترڪ ته
اين. ايس. اڪيڊميءَ ۾ پڙهڻ ويندا هوا.
حيدرآباد قومي ڪم جو مکيه مرڪز هو. سرو شري
جيرامداس، نارائڻ داس ملڪاڻي، آچاريه ڪرپالاڻي،
ڊاڪٽر چوٿرام، پروفيسر گهنشيام، ڊاڪٽر چمنداس ۽
ٻيا حيدرآباد جا ئي هوا ۽ ناميارا اڳوان به حيدرآباد ۾
ايندا ئي هوا. انگريزي اُتان پڙهي ايندڙ وديارٿي
قومي هلچل ۾ اڳرا رهيا.

واحد عبوضي - البت ملڪ جو سارو خيال
ٻاپوجيءَ ڏانهن رهندو هو ته ڪڏهن گول ميز
ڪانفرنس لاءِ لنڊن اُسهي، ڇاڪاڻ ته اُهي اوڪان لنڊن
پڇي آيا ته سرڪار ڪانگريس سان ٺاهه ته ڪيو آهي،
پر دماغي گنجائش سان. خاص ڪري انگريزي عملدارن ۽
لعو ٻلڪل ناڪار ٻني لڳو ته هو ڪو ڪانگريس کي
...ل گانڌي اروِن پئڪٽ مطابق هڪ ڊر ڪري سمجهن

عان پوءِ جي هاءِ اسڪول ۾ هرس ۾ شري ونوملِ



(شري ريلومل ٺٽنائي)

ٺٽنائي شهدادپور جي مڊل اسڪول جو هيڊماستر هو. شري ايسرداس رانسنگياڻي ناروشاه جي هاءِ اسڪول ۾ هو. اسان جي پوشاڪ کاديءَ جي هوندي هئي، جا چٽڪ ستترنا سنگراميڻ جي پوشاڪ ٿيا هئي. ڪلاس ۾ هوندا هواسون خواه ڪلاس کان ٻاهر هوندا هواسون ته وديارٿين ۾ آزاديءَ لاءِ ٻي چڻني پيدا ڪرڻ لاءِ هر موقعي جو فائدو وٺندا هواسون. اسڪولن کان ٻاهر جيڪي شيوا منڊليون، ناٽڪ منڊليون، وديارٿي يونينون ۽ چرخا

لڳا، پر ڪالي ڪم ڪندڙ جهڙن داني هوا، جي ڪم
کي ڇڏيندا رهيا.

وديارٿين ۾ جاڳرتا ڇوته اُستاد آئيندي جا ابا پيدا ڪندڙ آهي، اهو اسان ۱۹۲۱ ۽ ۱۹۳۰ جي هلچلن ۾ ڏٺو. سچي نواب شاه ضلعي ۾ جيڪي سرڪن وديارٿي ڪم ڪندڙ اڳي پرگهٽ ٿيا، اُن جو هڪ ڪارڻ اهو ب هو، جو ۱۹۲۱ جي هلچل وارا ڪي ڪم ڪندڙ مڊل اسڪولن ۽ هاءِ اسڪولن ۾ ماستر ٿي رهندا آيا. شري نيونڌرام ڪنڊياري ۽ ڀلاڻيءَ جي اسڪولن ۾ ماستر ٿي رهيو، شري پرڀداس وپرواڻي، پرڀداس گرباڻي ۽ گوبندرام ٽانواڻي (سرڳواسي ڪاڪي سچانند جو پٽ) ڪنڊياري جي هاءِ اسڪول ۾ ماستر ٿي رهيا.


(شري. پرڀداس وپرواڻي)

دادي ڪرشنا ديوي، سرو شري پرڀداس، رهمچاري، ديچند ۽ گلاب راءِ لوڪڙي جي ڪمبا بانڪالا هلائيندا هوا.

پهلاجراء ۽ آئلداس موري جا. نوشهرو ۾ هيڊ ڪوار
هئڻ ڪري، جتي ته سڀ کان گهڻا ڪم ڪندڙ هوا، سروشري
پريداس ۽ ديپچند آلي تڏو چماڻي وينا هوا. ساٿن
گڏ سروشري سنتداس پمهومل، گلابراء شونداس، کيمچند
بالاڻي، رام ماستاڻي، نهال نرياڻي ۽ ٻين سنڌڪن جو
وڏو ٽولو هو. شري کيمچند جون ڇهه جاين جڻ
اسان جي ساٿي ڪانگريس جو هيڊڪوارٽر هو. پدعيدن
۾ پوئتي ڪون رهيو. آلي بس شري سرائچند، سندس
پٽني ۽ شري ويرومل تڏو چماڻي ويهي رهيا هئا ۽
ڪنيا پاٺشالا ۾ هلائيندا ٿي رهيا. ماڻهن جو دوا دومل
۽ ڪاديءَ جو پرچار ته جڻ ساٿيءَ جي هر ڪانگريس
ڪاميٽيءَ جي ڪم جو مکيه انگ هو. سروشري نيوندرام
۽ تاراچند هالاڻي هيڊڪوارٽر مان ساري ڪمپاري
تعلقي سان لهه وچڙ رکندا هوا. جٿن ته اسان جي ساٿي
ڳوٺن جو هڪ جهڳٽو هئي، ان ڪري ساريءَ ابراهيءَ
جوڙجڪي پروگرام اسان جي ڪم جو بنيادي اسم
هيو. جيلن مان ڇٽڻ بعد هر ڳوٺ ۾ ڪانگريس ڪاميٽي
پا ٿي ويئي ۽ اُن جا اسي ٽي عهديدار اُن ڳوٺ ۾
انگريس ڪم جا باني رهيا. جيتوڻيڪ ڪي ڪم
ندڙ سنڌڪن جي قطار مان ٽڙي پکڙجن ڪمن ۾ وڃي

ولهون ۽ شراب لئي پڪيٽنگ ۽ مسلم ليگين کان بندش جا
آرڊر بحال ڪرايا ويا.

اسان جي ضلع ۾ ڪم باقاعدي هلندو رهيو ۽ پرچار جي خيال کان اسان ڪانگريس "ڪرم ويِر" هفتيوار اخبار سنڌيءَ ۾ جاري ڪئي، جنهن جو سمپادڪ ڪاڪو سچانند ليو. "ڪرم ويِر" جنهن ضلع ۾ ڪانگريس جو مک پتر هو. پنا ٽپ ٽاءِ جي سرڪار ۽ سرڪاري عملدارن لئي آيڪا ايندي رهندي هئي. اُن جو دفتر جڏهن هڪ اهم لوار دفتر ٿي ويو. اُن جي آفيس نوشهره فيروز جي سوراج آشرم ۾ هئي ۽ اُن جي چارج ۾ شري جڳچندراءِ هوندو هو.

هاڻي جڏهن اسان جي ضلع ۾ باقاعدي سنگٺن جو ڪم ٿي ويو. چرڌاري هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ اُن جا حالتي هوا لئي هوا. سڀ وقت ڪم ڪندڙ ۽ ڪافي هوا-رن. ڪاڪو سچانند ساٿي ضلع ڪانگريس جو پريزيڊنٽ هو. مولوي ڪنڌاري جو هيڊ ڪوارٽر سڪيالڪ لاءِ ڏنو ويو، جتي چوڪرن جو اسڪول ۾ سنڀاليندو هوس. شري صوبراج لواب شاهه ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ڪم ۾ رهيو. ساٿس ڪم ڪندڙن جو گهڻو رهيو، ڪاڪو ليڪداس ميناڻين مان سارو مرور لعلڻ سنڀاليندو هو. اُن سان گڏ ۾ ڪم ڪندڙن جو گهٽ، هو سڀ شري جڳ...اءِ، ۽ هماٽ، علي محمد ڪرڙو (ڏيهاڙي جا) ۽

ڪانگريس ڪاميٽيءَ ڏي عيوضي چوندي موڪليا ويا. ولائتي ڪپڙي جي وڪري کي پوري بندش قائم ڪئي ويئي. شراب بهشڪار جو پروگرام به چالو رکيو ويو.

قومي شيوا دل- اکل ڀارت ڪانگريس ڪاميٽي به مانُ ڪري ڇاڏ ويئي. هن هندستان قومي شيوا دل سنگهٽن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سڀني پرديش ڪانگريس ڪاميٽين ڏانهن هدايتون موڪليون ويون ته هر پرانت مان ضروري تربيت وٺڻ لاءِ جوان موڪليا وڃن. سنڌ پرديش ڪانگريس ڪاميٽيءَ مونکي ۽ شري جيٺمل رام گجراڻيءَ کي اُن ڪم لاءِ مقرر ڪيو ۽ اسين بمبئيءَ ۾ بورولي‌ءَ روانا ٿي وياسون، جتي شري هارڊيڪر جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ مهينو پوري تربيت ورتيسون. ڪئمپ پوري ٿيڻ تي پنڊت جواهرلعل آخر ۾ شريڪ ٿيو، جتي هزارين ماڻهن جي ميڙ ۾ اسان کي سرٽيفڪيٽ ۽ آشيرواد ڏنائين.

۳۱ مئي تي شري جيرامداس ڌولتي، ڪنڊياري، نوشهري ۽ پڊعيدن جو چڪر لڳايو ۽ ڪنڊياري ۾ ڪم ڪندڙن جي ميڙ ۾ ساٿيءَ ۾ عملي ڪوتاهي جو ذڪر ڪيو جنهن سٺيون ويون.

نوابشاهه ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ان جٽ سرتشري مولچند ۽ وشنداس جي اڳواڻيءَ هيٺ نوابشاهه سب ڊويزن جو چڪر لڳايو، جتي ولائتي ڪپڙي جون سيلون لڳاسيون

ستياگره جي هلچل ۾، جڏهن بندوقبازيءَ ۾ ڪيترا ٻارڙا
ڪسجي ويا ته به ڪنهن اعتراض طور هٿ به نه کنيو ۽
شانتيءَ سان آزادي ڏانهن اڳيان وڌندي اهوٽيي
ڏيندا رهيا.

هن اجلاس ۾ جيڪا مکيه ڳالهه ٿي سا اها، جو بنيادي
حقن جي باري ۾ ڪانگريس ٺهراءُ پاس ڪيو، جو ٿي
اڏاوتي جو مکيه ٺهراءُ هو. اهو ٢٧ نقطن وارو هو. ان
مطابق هر ڪنهن پارلوڪيءَ کي هڪجهڙا حق مليا هئا
۽ اقتصادي سماج آڌار لاءِ ٺهرايو ويو ته سرڪاري
سرشتي هيٺ ڪم به پئي سو ڪان مٿي ٻگيار نه ڪٽي
سگهندو. پورن لوڪشاهيءَ جا اصول ان ٺهراو ۾ صاف
صاف ڏسڻ ۾ پئي آيا.

نئون اڀياس- مطلب ته ڪراچي ڪانگريس کان
موٽياسون ته انساھ ساڻ ڪٽي موٽياسون. ڪراچيءَ ۾ ٿي
شري ليولڊرام سيٺي سائين کي وڌاڪيءَ جي ميلي ٿي
قومي هفتي ۾ ٦ اپريل کان ١٣ اپريل تائين هالائيءَ ۾
اچڻ لاءِ نوتو ڏنو. ميلي ٿي چڱائي سالي اچي مڙياسون.
آئينده لاءِ ڪم جي باري ۾ ڳالهيون ٿينديون رهيون
۽ پوءِ ۴ مي واري ساهتي ضلع ڪانگريس ڪاميٽيءَ
جي نوشهري واري ميڙ ۾ انهي ٺهراڻ جي روپ ۾ پاس
ٿيا. ساري اپريل مهيني ۾ هند هند نيون ڪانگريس
ڪاميٽيون ٺهيا ٿيون، عهديدار چونڊيا ۽ ساهتي ضلع

جهنڊا کڻي ڀڳت سنگهه زنده باد جا نعرا هڻي رهيا هئا پنڊت جواهر لعل ڳوڙهي خيال ۾ ٻُب هو. ماڻهن سان اکر ۽ نه ڳالهائي سگهيو.

ملير لي مهاتما لٿو ته ڪن ماڻهن ڪارن جهنڊن سان سندس آجيان ڪئي ۽ جڏهن هو لهي پنهنجيءَ موٽر ۾ چڙهڻ لاءِ اڳتي وڌيو، تڏهن سندس راهه ۾ ڪيس روڪڻ جي، ڪوشش ڪئي ويئي، ليڪن هو بلڪل چپ ۽ شانتيءَ سان رستو چيريندو، خلق مان لنگهي ويو ۽ والنٽيئرن کي اشارو ڪيائين ته ڪير به سندس رکيا جو خيال نه ڪري ۽ نه ماڻهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري.

ڪراچي ڪانگريس جو ١٩٣١ وارو اڌيويشن ڪيترين ڳالهين جي خيال کان وڏيءَ مهانتا وارو هو. اهو اجلاس سردار پٽيل جي صدارت هيٺ کليل ميدان ۾ ٿيو هو. هن اڌيويشن ۾ نئي مهاتما جي اهنسا جي ڇاپ ملڪ مٿان پڌريءَ ڏسڻ ۾ آئي. ان ڪري اُن اڌيويشن ۾ خان عبدالغفار خان ۽ سندس لعل چولن جي پلٽڻ سيني جو ڌيان پڻ ڇڪايو. صبح جو سوير جڏهن هو شهنائيءَ جي مٺي آواز سان پربات ڦيريءَ جي شروعات ڪندا هوا تڏهن هزارين عيوضي ۽ ملاقي پنهنجي جهوپڙين مان نڪري ٻاهر ٿيندا هوا ۽ ديوتائن جي درشن جو ديدار ڪرڻ لاءِ هنن جي پٺ وٺندا هوا. اهي نئي پناڻ هوا، جن سرحد جي گانڌيءَ جي اڳوانيءَ جي اثر هيٺ گذريل

هو. ٻاڊ رکڻي لاءِ ڪانگريس اڏاوتن لاءِ جي لکيا ويا ضروري هئا، سي ۽ انهن کي شيواڏارين کهڻي وڏو ڪراچيءَ مان کي ڪڍ ڪيا هئا. هو واپاري طبقي جا ماڻهو ۽ سڀني حالن جا هئا، چاڪاڻ ته اسان جي ڪراچي هڪ سرمائيداري ماڻهن جو شهر هو، جن ۾ گجراتي آزاديءَ جي تحريڪ ۽ ڪارڪن ۽ مهاتما جهڙي اڳواڻ ڪري مڪمل حصو وٺندا هئا. البت اُن واپاري طبقي جو لبنا سرگواڻي سيٺ ايسرداس هو، جنهن جو گجراتي حاليءَ سان گڏيانو سمبنڌ هو. هو ڪي ١٩٣٧ ۾ واپارين جي ٻارن سنڌ اسيمبليءَ لئي چونڊجي آيو هو.

اهڙو اُساه جو اُن موقعي تي هو، تنهن ۾ جڏهن جڏهن ٻه هڪ ڪارو نشان آهي، جو پورو لماسيءَ جي چڏهه جي سويا ٻه ڪار مثل لکيندو آهي، تنهن عين ڪانگريس اڏاوتن جي موقعي لئي سرڪار، جو وارو پڪيٽ سگهي، راجگروءَ ۽ سکديو کي ڦاسيءَ لئي لٽڪايو هو، اُن ڳالهه ماڻهن ۾ نراسائي پيدا ڪري ڇڏي هئي. مهاتما گانڌيءَ ۽ ٻين اڳواڻن کين ڦاسي نه ڏيڻ لاءِ سرڪار کي وينتي ڪئي هئي، پر سرڪار ڪن پوڙا ڪري لڪ ڇپ ۾ کين ڦاسي ڏئي ڇڏي هئي.

ٻئي پاسي جو اڃا منهن اونداهي هئي، جو ڪونڊيءَ اسٽيشن لئي مئلق پنڊت جواهرلعل جي درشن لاءِ گاڏي جي دروازي لئي بيٺي هئي. ڪي نورا ٻري ڪارا

بعد ڪانگريس جي اجلاس ڪراچيءَ ۾ ڪرڻ جي ٻڌراڻي ڪئي ويئي هئي، جنهن ڪري سنڌ جي سيني ڪ ڪندڙن جو ڌيان اُن اڊيويشن کي ڪامياب بڻائڻ ڏانهن ويو. هڪ مهيني اندر سمورا پربنڌ ڪرڻ ۽ ڪانگريس اجلاس کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ اسان مان وڏا ڪم ڪند ته ڪراچيءَ روانا ٿي ويا ۽ ڪانگريس اڊيويشن جي ڪم ۾ ڪو نه ڪو ڪم وجهي سنڀاليائون. مارچ جي پڇاڙيءَ ۾ ته اسان جي ضلع مان ڪيترن والنٽيئر اُتي پهچي ويا. شري جمشيد مهتا ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ مهيني اندر ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ ايڪسٽينشن لسي اجلاس لاءِ لڪين عيوضين ۽ ملاقين لاءِ اهڙو لحسين جوڳو پربنڌ ڪيو ويو، جو اُن لاءِ ڪا شڪايت نه رهي.

هڪڙو ڪراچي شهر هئو ئي سهڻو ۽ ورِي اُن وقت جمشيد مهتا جهڙو پرش ميونسپل پريزيڊنٽ هو، جنهن ڪري سڄو شهر ٻهڪيو پئي. ڪانگريس پنهنجي ستياگره لڙائيءَ ۾ پهريون دفعو اهڙي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، جو سرڪار کي سائس صلح ڪرڻو پيو هو. ان ڳالهه ڪم ڪندڙن ۽ جنتا ۾ عظيم اُلساهه جي لهر پيدا ڪري ڇڏي هئي. جيڏي مهل سوين مهمان ڪانگريس وهندا هئا، جن لاءِ ڪاڏو پرچڻ لاءِ ڪيترن شوڪ هڪيا ٽڪيا ڪڙا هوندا هئا، تڏهن اهو درشيہ ديوتائن جي پوڄا مثل پيو بڪندو

ڪيو ويو. ٻيون چٽل ٽولي ٻئي ڏينهن تي منجهند ڌاري
۾ لوشهري پهتي، جو ساهتيءَ جو سوراج آشرم آهي
اسٽيشن ڀرسان هو. لوشهري جي مکيه بازار جو ڪجهه حصو
سينگاريل هو. ماڻهو اسٽيشن تي اڳ ئي ڪٺا ٿيا هئا، جتي
گاڏي پهچڻ تي ساري خلق اسٽيشن اندر ڪاهي پيئي
۽ شيرڪن کي گل مالهائن سان ڍڪيو ويو. شرنائن
جو مڌر آواز ٻڌي ڪن ٿي پيو. ماڻهن جي قرب کي
ڏسي ديوتائن کي به رشڪ ٿي آيو. سارو جلوس
شيرڪن سوڌو سر بازار گهميو. رات جو عام جلسو ٿيو،
جتي شهر وارن شري کيمچند هيل مان چٽل شيرڪن جي
آجيان ڪئي، جتي ان ٽن ڪانسواءِ ٻين سڀني شيرڪن
جون ٿوريون تقريرون ڪيون. اهڙيءَ طرح صبح سڀ هر
ڪنهن مرحبا جي الوڻ جي لي گولي هئي. ٽن ڏينهن بعد
شري ٻرپداس جلدهن آزاد ٿي لوشهري پهتو، لڏهن کيس
مالهه ڏنو ويو ۽ راشٽريه کيا باليالا جي ٻالڪن پنهنجي
شرڌا وچان کيس سونو ٻلو پيش ڏنو.

١١٠ قلم هيٺ ڏهڪي چار ستياگرهي جيلن ۾ بالڊ
هئا، ان کي ٻه ٻهوٽين ڏينهن آزاد ڪيو ويو هو ۽ مٿائين
کيس ڪڍايو ويو هو، ۾ شري کيمچند، جو ضامن
تي آزاد هو، ان تان کيس ڪين ڪڍايو ويو. اهو
پوءِ ڪراچيءَ ڪانگريس اجلاس وقت ڪڍايو ويو.

ڪراچيءَ ۾ ڪانگريس - ستياگرهين جي آزاديءَ

آر ڊ ينس ٽوڙيا آهن، اُنهيءَ بعد ڪابه شڪتي ڪانهي،
جا اوهان جو حق ۽ اوهانجي حيثيت کسي سگهي.
جيڪڏهن مسلمان ۽ اڇوت نڌين ڪائونسلن
جون سيٽون جگهون ڪٽي وٺن ته هندو گهٽو ڪين
وڃائيندا."

هن منزل تي مهاتما جي ڇاپ ساري ملڪ تي لڳي
چڪي هئي ۽ هو ئي ملڪ جو واحد اڳوان سمجهيو ٿي
ويو. ان ڪري ڪانگريس پنهنجي پاران صرف مهاتما
کي ئي انگلينڊ راونڊ ٽيبل ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ
لاءِ مقرر ڪيو ته آزاديءَ جي باري ۾ ملڪ جي پاران
ساري ڳالهه وڃي نروار ڪري.

ستياگرهين جي آزادي- اهو گانڌي اروِن

پئڪٽ ٿيو تہ چوڌاري سرهائيءَ جي لهر پکڙجي
وئي. سڄي ملڪ ۾ ماڻهو پنهنجن شيوڪن جي آزاديءَ
لاءِ آتا سان نهارڻ لڳا. جيڪي شيوڪ ٻاهر هئا، سي
تمام ماڻهن جي ساٿ سان شيوڪن جي آجيان لاءِ تياري
ڪرڻ لڳا. اسان جي ضلع ۾ ٻهرين ٽولي ١٠ مارچ تي
نوابشاه ۽ حيدرآباد جيلن مان ڇٽي، جن ساٿيءَ جو
ڏيون جٿو جنهن ۾ سرڪاري ڪاڪو سڄانند، پروفيسر
سانند، پريداس برهمچاري ۽ ڄيٺمل راءِ ناڻاڻي هئا،
ٿي آزاد ڪين ڪيو ويو. ڇو ته اُهي منصوبي جي ڏوهه
ت سزاياب ٿيل آهن. اُنهن کي ٻئي ڏينهن پوءِ آزاد

شري ڏيتمل مولڪي آهستي چيو ته "يار! هيءَ ڪورٽ جي بي عزتي آهي ؛ اُن لاءِ توکي سزا ملي سگهي ٿي." مون چيو ته "هان اُن لاءِ تيار آهيان، باقي شاعري ڪانه ڏيندس."

سڀاڻي ڏيتمل جي اشاري تي جڏهن جناب اڪرم مولڪي ڪتاب پڙهي ويا، اُنهن ١٤٤ الم عيد گرفتار ٿيل سو ماڻهن تي به اساتي والگر ڪيس هلي رهيا هئا ته مارچ جي شروع ۾ ٿيل گانڌي اروِن پيڪٽ لاءِ مطابق ڪري سڀ آزاد ٿي ويا هئا.

گانڌي اروِن پئڪٽ - پاڻ اندر ديش جي آزاديءَ لاءِ هلايل هلچل کي محسوس ڪري، اُن وقت جي وائسراءِ لارڊ اروِن ليڊر مهاتما گانڌيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، جنهن کي گانڌي- اروِن- پيڪٽ نالو ڏنو ويو. اُن موجب سڀ واجبي قيدي آزاد ٿيا هئا. ٧ مارچ ١٩٣١ تاريخ تي مهاتما گانڌيءَ دهليءَ ۾ هڪ جلسي ۾ اعلان ڪندي چيو ته "آءٌ پنهنجي روح سوءِ الحق حوادث ته مان ننڍڙن ٻالڪن جي مدد وٺڻ لاءِ به تيار آهيان، خاص ڪري اُنهن استرين جي، جن ٿورڙن سال ۾ اهو ڪي ڪري ڏيکاريو آهي، جو ڪنهن ڪين ڪجهه موالون. گذريل پارٽين مهمن اندر استرين پنهنجي ستياگره جي شڪتيءَ جي عجب لائق ڏني آهي. وهي مهمن ۾ اوهان سرڪار جا سڀ قاعدا ؛

گاڏيءَ ۾ ڪاڌو کائيندو هو. هڪ دفعي اڙان ۾ سيـ
پيسومل هيرانندانيءَ جي گهر وڏي ايوان ۾ رات جـ
سڀ سوراجي ڪاڌو کائي رهيا هئاسون ته پرني مڙسـ
ڪلي، پٽڪي ۽ سلوار سان ماڻهو ڏسي اسان کان پڇيـ
ته اهو همراه ڪهڙو پارٽ ادا ڪندو آهي؟ مون ڪيس
ڪلي چيو ته هو اسان جي رکيا لاءِ سرڪار راڪو مقرر
ڪيو آهي. عبدالله بہ مشڪل سان شڪرگذاريءَ جو
اظهار ڪيو.

ان ڪري عملداري مرڪزن ۾ به اسان کي وڏي
عزت جي نظر سان ڏسندا هئا. شري ڏيئلمل وڪيل به
ڪيس ڪورٽ ۾ هلائي، ڪڏهن ڪڏهن اچي اسان سان لاڪپ
۾ ونڊر ڪندو هو. هن کي ڳالهين ڪندي مون ٻڌايو
ته ۱۴۴ قلم هيٺ گرفتار ٿيل سمورن ماڻهن سان گڏ مون
۾ قاعدو ٻڌو هو، سو هن نڪا ڪئي هم، نڪا تم، سڌو
ڪورٽ مان سپاهي موڪلياءِ ته ميشارام غير دريافتي
قيديءَ کي ڪورٽ ۾ حاضر ڪيو. ڪورٽ چيو ته مان
قسم کڻان. مون پڇيو ته "ڇا لاءِ؟"

شري ڏيئامل مونکي چيو ته ڪورٽ جنهن کي به
حڪم ڪري ته اهو ڪنهن به ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ
بندل آهي. مون يڪدم جواب ڏنو ته "اسين ڪنهن به
سرڪاري ڪيل ڪارروائيءَ ۾ ڀهرو نه وٺندا آهيون،
نڪي هن ڪيس ۾ ڪو ڀهرو وٺندس."

[illegible] ١٣٣٠ ۽ جنهن
[illegible] سرڪار الدارو
[illegible] وڃي آهي،
[illegible] نوتي [illegible] سو
[illegible] ١٤٤ قلم لڳائي ڇڏيائون، جنهن
[illegible] جلوس وغيره تي پابندي وجهي ڇڏيائون.
[illegible] ڪير ٽوڙي؟ سو اسان لوڪ جو
[illegible] جتي ڪٿي ماڻهو ڪٺا ڪري ٻه
[illegible] هوا ۽ جلوس ڪڍي ١٤٤ قلم ڪسي ڪر
[illegible] هوا. مان ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ ڳوٺ
[illegible] ١٤٤ قلم جي ٽوڙي ڪندو هوس ۽ [illegible]
[illegible] هوس. ان جو تجربو [illegible] جو جنهن
[illegible] اهڙيءَ ڪان اڳ ڪنڊياري تعلقي مان
[illegible] ڀيلاڻي، ڪنڊياري، ڏيڙي مان
[illegible] ڪيا ويا، جن کي [illegible]
[illegible] اسان [illegible]
[illegible]

و
لي

[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

جو اُن وقت جيل کان ٻاهر هو، اُن لاءِ اِها ڳالهه
پڌرائي ويئي. هن مثال مان ظاهر ٿيو ته هنن جي ڪيس
۾ اپاءُ ڏيڻ ضروري آهي، جنهن سرڪار جي ڪلط
روش جي پاندا ڦوڙ ٿي. سنڌ جي مشهور شري
سنتداس، ۽ شري هرداسمل وڪيل جهڙن شيوانن ٻيا
ڪنهن اُجوري جي هٿ ڪيون ويون. شري کيمچند
جنهن شري سنتداس وڪيل کي مڃائي حيدرآباد مان
موٽي رهيو هو، ليڪن ڪيس نوابشاهه اسٽيشن تي گرفتار
ڪري نوابشاهه جي ڪورٽ ۾ آيو ويو؛ پر ڪيس چيو
ويو ته اوهين آزاد آهيو، جو اوهان جي ٻرپٽ شري
...و جراج لاڙونيل صاحب پنهنجي ويو آهي. هن ان تي اعتراض
...ور ٿو ته منهنجي مڃتا ٻيا اُنين ڪهڙن ٿو ٿي سگهي؟ پر
...هن کي ڪين ڇڏيو ويو. صاحب تي هوالدي اسان سان گڏ
...الس ڪيس هلندو رهيو. ان بعد اسان جي ڪيس
...ڇڏيو شري کيمچند ڪري رهيو هو، جا ڳالهه عملدارن کي
...ڪال تي آلڙي.
ڪيس هلندو رهيو. شري ڏيئلمل سنڌ جو مشهور
...ڪيل سرڪاري وڪيل هو. هو اِهڙي اصولي جو چالاڪ
...هر هو، جو شاهدن کان ڪي اهڙيون عجيب ڳالهيون
...انيندو هو، جو مولڪان نهڪ لڳي ويندو هو.
... ڏيئلمل منهنجي وڪيل کي مولڪي آهستي چوندو
... ته اِها ڪورٽ جي بي عزتي آهي ۽ پر مئجسٽريٽ
...ڪچندو ڪي ڪونه هو.

الاهين امور، جڏهن هنن اکين سان ڏٺو. اها ڳالهه [illegible] ادل ۾ کٽکندي رهي ۽ هنن هڪ ڳالهه [illegible] انهن اسان ڪم ڪندڙن جي خلق ۾ [illegible] . هنن ولهاري آخر هڪ ڳالهه ايجاد ڪئي. [illegible] ۽ ڪن جو حضور زميندارن جي معرفت [illegible] گهڙي اسالڪي ١١٠ قلم هيٺ [illegible] فيصلو ڪيرويو. اوچتو ٢٠ جنوري ٤ لي [illegible] شري هرشچندر ٽالواڻي، ڏيپارجن واري [illegible] ۽ محمد داري واري درياهه ڏلي مل کي گرفتار [illegible]. اها ڳالهه اُنهي ڏ رهي سگهي. جنهن جنهن اسٽيشن [illegible] لي، اُتي سوين لوڪ اچي ڪٺا ٿي ٿيا ۽ [illegible] ڏن لکي لي واٽي. ٢٠ جنوري ١٩٣١ رات [illegible] اواسشاد هي الڪمپ ۾ پهچي وياسون. ان ١١٠ قلم هيٺ گرفتار ڪيل ٿوليءَ جو سردار شري ڪيمچند [illegible] کي ڇاڙ و [illegible]، پر هن کي اڃا گرفتار ڪين ڪيو [illegible] هو، جو ان لاهه شاهدي ڏيڻ لاءِ ڪي ۾ ليار ڪين لي ليا.

هن ڳالهه ماڻهن ۾ زبردست لاءِ پيدا ڪيو. ضلع جي سڀني شهرن ۽ ڳوٺن ۾ عام ميڙ ٿيا، جني اسالڪي گرفتار ٿيڻ لي مبارڪباد ڏيڻ سان گڏ ميڙ ۾ سرڪار [illegible] خلاف نهراو پاس ڪيا. اهڙي [illegible] ڪانگريس معرفت سردار پٽيل،

جواهر لعل جي لفظن موجب مهاتما کان مليل اهنسا
هٿيار کان اسان اهڙو نه ڪم ورتو، جو آئينده هلي پا
ڏسندا ته اسان ملڪ ۾ اهڙو اثر پيدا ڪري سگهياسو
جو اڄ تائين عام جنتا اسان جي ڳالهه گهٽ نه پئي ڪ
آهي. ڪانگريس جنهن انتظام ۽ اهنسڪ طريقن سا
آزادي حاصل ڪئي، انهن ساڳين طريقن سان ڪانگريس
عام جنتا جي پشتي حاصل ڪري سگهي آهي ۽ پورن
لوڪشاهي طريقن سان ملڪ تي راڄ ڪري رهي آهي.

١١٠ قلم هيٺ ڪيس - اخبارن ۾ خبر پئي ايندي
هئي ته انگريز سرڪار ڪانگريس سان صلح ڪرڻ لاءِ
خواهشمند ٿي آهي، پر اسان ان ڳالهه تي ڪو ڌيان ڪو نه
ڏيندا هواسون. هلچل جنن پوءِ اڃان زور پڪڙيندي
ويئي. جولاءِ ١٩٣٠ کان جنوري ١٩٣١ تائين سڀني ضلع ۾
ڏنل پروگرام جي پورن پيروي ڪري چڪا هواسون.
ولائتي ڪپڙي ۽ شراب جو وڪرو بند ٿي چڪو هو.
نوجوان ڏڦاڏڙ کادي پائڻ جون پرلگيائون ڪري
رهيا هئا. وديارٿي پوري هلچل کي پشتي ڏيئي رهيا
هئا. سرڪاري اختياريءَ جو زور گهٽي قدر ڍلو ٿي
ڪو هو. جنتا هر نموني سرڪار جو بهشڪار ۽ اسانجي
ڀرائي ڪري رهي هئي ۽ ايتري قدر جو ١٨ نومبر
، گورنر اسانجي ضلع ۾ جتي جتي آيو، آتي هن جو
ن بهشڪار ڪيو ويو، جنهن جو احساس عملدارن

جيڪو اسانکي اهنسا جو هٿيار ڏنو آهي، اُن جو جيڪو
لهرس ۾ وهندڙ الوڙير آهي، اُن لي مون ۾ ٿي سوچيو
آهي ۽ مان اوهانجي اڳيءَ اهنسا جي پٽ جو اهڃاڻ نه
پالڻ وارو ئي جيڪو آهيان، جهڙو اڳي ڪڏهن ڪين هوس."

اهنسا جو اثر- اسانجي ضلع ۾ ڪٿي ٻه ڪڏهن
ٻه سو ڪار طرفان يا ڪانگريس ورڪرن ۾ اهڙي شڪايت
ڪانه آئي ته اسانجي ضلع جي ڪم ڪندڙن يا عام جنتا
جوش ۾ اچي ڪٿي هنسا ڪئي. ودياريٿين کي ڦٽڪا
لڳا، عام جنتا تي لٺبازيون ٿينديون رهيون، مٿن هنٽرن
سان مار پيئي، گهوڙن هيٺان لتاڙيا ويا، پر ڪنهن به
ڪڏهن جوش ۾ اچي ڪنهن قسم جي هنسا نه ڪئي؛
پوءِ ڪٿي ڪيترو به اهڙين کي حيران ۽ پريشان ڪيو ويو.
گورنر جنهن وقت نوشهري پهتو، اُن وقت اُن کان ٿورو
اڳ پوليس اسانجي ڪن مسلمان ڪڙمين ذريعي هندن
زميندارن جي دٻاو هيٺ اچي اسانکي هيسائڻ لاءِ ۽
فساد جي صورت پيدا ڪرڻ لاءِ هڪڙو حيلو هلايو؛
پر اسانجي ضلع ۾ ودياريٿين ۽ ماڻهن اهنسا جي اهڙي
پڪ ڪئي هئي، جو مٿن ايڏيون ڪوششون ٿيون، ته به
اسانجو شاهه صاحب جي لطف ۾ ڪين اهو لي جواب مليو-

هو جوني، ٿون ۾ جڙ - والون وڙائي؛
اڳ اڳرائـــي جو ڪري - خطا سو کائي؛
پالڻ ۾ پائي، ويو ڪهي وارو ڪيڏڪي.

ڳالهيون شروع ٿي ويون. انهن ڳالهين وقت پنڊت
جواهرلعل نئني سينٽرل جيل ۾ پنهنجي پيءُ پنڊت
موتيلعل سان گڏ بند هو. پنڊت جواهرلعل ڪانگريس
جو پريزيڊنٽ هو، ان ڪري اُن ناهه جي ڳالهين ۾
انهيءَ سان پڻ ضروري هو. اُن ناهه جي ڳالهين جي باري
۾ پنڊت جواهرلعل گانڌيجيءَ ڏانهن ۲۸ جولاءِ ۱۹۳۰
تي وڏو خط لکيو، جنهن ۾ هلچل جي باري ۾ لکيائينس
ته ”گذريل ڇهن مهينن ۾ اسان جي ملڪ جيڪو
چمتڪار ڏيکاريو آهي، انهن مونکي بيحد خوشي ڏني
آهي ۽ مونکي پنهنجي ديش جي مردن، زالن ۽ خود
ٻارن تي به ناز آهي، پر ساڳئي وقت مونکي خبر آهي
ته عام طرح پارلواسي لڙائي جهڳڙي کي پسند نه ڪندا
آهن ۽ هو صلح چاهين ٿا ۽ تنهنڪري مان پنهنجي جذبن
ڪي دٻائڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهيو آهيان ۽
صلح وارو رخ ئي اختيار ڪري رهيو آهيان. اوهان جيڪو
پنهنجي جادوءَ جهڙي اثر سان اٿون پيار پيدا ڪيو
آهي، تنهن لاءِ اوهان کي مبارڪون ٿو ڏيان. اسان جي
۽ مستقبل ۾ ڇا اچڻو آهي، اُها مونکي ڄاڻ نه آهي،
جي گذريل وقت جي هلچل اسان جي جيون ۾ جان
ي آهي ۽ اسان کي اُن تي فخر آهي. اسانجي ملڪ
ڦڪي ۽ نراسائيءَ واري جيون ۾ ويرتا جو رس
ٿي ويو آهي. هت نئني جيل ۾ رهندي اوهان

رت لڪتو هو. ڪيترن جا ڪپڙا ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ويا هوا. سج لٿو. اسانجي لوڙهي ٽان گهوڙيسوار پوليس هٽائي وئي. حشام ماڻهن جا لوڙهي کان ٻاهر بيٺا هوا. اسان جي ٻاهر نڪرڻ تي مهاتما گانڌيءَ جي جئه جي نعرن جي ڌڌڪار لڳي وئي. ٻين ماڻهن کي اپيل ڪئي ته سڀ جڻن جي قطار ۾ بيهي وڃن ته سرگس ناهي شهر ۾ هلون. وڏو ڇوڪرن جي ڏار هئي. حڪم جي تعميل ٿي وئي. سرگس قومي راڳ ڳائيندي لوشهري جي وڏيءَ بزار ۾ گهڙي. راڳن ۾ هڪ راڳ هو. "مرحبا چئي الهڪي، ملڪ لاءِ جي مارها." ان وقت منهنجي ذيان تي آيو ته منهنجي خمس صفا ڇيرون ڇيرون ٿي پيئي هئي ۽ پليءَ مان ڪنڌن سان رهڙجڻ ڪري رت وهيو هو.

سيٺ ڪيسومل جي اوطاق وٽ پهتاسون ته ٻين مٿي تلهي تي بيهي ماڻهن کي واڌايون ڏنيون جو هن عين موقعي تي بهادر سنڌڪن وانگر آزاديءَ لاءِ ٽڪ جو پورو ثبوت ڏنو هو. ان لڙائي بعد جلوس ائٽي وڌيو ۽ وڏي بزار جي پڇاڙيءَ تي ختم ٿيو ۽ وڏي السلام سان سڀڪو پنهنجي ماڳ موٽيو.

صلح جون ڳالهيون - هلچل زور هئي.

هوڏانهن الدران ٿي اندران سرڪار ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ ڳالهه آئڻ لاءِ سر ڦ شري سابرو ۽ جئڪر معرفت

هئا، سي به گورنر سان گڏ موٽرن ۾ ۽ سندس اڳيان ج
پٺيان موٽرن ۾ بيٺا هوا. سندن پاسن کان تراريون لٽڪي
رهيون هيون ۽ ڪمر ۾ پستول هئن. پر ايمان جي
جٿيدارن جي ٻانهن ۾ جي ڪارا جهنڊا هئا، سي گورنر
جي پارٽيءَ جي مٿن کي ذري گهٽ ڇهي رهيا هئا ۽
نعرن جي گونجار پئي پيئي. نيٺ هڪ باڊي گارڊ لهي
اچي عزت سان چيو - "Please, do not be hasty; Governor
is going back within few seconds." "مهر بانو! تڪڙ نه
ڪريو؛ گورنر تورڙن ني مٿن ۾ هليو تو وڃي."

گورنر جو عملو موٽرن ۾ ڦاٽڪ ۾ گهڙيو ته مڇ
لي سندن آڇيان ڪرڻ لاءِ ڪير به ڪونه هو. ويچارو
ٻهر هيءَ رونداد ڏسي شهر ۾ به ڪونه ويو ۽ ائين
ني ناروشاه مان موٽي ويو.

گورنر پنهنجي اسپيشل ريل ۾ ڊيري، ڪنڊياري،
هالاڻيءَ ۽ محراب پور اسٽيشن کان لنگهيو، پر ماڻهن
ڪيس اُتي هلندڙ گاڏيءَ ۾ به ڪونه ڇڏيو. جن گاڏي
سٽيشن تان لنگهي ٿي وڃي ته ماڻهو، جي اڳيئي اُتي
ٺا هئا، اُنهن گورنر گو بئڪ جي نعرن سان سندس
جيان ڪئي.

هيڏانهن مون اٽڪل ٥ بجي شام جو اُن لوڙهي ۾
جي سٿڪن سان وهاڻ ڪئي ته ڏنم ته ڪن کي
لي گهوڙي جي ڪرڻ لڳڻ جا اشان هئا؛ ڪن کان

پاهڻ ٽنگاٽولي ڪري وڃي اسڪول ۽ شهر جي وچ ۾ هيءَ ۾ ڦٽو ڪيو. هرشچندر موٽي اچي وري ٻه ٽڪ اڳيان ليٽي پيو، جتان وري ٻه ڪيس ٽنگاٽولي ڪري ڪاهيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويو. ٽي پيرا اِها روئداد ٿي. ٻوٿين پيري جڏهن وري ٻه هرشچندر ڦاٽڪ اڳيان اچي ليٽي پيو ته مسٽر قسمت راءِ آئي. ڪان نڪري ويو. هرشچندر ڪي خانگي عضوي لي پوليس انسپيڪٽر ياري ٻوٽ سان لتون هنيون ۽ پستول ڪڍي مٿانس بيهي ويو ۽ للڪار ڪندي چيائينس ته "اٿين ٿو يا مان اِلي ٿي ٿو ختم ڪيانءِ." للڪار جو جواب ڪيس هرشچندر وٽان للڪار ۾ مليو ته "مونکي ڀلي مار، پر مان اٿندس ڪاهي ڪين."

جڏهن اهو ڀڙڪائيندڙ درشيه، بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙ وديارٿين ڏٺو ته سڀ جوش ۽ اُتساهه ۾ ٻاهر نڪري آيا، سواءِ هڪ بيمار وديارٿيءَ جي. اِن وچ ۾ گورنر جي ڪار اڳيان ۽ سندس شاهي عملو پٺيان ٻين موٽرن ۾ اچي مکيه ڦاٽڪ وٽ پهتو. مسٽر قسمت راءِ هرشچندر کي ڇڏي، هٽي پري ٿيو. وديارٿين ۽ جنتا ۾ هڪ اڻ وسرندڙ اُمنگ، اُتساهه ۽ جوش جي لهر هئي. آسمان گورنر گو بئڪ جي نعرن سان گونجي رهيو هو. لنبن بانس جي لڪڙن ۾ ڪارا جهنڊا، گورنر ۽ سائس گڏ ڪار ۾ ويٺل بالا آفيسرن جي سفيد ٽوپلن کي ڇهي

پنڌرهن منٽن
... ستن ميلن جو مفاصلو هو. ريل لاءِ پنڌرهن منٽن
... ۽ پنڌ ڪونه هو. اُلي تارو شاهه ۽ اسان جا والنٽيئر
... ڪن وانگر صفن ۾ بيٺا هئا. اُلي هالائي، ڀلائي،
... يارپ ۽ ٻين شهرن مان آيل ڪافي ڪم ڪندڙ ۽
... والنٽيئر پهچي ويا هئا. تنهن ڪانسواءِ جو ماڻهن لئي زور
... جي آندو ويو ته گورنر جي اچڻ وقت هن هن نموني
... ڪن، سا ڳالهه هنن ڪي نه آئڙي. سڀني دل ۾ غيرت
... جي آئي ته گورنر جي آجيان ڪرڻ بي عزتي جو
... ثبوت ڏيڻ برابر ٿيندو، سو دڪان بند ڪري اچي
والنٽيئرن سان شريڪ ٿيا. گورنر جي اچڻ ۾ باقي ڪي
پنڌرهن منٽ هوا ۽ هتي ته نوشهري جيان حشام ماڻهن
جا، جنان گورنر لنگهڻو هو، اُن رستي جي ٻنهي پاسي
تي بيٺا هئا.

گورنر جي اسڪول ۾ استقبال ڪرڻ لاءِ سارو ساز
تيار هو. منهن جي گرين روم ۾ ويٺل ودياريٽن جي
هرڪا تياري ٿيل هئي.

اسان جا والنٽيئر شري هرشچندر جي ڏنل ڏيوڙهي
لي اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جي وسيع حاطي جي
پاهران باقاعدي ويهي رهيا. اسڪول ۾ جيڪي ماسترن
جا ٻار ۽ ٻيا اڪڙ ٻڪڙ ويا ٿي، تن کي ويهي ڪري
پٺي موٽايائون. باقي بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙ ودياٿي
رهيا ئي پنهنجن ڪمرن ۾. انهن خاطري ڏني هئي

لٺين ڪالواءِ عام ماڻهن ۾ ڪارا جهنڊا ان کان ولي
پنهنجن هٿن ۾ کڻيا هئا. انهن جي اهڙي اُجهل لهرائي
هئي، جو اختياريءَ وارن لاءِ ان کي ضابطي ۾ رکڻ اڻٿيو
ٿي پيو هو. ان وقت پوليس عملدارن ۽ صوبيدارن کي
چتاءُ ڏنو ته ڳالهه هٿن کان وڃي رهي آهي. هنن پنهنجن
ڪڙمين کي هڪل ڪئي ته هر ڪنهن والنٽيئر کي گولي
اوڙهي ۾ ڪن. پر هتي ته اها ڪار هئي ته ملڪ
مڙيو ئي منصور، ڪهي ڪهڙن ڪيترا؟ الائي ڪيتان
الاهي آدم اڄ پيدا ٿيو هو! رستن جا رستا ماڻهن سان
سٽيا پيا هئا. مون کي به لوڻ اچي ويئي. مان ۽ اَلي
ڪن والنٽيئرن سان سو هڙس ته آيل گهوڙسوار ۽
سپاهي اسان کي ڪنهن مان گهليندا هلڻا. مون کي
گهوڙن جا کُر لڳا، پر مولکي سهڪ ڪاڏ رهي. مگر پاڻ
پيرن کي لڳي ويئي هئي، جا وساڻ جي ڪاڏ هئي.
ماڻهو ڪوپ ميالا ڳالهائيءَ جي جڙ ۽ پاريت مالا جي جڙ
جا نعرا هڻي رهيا هئا. جڏ پوليس ۽ گهرائل ڪڙمين
کي چتاءُ ڏني رهيا هئا ته ڪٿن گولين، پر خلق هئي
اٿاه، سو ڪيهنکي گهلي، ڪيهنکي گولين؟

گورنر جڏهن لڪيو ته ماڻهن ڪارا جهنڊا ڏيکاري
نعرن ڏيڻي "گورنر گو بئڪ" سان ڪيس ڪيڪاريو.
هو واڇارو لڪڙو رستن تان موٽر ۾ هلندو ويو.
گورنر جو نوشهري بعد ٿاروشاهه ۾ پروگرام هو، وچر

سان گڏ شهر جو چڪر هڻڻ لاءِ نڪتس. ڏٺم ته ڪافي
ماڻهو ٻاهران آيل ويا هئا ۽ رستن تي ڏٺم ته پوليس
جون ٽوليون اچي به ٻاهران اچي رهيون هيون.
هوڏانهن اڪيچار پوليس پنهنجي هٿن تي نارو شاه
۽ نوشهري ۾ خاص اُن موقعي لاءِ گهرائي وئي هئي.
اُن ۾ گهوڙيسوار پوليس به ڪافي هئي.

اٺين بجي صبوح جو مان پريا-نوشهري رستي تي،
جتي ١٩٢٢-٢١ ۾ ڪانفرنسون ٿينديون هيون، اُتي ڏٺم ته
گهوڙيسوار پوليس پنهنجي ڪارروائي شروع ڪري
ڇڏي هئي. جتي جتي هٿن وديارٿين جون ٽوليون ٿي
ڏٺيون، اُتان گهوڙن تان ڇهوڪن سان ماريندي ۽ ڪين
ڊوڙائيندي هڪ لوڙهي ڏانهن وٺي ٿي ويا، جتي
ڪين بند ڪري، مٿان پوليس ٻهاري ڇڏيائون. اها
واردات ڪي ڪلاڪ هلندي رهي. ڪافي والنٽيئر
ڇهه ڪلاڪ اُن بند ۾ رهيا؛ پر خلق جو اتو مٿو ڪونه
هو. شهر ۾ جڏهن اهي خبرون هوا وانگر ڦهلجي
ويون، تڏهن سمورا دڪان بند ٿي ويا ۽ شهر جي
ساري خلق شهر کان ٻاهر گورنر جي ڀهشڪار ڪرڻ
لاءِ انهن رستن تي پلتجي پيئي، جتان گورنر لنگهڻو هو.
وري جڏهن ١٢ بجي منجهند جو سائين هند ويس
ته مونکي صبوح کان گهٽا والنٽيئر نظر آيا، جيتوڻيڪ
ڪي به سو کن والنٽيئر ته لوڙهي ۾ بند ٿي چڪا هئا

نعرا جيڪالي ڇڏيا هئا.

لوشيري ۾ مسلمان زميندارن پنهنجا سوين ڪڙمي سرزمين لي آڻيا ته موقعي لي پيشڪار ڪندڙن کي گهڻي پري ڪڍي ويون.

اسان عام ماڻهن، والنٽيئرن ۽ ودپارٿين کي ڏهن لشين ڪرائي ڇڏيو هو ته ڪنهن هر حالت ۾ پورن احمسا ڪان ڪم ولڻو آهي. جيڪڏهن مٿن مار پوي ته به ڪنهن هٿ نه هلائڻو آهي. مون لوشيري جي چارج ڪئي ۽ شري هرشچندر ٺاروشاه جي. اسان اُٺي هڪ ڏينهن اڳي سرزمين لي پهچي ويا سون. اِن هنڌن جا قومي ڪم ڪندڙ به هڪ ڏينهن اڳي صوبي جو ٿي پهچي ويا. سانجهيءَ جو اِن ماڻهن ۽ ودپارٿين اچڻ شروع ڪيو. هر ڪنهن کي مجبور ڪيو گورار جي اچڻ کان اڳي رستي جي ٻنهي پاسي اچي بيٺو هو.

ٻئي شورن ۾ ماڻهن کي ڪارا جهنڊا ڏيئي ڇڏيا هواسون ته ڪڏن لي چاڙهين. والنٽيئرن کي ڪارا ٻڌ پالين ۾ پالڪي لاءِ ڏيئي ڇڏيا هئاسين ۽ ڪن ڪارا جهنڊا به ڏناسون ته گورنر کي ڏيکارين ۽ گورنر کي ٻڌڪ جو نعرو لڳائين. ڇهن ڇهن ڇٽن جو هڪ هڪ جٿو هو، جن ۾ هڪ ليڊرشپ مقرر ٿيل هو. اُن کي جوٿو هو- ”گورنر“ ۽ اِن کي جوٿو هو- ”گو ٻڌڪ.“

سوال صوبي جو، سڀني پنهنجي مان ڪم ڪندڙن سان

ڪـان اچـي نوشهري
ڇوڪرا ان ڏينهن ٧ ٻـجي صبوح
ڀڄي ويندا سين ۽ گورنر جي ٻهشڪار لاءِ پورو نهر ڪ
وندا سين.

تـاروشاه ۾ به هـاءِ اسڪول ۾ هالائـيءَ جا شري
هرشچندر تـانوائيءَ جا سوٽ سرڳواسي ڪتومل تانوائي
۽ شري تاراچند تانوائي شاگرد هئا، تن به پنهنجي ساٿين
کي وقت بوقت پٽي ڇيو ته گـورنر جو پورو ٻهشڪار
ٿيڻ گهرجي.

اسان ماڻهن کي اپيل ڪئي ته اُن ڏينهن تاروشاه ۽
نوشهري ۾ پورن هڙتال ٿئي ۽ شاگرد اسڪول ۾ اصل
نه وڃن ۽ جنهن وقت گورنر اَچي ته اهو رستو، جتان
گورنر لنگهڻو هجي، اُن جي ٻنهي پـاسي هزارن جي
تعداد ۾ ماڻهو اچي بيهن ۽ اڳوان چوي- "گورنر" ۽ جتا
جواب ڏئي "گو بئڪ."

هوڏانهن تـاروشاه ۾ زميندارن ڪوشش ڪئي تـه
گورنر اچي ته سندس پـوري آجيان ٿئي؛ جن هنڌن
تان هو لنگهڻو هو، تن مان ڪن رستن تـي اُن ڏينهن
گلم وڇائجن ۽ ماڻهن کي هدايتون پٽي ڪيائون ته ڪير
به پاسي ڪنڌ تي به ٽڪ نـه اُچلي. البت ماڻهن کـي
اهي ڳالهيون ناگوار پٽي لڳيون ۽ ڳوٺ جا ڪي وڏا
زميندار اُن ڳالهه جي پوري پـخيرائي ڪري رهيا هئا.
اسان وري ٻنهي شهرن ۾ يقين تي گورنر کو بئڪ ج

زميندار هوا. مسلمان ۽ وڏا زميندار هوا ۽ هندن ۾ ٻهجي لمولن جا زميندار هوا، ان ڪري هنن کي توهيمنه ڏاڍيون مالي لپٽ ۾ جوکم ڏي نظر آيو.

هو ڏاڍيون سرڪار جون ساري ضلع جي عملدارن کي هدايتون اچي ويون ته هو ڪامورن کي پوري ڪوشش وٺي آهي، جنهن گورنر جي استقبال ۾ ڪنهن به قسم جو رخنو نه پوي.

ماڻهن سان ۽ شاگردن سان اڳي ئي ڏينهن پيا ڳنڍيا هواسون. تنهن ڪانسواءِ عام ميڙن ۾ پرجوش تقريرون ڪندا هواسون.

هو ڏاڍيون عملدار زميندارن کي تاڪيد ڪندا هوا ته جي گورنر جي آمد وقت ڪجهه ٿيو ته سندن لاءِ چڱو نه ٿيندو. هاءِ اسڪولن جا هيڊ ماستر اسان جهڙي پڙهندڙ ڪيل اڳ کي متاثر لاءِ سائن وقت بوقت ڳالهيون ڪندا هوا ۽ گورنر کي جلسي ۾ ٻانهه ڏيکارڻ لاءِ تياريون پيا ڪرائيندا هوا.

باقي گورنر جي اچڻ ۾ ٽي ڏينهن هوا. مون پنهنجي پنهنجي گروهه پڙهن جي هاءِ اسڪول جي مٿين درجي جي شاگردن سان آخرين ڳالهه ٻولهه ڪئي. اُنهن ۾ سرڳواسي ٻيمداس مدواڻي، جو پوءِ اجمير ۾ آيو ۽ اسيمبلي ميمبر به چونڊيو هو، سو به هو. هن سان ... ڪي ڇوڪر ڇوڪريون انگريزي ۽ اُن کان مٿين درجن جا

کنڊن ھلچل سان سھائيو لئي رکندڙ نوجوانن ۽ وڏڙن
وديارٿين سان سويل صبوح جو ٺاروشاه يا نوشھري پھچين.
پھريون ڏيان اسان جو ھود نوشھري ۽ ٺاروشاه لئي
ويو، جتي گورنر جي عزت ۾ جلسا رٿيا ويا ھوا.
بالائي ڪنٽب اسھڪار جي لھرڪ ۾ اٺ وسرندڙ
قرباني ڪئي ھئي. لنيدا وڏا آزاديءَ جي اڳيي ڪمھ
۾ نپي پيا ھئا. سرگواسي شري پرسرام بالائي سيٺي ۾
لنيو ھو، پر جنسي آڳ جو گولو ھو. سندس دل ۾
عجيب لڙڪ ھئي. ھڪ مجنو ھو، جنھن کي ڀارت جي
آزاديءَ جي ڏينھن رات لڳن ھئي. وڏ گھراڻو ھو.
دولت ۽ عيش آرام چاھي ھا ته وٽس سڀ ڪجھ
ھو؛ پر ھڪ سرمست فقير ٿي پيو. چھل ۽ جتيءَ
کي طلاق ڏيئي چڏيائين ۽ پيري اگھاڙو، لٽيءَ ڳڏيءَ پيو
ھلندو ھو. انگريزي بنيادي طرح نوشھري جي ماڻھن ۾
ڪافي قوميت ھئي، پر اُتي ١٩٣٠ بعد مسلمان ڪمرڪندڙ
ڪونه پيدا ٿيا، نوشھري ۾ قومي اسڪول ۽ ختم ٿي
چڪو ھو، اُتي مسلمانن جو مدرسو ھاءِ اسڪول ھو،
جتي گورنر جي عزت ۾ جلسو ٿيڻو ھو. اُتي جي
وديارٿين نھال نرياڻي، رام ماملاڻي ۽ نوشھري جي ڪم
ڪندڙن سرو شري ڪيمچند ۽ ديپچند، وديارٿين سان
ملڻ شروع ڪيو.
پر ٺاروشاه جو نرالو شھر ھو. اُتي لنيدا وڏا ڪيترائي

۽ گورنر جي آمد خلاف احتجاج ۽ واڪا بلند ڪرايون، جو
ڪنهن ۽ سندس زبردستن کي پورو احساس ٿئي ته
ساٿين قومي خيال رکندڙن جو احتجاج مضبوط انداز آهي،
جنهن کي ختم ڪرڻ محال آهي.

اسان محسوس ڪيو ته ڪاريه لاءِ نوجوان ۽ ودياٿي
ئي گڏجي ۽ گهڻو ڪارائتا ٿي سگهندا. پليٽن باليم لکرڻ
لڳي ۽ ڪوشش ڪئي رهي ته اهڙا ساٿيءَ جي سڀني
گروپن ۽ خاص ڪري شاگردن کي پهچي. انهن پليٽن ۾ خاص
ان ڳالهه لسي زور ڏنل هواسون ته گورنر اچڻ وارو
آهي، جنهن جي آمد جي موقعي لسي ئي ساٿيءَ جي
پرکيا ٿيندي ته انهن جا باشندا اڃا غلاميءَ جو طوق
پهرڻ ٿا چاهين يا پنهنجي مان آزاد ٿيل پکيءَ وانگر پر
کولي آسمان ۾ اڏامڻ ٿا چاهين. هر پليٽن جي پڇاڙي
تي صفحي تي لکندا هواسون ته ”ساٿيءَ جي آزمائش!
گورنر جي اچڻ ۾ باقي ٿورا ڏينهن! ان ڏينهن لسي
ساٿيءَ جي سڀني نوجوانن ۽ ودياٿين کي ٿاروشاه يا
نوشهري اچي گورنر کي منهن منهن جوڙو آهي ته
موٽي وڃ.“

نهن ڪالسواءِ اهو سارو مهينو اسين ڊوڙ ۾
رهياسون. سڀني ڪم ڪندڙن کي ته سرڪيولرن دوارا
هدايتون ڪيون ويون ته پنهنجي حد ۾ ماڻهن سان پوري
لهه وچڙ رکن ۽ انهن ڏينهن سندن حد جا سڀ قومي ڪم

جن ۾ ڏومينيت جو روح هو ۽ جيڪي ڏوپارت جا اڏيندڙ
هوا، تن کان گورنر جي آجيان ڪرائي وئي، سا ڳالهه
اسان لاءِ بنهه ناگوار هئي ۽ اسان جي غيرت لي بدنما
داغ هئي. زميندارن لي دباءُ آڻي، تن کان جلسا ۽
جشن ڪرايا ويا، سا ڪجهه سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ڳالهه
هئي، پر شاگرد، جي ڏوپارت جي آس ۽ اميد آهن،
تن کان گورنر جو سواگت ڪرايو وئي، سا ڳالهه اسين
ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهياسون؟ جنهن وقت
اسان کي گورنر جي نوشهري ۽ ٿاروشاه ۾ پروگرام جي
ڪرڪ پيئي ته اسان بلڪل سجاڳ ٿي وياسون ۽ شاگردن
سان جلد جلد گڏبا رهياسين ۽ گورنر جي بهشڪار ڪرائڻ
جون تياريون ڪرڻ ۾ لڳي وياسون.

ان وقت آرڊيننس راڄ ڪري باقاعدي ڪانگريس
ڪاميٽيون وجرد ۾ ڪونه هيون ۽ هر ضلع جو ڊڪٽيٽر
مقرر ٿيل هو. جي هڪ ڊڪٽيٽر جيل ويندو هو ته ان
جي جاءِ تي ٻيو مقرر ٿيندو هو. ان وقت ساٿيءَ جو
ڊڪٽيٽر مان ٿي هوس. شري هرشيندر ٿانواڻي
سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ ساٿي ضلع جو سارو ڪاريه
هلائيندو هو. هو بي.اي جي آخرين سال ۾ هو ۽
بيدار دماغ جوان هو. هو ڪاريه جي هر تفصيل تي ڌيان
ڏيندو هو. ساڳئي وقت همت وارو جوان هو.
اسان ٻنهي رٿ ٺاهي ته اهڙو زبردست پرچار ڪريون

هيون، سو نومبر ۾ سنڌ جي اخبارن وارن جي من ۾ اهو خيال اچي ويٺو ته هلچل هاڻي ماٺي ٿي چڪي آهي. ان ڪري ٻمٻئي جي گورنر کي سنڌ جي ڪن هنڌن تي اچڻ جي رٿا رٿي ويئي ۽ ان کي ماڻهن معرفت شاهاڻي آجيان ڏيڻ جو ڪوشش ڪيو ويو. خاص ڪري اسڪولن کي پوري اميد هئي ته اسان جي نوشهري ۽ لاڙڪاڻي ۾ هو آجيان جو پورو پربند ڪري سگهندا، جو پهچي هنڌن تي هاء اسڪول به هوا.

پر اسان ٻاهر رهي ڪم ڪندڙن جا ساٿي هزارين ودياٿي هوا، جن ۾ ساٿيءَ ۾ ڪڪڙون ۽ ٻلتي ڪرڻ ٻولندڙون هيون. ودياٿي اسان لاءِ جهٽڪ اتارون هيون.

ليڪن خبر اچي ويئي ته گورنر جو نوشهري ۽ لاڙڪاڻي ۾ اچڻ جو پروگرام سرڪار طرفان رد ڪيو ويو آهي.

سنڌ ۾ برطانيه سلطنت شاهيءَ جي الباس ۾ گورنر جي حيثيت رکندڙ بالا عملدار ڪڏهن به ڳوٺن ۾ ڪونه ويو هو. اهڙي وقت جڏهن ساري ديش ۾ قومي جاڳرتا اچي ويئي هئي ۽ ديش واسين جي دل ۾ ديش ڀڳتيءَ جي عظيم امنگ جون لهرون اڀري رهيون هيون، گورنر اسان جي ساٿيءَ جي ٻن مکيه ڳوٺن نوشهرو فيروز ۽ لاڙڪاڻي ۾ اچي ۽ اسڪولن جا ودياٿي

کي جيل جون سزائون مليون. ١٩٣٠ جي هلچل ۾ شري چندرام ٽنڊي آدم واري جي اڳوائيءَ هيٺ قومي پرچار ٿيندو رهيو. لوڻ جو قاعدو ڀڃ ڪيترا دفعا ٽوڙيو ويو. سيٺ منگهن مل ۽ مهاديومل جيوترام بندوق جا ليسن سرڪار کي واپس ڪيا. ساهتيءَ ۾ مهراج ڀڳوانداس ۽ بندوق جو ليسن ۽ آنرري مئجسٽريٽ جي عهدي جي ١٩٣٠ جي هلچل جي شروعات ۾ ئي استعفا ڏيئي ڇڏي هئي.

ٻانڪن کي ٻڌي عجب لڳندو ته ١٩٣٠ ۾ جي هلچل ۾ ٻه ڄڻا ته اهڙا وديارٿي هوا، جن کي ڇهن ڪان ڏهن ڦٽڪن جي سزا ملي هئي. ياد رهي ته ڦٽڪا هڻڻ جو ڪم اهڙي وحشي قيديءَ لاءِ رکيو ويندو هو، جنهن ۾ رتيءَ ڀر به رحم جو مرم نه هجي. هو ڦٽڪا اهڙي زور سان ۽ ماس واريءَ جاءِ تي ستن جي پٺيان هڻندو هو، جو رت ريلا ڪري وهي نڪرندو هو، پر وديارٿيءَ جي وات مان اهوئي آواز نڪرندو هو- " انقلاب زنده باد- هندستان آزاد." ساهتيءَ ۾ ٻه ڪافي وديارٿين کي ڦٽڪن جي سزا ملي، پر وديارٿي هلچل ۾ ٽوڙ تائين پختا رهيا.

گورنر جو بهشڪار - اسان جي ضلع ۾ جو هيترين سارين گرفتارين ٿي چڪيون هيون ۽ آرڊيننس دوارا اخبارون ۽ پريسون بند ڪيون ويون

نوابشاهه ڊويزن ۾ ٻيا وڏا شهر نوابشاهه، ٽنڊو آدم ۽ شهدادپور ۾ هتي ڪري شراب بندي ڪرائڻ لاءِ ڪانگريس ڪم ڪندڙن کي شراب جي دڪانن تي پڪيٽنگ ڪرڻي پوندي هئي ۽ انهي ڪري گرفتاريون ٿينديون هيون. پروفيسر گهانشامداس جو راڳ هرڪنهن جي وات ۾ هوندو هو- "اڃا مرو- اڃا مرو ۽ شراب جا شوقين هاڻي اڃا مرو"

١٩٣٠ جي هلچل ۾ سڄي ضلع جي ڪم ۾ گهاٽو جوش ميل ۽ ڪم ٿي ويو ۽ ساري ضلع جي هرڳوٺ ۾ ان جو اثر پوندو رهيو.

اهڙي ساهتيءَ ۾ ولايتي ڪپڙو ۽ سيل مهر لڳي ويو هو، پر نوابشاهه ڊويزن ۾ سادو رام آريه سماجي، نواڇند شامداس ۽ مرڳواسي سيٺ مکڻمل جيرامداس، صوڀراج مرتواڻي ۽ سچانداس وغيره جي ڪوشش سان سيٺين ڪپڙي جي واپارين ۽ ڪانگريس جو سڀ آنالي ولايتي ڪپڙو سيل مهر ڪرائي ۽ سوديشي ڪپڙي جو واپار ڪرڻ لڳا. ولايتي ڪپڙو جلايو ۽ ويندو هو. شراب تي پڪيٽنگ ڪندي شري ٽوپڻداس، وليداس ۽ ٻين ڪيترن کي جيل جون سزائون مليون. شهدادپور ۾ سرائي چاربند والنٽيئر روز گرفتار ٿيندا هئا. وقتي ان ڪتوال طرفان مار ۾ پوندي هئي، جا صبر سان سهندا هوا.

ٽنڊو آدم ۾ ڊاڪٽر ٽيڪمداس ۽ ڊاڪٽر شنڪرلعل


...ءِ سرگواسي رهيو، پمپاٽي رهيو ڪنڊياري جو، سرگواسي
...ياءَ سرگواسي رهيو، پمپاٽي رهيو ڪنڊياري جو، سرگواسي
...آنلداس رو پچند، جو پوءِ اسان جو موري ۾ آخرين دم تائين
...پختو ڪم ڪندڙ رهيو ۽ سندس موت بعد وري سندس
...ياءَ ٺهلرام ميدان ۾ آيو. اهي ودياارٿي نائين ڪلاس
۾ منهنجا شاگرد رهيا.

...پرلن جي هاءِ اسڪول ۾ کيول ڪلٽاٽي، هاسو
...نارواٽي، گيان ۽ ديال ڪيولراماٽي، سوپو ويداٽي،
...ٽولو دداٽي ٻهاري امبواٽي ۾ برجستا ڪم ڪندڙ هوا.
...نوابشاه ڏويزن ۾ ڪم- نوابشاه ڏويزن ۾ ٻـ

نوابشاه ڏويزن ۾ ڪم


...ساهتيءَ والڪر ١٩٣٠ ۾ ڪئين ڪم ڪندڙ اچي ڪنا
...ٿيا، جن ۾ سرو شري چيلداس، ريواچند جو پٽ شري
...واسومل ، شري حڪومل، مهراج ڏيوجيرام ، حڪيم
...لوڪومل ٻالچند، ريواچند، نارائڻداس ۽ حڪومل هئا.
...مولوي عبدالله ۾ انهيءَ ڏويزن ۾ ڪم ڪندو هو ۽
...آئان ٿي جيل ۾ ويو هو. هو هالن جي طرف جو هو.
...ٿهن ڪانسواءِ سون جي تعداد ۾ ودياارٿي ڪم ڪندڙ
...پيدا ٿيا، جهڙوڪ سرو شري مهاديو ڏالواٽي، پگوانداس
...ٽيڪمداس، ٽيڪمداس ۽ مهاراج راڌا ڪرشن. انهيءَ
...ڏويزن ۾ ـ نانڪن دوارا پرچار ڪيو ويندو هو
...ٽيڪمداس ديوان گيٺي مل جي. جو پٽ ودياارٿين مان
...هو. هن جو نعرو هوندو هو:- ...p up the National flag
...own down the Union Jack.

اسان پنهنجي اکرن ۾ ڪاڍي ۽ جرمني جو ڪم وڌيڪ
اڳتي ڪيو. ٻاهران جي وديارٿين ٻرا ڪي اهڙا ڪم ڪندڙ
پيدا ٿي پيا، جي نه صرف دالما ڪاڍي پالبند ۽ هئا،
پر گورنر جي بائيڪاٽ ڪرڻ وقت جيل ۽ ڪڙي نه
لڪليف جي پرواه نه ڪري ميدان ۾ ڪڏي پيا هئا.
انهن ۾ سرڳواسي ٻيهن مٽواڻي، جو ڪلهياري جو هو
۽ پوءِ هتي اسمبر ۾ اچي رهيو هو ۽ اسيمبليءَ جو ممبر
به ٿيو هو، سو، اڏوا رواڻي، جو "الهدان" لائڪ ۾
لائڪا جو پارٽ ادا ڪندو هو، شري سڌو رام ڪلاڻي،
جنهنڪي پوءِ دهليءَ ڪانگريس ۾ ١٩٣٢ ۾ ساٿين ۽ مان
عهدي ڪري مرڪندو و ار هو، شري چيلارام جو ننڍو



(شري ريواچند دسراجمل ڏرماڻي)

ڏوشاھ ۾ سرڳواسي جيٺرام پنھنجي درويشاڻي
ڪري هلچل ۾ ن ايندو هو، ٻيو شري ميارام
اس ۽ ٻين جي پوري مدد ڪندو هو. شراب
ڪار ۽ ولائتي ڪپڙي بند ڪرائڻ ۽ ٻين ڪمن ۾
دل سان مدد ڪندو رهندو هو. پرين ۾ سرڳواسي



اسان حا ڪم ڪندڙ - ١٩٣٠ جي هلچل ۾ شري
سنداس ٻٽومل ڪشناڻي جو نوڪري ڇڏي ١٩٢١ ۾
ميدان ۾ آيو هو. سو ١٩٢٥ ۾ مهراڻ ۾ خاص ۾ وڃي رهيو
۽ آيان ١٩٣٠ جي هلچل ۾ جيل ويو. هن جي سچائيءَ ۽
قربانيءَ جي پاونا جو نوشهري تواسين تي گهڻو اثر ٿيو.
وڏي ڳالهه نه سندس ماءُ ۽ ڪڪيون ۽ دادي ڪرشنا
ديويءَ کي زالن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيٽي ۽ در مددگار
رهندا رهيون. شري ڏاومل ميناراوم ۽ ١٩٣٠ جي هلچل ۾
ڪڏهن ڪڏهن نوشهري ۾ اچي ڪم ڪندو هو. شري
رانسنگهه ساڌو رام سوتهن جي آيوت جو ۽ ٿوڙ لاءِ
پختو ڪم ڪندڙ ٿي رهيو ۽ ٻئي ڏهاڙي ڪاڻي ويو.



(شري برهمانند)

هو ڏاڍين موري لعاشي ۾
ڏيارجن ۾ شري برهمانند،
سندس پٽ چندريان لوسندگهاڻي،
جو هيٺ راجستان ۾ هاءِ
سيڪنڊري اسڪول جو هيڊ
ماستر آهي، سرگرمي ميراح
شيوارا، جنهن کي ١٢ مهينا جيل
جي سزا ملي ۽ موري جو شري
ٻيلاهراءِ ڪم ڪندا هنا. هو
موري ڪانگريس ڪاميٽيءَ
جو پرازيڊنٽ رهيو.

اُلساهه ۾ اچي وڃي ٿي ۽ پنهنجي ويرٿيءَ جي ڳلي ۾
هار وجهي کيس وشواس ڏياري ٿي ته اوهين بيشڪ
جنگ جي ميدان تي وڃو، پٺيان اوهان جو ات ۾ ڇڏيل
ڪم مان پاڻ سنڀاليندس. اهو دوشيه جڏهن منچ تي
ڏيکاريو ويندو هو، تڏهن نهايت دل لڀائيندڙ لڳندو
هو. خاص ڪري جڏهن راڄ ۾ ڇٽيو ويندو هو ته ماڻهن
تي گهرو اثر ڇڏيندو هو. وير نوجوان پٽنيءَ جو پارٽ
آڏو ناروائي، جو هاڻي ڊاڪٽر آڏارام ناروائي نالي
مشهور آهي، سو ڪندو هو.

آڏي ناروائيءَ کي ٻيو پارٽ ادا ڪرڻو پوندو هو.
هو سيج پنج نيڊر ود پارٽي لڳندو هو، جو سن ١٩٣٠
جي زماني ۾ جيل ۾ نردئي ڪاسائيءَ جا ڦٽڪا کائي
ايندو هو، پر پٽني نه هٽندو هو ۽ وري اچي قانون
ٽوڙيندو هو. هو منچ تي ڪانگريس بليٽن وڪڻندي
هيئنءَ طرح هوڪو ڏيندو هو:

١- ساهتي سماچار اخبار،
آني ۾ ايڪ وار!
آهي ڪو خريدار؟

٢- لڏي ويندي هيءَ سرڪار،
ٿيو منچيسٽر بيڪار،
آهي ڪو خريدار؟

انهيءَ گهڻا ساري هندستان ۾ قربانيءَ جي اها اُڇل
اڳ پيدا ڪئي، جا ڏٺڻ نه ڏٺي ٿي، جڏهن مارچ ١٩٣١
۾ گانڌي اروِن پيڪٽ (ٺاهه) ٿيو.

اهو ناٽڪ شري ايولدرام ڦاڙپهه ڪيو هو. هو ڪي
ڊائريڪٽر ۽ مکيه اداڪار يعني قومي شيوڪ جو پارٽ
ادا ڪندو هو. ان ناٽڪ ۾ ڪانگريس آندولن جي
هر پهلوءَ کي ڏيکاريو ويندو هو، جهڙوڪ سوديشي
پرچار، ولائتي ڪپڙي ۽ شراب جو بائيڪاٽ، شراب
جي دڪانن تي پڪيٽنگ، لوڻ جو ستياگرهه ۽ پوليس جو
ظلمي راڄ وغيره.

نوجوان ڏراما لوڻ ديپوءَ تي ستياگرهه ڪرڻ کان
اڳي پهچي لوڙهيءَ سان الوداع ڪرڻ لاءِ وٽس اچي
ٿو. سندس پيءُ جي منهن مان لُوري ڪمزوري
نمايان ٿئي ٿي، جنهن تي نوجوان جي ماءُ پٽ کي
ملي لوڻ ۾ نوڪي ٿي. ان تي لوڙهيءَ ۾ به همت اچي
وڃي ٿي. نوجوان جو اُتساهه به ڀيڻو ٿي وڃي ٿو. ماتا
جي چرنن ۾ نوجوان سيس نوائي ٿو. (نوجوان جو پارٽ
ساڌورام ڪيالاڻي ادا ڪندو هو.) ڏراما جي جنگي
ميدان تي وڃڻ لاءِ آڳيا ۽ آسيس وٺي ٿو. ويو مالا پري
۽ اتساهه ۾ اچي وارڀتر جي آرتي ڪري ٿي ۽ سندس
مستڪ تي تلڪ ڏئي، ڪيس ڳلي ۾ ڦول مالها وجهي،
ڪيس آڳيا ۽ آسيس ڏئي ٿي. انهي نروڻي ويراستري

ٻليدان ناٽڪ- اڳ ڏيکاريو ويو آهي ته ناٽڪ
دوارا سچي ساهتيه ۾ پرچار ڪيو ويندو هو. اُن
ٻليدان ناٽڪ ۾ ويهه کن اداڪار ڪم ڪندا هواسون.
تنهن ڪانسواءِ ڪي سپاهي ۽ والنٽيئر ڪپڙا هوا ته مڪاني
ودياٿين مان کڻندا هئاسون.

”ٻليدان“ ناٽڪ ۾ خلق کي هڪ قومي شيوڪ کي
ديش مٿان سرونس قربان ڪرڻ جو درشيه ڏسڻ جو
موقعو ملندو هو.. ٻهراين پردي ۾ ڏيکاريو ويندو هو
ته قومي شيوڪ ستياگره ڪندي گرفتار ٿي وڃي ٿو ۽
کيس جيل ۾ بند ڪيو ٿو وڃي. سندس نوجوان پٽ،
جو شادي شده آهي، سو پنهنجي پيءُ جي نقش قدمن
۾ هلڻ جي پوري ڪوشش ڪري ٿو ۽ ڏراسنا لوڻ
ٿ پيوءَ لي !ن ڪن هندن ۽ هڪ مسلمان ساٿيءَ سان گڏ
ستياگره ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو.

ياد رهي ته ڏراسنا لوڻ ٿ پيوءَ ٿي ستياگرهين جي
ڪاهه هڪ اهڙي الهاسڪ گهٽنا گهٽي چڪي هئي،
جنهن ۾ هندستان مان سوين ستياگرهي گرلين جا شڪار
ٿيا هوا ۽ پوليس جي لٺبازيءَ ۾ روز سوين والنٽيئر
ڦٽيا هوا ۽ اُن ميدان تي سندن رت ريلا ڪري وهندو
هو. قومي شيوڪ جڏهن ڦٽجي بي حال ٿيندو هو
تڏهن ريڊ ڪراس وارا کيس اسپتال ۾ کڻي ايندا هوا
واقعي سنئين لڳين ڪو به ستياگرهي ڪڏهن ڪين مرندو هو

اخبارن تي بندش - ۱۹۳۰ ۾ ماڻهن ۾ سچائي ۽ آزاديءَ جي ڀاونا ۾ لاءِ اُمنگ وڌندو ويو. اهڙي پرچار لاءِ اخبارون خاص ڀاڱو ادا ڪنديون هيون. انگريز سرڪار ضروري ڄاتو ته اخبارن تي بندش پوي. ان لاءِ ڪيترين پريسن ۽ اخبارن کان ضمانت گهري وئي ۽ حڪم جي انحرافيءَ ڪرڻ ڪري پريسون ضبط ڪيون ويون. اهڙو دڳ حيدرآباد جي روزاني "هندو" اخبار لئي ويو، جا وري جدا نالي ۾ نڪرڻ لڳي. اسان جي ئي شهر مان نڪرندڙ "شڪتي" هفتيوار تي به آرڊيننس موجب قومي ڪم ڪندڙن جي گرفتارين ۽ هلچل جي پڌرائيءَ ۾ نه لکڻ جو نوٽيس لاڳو ٿيو، جنهن ڪري "شڪتي" ڇپجڻ معطل ڪئي وئي ۽ "ساهتي سماچار" نالي بي قاعدي ڪانگريس بليٽن ٿي ڪڍڻ شروع ڪئي وئي، جا شري هرشچندر ٿانوراڻي ڪڍندو هو. اها پڻ ٿالانيءَ مان ڪڍڻ شروع ڪئي وئي ۽ پوءِ ٺٽي شهر مان شري ڪمچند پالاڻيءَ جي گهر مٿان اهڙي اڪل هنڌن ڪڍي ويندي هئي، جو پوليس ڪيتري به ڄاچ ڪئي، پر اُها هنڌ هٿ ڪري ڪين سگهي. ان بليٽن ماڻهن ۾ هلچل لاءِ همدردي پيدا ڪرڻ جو ڪافي ڪم ڪيو. اها سچي صلح ۾ والنٽيئرن ۽ ٽپال رستي موڪلي ويندي هئي.

پرلگيا پتر پيري ڏنو.

اهڙيءَ طرح نوشهري ۾ جڏهن هڪ واپاريءَ ولائتي ڪپڙو نه وڪڻڻ جي باري ۾ پرلگيا ڪرڻ کان نابري واري ته اسان ساري شهر ۾ ڪلاڪ کن جلوس ڪڍيو. نوشهري جو شهر ته ۱۹۰۸ کان قومي هلچل ۾ سات ڏيندو رهيو هو، سو سمورو شهر جلوس ۾ هلي پيو ۽ جڏهن جلوس دڪان تي پهتو ته شري ڪيولرام ٿانوائيءَ کي پڪيٽنگ ڪرڻ لاءِ بيهاريو ويو ۽ سارو ميڙ ٽڙي پکڙي ويو. هڪ ڀاءُ خريداريءَ لاءِ آيو ته شري ڪيولرام کيس هٿ جوڙي عرض ڪيو ته ولائتي ڪپڙو خريد نه ڪري. واپاريءَ وٽان گراهڪ موٽي ويو پر دڪاندار کي اهڙي ته چڙ اچي ويئي، جو ڪيولرام کي چماٽ وهائي ڪڍيائين پر ڪيولرام بلڪل شانتيءَ سان پنهنجي جاءِ تي اڏول رهيو. اها خبر ساري شهر ۾ طوفان جيان ڦهلجي ويئي ۽ اٽاهه آدم اچي دڪان تي ڪٺو ٿيو ۽ دڪاندار کي شرمائڻ لڳو. دڪاندار پڳو ۽ اچي اسانجي سوراج آشرم ۾ پهتو. هٿ ٻڌي عرض ڪيائين ته کيس پنهنجي هلت لاءِ معافي ڏني وڃي ۽ هو ولائتي ڪپڙو سيل مهر ڪرائڻ لاءِ تيار آهي.

مٿس سوا ٻارهن روپيه ڏنڊ وڌو ويو، جنهن جو ڪٿاه صاحب ڪرائي رات جو عام ميڙ ۾ ورهايو ويو ۽ واپاريءَ جي پڇتاءَ جي اظهار کي قبول ڪيو ويو.

ڪرائيندا هوا ۽ ماڻهو گهڻي شراب خريد ڪرڻ لاءِ ٻي
ڪين ويندا هئا.

پڪيٽنگ جو اثر- سڄو جون مهينو پرچارڪ جٿا
سڄيءَ ساهتيءَ ۾ ڳوٺن ۾ ڦرندا رهيا. جنهن ڪري
سڀني پنچايتن ولائتي ڪپڙي، شراب ۽ ولائتي سگريٽن
تي بندش جا ٺهراو پاس ڪري ڇڏيا. هالاڻي، نوشهرو
۽ ٻين مرڪزي اهڙا مثال ليا، جو واپاري ولائتي ڪپڙو
وڪڻڻ کان باز نه آيا، پر گهڻو وقت انهن ٿورن هنڌن
تي به واپارين جي دڪانن تي پڪيٽنگ ڪرڻي ڪانه
پئي، ڇاڪاڻ ته جيڪو ماڻهو به دڪان تي اسان جو
والنٽيئر ڏسي، سو دڪاندار تي ٿڪار ڪندو به وڃي
۽ دڪاندار عام طرح جو رخ ڏسي ڍرو به ٿئي. نتيجو
اهو ٿيو جو واسطيدار ڪپڙي جي واپارين پرتگيا پتر
ڀري ڏنا ۽ پڪيٽنگ هٽائي وئي. هڪ اڌ ڪم ڪندڙ
پڪيٽنگ لاءِ ڪافي ٿيندو هو.

ڪن هنڌ واپارين ايتر ٻيرين ڏاڍي شرمي ڏيکاري
هئي، تن ڪري سڄي ڳوٺ ۾ سرڪس ڪڍي ماڻهن
کي ساڻ ڪري دڪانن تي پڪيٽنگ ڪرائي وئي.
هالاڻيءَ ۾ هڪ نوجوان واپاريءَ ڪاوڙ ۾ اچي حد شد ٽپائي،
تن ڪري مجبور پڇتاءُ پڌرا ڪرڻ لاءِ سوا ٻارهن روپيه
ڏنڊ ڏنو ويو، جو هن ڏيئي ولائتي ڪپڙو سيل مهر
ڪرايو ۽ ولائتي ڪپڙو اڳتي نه وڪڻڻ جي ٻاري ۾

لنڊا وڏا مرد زالون قومي جهنڊو، جو قوم جو نشان
تي چڪو هو، سو اڳيان ڪري پرڀات ڦيريءَ يا سرگس
۾ سنڌڪن وانگر صفن ۾ نڪري هلندا هئا، ڇاڪاڻ لڙائي
جي ميدان ڏانهن وڌي رهيا هوا. ڇالي ڪولي جڻ بندوقن
جي ساهون هلندا هوا ۽ دشمن کي ڀڄائيندا هوا-

"وڌو جنگ ڏانهن - اٿو شير جوانو !
قومي جهنڊو ڦڙڪي ڦڙ ڦڙ -
دشمن ڇالي ڏڙڪي ڏڙ ڏڙ."

ناٽڪن دوارا پرچار- هرڏانهن شري نيرلدرام
پهنجي ناٽڪن دوارن سچيءَ ساهتيءَ ۾ پرچار شروع
ڪري ڇڏيو. هن پليدان ناٽڪ منچ تي آندو. اُن ۾ اُن
وقت جي قومي پروگرام جا سمورا دشيه اچي ويندا هوا.
عهدن، اسيمبلي ميمبريءَ ۽ لقبن جو ترڪ، شراب ۽
ولائتي ڪپڙي جو بهشڪار، پڪيٽنگ، اوڻ جو ستياگره،
اوڻ جي ڊيپوءَ ڏراسا تي ڪاهه، پوليس جي لٺبازي،
هندو مسلمان اتحاد وغيره. پليدان ڪيل سچ پچ ملڪ
لاءِ قربانيءَ جو پورو چٽر چٽيندو هو ۽ ڏسندڙن ۾
هلندڙ هلچل سان پوري سهانيوتي پيدا ڪري ڇڏيندو
هو. انڪري اسان کي شراب پيئندڙن ۽ ولائتي ڪپڙو
ڪم آڻيندڙن سان نفرت ڪرڻ جو ضرور نئين ڪرڻ
تيندو هو، نڪي پڪيٽنگ جي ضرورت پيندي هئي.
اسان جي چوڻ تي واپاري ولائتي ڪپڙو سيل مهر

جي جوانن کي حاڪالي ڪرڙو ڪيو ھو ۽ ڪيترا جوان
ميدان ۾ ڪاھي پيا ۽ جيل ويا، جن ۾ ڀڳت ليلارام جو
پٽ، شري ٺاڪورداس، ڊاڪٽر شنڪرداس ۽ سرو شري
لالچنداس، جيٺمل ۽ ٻلومل ۽ پيا ھوا.

نوابشاھ ۾ ۽ ١٩٣٠ ۾ ڪانگي ڪم ڪندڙ گڏ ٿي ويا.
اھڙيءَ طرح شھدادپور ۾ سرو شري واسديو ٻالچند،
ڪوڙومل سيٺومل، پيلاھراءِ، ويسي مل ڏاسومل، ڏيراچند
شامداس، مبارڪرام ھوتچندو پاءِ شري ھريرام چيلارام، ڪنڌومل
سڄومل، ھيرانند زائده ۽ ٻئا ڪيترن ۾ ڊ بالسنگھ بيدي،
شبرو ميگواڻي، رتن لعلواڻي، ايسر سنگھ بيدي، واسديو
ٻالچند ۽ ھرداس ٻولاڻي ڪم ڪرڻ لڳا.

نوابشاھ ڊويزن ۾ آھن ئي وڏن شھرن ۾ باقاعدي
ڪانگريس ڪاميٽيون ڪم ڪرڻ لڳيون. انسان ڪم
ڪندڙ جو ڏاري ڳوٺن ۾ پيا ويندا ھوا ۽ پرچار ڪندا
رھندو ھو. ١٩٣٠ ھي ھلچل شروع ٿيڻ سان سڄي
نوابشاھ ضلع جي ڪم ڪندڙن جو ٻيو ڪو وڏي
ويو. پروفيسر گھاسيتا جا راڳ ۽ ھر ڪنھن ٻار اچي
لڳي وڏي. مرد زال جي وات ۾ اھي ويا ھئا. ھتان
ڪئان گونجار پيئي ايندي "ھار جوانسو جيل ڏانھن،
ڪاھيو ڪاھيو جيل ڏانھن. گانڌي اسان سان ساڻ آھي،
ھار جوانو جيل ڏانھن." جيل جو ڊپ ٿي ماڻھن مان
لڪري ويو.

اچي ويٺي، جو ماڻهو ملڪ لاءِ مري مٽڻ لاءِ تيار ٿي ويا. پيئرون پڪيٽنگ ڪنديون هيون. پرڀات ڦيرين ۽ سرگسن ۾ شريڪ ٿينديون هيون. سنڌ جي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جهڙن وڏن شهرن ۾ پوليس لٺبازي ڪندي هئي ته هو مردن سان گڏ ميدان ۾ بلڪل اسٿر رهي لٺيون کائينديون هيون، پر ميدان نه ڇڏينديون هيون. ايتري قدر جو ٻار به پٺتي نه پوندا هوا. اسان جي ضلع ۾ هر هنڌ ٻالڪ سينائون اسٿاپن ٿي ويون، جن ۾ ١٥ سالن اندر ٻار شريڪ ٿيندا هوا. هنن جو ڪم هوندو هو روز سرگسن ڪڍي قومي راڳن ذريعي پرچار ڪرڻ. اسان جي ضلع ۾ مورو ۽ سڪرنڊ پٺتي پيل تعلقا ليکيا هوا، پر هلچل ۾ انهي جا ماڻهو به پٺتي ڪونه پيا.

نوابشاهه ڊويزن ۾ هلچل

هوڏانهن نوابشاهه ڊويزن ۾ ٽنڊه آدم ۾ ڪانگريس ڪاميٽيءَ کي چست ڪيو ويو هو. ڪانگريس آفيس مارڪيٽ وٽ کلي، جنهنجا سيڪريٽري ڪڪڙو شري شامداس هولچند ۽ پيو شري مولچند روپچند هوا. ساڻن ٻيا ڪم ڪندڙ سروشري گهنشيام منگهاڻي ۽ سرڳواسي لوڪومل تاراچند هوا، جن کي ١٩٣٠ جي هلچل ۾ ٿي جيل جي سزا ملي.

ڪانگريس آفيس کلڻ بعد شهر ۾ تلڪ گووندانند پسڪاليه کوليو ويو، جو سوامي گووندانند ٽنڊه آدم

ڏيهه اندر جالي ۾، ڪٿ ڪٿ ڪي مرڻا سيڪ ٿيو.
لڳي ڪانگريس اڳواڻن جون گرفتاريون ٿيون ۽ ساري پارٽي
۾ ڦٽنديون رهنديون هيون ۽ ودپارٿي ڪئين مڪاني
ڪانگريس ڪم ڪندڙ جي اڳوائيءَ هيٺ جلوس ڪڍندا
هوا ۽ پڪيٽنگ ۾ گرفتار ٿيل اڳواڻن لاءِ مبارڪباديءَ جو
ٺهراءُ پاس ڪندا هوا. سڀني ضلعن جي هر هڪ ڳوٺ
۾ هڪ نه ٻئي ڏينهن اهڙو ضرور ليڪچر ٿيندو هو.
ساهتيءَ ۾ پوربان چار ڪم ڪندڙ گرفتار ٿيا ۽ اهڙو ڳوٺ
ڪونه رهيو، جتي هڙتال نه ٿي يا جلوس ڪڍي ۽ عام
ميٽنگ ڪري ڪين مبارڪباد نه ڏني وئي. پهرين جولاءِ
تي پنڊت موتي لعل نهرو ۽ سيد محمود گرفتار ٿيا ته
جولاءِ جي شروعات ۾ هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ هڙتال ۽ ميڙ
ٿيا. ان وقت هلچل چوٽيءَ تي پهچي وئي هئي. سرڪار
ڪانگريس ڪميٽين کي بي قاعدي ٺهرايو، پر اسان جي
ضلع ۾ ايڏا نه مڪاني ڪم ڪندڙ پيدا ٿي ويا هوا،
جو جي ڪم ڪندڙ گرفتار ٿي وڃن ٿي ته لڪي ڪم
رهندي هئي. عجيب انساه پيدا ٿي چڪو هو، انگريزي
پلٽي هنن جي ٻالهه ٿي ڪانه رهي.

پنڊت مدن موهن جهڙو نرم اڳواڻ به ڪانگريس
بي قاعدي ٺهڻ کان اڳ ڪل ڀارت ڪانگريس ورڪنگ
ڪميٽيءَ جو ميمبر ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

١٩٣٠ جي ستياگره هلچل ۾ عام جنتا ۾ ايڏي جاڳرتا

تيا ۽ خلق ۾ ڪم ڪندڙن ۾ ايترو اُتساه اچي ويو. مان
ڪَ ڪنڌياري ۾ ستياگرهين کي گرفتار ٿيندو ڏسي،
منهنجي لئي ليڪچر ڏيڻ ايئي رهيس. هاءِ اسڪول ۾
ماستريءَ جي استعفا ڪاڻ ڏنم. اسڪول جي مئنيجنگ
ڪاميٽيءَ نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيم. پرين جو شري
ميارام ۽ نوشهره جو شري خانچند آئيداس ۽ ٻيا ڪيترا
ئي ڪم ڪندڙ اسان سان اچي ڀيڙا ٿيا ۽ سڄو جون
مهينو ڳوٺ ڳوٺ ۾ زبردست پرچار ٿيندو رهيو.
اُهو ڳوٺ ڪونه ڇڏيوسين، جتي ولائتي ڪپڙو، شراب
۽ ولائتي سگريٽ جو وڪرو بند نه ڪرايوسين.

سنڌ ۾ هي جون ۽ جولاءِ مهينا ڏاڍا گرم ليکبا هوا.
سج اڪ پيو ڪڍندو هو، پر اسان کي آرام ڪونه هو.
لٽيءَ تڏي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي، اسانجو اصول
هو. هر ڪنهن ڪم ڪندڙ کي ڳچيءَ ۾ ٿيلهي هوندي
هئي، جنهن ۾ هڪ وڳو هوندو هو ۽ ٻيو ٽورو سامان.
سويل اسر جو هڪ ڳوٺ کان نڪرندا هواسون ۽ پنڌ
ٻئي ڳوٺ پهچندا هواسون. منجهند جو ٣-٤ بجي زالن
جي ميڙن ۾ پرچار ڪندا هواسون ۽ سانجهيءَ جو ٥ بجي
جلوس ڪڍندا هواسون ۽ رات جو وري عام ميڙ ٿيندو
هو، جتي رات جو ١٠-١١ بجي تائين تقريرون ٿينديون
رهنديون هيون. اِهائي وائي وات ۾ هوندي هئي
"آڳيا هئي ڪرم يگ، ڪڇ ڪام ڪرنا سيکه ل

ٻاهر نه نڪري وڃن، سو ڪنهن کي ٻڌائڻ بنان ڪين ٻاري
ڦاٽڪ کان ولي وڃي اسٽيشن تي ريل گاڏيءَ ۾ ويهاريائون.
هوڏانهن نوابشاهه اسٽيشن تي اڳواڻن سان الوداع ڪرڻ
لاءِ هزارين ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا هوا. جڏهن گاڏي
اسٽيشن تي پهتي، تڏهن ماڻهن اڳواڻن کي نه ڏسي وڏي
ڏمڪر مچايو ۽ ڪيترا ماڻهو ريل جي انجڻ جي اڳيان
سمهي پيا ۽ چيائون ته هتان ليستاءِ نه وينداسين، جيستائين
پروفيسر هاسانند ۽ شري پرڀداس هو اسان کي درشن
نه ڪرائيندا ۽ هو اسان کي پهچائڻ وڃڻ نه ڏيندا. ان
تي لاچار ٿي پوليس انهي ڪري ٽرين جي گاڏيءَ جي
دروازي تي بيهاريو. شري پرڀداس آهن کي چيو ته
اهنسا تي قائم رهي، مهاتما جي آکيا موجب ستياگرهه
هلچل هلائيندا رهو ۽ جيستائين ديش آزاد ٿئي، تيستائين
هر ڪا قرباني ڪرڻ ۾ پٺتي نه پئجو.

پروفيسر هاسانند چيو ته ”ڪڏهن نه پڇو، هليا اچو
ميدان ۾. پڇ پڇ ڪندا ته پڇ لڳندو. منهنجو لاهيل
پڇن- ”هلو جوانو جيل ڏانهن- لوڻ لاهي پئو پالسي
ڏوڪڙو ڏوڪڙو جيل ڏانهن“ گرمتر جاٽي ٻاليندا نڪتي
چلائيندا رهو.“

ان بعد نوابشاهه جي جنتا جئه جئڪار جي نعرن جي
وچ ۾ ٽرين کي هلڻ ڏنو.

سزايابيءَ بعد- ساٿين ۽ جا هي چار جوان گرفتار

فارس ڇڏي، ووڪ کان ورندي وٺي، ڏرم جي يد
۾ ٽوپي پڙو ۽ اسان جي جاءِ پريو ل، اسين وڃي ڪجهه
آرام ڪريون.“

انهيءَ ڏينهن مئجسٽريٽ فتوڻي ڪانه ڏني ۽ ١٨ جون
لي رکي، جو ١٨ جون لي شري پريداس جي شري
ٽلوڪچند گوپالداس لي هلندڙ جاچ لاءِ شاهديءَ جي
ضرورت هئي. شري ٽلوڪچند لي تهمت هئي ته
نوابشاهه جي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جا ٻه ڪم ڪندڙ
حڪيم محمد معاذ ۽ شري پريداس برهمچاري سڪرنڊ
جي پريان لوڙهي ۾ رهندڙ هرن سان پوليس جي ٿيندڙ
ظلمن ۽ سندن زالن سان وهندڙ وٿن لاءِ جاچ ڪرڻ ويا
هئا، ٽڏهن سڪرنڊ ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هوندي
شري ٽلوڪچند ساڻن گڏ هو. ان ڪري شري ٽلوڪچند
کي نوڪريءَ مان سسپينڊ ڪيو ويو هو.

١٨ جون لي شري پريداس جي شاهدي هلي اُن بعد
ڏي مئجسٽريٽ فتوڻي ڏني، جنهن ۾ پروفيسر
هاساڻند کي ٻه سال، ڪاڪي سچاڻند کي ڏيڍ سال ۽
سرتوشري جشيدراءِ ۽ پريداس کي سخت پورهئي سان
هڪ هڪ سال جيل جي سزا ڏني وئي.

انهيءَ ڏينهن ٿي رات جو ڇئين کي حيدرآباد
سينٽرل جيل ۾ وٺي وڃڻ جو وقت آيو ته پوليس
اڳي پڙ ورتو ته متان اڳواڻن کي ڏسي ماڻهو آپي

انهن جي وڏي آزاد ٿيڻ ۽ ساڳي ڳالهه ڪندو رهندس،
جاڪاڻ ته اهي قاعدا مان اهڙي قانون جي خلاف
ٿو سمجهان."

پروفيسر هاسانند پنهنجي ڳالهه ٻوليءَ ۾ چيو
ته "اڄ اهو ٻڌائڻ ضروري لڳي ٿو ته ڏاڍو ڀلو ٿئي
مراد! ملان جهڙو ٻانڪا شاعر، مالڪيءَ جا محتاج، شرمندي
ڏناون شاعري. منهنجو گر منتر آهي بي قاعدي جهڙي
بيماري شل وڌي وڃي وڌ ٿئي، ته ته قاعدن جهڙي ڪڙ
۾ تا ڪولڊ ڪڪڙ ڪيترا حق ڪري سو حاڪم،
هيسالي سو هر، چيلهه پنهنجي ٻاهي چست ٿئي، ٻر ڇڙون جهڙا
ڪر، ته جن مان جادوءَ جو استاد آهيان. منهنجو ڪم
آهي قاعدن جي خلاف پرچار ڪرڻ. منهنجو ڏنڊو
آهي ئي اهڙو. جالر قاعدن جو ڪند ڀڃڻ ڏورهي، جن
قاعدن لهر ڪيو آهي ڏوم لي. مون کي پنهنجيءَ حياتيءَ
۾ هيڪي ئي سکيو آهي ان لاءِ وسون ڪون ڳڻتيو انهن
ته ڏکو سند جي ڪند ڪڙي ۾ ٻه ٽي هندستان جي
راجائن مهاراجائن ۾ نائوس ڏيکاريندو رهيو آهيان؛ ان
ڪري ڏنڊو ئي اهڙو اختيار ڪيو انهن هيءَ سولي
سرڪار بي قاعدي ذليل آهي؛ رعيت جي مرضيءَ کانسواءِ
بي قاعدي راڄ ڪري ٿي. 'جس راجا کي پرجا
ڌڪاري، ته راجا هٺ ڌرڪ انڌڪاري'؛ ان ڪري
منهنجو ڪرمد کي ڇوڙ آهي ته پيٽ جي واسطي اهو

١٧ جون تي صبوح جو چئني ساٿين جي ستياگرهين تي سب ڊويزنل مئجسٽريٽ، نواب شاه وٽ ڪيس هليو. هنن ڪو به بچاءُ ڪونه ڏنو، تنهن ڪيس ۾ ٿورو وقت هنن فقط بيان ڏنا.

شري مان سچانند ڪورٽ ۾ ڏنل بيان ۾ چيو ته "مان پنهنجي قومي سرڪار جي چالو ڪيل ستياگرهه جنگ ۾ هڪ سنڌڪ آهيان. آن ناتي منهنجو اهو فرض ٿي رهيو آهي ته هن چالو سرڪار خلاف ڪم ڪري، پنهنجي قومي سرڪار جي سوپ ڪري، ملڪ کي آزاد ڪرايان. ان ڪري مان ڪنهن به بچاءُ ڏيڻ جي ضرورت نٿو سمجهان."

شري پريداس برهمچاريءَ بيان ۾ چيو ته "مان اهو قبول ٿو ڪريان ته جا سرڪار هند تي ڪنهن به حق نه هوندي دخل جمائي ويٺي آهي ۽ ڀارت کي چوسي ۽ پيڙي رهي آهي، تنهن جي خلاف مون نفرت پئي ڦهلائي آهي. مون جاٽي ٻجهي سرڪاري قاعدن ٽوڙڻ جا قدم پئي کنيا آهن، خاص ڪري لوڻ جو قاعدو پئي ڀڳو اٿم. مون جيڪي قدم کنيا آهن، انهن جي نتيجن ڏسڻ لاءِ مان هميشه تيار آهيان. جيڪا به سزا ملندم، سا مٺي ملڪ لاءِ لڇ ڪري سمجهندس."

شري جئچند راءِ چيو ته "مون برابر لوڻ جو قاعدو ڀڳو آهي ۽ مانهن کي اهو قاعدو ڀڃڻ لاءِ همٿايو

کان ٽرين ۾ چاڙهي نوابشاه ڏي ليو وڃي. پر ٽرين مان ڪن موٽر ماڻ مشڪل لي بيٺي ۽ پرباڙيءَ تاءِ ڪيس ٽرين ۾ رهايو ويو.

هرڏانهن لسرشيره وارن ڪسي شري پريداس جي گرفتاريءَ جي خبر پئي، سي اسٽيشن لي پڳا، پر آئان ۽ ڪيڏ باره مان گرفتار ٿيل ٽي ستياگرهي لي لنگهيا، جن جي ڪيڪار ڪيالون ۽ آئان ڪيترا شري پريداس واسطي پڊعيدن اسٽيشن لي ويتا. پر هو آلي ۾ ڪوله هو. ڪين حاڻ بيٺي ۽ هن کي ٻيا روڊ اسٽيشن رستي رامه جو ٽرين ۾ نوابشاه ليو ويندو.

شام جو ٽرين جي هڪ مسلمان زميندار کان پوليس کي موٽر ملي، جنهن ۾ شري پريداس ڪسي ٻيا روڊ لي ولي ويا، جتي ڪيس شري ڪيرچند ۽ ٻيا گڏيا. آسان ڪيس رامه جو ٽرين ۾ پڊعيدن رستي نوابشاه ليو ويو. پڊعيدن اسٽيشن لي قومي لعرن سان ساڻس موڪلاڻي ڪئي وئي. رات جو ٽي هو نوابشاه ۾ پهتو ٽي ساڻس وڏ لاڪپ ۾ رهايو ويو.

هي گرفتار ٿيسي آئن ڪري نوابشاه ۾ جوش جو وايومنڊل وڌي ويو. نوجوان سرگسون ۽ پرپامه ڦيرپون ڪڍيون ۽ جيڪي ٣ ڏينهن هسو نوابشاه ۾ هئا، ٽن ۾ شهر ۾ ۽ لاڪپ جيل جي ڀسگردائيءَ ۾ قومي لعرا گونجائيندا رهيا.

تيو ۽ انهن جو ١٦ جون صبح جو سوير کنڊياري
... ڪاڪي سچانند، پروفيسر هاسانند ۽ شري جيٺچند راءِ
...ي گرفتار ڪري صبح واري ٽرين ۾ ٺاروشاهه ۽ نوشهره
...طرف کان نوابشاهه نيو ويو. کنڊياري ۾ سڀن گرفتاريءَ
...سبب گهڻو جوش پيدا ٿيو ۽ اٿاهه خلق پنهنجن پيارن
...کي الوداع ڪرڻ لاءِ اسٽيشن تي اچي ڪٺي هئي.

هوڏانهن نوشهره ۾ شري پرڀداس برهمچاريءَ جي
گرفتاريءَ لاءِ پوليس ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ خود ۽ پوليس
جو وڏو انگ ٽن موٽرن سان سوراج آشرم تي ساڳيءَ ١٦
جون تي پرڀات جو پهچي ويو، جتي نوشهره ۾ ڪنهن
کي به ڪل نه پئي. پوليس کي ڊپ هو ته نوشهره ۾
هن لاءِ ايڏي ته حب ۽ عزت آهي، جو شايد ڪو گوڙ
ٿي پوي، سو اڃا پرڀات ٿي پيئي هئي ته ڪيس لنب
مان اُٿاري موٽر ۾ پوليس پهري هيٺ وٺي ويئي.
ڪيس نوشهره اسٽيشن تي ڪين نيو ويو، پر منياڻين ۽
ٽٽ جي رستي ٺاروشاهه وٺي ٿي ويا، جتان ڪيس ٽرين
۾ نوابشاهه وٺي وڃڻ جو ارادو هون، پر ڇگو رستو هو
پاڻيءَ سان ڀريل، جو پوڙ جو پاڻي بيٺل هو، تنهن ۾
موٽر ڦٿي پيئي. هاڻي ته ٻي واهه نه ڏسي پوليس وارن
شري پرڀداس کي ڪلهن تي چاڙهي ٺاروشاهه اسٽيشن تي
پهچايو. پر اُتان به گاڏي ڇٽي ويئي هئي. سو اُتان ڪيس
ٽانگي ۾ پڊين ۾ نيو ويو ته اُتان موٽر ۾ ڪيس پڊيا روڊ



(مھاشيہ کلومل گرناڻي)

پروفيسر ھاسانند ۽ ٻين ھون زوردار تقريرون ڪيون. اُن شام جو اوچتو ئي چاڪ تي ٻرڇ ڪري شري ٻرمداس ٻرھمچاري لوڪشيري روانو ٿي ويو. ڪيس ٿوڻ م سي.آء.ڊي. کان معلوم ٿيو ته سيان صبح جو گرفتاريون ٿينديون، جنھنجو اطلاع ھن ڪمداري اڳواڻن سيني ڪمدارن کي ڏياري موڪليو.

پنچايت ڪان ۱۲
ي ڳوٺ ويو. جتي پرچار ڪيائون ۽
مهينن لاءِ ولائتي ڪپڙي، سگريٽن ۽ شراب لي بندش
جهاياؤن. جتي پرچار ڪيائــون.
۲ جون لي ڪنب ليمن ۾ پرچار ڪيائون.
لوڻ نـاهيو. الــي پڻ ولائتي
مهاشيه فونــيمل قومي ٦ مهينن لاءِ بندش ودي.
ڪپڙي وغيره لي پنچايت
۳ جون لي جتي سڪرنڊ ۾ پهچي پرچار ڪيائون،
جتي مهاشيه فونيمل قومي لوڻ ناهيو.
۱۹ جون ڊاڪٽر حيدرآباد واري چمنداس جو جٿو پهتو
سميت نوابشاه ۾ ڪوٽڙيا ميل ۾ لٿو. شام جو هڪ شاهي
ميٽنگ ٿي. ميٽنگ ۾ مهاشيه ڪلومل، مولوي محمد معاذ،
مولوي محمد قاسم، ڊاڪٽر چمنداس، مهاشيه ڪشنچند
۽ ٻين ڳالهايو. مهاشيه اوڪومل ڪليءَ طرح ميٽنگ ۾ لوڻ
ناهيو، جو ۱۰ روپين ۾ هڪ بار خريد ڪيو. ميٽنگ ختم
تنهن بعد وديارٿين وديشي ڪپڙي جو راڪاس جلايو.

گرفتاريون شروع- ساهتيءَ جو پهريون جٿو

۱۵ جون ڪنڊياري
سڄيءَ ساهتيءَ جو دورو ڪري
پهتو، جتي ساهتيءَ جي ڪم ڪندڙن جو ميڙ رکيل هئو
۽ اڳتي لاءِ ڪهڙو پروگرام رٿجي. سڀ ذهنن خيال
جي ڏي وٺ ٿــي ۽ ولائتي ڪپڙي ۽ شراب جي
ٻهشڪار وغيره لاءِ پروگــرام ناهيو ويو. اُن شام جو
ڪنڊياري ۾ عام ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ ڪاڪي سچانند

ڪندا، نوشهره تعلقي پڙو ڪري ڳوٺڙيا موري تعلقي ۾
آئي جتي ۾ ساڻن گڏ پڻ جو شري مولچند به شامل
ٿيو. ڪوڙ لکيو وڏو ڳوٺ ڪين ڇڏيائون.

۲۹ مئي سنڌوجا، دڙو، ڏيرو ۽ مورو، ۳۰ ۽ ۳۱
مئي دولتپور، ۱ جون شاهپور جهانيان ۽ ڪنڊيارو، ۲
جون ڪوراڻي ۽ لاکاري، ۳ جون حبيب نگري، ۴
جون مورو ۽ ۵ جون ڏيپارجا. ان بعد ۱۳ جون تائين
موري تعلقي ۾ هلندا رهيا. ان طرح ۽ مهينا ڪمداري،
نوشهري ۽ موري تعلقن جو دورو ڪيائون. سي. آءِ. ڊي
پوليس سدائين ساڻن هوندي هئي.

هر هنڌ ماڻهن کين ڇڪيءَ طرح ڀلو ۽ سنڌن سنمان
ڪيو. اهو سڄو دورو هن پيرين پيادو ڪيو. ڪن
هنڌ ڪاڏو به ملندو هو ان به ڳوٺن ۽ سوهڻگن لئي گذر
ڪندا هئا. اُن ۾ ڪين سڄو وقت هلڻو پوندو هو.
روزانو ٽي چار ڳوٺ ۽ انهن سان گڏ پروارن واهڻن ۾
ويندا هئا.

نوابشاهه دورن ۾ - هرڏالهن نوابشاهه ضلع جي
نوابشاهه دورن ۾ شري ڀڳوانداس جي مهنداريءَ هيٺ
سيڻي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ساٿينءَ وانگر هليل پروگرام
جي پيروي ڪيندي رهي.

پهرئين جون تي شهدادپور نوجوان منڊليءَ جو جٿو
- ڀڳوانداس جي مهنداريءَ هيٺ نواز ۽ سرحاريءَ

اشترڪ ڪيا پاڻشالا جي ڪيائن "اسان جو ڳانڌي
چڙهيو جنگ ۾، هوجمالو" جو گيت چوارايو ۽ هڪ ٻيو
قومي گيت به ڳالو. جنهن بعد عام ميڙ ختم ٿيو. ميڙ ۾
ماڻهو جهجهي انداز ۾ آيا هئا.

اُن بعد مولهڻ، نارو شاه، دليپورا، ٽنهي ٽنين ۽
نوشهره تعلقي جي ٻين سينئي ڳوٺڙن ۽ واهڻن مان ٿيندا
۱۷ مئي شام جو مٺياڻين ۾ پهتا. اُتي سرگس نڪتي.
ميشرس ڪيولرام هيرانند (هالائي)، ساڌو رام ليکومل
(مٺياڻي)، برهمانند ۽ مهراج شيوارام (ڏيپارجا) شريمان
پريداس برهمچاريءَ جي اڳوانيءَ هيٺ لوڻ جو قاعدو
ٽوڙيو، والنٽيئرن ليڪچر ڪيا ۽ پوءِ ولائتي ڪپڙن
جي هولي جلائي ويئي. ڙالن جي به ميٽنگ ٿي، جنهن
۾ هرشچندر ٿانوائيءَ به ڳالهايو.

اهڙيءَ طرح نوشهره تعلقي جي اولهه ۽ وچ جي سينئي
ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ ملڪ جو پيغام پهچائيندا ۽ لوڻ جي
قاعدي جي مٽي پليت ڪندا ۽ ڪاديءَ پائڻ جا پرڻ ڪيا
پترو پرائيندا پڊعيدن ۾ پهتا. اُتي ۲۴ مئي شام جو سرگس
نڪتي. ساهتيءَ جي جٿي جي ستياگرهين آتي عام ميڙ
۾ لوڻ جو قاعدو ٽوڙيو ۽ تقريرون ڪيون- اُتي پروفيسر
هاسانند ۽ ڪاڪو سچانند به پڌاريا هئا، جن به پنهنجير
تقريرن سان ماڻهن ۾ خوب ديش پريم جا ڀاو پريا.
اُتان دريا خان مري ۽ ٻين مکيه ڳوٺن مان دور

سرڪار ڌاري ڪاڌ ڪئي." پوءِ ڪم ڪندڙ هڪ
لڪ ٽانڊ لڳا ۽ پنهنجن هزارن ماڻهن سندن پنهنجن ساٿين
لڪ ٽانڊا رهيا. اهو راڄ وڏي اتساهه سان شاق ٽالو
شري ڄيٺمل ۽ پريداس ارهجاري جي ٽڙن پهد
هنن لوڻ لاهيو. ڪلر ايٽمي پاڻيءَ ۾ وڏو واڌ هو. اهو
پساٽي پاڻي جي معان لڳيءَ ۾ ڪاڙهيو ويو. جلد
اهي پاڻي آڏامي ويو ۽ اهو سرالجهڙو لوڻ لڳيءَ ۾ وچي
اچيو، جو ماڻهن کي ڏيکاري کين پڌايو ويو ته لوڻ جي
قاعدي جي ڀڃي ڪئي ويئي. اهي لوڻ جون
پڙين سيڙ ۾ وڪيون ويون ۽ هڪ پڙي ڏهين روپيه
۾ وڪئي.

اهڙيءَ طرح ضلع جي اٺن شهرن ۾ ۱۰ لوڻ جو قانون
ڀڳو ويو. پوءِ ڪان ۹ هين راڄ جو ستياگرهي لوڻ تري
۾ موڪليا. صوبي جو راشٽريه ڪميٽي پالشالا جي ڪيهائن
لڳر ڪيرلي ڪئيو. شهر ۾ پڌرائي ڪئي ويئي ته شام
جو لوڻ جو قاعدو ڀڳو ويندو. شام جو ٦ بجي ڌاري
دهل ۽ شرنائي سان شاهي سرگس نڪتي، جا سوراج
آشرم وٽ ۷ بجي ڌاري اچي ختم ٿي. سوراج آشرم
اڳيان ڪلٽي ميدان ۾ عام سڀا ۾ ستياگرهين مسٽرس
پريداس، ڄيٺمل راءِ، مرتومل ۽ ڪيرارام لوڻ لاهيو. مسٽرس
ڪرمچند ۽ هوچندراءِ ٽڙن ڏنيون. لوڻ نيلام ڪيو ويو.
اهو پڙن جي صورت ۾ وڪيو ويو. پهرين ۾

پرچار ڪندا رهيا. ٨ مئي تي صبوح
رگسون ڪڍي، پرچار ڪندا رهيا. ٨ مئي تي صبوح
نگرڪيرتن ٿيو، جنهن ۾ پڌرائي ڪئي ويئي ته
مانجهيءَ جو ستياگرهي جٿي جي اڳوانيءَ هيٺ جلوس
ڪندو، جو بزار مان گهمي پڌر ۾ لوڻ جي قانون جي
ڀڃڪڙي ڪندو. وڏو جلوس نڪتو، جنهن ۾ سوين ته
ودپارٿي هوا. سرڳشري جٿيندراءِ، ٻرپداس برهمچاري
۽ ٻيا جٿي ۾ هوا.

ميدان، جتي لوڻ جي قانون کي ٽوڪر هڻي هئي،
سو سيٺ مولچند جي اوطاق جي لڳ هو. ستياگره جو
وقت ٨ بجا رات جو مقرر ٿيل هو. خلق ۾ الائي ڪتان
اُتساهه آيو، جو مقرر جي وقت کان ڪلاڪ اڳي خلق پڌر
۾ اچڻ شروع ڪيو. هندو مسلمان زالون ۽ مرد، ٻُڍا
ذات ودپارٿي، ڪڪن ڪڪين جون بيرون ميدان ۾
ڪاهيندڀون آيون. پوليس به چڱي تعداد ۾ آيل هئي،
پر ڪنهن جو به انهن ڏانهن ڌيان ئي ڪون ٿي ويو.
سڀني جي نظر منهن ڏانهن هئي ته ڪڏهن ٿو ستياگرهي
سورهن جو جٿو پهچي.

پوري پوڻين ٨ بجي سرڳشري جٿيندراءِ، ٻرپداس
برهمچاري ۽ سندس ٻيا ساٿي منچ تي پهتا. انقلاب
زنده باد ۽ هندستان آزاد جي نعرن جي گونج شروع
ٿي ويئي. شروعات ۾ پروفيسر هاساڻند جادوگر جو رايو
ماڻهن کان ڀاڙايو ويو- ”ڪانڌ ڪپي، ڪانڌ ڪپي،

جي اُنهن جهڙي ۾ ميرپور کان ڪم شروع ڪيائون.
هالاڻي، ٽنڊي، ٺارو شاهه، ڪمال ديرو، محمد پور
جتوئي، ڪاٺيا ڪلهوڙا، ڪنڊيارو ۽ ٻين ڪن شهرن
۾ وچ عام ميڙن ۾ لوڪ ناٽڪ جو فائدو ورتائون، ماڻهن
کي ملڪي آزاديءَ لاءِ هر ڪا مدد ڪرڻ لاءِ سڏ ڏنائون،
ولائتي ڪپڙي جي بيشڪار، شراب بند ڪرڻ لاءِ وينتي
ڪيائون، ڪن هنڌ زالن جي ميڙن ۾ شامل ٿيا ۽ اسڪولن
۾ يا اسڪولن جي ٻاهران پرچار ڪيائون. ڪنڊيارو لعل
جي پڪن ٽولن سان گڏ وات لسي هر ڪنهن واهڻ ۽
بستيءَ ۾ ستياگره جو آواز پهچائيندا هليا. ڪادي
ٻانڊا حا پرلڪا پتر ۽ پرانيد هليا.

سچو ڪنڊيارو لعل پورو ڪري ڳوٺ يا لوشيرو
لعل ۾. اُن جو ٻه ڪر ٽوڪ يا واهڻ ڪرڻ جهڙا ٻالون. پرڀارو،
جاهين وغيره ڳوٺن مان ٿيندو، جتو ٧ مئي لي اسالجي
ٽولن جي ٽوڪ ۾ پهتو. ٽولن جي ٽوڪ لڳ لنوارن
جو ٽنڊيڙو ٽوڪ هو، جتي اڄ ڪلهه مان لوڪ ٿيندو هو.

ٽولن ۾ اڃا جتو پهتو، ليڪن ڪان اڳي ئي اسالجي ٽوڪ
جا ودبارلي ۽ ٻيا ڪانگريس ڪم ڪندڙ ڪي ڏينهن
انتظار ڪندا رهيا ته ڪڏهن ٽولن جو وارو اچي.
آخر خبر آئي ته ٧ مئي لسي رات جو جتو پهچندو.
سان اچا هاءِ اسڪول ۾ ٿي هوس، ۽ مولڪي هيڊان
بوجستي ودبارلي جي بلتڻ هئي، جيب ساري ٽوڪ ۾

ڪريو، هن دعوي اوهان جي اندر ۾ اهنسا جو اظهار
ان مان ظاهر ٿئي، جو اوهان مان ڪو ب پنهنجي ملڪ لاءِ
آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هن هلچل ۾ غلاميءَ جو طوق
محسوس ڪري، قربان ٿي وڃي يا اندر جيل ۾ بانڌ
ٿي وڃي."

ستياگره جو بيوگل وڳو ته ڪيترائي نئيا وڏا ميدان
۾ لڪري نروار ٿيا. پروفيسر هاسانند ته پرچار لئي رهندو
هو، سو هاڻي ساهتيءَ ۾ لوڪن کي جاڳائڻ لاءِ ڪاهي
پيو. ڪاڪو سچانند ٿانواڻي به حيدرآباد مان وري وري
پرچار لئي اچي شامل ٿيڻ لڳو. هرڪنهن وڏي ڳوٺ ۾
نوجوان وديارٿي وڏي اڳتي ٿيا. نوشهره، جتي سوراج
آشرم کليو، اتي هميشه جوانن جو ميڙاڪو لڳو رهندو
هو. آشرم جي سڄي سنڀال شري ديپچند ترلوڪچند
ڪندو هو.

پهرينءَ ٽوليءَ جو دؤرو- ١٣ اپريل ١٩٣٠ ويساکيءَ
تي هالاڻيءَ ۾ ميلي وقت سڄي ساهتيءَ جا ڪم ڪندڙ
گڏ ٿيا. مهاتماجيءَ جي اعلان موجب لوڻ جي قاعدي
ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ پهرينءَ ٽوليءَ ۾ سرڪردي
ٻرپداس برهمچاري، جيٺمل راءِ تانڪرام تاناڻي، ڪيولرا
ٿانواڻي ۽ مونومل ٿانواڻي چونڊيا ويا، ج
سڄي ساهتيءَ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وڃي لوڻ ج
قاعدي ٽوڙڻ جو ڪاريه شروع ڪيو. ڪنڊياري ج

جلوس ۾ پهچي ويا هوا، انقلاب زنده باد جي نعرن جي گوڙجار ٿي پيئي.

سنڌ ۾ ستياگرهه - ١٣ اپريل ١٩٣٠ تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ پرديش ڪانگريس ڪاميٽيءَ لوڻ ٺاهڻ جي قاعدي ٽوڙڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو. شروعات ڪراچيءَ جي سمنڊ مان پاڻي ڪڍي لوڻ ٺاهڻ سان ڪئي ويئي. سنڌي اڳواڻن جون گرفتاريون ٿيون.

١٦ اپريل ١٩٣٠ تي ڪراچيءَ ۾ قومي ڪرڪنڌن تي ڪيس هلندي ٻاهر بيٺل ماڻهن تي پوليس بندوقبازي ڪئي. اُن ۾ ٻه جوان دنالرنه ۽ ميگهراج شهيد ٿي ويا ۽ شري جيرامداس کي سٿر ۾ گولي لڳي ۽ رت روئي ڪري وهڻ لڳس. کيس اسپتال ۾ پهچايو ويو. گانڌيجي اها خبر ٻڌڻ تي تار ڪيس ته "ٻڌي خوشي ٿي ته توکي سٿر ۾ گولي لڳي آهي. اُن کان به وڌيڪ خوشي مونکي ٿئي ها، جي اها گولي توکي ڇاتيءَ ۾ لڳي ها." اُن مان پالڪ سمجهي سگهن ٿا ته ٻاپوجي اُن وقت درگا داسيءَ جو روپ ڌاري چڪو هو ۽ آزادي ڏيڻ جي اڌي تي هن الاسي گهڻن جوانن جي قربانيءَ جي اميد ٿي رکي! گرفتار ٿيڻ کان ٿورو اڳ هن پوتلڪن کي صاف اکرن ۾ چٽي ڇڏيو هو ته "هن دفعي منهنجي گرفتاري ٿئي ته اُن وقت اِئين نه ١٩٢٢ والکر اهنسا تي قائم نه رهي ڪا هنسا

سرڪار جي بر گولن ۽ بندوقن سان جان جي بازي لڳائي، انهن کي ڪلواڙ سمجهي انهن سان ڪيڀندا رهيا. اُن ڏراسنا جي ميدان تي پارلواسين برابر ثابت ڪري ڏيکاريو ته آزادي ديويءَ جي اڳيان هزارين ڪوڏر قربان ڪرڻ کي ڪي ڪم ڪري تا سمجهن. اسان جي سنڌ مان به شري مازيوالا جي اڳوانيءَ هيٺ وڏو جٿو ڪراچيءَ مان روانو ٿيو.

گانڌيجيءَ ڏانڊيءَ بر لوڻ جي قانون ٽوڙڻ سان جڻ ساري هندستان جي آلو جنتا کي سائو سگنل ڏيکاريو. هند هند لوڻ جي قانون جي مٽي پليت ڪئي ويئي ۽ هر روز ملڪ بر هزار کن ماڻهو گرفتار ٿيندا هوا.

گانڌيجيءَ جي گرفتاري - ڏراسنا ڀڃڻ کان

اڳ ئي گانڌيجي گرفتار ٿي ويو. گرفتاريءَ جي خبر باهه والگر سڄي ملڪ بر ڦهلجي ويئي. اسان جي ضلع بر سيني وڏن شهرن ۽ ڳوٺن بر پورن هڙتال ٿي ويئي ۽ اسڪول بند ٿي ويا. نوشهري بر تہ سمورا اسڪول بند ٿيڻ سان ودياٿين ۽ ٻين جو شاهي جلوس نڪتو. ساڳيءَ طرح نوابشاه، ٽنڊه آدم ۽ شهداد پور وغيره بر.

اسان جي ٻرين جي اسڪول بر گانڌيجيءَ جي گرفتاريءَ جي خبر ودياٿين کي پهچي ويئي هئي. اسڪول جي باهرين ديوار وٽ ڏنم ته سمورا اباڻي سو وديارٿي

ڪڏ لوڻ جو قاعدو ڀڃي ۽ گرفتار ٿي وڃي. ١٢ مارچ کان وٺي ٥ مئي تائين هن جيڪو قدم قدم کنيو، تنهن نه صرف اهڙي ڀرمي ۽ اُلٽي جهڙي ماڻهن ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو، پر ساري ڀارت جي ڀرميءَ ۾ به جهڙي انقلاب آڻي ڇڏيو. ڪهڙ ڪڙ ۾ انقلاب جي آڳ ڀڙڪي اٿي. ملڪ جا ليڪن سيوڪ ان لاءِ آتر رهيا ته ڪڏهن تو لوڻ جي ستياگره ڪرڻ جو حڪم ملي، جئن اسين به آزاديءَ جي آکوليءَ ۾ قرباني ڏيئي سگهون. اڳيان به انسان کي اهڙو جهرل مليو هو، جو آزاديءَ لاءِ ڪيڙي به وڏي قرباني ننڍي سمجهندو هو.

گانڌيجيءَ دانڊيءَ ۾ ٦ اپريل تي قومي هفتي جي ڀورلين ڏينهن پهرين ساٿين سان گڏ سمنڊ مان پاڻي ڪڍي لوڻ ٺاهيو. گانڌيجي لوڻ جو قانون ڀڃي آلي ڪوله ڏسيو، ۽ ظاهر ڪيائين ته هو ساٿين سميت سورت ضلع ۾ هيڪڙ ڌراسنا ۾ وڏو لوڻ جو ڍير آهي، ان تي ڪاهيندو ۽ لوڻ کڻندو، ڇوءِ جيا ته ٿئي. اُتان لوڻ کڻڻ جي نتيجي کان هرڪوئيءَ واقف هو. هو سمجهي سگهيو ٿي ته ڌراسنا جي لوڻ ڍيريءَ تي ڪاهه ڪرڻ تي سرڪار پهرين حڪومت تي ڪاهه سمجهندي ۽ ستياگرهين کي سخت سزا ڪري ڇڏيندي، پر لوڻ کڻڻ نه ڏيندي. گانڌيجيءَ ملڪ کي آگاهه ڪري ڇڏيو هو ته ڀارتواسين کي ان ڌراسنا جي لڙائيءَ ۾ ڀورت ڏيڻ آهي ته هو

سرڪار جي جواب اچڻ ۾ دير ڪانہ لڳي. جواب اهڙو ئي هو، جو عام جنتا اڳيئي سمجهي ويٺي هئي. گانڌيجيءَ اُن تي لکيو تہ مون گوڏن ڀر ويهي روٽيءَ ٽڪر لاءِ التجا ڪئي، پر جواب ۾ مليا پٿر. تنهنڪري مون لاءِ ستياگرهہ هلچل شروع ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ئي ڪونہ آهي.

١٢ مارچ تي مهاتماجيءَ پنهنجي آشرم مان چونڊيل ٧٩ پد ياترين سان گڏ احمدآباد مان ڊانڊيءَ ڏانهن چڙهائي شروع ڪئي. انهن ۾ اسان جي ساٿيءَ جو هڪ ننڍو نوجوان شري آنند هنگوراڻي بہ هو، جو اُلي سنڌس آشرم ۾ رهندو هو. آشرم ڇڏڻ مهل جيئن پيئرن کين سنڌر ۽ چانورن سان ٽڪ ڏنو، لٿن گانڌيجيءَ پنهنجي ردي جي گهرائيءَ ۽ جذبي سان تقرير ڏني. اُن ساري ملڪ ۾ اٿل پٿل آڻي ڇڏي. هن چيو تہ ”آزادي حاصل ڪرڻ کانسواءِ آشرم ۾ نہ موٽندس.“

مهاتما پد ياترا شروع ڪئي تہ ملڪ ائين ئي جا
جڻ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جو ڪمانڊر لشڪ
وٺي روانو ٿيو آهي ۽ اسان کي بہ اُن جي پٺيان مري
مٽجڻ لاءِ تيار رهڻو آهي. لشڪر صفن ۾ تيار بيٺو ه
۽ ڪمانڊر جي حڪم جو انتظار ڪري رهيو هو. گانڌيج
هدايتون ڪڍي ڇڏيون هيون تہ ڪنهن کي بہ لوڻ
قاعدو نہ ٽوڙڻو آهي، جيستائين پهرين پاڻ ٧٩ ساٿين

لاءِ ٽپاريءَ ساهتيءَ ۾ وري جان آندي. شري پريتداس برهمچاري، جو ۱۹۲۵ کان ارابشاه ۾ رهندو هو، پر هن جي دل ۾ پنهنجي جنم استان لوشوريءَ ساهتيءَ سان لڳي پئي هئي، تنهن موجوده حالت موجب ساهتيءَ جهڙي پراڻن ڪم ڪندڙن کي وٺي پتر لکيو ته اچو ته گڏجي تنهن سر ستياءِ ڪري اٿئي وڃون. لوشهره ۾ ڪم ڪندڙن جو اهڙو شاهي سڏ ٻڌو، جنهن ۾ ساهتي ضلع ڪانگريس ڪاميٽيءَ جون ليڊرن چوئٿرام ڪرون ويون. پراڻيدست ڪاڪو ڇانيد ٺيڪومل، والبس پراڻيدست شري پريتداس برهمچاريءَ سيڪريٽري ۽ صراف شري ديپچند چوئٿراما وڃاء ميصلو ڪيو ويو ته ڪاره هلائڻ لاءِ "سوراج آشرم" لوشهري ۾ جاري ڪيو وڃي، جنهن جو سڄو خرچ شري ڪرمچند ٻالاڻيءَ ڏيڻ ڪيو. ان بعد شري پريتداس برهمچاريءَ لسوانشاه گرهت اخبار جهڙي سمباد ڪيءَ جو ڪم شري ديپچند ۽ لوڪچند کي سونپي ڏنو ۽ پاڻ ان وقت کان پرچار جي ڪم ۾ لڳي ويو.

ڌراسنا تي چڙهائي - ۲ مارچ ۱۹۳۰ تي

گانڌيءَ سرڪار کي آخري نوٽس ڏنو، جو هڪ انگريز آشرم واسيءَ شري رجنالڊ رينالڊس هٿان وائسراءِ کي موڪليائين. اهو هڪ وڏو خط هو، جو سڀني اخبارن ۾ آيو.

سرڪار جي جواب اچڻ ۾ دير ڪانہ لڳي. جواب
هتو ئي هو، جو عام جنتا اڳيئي سمجهي ويٺي هئي.
انڌيجيءَ اُن تي لکيو تہ مون گوڏن ڀر ويهي روٽيءَ
ٽڪر لاءِ التجا ڪئي، پر جواب ۾ مليا پٿر. ٺهڪري
مون لاءِ ستياگرهه هلچل شروع ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو
رستو ئي ڪونہ آهي.

۱۲ مارچ تي مهاتماجيءَ پنهنجي آشرم مان چونڊيل
۷۹ پد ياترين سان گڏ احمدآباد مان ڊانڊيءَ ڏانهن چڙهائي
شروع ڪئي. انهن ۾ اسان جي ساٿيءَ جو هڪ ننڍو
نوجوان شري آنند هنگوراڻي بہ هو، جو اڳي سندس
آشرم ۾ رهندو هو. آشرم ڇڏڻ مهل جتن پيرن ڪين
سنڌر ۽ چانورن سان ٽلڪ ڏنو، تن گانڌيجيءَ پنهنجي
ردي جي گهرائيءَ ۽ جذبي سان تقرير ڏني. اُن ساري
ملڪ ۾ اٿل پٿل آڻي ڇڏي. هن چيو تہ ”آزادي حاصل
ڪرڻ ڪانسواءِ آشرم ۾ نہ موٽندس.“

مهاتما پد ياترا شروع ڪئي تہ ملڪ اٿين ئي ڄاڻو تہ
ڄڻ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جو ڪمانڊر لشڪر
وٺي روانو ٿيو آهي ۽ اسان کي بہ اُن جي پٺيان مري
مٽجڻ لاءِ تيار رهڻو آهي. لشڪر صفن ۾ تيار بيٺو هو
۽ ڪمانڊر جي حڪم جو انتظار ڪري رهيو هو. گانڌيجيءَ
هدايتون ڪڍي ڇڏيون هيون تہ ڪنهن کي بہ لوڻ ج
قاعدو نہ ٽوڙڻو آهي، جيستائين پهرين پاڻ ۷۹ ساٿين سا

لاءِ لياريءَ ساهتيءَ ۾ وري جان آندي. شري
پرڀداس برهمچاري، جو ١٩٢٥ کان نوابشاهه ۾ رهندو
هو، تنهن جي دل ۾ پنهنجي جنم استان لوشهري ۽
ساهتيءَ سان لڳي پئي هئي، تنهن موجوده حالت
موجب ساهتيءَ جي پراڻن ڪمدارن کي وري
پتر لکيو ته اچو ته گڏجي تنهن سر سنڀال ڪري اٿئي
وڃون. لوشهره ۾ ڪم ڪندڙن جو اهڙو شاهي مڙ
ٿيو، جنهن ۾ ساهتي ضلع ڪانگريس ڪاميٽيءَ جون
ٻيون چونڊون ڪيون ويون. پرازيڊنٽ ڪاڪو چاندڻ
ڦيرومل، وائيس پرازيڊنٽ شري پرڀداس برهمچاري ۽
سيڪريٽري ۽ خزانچي شري ديپچند چولديا ويا.
فيصلو ڪيو ويو ته ڪارڪنن لاءِ "سوراج آشرم"
لوشهري ۾ جاري ڪيو وڃي، جنهن جو سڄو خرچ
شري کرچند ٻالاڻيءَ ڏيڻو ڪيو. ان بعد شري پرڀداس
برهمچاريءَ نوابشاهه گزيٽ اخبار جي سمپادڪيءَ جو
ڪم شري ديپچند ٽلوڪچند کي سونپي ڏنو ۽ پاڻ اُن
وقت کان پرچار جي ڪم کي لڳي ويو.

ڌراسنا تي چڙهائي- ٢ مارچ ١٩٣٠ لسي
گانڌيءَ سرڪار کي آخري نوٽيس ڏنو، جو هڪ انگريز
آشرم واسيءَ شري رجينالڊ رينالڊس هٿان وائسراءِ کي
موڪليائين. اهو هڪ وڏو خط هو، جو سڀني اخبارن ۾ آيو.

وڄندو شيوو مهاتما گانڌيءَ جي سڀ ڌرمن جي ڳالهه ڪئي
ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃڻو هو والدين سان گڏ.
توشهورجي ڳالهه هالائيءَ ۾ ڳڻپ ۾ ڳچ کان
١٩٣٠ ۾ اچي ٿيڻ لڳا. سر شوڪت سنڌ ۾ هو وار ۾
١٩٢١ جا ڪم ڪندڙ هئا. شوڪت علي ۽ محمد علي
هو جو گانڌيءَ ۽ نهرو جي استقبال لاءِ مير ۾
گوٺ ۾ هالائيءَ جو ڪم ڪندو ليءِ رهندو سو آزاد
تعليم جو نالو استاد جو هو هو ۽ هو
ماستر ٻه اهڙيءَ طرح هالائي هيوا ماڻهن جو ڪم ۾
هئس هو. ستيه ساهتيءَ گانڌي ٻوليون ۽ ڪم ۾
هو ئي ڪندو هو. هالائيءَ سان گڏ اوهالائيءَ ۾ ڪم
ڪم ڪندڙ هئا.

ملهائي، جو ١٩٢١ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڪم
رهندو هو، اهو آزاديءَ جي هندستان ۾ ڪم
ٻهاڙيءَ ۾ ٻه ڏينهن ڪم ڪندو هو ۽ رهندو سائين
سنڌ جا سرڪاري ماڻهو ۽ آزاد ۽ سنڌ جا
ذاتي ۽ ٻيو مستري سالي رهيا. شري آسودو
اوڪريءَ ۾ هولدي ۾ ڪم ۾ لڳو ليءِ رهندو.
الهه آسوي مرڪز ۾ ڪم ڪم هلندو رهيو،
١٩٢١ وارو جلوس ڪونه رهندو هو. مهاتما گانڌيءَ
جي ساهتيءَ ۾ دوري ۾ ڪم ڪندو ڪم ڪندو
هو ۽ لاهور ڪانگريس اجلاس بعد مهاتما جي ....

وجي. (٨) راڄنيتڪ قيدين کي ڇڏيو وڃي. (٩) قلم ١٢٤
اي ۽ ١٨١٨ جو ٽيون ريگيوليشن منسوخ ڪيو وڃي ۽
جلاوطن وطن پرستن کي ملڪ ۾ اچڻ جي اجازت ڏني
وڃي. (١٠) ماڻهن کي پنهنجي بچاءَ لاءِ بندوقون يا ٻين
هٿيارن جا لائسنس ڏنا وڃن: (١١) سي. آءِ. ڊي کاتو
وڃي ۽ ڪوسٽل ٽرئفڪ رزرويشن بل پاس ڪيو وڃي.
جنوري ١٩٣٠ ۾ ٻاپوجيءَ مٿيان شرط پورا ڪرڻ لاءِ
سرڪار اڳيان رکيا، پر حڪومت ۾ ملها پئو.
فيبروري ١٤ کان ١٦ تائين ڪانگريس جي ڪاروباري
ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ احمدآباد ۾ سابرمتي آشرم ۾ ٿي،
جنهن گانڌيءَ کي اختيار ڏنو ويو ته پورن اهنسا جي
خيال کان پنهنجي وشواس پاتر ساٿين سان ستياگره هلچل
شروع ڪري.

ساهتي جاڳي اٿي - اڳ ڄاڻايو ويو آهي ته ١٩٢٤
کان پوءِ سڄي ملڪ جيان اسان جي ضلع ۾ به ماڻهن آئل
هئي، جيتوڻيڪ لوشهري فيروز ۾ ڪم ڪندڙن جو چڪو
نولو هو، جو وقت به وقت قومي ڏينهن ملهائيندو هو.
راشٽريه ڪتاب پاٺشالائون جو ڪريون سرگسون ڪيون ويون
هيون. شري پرمانداس پرهچاري وقت بوقت لوشهري ۾ اچي
اسڪول جي استادن کي ڪان سودينشي، کاري ودياء
ديش پريم ۽ ڏيتي ليتيءَ جهڙي مثالن لئيا لئيا ٿانگ
ڪرائيندو هو، جن جو مردن ۽ زالن تي خاص اثر ٿيندو

ي همٿ همٿ ياري اُساه جو اظهار ڪيو. نوابشاه ۾
ي جهنڊي جي سلامي شري پرڀداس
ٻوح جو قومي سالگرهه جو آزاديءَ جو پرلگيا
همچاريءَ ڪرائي. سالجهيءَ جو ويو. نوابشاه ۾ ايڏو
ر چڪري ۾ عام ميڙ ۾ ٻڙهيو ويو.
ڏو ميڙ اڳ ڪڏهن ڪونه ٿيو هو. ماڻهن وڏي پريم ۽
اُساه سان اهو پترو دهرايو هو.
گماندهيجيءَ وٽان اهوئي

وائسراءِ کي وينتي–

الهام ايندو رهندو هو ته ”هار جي ڳالهه ئي ڪانهي.
آزادي وٺي ئي رهبي. مرڻ جي ڳالهه ئي ڪانهي.“
سندس اٽوٽ وشواس جو اثر اسان سڀني تي جٽن
جو ٿٽن پرندو رهيو.
آزاديءَ لاءِ ايندڙ آندولن لان لڪڙو پرڪو
گماندهيجيءَ اُن وقت جي وائسراءِ
ڏهندو ويو. پهرين زبردست التجا ڪئي ته پارس جي ڪرنڙ
ارون کي حالت لسي ترس کائي صرف
آرتڪ ۽ بي وسيءَ جي ته ستياگره ڪرڻ کان هٽ
هيٺيون ڳالهيون ڪيون وڃن،
ڪيو ويندو.
(١) شراب بندي ڪئي وڃي. (٢) مٺا سٺا جو لوڻ
گهٽائي هڪ شلنگ ڪيو وڃي. (٣) ڍلون اڌ ڪيون
وڃن. (٤) لوڻ تان ڍل هٽائي وڃي. (٥) لشڪر لي
خرچ اڌ ڪيو وڃي. (٦) وڏن آفيسرن جون پگهارون
اڌ ڪيون وڃن. (٧) ولائتي ڪپڙي لي ڍل وڌي

وغيره سڀ ڪجهه ليار مليا. ٻيهر ٻن آزاديءَ جو ڏينهن جنهن اُلاس سان ساري هندستان ۾ هر وڏي ڳوٺ ۽ هر شهر ۾ ملهايو ويو، تنهن سان انهن پٺي لڳو ته آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هيءَ آخري لڙائي ٿيندي.

منهنجي ڀرڻ جي ڳوٺ ۾ ٢٦ جنوري ١٩٣٠ تي اسر جو ٥ بجي سوين ودياارٿي ۽ ٻيا اچي گڏ ٿيا. پرڀات ڦيري ساري ڳوٺ کي ٻه ڪلاڪ ۾ ڪري ڏيندي رهي. ستين بجي صبوح جو پرڀات ڦيري ڀائي مينارام جي اوطاق تي پوري ٿي. دهلن شرنائين جي وڄرمون قومي جهنڊو چاڙهيو ۽ ان کي سلامي ڏني وئي.

ان بعد مون مٿي ڏنل پرتگيا پتر هڪ هڪ جملو ڪري پڙهيو ۽ ماڻهن منهنجي پٺيان دهرايو. اهو مهڙ انقلاب زنده باد ۽ ڀارت ماتا کي ڄئه جي نعرن سان ٻرو ٿيو ته ساري خلق جلوس ۾ دهلن شرنائين سان ڪُل ڳوٺ جي وچ چوسول تي هلي، جتي ٻه قومي جهنڊو چاڙهيو ويو. تنهن کان اڳ ڪي.سي الڪيڊمي هاءِ اسڪول ۾ ماستر ٿي هوس.

انهيءَ نموني سڄي ضلع ۾ نوشهره، جو ساهتي ضلع ڪانگريس ڪميٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر هو، لاڙ وشاه، پڏعيدن، منيائي، ڏيپارچا، هالاڻي، ٽنڊو آدم، شاهپور چاڪر، شهدادپور، نوابشاه وغيره ۾ ٻه سو کن ڏينهن وڏي اُلاس سان ملهايو ويو. ٻيهر تين سو کن ڏينهن

وشواس پيدا ٿي چڪو هو. اُن عرصي ۾ آزاديءَ ل
جيڪا تڙپ عام جنتا ۾ پيدا ٿي هئي، سا موقعي اچ
تي ماڻهن جي اتساهه ذريعي ظاهر ٿي پيئي.

جڏهن ٢ جنوريءَ وارو ڪانگريس ڪاروباري
ڪاميٽي جو نهراءُ ظاهر ٿيو، تڏهن ڪانگريس سنستا ۾
جان اچي ويئي، جو پنهنجي ماڻهت پرديش ڪانگريس
ڪاميٽين جي معرفت اُنهيءَ اهو نهراءُ پرتگيا پتر جي
روپ ۾ پرائيمري ڪانگريس ڪاميٽين تائين پهچايو. اهو
پرتگيا پتر هندستان جي مختلف ٻولين ۾ ڇپجي تيار
ٿيو ۽ اهو هر ڪنهن شهر ۽ ڳوٺ ۾ پهچي ويو.

مون کي ياد آهي ته اهو پرتگيا پتر سهڻي ٻني لي
سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪي چار ڏينهن اڳي اسان کي پهچي
ويو هو. اسان جي ضلع ۾ ڪي پنجاهه کن پرائيمري
ڪانگريس ڪاميٽيون هيون. پرتگيا پتر سان گڏ ٢٦
جنوري ملهائڻ جي باري ۾ هدايتون ۽ موڪليون ويون
هيون. حقيقت ۾ ساري ملڪ ۾ اتساهه پيدا ٿيڻ
ڪري اخبارون ۽ اهڙيون چست ٿي ويون، جو جڏهن
ڪانگريس جا جيڪي به نهراءُ ۽ هدايتون وغيره ظاهر
ٿينديون هيون، تڏهن سڀني ٻولين جي روزانين اخبارن
۾ ڇپجي وينديون هيون. ان ڪري اڪيل ڀارت ڪانگريس
ڪاميٽيءَ جي سوچنا تائين پهچڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونه رهيو هو. سڀ
تياري اڳواٽ ٿي ويئي هئي. قومي جهنڊا، پرتگيا پتر

پر اهو اسين ڄاڻون ٿا تہ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ زيادہ ۾ زيادہ اثرائتو طريقو هنسا وارو نہ آهي. ان ڪري اسين پاڻ کي ان ڳالهہ لاءِ تيار ڪنداسون تہ برطانيہ سرڪار کي جيڪو ساٿ ڏيندا رهيا آهيون، سو جيتري قدر ٿي سگهي، اوتري قدر واپس وٺون ۽ پاڻ کي سول نافرمانيءَ لاءِ تيار ڪريون، جنهن ۾ ٽيڪسون نہ ڏيڻ جو قدم بہ اچي وڃي ٿو. اسان کي اهو پورو وشواس آهي تہ اسين سرڪار کي جيڪو سهڪار ڏيندا رهيا آهيون، سو جيڪڏهن واپس وٺنداسون ۽ اما ڪڏهن هنسا جي سرڪار کي ٽيڪسون ڏيڻ کان انڪار ڪنداسون، پوءِ ڀلي تہ ڪيترو بہ اسان تي اتياچار ٿئي، تہ پوءِ خاطري آهي تہ انسانيت جي ورتن راڄ کي ختم ڪري سگهنداسون. تنهڪري اسين هيءَ اپيل پرڪاشيا ٿا ڪريون تہ ڪانگريس ملڪ ۾ پورن سوراج اسٿاپن ڪرڻ لاءِ وقت بوقت جيڪي هدايتون ڪندي، ان تي عمل ڪنداسون."

١٩٢١ جي قطع تعلقات هلچل وقت گانڌيءَ کي پنهنجو پروگرام ڪانگريس کان پاس ڪرائڻ ۾ ڪافي وقت لڳو هو، پر ان بعد ٽي سال جيڪي گذريا، ان ۾ هن ملڪ ۾ ڪم ڪندڙن سان ايڏي همدردي ۽ گهوري ويجهو رکي، جو ١٩٣٠ جي هلچل وقت ڪم ڪندڙن جو سنڌ اڳواڻيءَ ۾ اٿل

ڪري سنڌن ملڪ انگلنڊ مالامال ٿيو ٿئي ۽ ڀارت زبون
ٿيندو رهي ٿو.

راڄنيتي طرح هندستان کي اهڙي نموني غلام رکيو
ويو آهي، جنهن اڳي ڪڏهن نہ ٿيو آهي. جيڪي بہ
سڌارا ڏنا ويا آهن، تن ۾ سچي راڄنيتي ستا ملڪ جي
باشندن کي نہ ڏني ويئي آهي، ۽ اسان کان پنهنجا
رايا ظاهر ڪرڻ جو اڌڪار بہ کسيو ويو آهي ۽ ڪيڏن
ديش شيوڪن کي مجبور ڪيو ويو آهي تہ ديش کان
ٻاهر رهن ۽ هو پنهنجي ملڪ ۾ موٽي نہ ٿا سگهن. سڀو
سرڪاري ڪاروبار برطانيہ پنهنجي هٿن ۾ رکيو آهي.
ڀارتواسي گهٽي ۾ گهٽو ڳوٺن ۾ آفيسر يا آفيس ۾ ڪلارڪ آهن.

تهذيب جي خيال کان اسان کي تعليم اهڙي ٿي ڏني
وڃي، جو اسان پنهنجي پرمپرا کان ڇڳي ڌار ٿي ويا
آهيون ۽ زنجيرون، جيڪي اسانکي غلاميءَ ۾ جڪڙي
وينيون آهن، تن کي چنبڙي پيا آهيون. :

پاڻ تي ڀاڙڻ جي خيال کان اسان کي نهٿيار ڪري
همت پست ڪيو ويو آهي ۽ ڌارئي ملڪ جو لشڪر
اسان مٿان مڙهيو ويو آهي، جنهنڪري اسان مان مردانگي
نڪري ويئي آهي.

جنهن راڄ اسان جي ملڪ مٿان مٿي بيان ڪيل چئن
قسمن جي مصيبت نازل ڪئي آهي، اهڙي سرڪار هيٺ
رهڻ اسين انسان ذات ۽ ڀڳوان خلاف گناهہ ٿا سمجهون

اسان هندستانين کي به پورو حق آهي ته اسين سوتنترتا حاصل ڪريون ۽ پنهنجي محنت جو ڦل ماڻيون ۽ جيڪين جون ضرورتون اسان کي ميسر هجن، جئن اسان کي واڌاري ڪرڻ لاءِ پورو موقعو ملي.

اهو به اسان جو وشواس آهي ته جيڪڏهن ڪا سرڪار اسان کي حق کان محروم ٿي رکي ۽ اسان تي ظلم ٿي ڪري ته اهو به اسان جو اڌڪار آهي ته اهڙيءَ سرڪار کي بدلايون يا اُن کي ختم ڪري ڇڏيون.

ڀارت ۾ برطانيه سرڪار نه صرف اسان جي آزادي کسي آهي، پر عام جنتا کي ڏهڪ تي پنهنجو بنياد رکيو آهي ۽ هندستان کي آرٿڪ طرح، راجنيتي طرح، تهذيبي ۽ آڌياتمڪ طرح برباد ڪيو آهي. اسان جو ان ڪري اهو وشواس آهي ته هندستان کي برطانيه سان سمورا ناتا ختم ڪرڻ گهرجن ۽ ملڪ ۾ پورن سوراج استاپن ڪرڻ گهرجي.

آرٿڪ مثال کان برطانيه اهڙي ليکي اهالي آهي، جو سمورو فائدو سندن ملڪ کي ملي. اسان جي هنرن کي ختم ڪري هن اسان کي سندن ملڪ ۾ ٺهيل مال تي ٻڌل ڪيو آهي ۽ مناستا جو نرخ به اهڙو رکيو اٿن، جئن سندن ملڪ کي فائدو ملي. اسان جي هر پاراسيءَ جي روزاني سراسري ڪمائي ست پيسا آهي. هوڏانهن اسان وٽ ڪڙو ۽ ٻين شين وانگر ٻڌرن اٿن، جيڪين

جلاس ۾ شريڪ ٿيندڙن ۾ ايڏو ته اُتاهه اُتساهه هو، جو
آزاديءَ لاءِ ايڏي لاءِ زبردست هلچل هلندي، جو
هندستان ۾ آزادي استاپن ٿي ويندي.

پانچون ستون

گانڌي يگ جو ٻيو قدم

١٩٣٠ کان ١٩٣١ تائين

لاهور ڪانگريس اجلاس بعد ڪانگريس سنستا ۾ نئين جان اچي وئي. ساڳي وقت ڪانگريس مرڪزن ۾ تورو پؤ پيدا ٿيو ته مهاتما گانڌي ٻهه زبردست آزادي جو ماڻهو آهي، سو الائي ڇا ڪندو!

آزاديءَ جو اعلان - ٢ جنوري ١٩٣٠ تي ڪانگريس ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي نئين سال جي پهرين ميڙ ٿيو، جتي پورن آزاديءَ جو نهراءُ عمل ۾ آڻڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو. نهرايو ويو ته آرتوار ٢٦ جنوري ساري هندستان ۾ پورن آزاديءَ جو ڏينهن ڪري ملهايو وڃي. اُن ڏينهن لاءِ ڪاميٽيءَ آزاديءَ جي اعلان جو پترو نڪاهيو، جو هر ڳوٺ ۽ هر شهر ۾ پڙهڻو هو ۽ اُن لاءِ عام جنتا جي پنيرائي هٿ ڪرڻي هئي. اُهو نهراءُ يا پرتگيا پتر هيٺينءَ طرح هئو-

"اسان جو اعتقاد آهي ته جيئن ٻين ماڻهن کي، تيئن

ڪانگريس کي ڪندڙن ۾ اميد نٿي رکي ته هو هن
ڪاٿوءِ پنهنجو سارو ڌيان پوري آزادي هٿ ڪرڻ تي
ڏيندا. پارٽي جي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ آندولن جو
سٽاءُ ڪرڻ لاءِ انهن کي پهريون قدم اهو کڻو آهي ته
ڪائونسلون ۽ اسيمبليون ترڪ ڪيون وڃن. ڪم ڪندڙن
کي آزاديءَ جي ڪم ۾ هٿي وٺو آهي. جنهن مان
صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ڪانگريس جو اديش بدلجڻ ڪري
ڪانگريسي برابر اهڙي ذمي سان ڪم ۾ لڳا آهن.

هيءَ ڪانگريس ملڪ کي استدعا ٿي ڪري ته
رچناتمڪ (جوڙڪي) ڪارج ۾ انهيءَ سان لڳي وڃي.
ساڳئي وقت هيءَ ڪانگريس اکل پارٽي ڪانگريس
ڪاميٽيءَ کي اڌڪار ٿي ڏئي ته جڏهن به ٺيڪ سمجهي،
لڏهن ڪن خاص اپراضين ۾ يا ٻيءَ طرح سول نافرماني
شروع ڪرائي، جنهن ۾ سرڪار کي پيارن نه ڏيڻ جو
انڪار به شامل هجي."

اسان جي نواب شاه ضلع مان به ڪافي عوضي لاهور
ڪانگريس اجلاس ۾ سرڳواسي سچانند ڦيرومل، پروفيسر
هاسانند، ڪرمچند ڀالاڻي، ديپچند لوڪچند، پريداس
سرهيچاري، رامچند ٻاٽي، شوانند شيوڪرام ۽ ٻيا
شريڪ ٿيا هئا ۽ اتان جهجهو اتساهه کڻي آيا. مولڪي
ياد آهي ته شريءَ شوانند راس جو مولڪي پيڙ ۾ گڏيو ۽
لاهور اجلاس جو احوال ٻڌائيندي چوڻ لڳو ته لاهور

ويٺي آهي، الڪري ديش ۾ برٽاني حڪومت قائم ڪرڻ
جو اعلان ڪجي. الي سباش بابوءَ ۽ سوامي گووندانند
جيڪي اِن باري ۾ تقريرون ڪيون، تن لاءِ رايو هو ته هو
اِنهيءَ گرفتار ٿيا ڪي ٿيا. آخر مهاتما گانڌيءَ جي شخصي اثر
ڪري آزاديءَ جي اعلان ڪرڻ وارو ٺهراءُ گهٽائيءَ سان
بحال ٿيو ته اڄ رات جو پوري ٻارهين بجي ٺائين ڏسجي.
جيڪڏهن اِن وقت اندر بيٺڪي راڄ جو سرڪار اعلان
نه ڪري ته ديس اندر پورن آزاديءَ لاءِ ڪانگريس
آندولن هلائي. اڄوان منت منت جو انتظار ڪري رهيا
هئا. آخر رات جو گهڙيال پورا ٻارهن جا ٽڪاءُ هنيا.
اجلاس جي ميدان ۾ اِن وقت پنڊت جواهرلعل ڪانگريس
جو اديش پوري آزادي ظاهر ڪيو. اُن وقت جي
نظاري جي ڇا ڳالهه ڪجي! پنڊت جواهرلعل ۽
اڄوان ۽ ملڪ جي جدا جدا ڀاڱن مان آيل عيوضي
رهيا هئا، گيت ڳائي رهيا هئا، نعرا لڳائي رهيا
اُلساهه جي لهر لڳي رهي هئي.

اِن اجلاس ۾ جيڪو ٺهراءُ آزاديءَ جي باري ۾ پا
ٿيو، تنهن ۾ چيل هو-

”گذريل سال جي ڪلڪتي اجلاس ۾ ڪيل
مطابق هيءَ ڪانگريس ظاهر ٿي ڪري ته ڪانگ
ودان جي پهرئين فقري ۾ ”سوراج“ لفظ جي معني
ڪانپوءِ ”پورن آزادي“ ٿيندي. هيءَ ڪانگ

باهه اوڀاري رهيو هو.

اهڙي وايومنڊل ۾ ڪانگريس جو اجلاس ٿي رهيو هو. هيءَ ٻي ڀيرون دفعو هو جو ڪانگريس جي پريزيڊنٽيءَ جي پڪ پنڊت موتيلال نهروءَ لاهي ديش جي لاڏلي نوجوان اڳوان پنهنجي سپتر پنڊت جواهرلعل نهروءَ کي سونپي هئي.

ڪانگريس اجلاس ۾ سڄي ديش جا گهڻو ڪري سڀ ملڪي مدبر موجود هئا. اجلاس ۾ قومي گيتن ڊيليگيٽن ۾ نئين جان ۽ جذبو پيدا ڪيو. آجيان ڪاميٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر ڪچلو ۽ پنڊت جواهرلعل جي صدارتي تقريرن بعد ان ٺهراءَ تي بحث ٿيو ته ڪلڪتي ۾ پاس ڪيل ابنڪي راڄ قائم ڪرڻ لاءِ سرڪار کي ڏنل آخري نامي موجب ٣١ ڊسمبر ١٩٢٩ تائين اجا سرڪار بنڪي راڄ ڏيڻ جو ڪو اشارو نه ڪيو ڏنو هو، ان ٻاري ۾ ڇا ڪيو وڃي. تقريرون ٿينديون رهيون. ڪي اڳوان اجا به اميد رکي ويٺا هئا ته سرڪار آخرين دم ۾ اهڙو قدم کڻندي، انڪري ترسجي.

گذريل ڪلڪتي اجلاس جي ٺهراون موجب هن اجلاس ۾ آزاديءَ جو ٺهراءُ پاس ڪرڻو هو. ان تي مت ڀيد هئا. مهاتما گانڌيجيءَ جي خلاف شري سباش چندر بوس پارا نوجوان اڳوان هئا، جن جي گهر هئي جنهن صورت ۾ بنڪي راڄ واري گهر ڪين قبولي

لاهور اجلاس- ڀارت جي قومي اتهاس ۾ لاهور
جيڪو ڪانگريس جو چوٽيتاليهون اجلاس پنڊت
واهرلعل جي پريزيڊنٽيءَ هيٺ ٿيو، سو
هڪ وڏي اهميت رکي ٿو. لاهور ۾ راوي
نديءَ جي ڪناري تي ديش جو اڪيچار آدم
ڪٺو ٿيو هو. زالون، مرد، ٻڍا، جوان وڏي انداز ۾
سڄي ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل هئا. نه فقط
ڪانگريس اجلاس لاءِ شاهي سينگاريل پنڊال ٺاهيو
ويو هو، پر اُن کان سواءِ ڪئين ڪانفرنسون ٿيون. اُن
موقعي تي ٢٩ کان ٣١ ڊسمبر تائين ٽڪر ٽڪر تي جدا
جدا ڪانفرنس لاءِ پنڊال ٺاهيا ويا هئا. آل انڊيا
پوليٽيڪل سفررس ڪانفرنس، اکل ڀارت نوجوان ڪانفرنس،
هاري ڪانفرنس ۽ ٻيون ڪيتريون ڪانفرنسون اُن موقعي
تي جدا جدا اڳوانن جي صدارت هيٺ ٿيون. هرهنڌان
فقط انقلاب زنده باد ۽ نوڪرشاهي مرده باد جا نعرا
پئي ڪن تي پيا. نوجوانن جي زبان تي اِهو شعر هو-

”سرفروشي ڪي تمنا، اب همارے دل ۾ هئه؛
ديکنا هئه زور ڪتنا، بازوءِ قاتل ۾ هئه.“

ان وقت پنجاب ۾ وائسراءِ جي ٽرين ڪيرائڻ جي
ڪن انقلابي جوانن ڪوشش ڪئي هئي ۽ ڪي جوان
سزاياب ڪيا ويا هئا، اِن ڪري پنجابي جوانن ۾ لـ
باهه جا مچ ٻري رهيا هئا. مطلب ته راويءَ جو ڪنارو

هو، تنهن پنهنجي لکن روپين جي آمدني نقصان ڪري،
شاهوڪار چاڪر کي بچايو، پاڻ پنهنجي گهران غريبن کي
کاڌو ڏيندو رهندو هو ۽ پند ڏياريندو رهيو. اهڙيءَ
طرح ڪم ڪندڙ ڪم ڪندا رهيا.

نئين پريزيڊنٽ جي چونڊ- ۱۹۲۹ جي ڊسمبر
جي آخر ۾ لاهور ۾ ڪانگريس اجلاس ٿيڻو هو. ان جو
پريزيڊنٽ ڪير ٿئي، تنهن لاءِ اختلاف هئا؛ خاص ڪري
نوجوان طبقي جو چاهيو ٿي ته پريزيڊنٽ اهو ٿئي، جو
ملڪ کي پورن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ رهبري ڏئي.
شروعات ۾ گانڌيجيءَ کي ڏهن پرانتن لاهور ڪانگريس
جو پريزيڊنٽ چونڊڻ لاءِ ووٽ ڏنا پر هن پريزيڊنٽ
ٿيڻ قبول ڪين ڪيو. هن ڪنهن نوجوان کي اڳتيءَ
گاديءَ تي آڻڻ ٿي گهريو.

گانڌيجي ماڻهن جو پورو پارکو هو. هن ڏٺو ته
جواهرلعل هڪ هوشيار اڳوان آهي. هن پنهنجيءَ 'ينگ
انڊيا' اخبار ۾ پنڊت جواهرلعل جي پريزيڊنٽ ٿيڻ لاءِ
سفارش ڪئي. هن صاف لکيو ته جواهرلعل برف جهڙو
پڪو آهي ۽ ملڪ جون واڳون هن جي هٿن ۾ بلڪل
سلامت رهنديون. ان زماني ۾ گانڌيجيءَ جو رايو الهام
ڪري ليکبو هو. هن جو لکيو اخبار ۾ اچڻ بعد ڪير
به اميدوار ڪونه بيٺو ۽ پنڊت جواهرلعل ٺڪراءِ
اڪا ڪانگريس جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.

ٽيٽس) مان ٺهرائي پورن آزادي رکي. ليڪن گانڌيجي
ن وقت ملڪ جو واحد اڳوان ٿي چڪو هو. ملڪ جي
ض هن جي هٿ ۾ رهندي هئي. هو جيڪي موقعي
وسار موزون سمجهندو هو، سو ملڪ اڳيان رکندو هو
و ڪانگريس جا سڀ اڳوان ۽ سڄو ملڪ هن جي خيالن
جي پيروي ڪندو هو. اجلاس ۾ گانڌيجيءَ رايو ڏنو
ته جيڪي سرڪار ڊومينين اسٽيٽس ڏيڻ لاءِ تيار ٿئي ته
انهيءَ نموني جي حڪومت قبول ڪجي. نوجوان اڳوانن
اُن نظرئي جي مخالفت ڪئي ته به انهن جي نه هلي.
ڪانگريس ڪانسواءِ ٻين ڪيترين راڄنيتي پارٽين ۾ اُن
لي سهمتي ڏني؛ پر پنڊت جواهرلال نهرو ۽ سڀاش
بوس ڪانگريس اندر هڪ پورن آزادي محاذ ڪڙو
ڪيو، جنهن پنهنجو اُديش پورن آزادي ٺهرايو.

ٻوڏ ۾ سهائتا- جولاءِ ١٩٢٩ کان سنڌو درياهه
جي ڀر آئي، جنهنڪري نوابشاهه ضلع جو خاص ساهتيءَ
جو ڳچ حصو ٻوڏ هيٺ اچي ويو هو. ڪيترن ڳوٺن ۽
ڪئين ڪچن ڳوٺن مان ماڻهن کي لڏي ٿاهين وارن
شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃڻو پيو. اُن ڪري سوورن
ڪم ڪندڙن کي ماڻهن کي ٻوڏ جي اثر کان بچائڻ لاءِ
رات ڏينهن ڪم ڪرڻو پيو. اهو ڪم جولاءِ کان
آڪٽوبر ١٩٢٩ تائين ڪندا رهيا. اُن وقت شاهپور
چاڪر جو سيٺ آسومل، جو ڪانگريس ڪاريه ڪرتا

جو سيڪريٽري ٿـي ڪم هلائي رهيو هو. ان وقت
مهاتما ڪلڪتي ۾ ولائتي ڪپڙي کي باهه ڏيڻ ان
هلچل جي شروعات ڪئي هئي.

پورڻ آزاديءَ لاءِ تڙق- مدراس ڪانگريس

اجلاس ۾ ڪانگريس جو اصول پورڻ آزاديءَ لاءِ لڙڻ
ٺهرايو ويو هو ۽ ان حڪومت جي مسودي تيار ڪرڻ
لاءِ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي هئي؛ مگر ڪاميٽيءَ
پورڻ آزاد حڪومت جي مسودي تيار ڪرڻ بدران
بيلڪي راڄ يعني انگريز سرڪار جي ماتحت محدود
خود حڪومت جو مسودو تيار ڪيو هو، جو ڪانگريس
جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ بحال ڪيو هو ۽ اهو ڪلڪتي
ڪانگريس اجلاس ۾ قبول ڪيو ويو. نوجوان طبقو اُن
جي خلاف هو، انڪري خود ان اجلاس جي پرڌان
پنڊت موتيلال نهروءَ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو هو
ته ”مان پورڻ خود مختياريءَ جي برخلاف نه آهيان؛ پر
جي هينئر بيلڪي راڄ ملي پيو ته اُن جي به مخالفت
ڪانه ڪندس. ان ڪري مان جوانن کي اپيل ڪندس
ته ان واد وواد ۾ پئي اجائي شڪتي نه وڃائين.“

پنڊت جواهرلعل ان ڏينهن نوجوانن ۾ گهڻو هو.
هو ۽ شري سباش چندر بوس گڏ ۾ خيالن جا ليڊر ليکيا
هوا. ڪلڪتي ڪانگريس اجلاس ۾ هڪ چٽڪ ڪئي
ته ڪانگريس پنهنجو آديش ايلڪي راڄ (ڊومينين

سنڌو نديءَ جي ٻنهي پاسي رهندا هوا ۽ اُن ڪان ئي هن ٽڪرلي ساهتي نالو پيو. وڏيڪ چياءِ ته ديوان ڪوڙومل، جو ساهتيءَ جو وڏو ودوان هو ۽ پڪمت واڌووام، جو هڪ سچو ساڌو هو، تن به ساهتيءَ جو نالو امر ڪيو آهي.

نوجوانن ڏانهن مخاطب ٿي ڪين چياءِ ته جنهن وقت اسين هت ڪٺ ٿيا آهيون، اُن وقت دنيا ۾ نوجوانن ۽ وديارٿين ۾ هڪ ڀاري هلچل هلندڙ آهي، جي پنهنجي پنهنجي قوم ۽ ديش جي ترقيءَ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ۽ قرباني ڪري رهيا آهن؛ جن جو مثال اڄ اسان جي نوجوانن کي اڳيان رکي ڪم ڪرڻ کپي. اُن لاءِ ٻه نوس ڳالهيون اسان اڳيان آهن- سوديشي ۽ ٻهو ڳوناڻن سان سنبنڌ.

سياپتي شري جي.اين.گوڪلي پنهنجي تقرير ۾ وديارٿين کي چيو ته، ڪن اڻ ضروري ودشي شيون جهڙوڪ شراب، سگريٽن، بسڪوٽن، کنڊ ۽ اوني تي ٣٠ ڪروڙ روپيه هر سال ٻاهر موڪلي رهيا آهيون. اوهان کي اهڙيون شيون واپرائڻ بند ڪري ديش جو ڌن بچائڻ گهرجي.

ياد رهي ته اُن وقت ساري هندستان ۾ ولائتي ڪپڙي ۽ شراب جي بهشڪار جي هلچل وڏي پئماني تي هلي رهي هئي، شري جيرامداس بمبئي ڪائونسل جي ميمبري ڇڏي ولائتي ڪپڙي بهشڪار ڪاميٽيءَ

هر شهر ۾ ڳوٺ ۾ پرڀاتي ڦيرين ۾ سرگرمين ۾ ڏسڻ ۾
ايندا هوا. اهڙيءَ انوکيءَ لڙائيءَ ۾ برابر ڪيترا وديارٿي
ستيهگرهين جي صف ۾ ڏسڻ ۾ آيا، جن کي جيل وڃڻو
پيو يا لٺيون کائڻيون پيون ته به هو پٺتي نه هٽيا.
فيبروريءَ ۾ پرين ۾ مهاتما آيو ۽ مٿي مهمانيءَ ۾ وري
هي سهيلن ٿيو، جڏهن ڪري پرين ۾ اُتساه جي اهو پيدا
ٿي ويئي ۽ اهڙو اُتساه ٻاهرين شهرن جا وديارٿي به
کٽي ويا.

انهن ٽن ڏينهن ۾ راندين جون چٽاڀيٽيون به ٿيون.
چرخي جي ڪتائيءَ جي هڪ ڪلاڪ چٽاڀيٽي به ٿي.
پهرين نمبر آيل کي چرخو انعام ڏنو ويو. شري گوبند
ٿالـواڻي ڪاڪي سچانند جي ٻئي نمبر پٽ کي سٽ
ڪتائيءَ جي ڪم جي شاخا جو ڪم سونپيل هو. هو
اڳتي هلي هڪ وڏو قومي ڪم ڪندڙ ٿي پيو.

اُن موقعي لاءِ ساهتي کادي ڀنڊار هالاڻيءَ وارن
پرين ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ کادي ڀنڊار اچي کوليو، جتي
آهي ۾ آڇي ۽ هو اموڻي جي کادي شاگردن لاءِ مهيا
ڪئي ويئي.

ان وديارٿي سمبلن جي مرحبا ڪاميٽيءَ جو چيئرمين
شري مانسنگهه هو، جنهن پنهنجيءَ تقرير ۾ آيل وديارٿين
جي ساهتيءَ ۾ اچڻ لاءِ سواگت ڪندي پهرين ساهتيءَ
جي آزاني اوچ ڏانهن اشارو ڪيو. هن ٻڌايو ته سيتا

سنڌو نديءَ جي ٻنهي پاسي رهندا هوا ۽ اُن کان ٿي هن ڪُرلي ساهتي نالو پيو. وڌيڪ چياءِ تہ ديوان ڪوڙومل، جو ساهتيءَ جو وڏو وڌوان هو ۽ پڳمت واڌو وامر، جو هڪ سچو سادو هو، تن ٻہ ساهتيءَ جو نالو امر ڪيو آهي.

نوجوانن ڏانهن مخاطب ٿي ڪين چياءِ تہ جنهن وقت اسين هت گڏ ٿيا آهيون، اُن وقت دنيا ۾ نوجوانن ۽ وديارٿين ۾ هڪ ياري هلچل هلندڙ آهي، جي پنهنجي پنهنجي قوم ۽ ديش جي ترقيءَ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ۽ قرباني ڪري رهيا آهن؛ جن جو مثال اڄ اسان جي نوجوانن کي اڳيان رکي ڪم ڪرڻ کپي. اُن لاءِ ٻہ نوس ڳالهيون اسان اڳيان آهن- سوديشي ۽ ٻيو ڳوٺاڻن سان سنبند.

سياڻي شري جي. اين. گوکلي پنهنجي تقرير ۾ وديارٿين کي چيو تہ ڪن اڻ ضروري وديشي شين جهڙوڪ شراب، سگريٽن، بسڪوٽن، کنڊ ۽ اوني لئي ٣٠ ڪروڙ رپيہ هر سال ٻاهر موڪلي رهيا آهيون. اوهان کي اهڙيون شيون واپرائڻ بند ڪري ديش جو ڌن بچائڻ گهرجي.

ياد رهي تہ اُن وقت ساري هندستان ۾ ولائتي ڪپڙي ۽ شراب جي بهشڪار جي هلچل وڏي پيماني تي هلي رهي هئي، شري جيرامداس بمبئي ڪائونسل جي ميمبري ڇڏي ولائتي ڪپڙي بهشڪار ڪاميٽيءَ

ھو شھر ۽ ڳوٺ ۾ پرڏيھي ڦران ۽ سرڪش ۾ ڏسڻ ۾ ايندا ھوا. اھڙيءَ انوکيءَ لڙائيءَ ۾ ڪيترا ودياري سنڌ جي صف ۾ ڏسڻ ۾ آيا، جن کي جيل وڃڻو پيو يا لٺيون ڪاٺيون کائڻيون پيون ته بہ ھو پٺتي نہ ھٽيا. فيبروريءَ ۾ پرنس ۾ ميلاما آيو ۽ مٿي مھيني ۾ وري ھي سميلن ٿيو، جنھنڪري پرنس ۾ اتساھ جي لھر پيدا ٿي ويئي ۽ اھڙو اتساھ ٻاھرين شھرن جا ودياري بہ کڻي ويا.

انھن ئي ڏينھن ۾ الدين ھون چتائيءَ نہ ٿيون• چرخي جي ڪتائيءَ جي ھڪ ڪلاس چتائيءَ نہ ٿي. ڀورلين لمر آيل کي چرخو انعام ڏنو ويو. شري گوبند ٿالرامائي ڪاڪي سچانند جي پٽي لمر پت کي سٽ ڪتائيءَ جي ڪم جي شاخا جو ڪم سونپيل ھو. ھو اڳتي ھلي ھڪ ڀڪر قومي ڪم ڪندڙ ٿي پيو.

ان موقعي تي ساھتي کاڌي ڀنڊار ھالاڻيءَ وارن پرين ۾ ڪجھ ڏينھن لاءِ کاڌي ڀنڊار اچي کوليو، جتي اچي ۾ اچي ۽ ھو اموني جي کاڌي شاگردن لاءِ ميسر ڪئي ويئي.

ان ودياري سميلن جي مرحبا ڪاميٽيءَ جو چيئرمين شري مالسنگھ ھو، جنھن ڀيڻيءَ ٽڪر ۾ آيل ودياري جي ساھتيءَ ۾ اچڻ لئي سواگت ڪندي ڀورين ساھتيءَ جي آزادي اوچ ڏانھن اشارو ڪيو. ھن انڊيپو ۾ سيتا

وهي ڪم ڪندڙ آهي. گانڌيجي نوشهري ۾ آيو ته هن
ي ڪنڊياري جي وديارٿين پاران کاديءَ تي لکيل
انپتر پڙهيو ۽ ٿيلهي پيٽ ڪئي. بابوجيءَ سندس پٺي
ڇري کيس آسيس ڪئي هئي.

هو بوءِ ۱۹۳۰ ۾ قومي ناٽڪن، خاص ڪري "بليدان"
ناٽڪ ۾ پارٽ وٺندو هو. هو عمر ڀر کادي پوش رهيو آهي.
پرين ۾ نيڪچندهال وڄڻ ٺهيو هو. سڄيءَ ساهتيءَ
۾ هي پهريون هال ٺهيو هو. سميلن به اُن هال ۾ ٿيو.
منجهس ٽاري ٺهيل هئي. اسڪول جي ڪلاسن ۾ ڪلا
۽ هنرن جي پرد رشني رکي وئي هئي. سميلن جو
سياپتي پرين ۾ آيو ته کيس جلوس ۾ گهمايو ويو. اهڙو
شاهي جلوس نڪتو، جهڙو ڪڏهن پرين ۾ اڳي ڪونه
نڪتو هو. وديارٿين ۾ اجهل اتساه نظر پئي آيو. سنڌ
جي هر ضلع مان وديارٿي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آيا
هوا. رنگ به رنگي هنن جون پوشاڪون ۽ ويس هئا.
جيڏي مهل اُهي جلوس ۾ نڪتا ته هڪ انوکو درشيہ
ٿي پيو. هو ڏانهن پريزيڊنٽ به آدرشي جيون جو مالڪ
هو، جنهن ڪري سميلن ۾ اهڙا ٺهراو پاس ٿيا، جن ۾
وديارٿين کي اپيل ڪيل هئي ته اهي ٿي ايندڙ سال ۾
وڃي عمل ڪن. ڪائي وديارٿي برابر رچناتمڪ ڪارن
۾ لڳا رهيا ۽ اُن جو نتيجو اِهو ٿيو، جو جڏهن ۱۹۳۰ جي لوڻ
جي ستياگرهه جي هلچل هلي، تڏهن سنڌ ۾ ڪئين وديارٿي

تي آچاري آسودومل ٽيڪچند گدوائيءَ هڪ قومي اڳواڻ جي پرڏاڍپڻي هيٺ ٿيو.

اتون سميلن - ١، ٢، ٣ جون ١٩٣٩ تي ٣ ڏينهن اتون سندو ٻارڙني سميلن پڻ ٿيو. ساڳيءَ سند مان ودٻارڙني سميلن ۾ شرڪت ڪرڻ آيا. پرين جي آدمشماري ٻه هزار کن هئي، ۽ سميلن جي موقعي لاءِ ايڏو آدم ڪي پيو. چوڌاري الاهه آسماه ڏسڻ ۾ پئي آيو. جيڪي عوضي آيا، تن ڪي ڪاڏو مفت ڏنو ويو. ڪاڪي سچالند ودٻارڙني سميلن جي ڪاربردارن کي واپارين ڪافي مدد ونيءِ ڏني هئي.

ڪرڙومل چندلمل اڪيڊمي هاءِ اسڪول وارن اُن موقعي تي ٽيڪچند ڏامورمل هال ۾ ناٽڪ پيش ڪيو. اسڪول جا شاگرد نسي اڪٽر هوا ۽ شري ليونڊرام ناٽڪ جي هدايتڪاري ڪئي. اُهو ناٽڪ اهڙو ته ڪامياب ويو، جو ملاقي حواه دليڪمت حيران ٿي ويا ۽ ڪئين ڏينهن اُنکي ياد ڪندا رهيا.

اُن ناٽڪ ۾ هاسي نارواڻيءَ پرين جي شاگرد ۽ آڏي نارواڻي ڪنهٻاري جي چگو نالو ڪيئو. هاسو سالن جا سال عادي ڪادي پانيدڙ رهيو ۽ هيٺر اُروند گهوش جي پانڊيچري آشرم ۾ رهي ٿو ۽ وانپرست اختيار ڪيو اٿس.

آڏو نارواڻي ته هينئر ڊاڪٽر آهي ۽ هر هڪ ٻڪر

ومي ڪم ڪندڙ آهي. گانڌيجي نوشهري ۾ آيو ته هن
تي ڪنڍياري جي وديارٿين پاران کاديءَ تي لکيل
مانپتر پڙهيو ۽ ٿيلهي پيش ڪئي. بابوجيءَ سندس ٻئي
ٿپري ڪيس آسيس ڪئي هئي.

هو ٻوءِ ١٩٣٠ ۾ قومي ناٽڪن، خاص ڪري ”بليدان“
ناٽڪ ۾ پارٽ وٺندو هو. هو عمر ڀر کادي پوش رهيو آهي.
ڀرين ۾ نيڪچند هال وڃڻ نهيو هو. سڀئي ساهتيءَ
۾ هي پهريون هال نهيو هو. سميلن به اُن هال ۾ ٿيو.
منجهس گئلري نهيل هئي. اسڪول جي ڪلاسن ۾ ڪلا
۽ هيرن جهڙي روشني رکي وئي هئي. سميلن جو
سياپتي ڀرين ۾ آيو ته کيس جلوس ۾ گهمايو ويو. اهڙو
شاهي جلوس نڪتو، جنهن جهڙو ڪڏهن ڀرين ۾ اڳي ڪونه
نڪتو هو. وديارٿين ۾ اڄهل اُتساه نظر پئي آيو. سند
جي هر ضلع مان وديارٿي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آيا
هوا. رنگ برنگي هندن جون پوشاڪون ۽ ويس هئا.
جيڏي مهل اُهي جلوس ۾ نڪتا ته هڪ انوکو درشيه
تي پيو. هو ڏانهن پريزيڊنٽ به آدرشي جيون جو ماڻهو
هو، جنهن ڪري سميلن ۾ اهڙا ٺهراءُ پاس ٿيا، جن ۾
وديارٿين کي اپيل ڪيل هئي ته انهن لاءِ ايندڙ سال ۾
وڃي عمل ڪن. ڪانءِ وديارٿي برابر رچنا لمڪ ڪار
۾ لڳا رهيا ۽ اُن جو نتيجو اِهو ٿيو، جو جڏهن ١٩٣٠ جي لو
جي ستياگره جي هلچل هلي، تڏهن سنڌ ۾ ڪئين وديارٿي

لي آچاريه آسودومل ٽيڪچند گدوانيءَ هڪ قومي اڳوان
جي پڙاڏي هيٺ ٿيو.

اڏون سميلن - ١، ٢ ۽ ٣ جون ١٩٣٩ع تي ٣ ڏينهن اڏون
سنڌ وديارٿي سميلن پڙهن ۾ ٿيو. ساريءَ سنڌ مان وديارٿي
سميلن ۾ شريڪ ٿيڻ آيا. پڙهن جي آدمشماري ۾ هزار
کن هئي، پر سميلن جي موقعي تي ايڏو آدم ٿي پيو.
چوڌاري الاهه انساه ڏسڻ ۾ پئي آيو. جيڪي عورتي
آيا، تن کي ڪاڏو مٺت ڏنو ويو. ڪاڪي سڀالند
وديارٿي سميلن جي ڪاربردازن کي واپارين کان ڪافي
مدد ولي ڏني هئي.

ڪرڙومل چندلمل اڪيڊمي هاءِ اسڪول وارن ان
موقعي تي ٽيڪچند ڏامرمل هال ۾ ناٽڪ پيش ڪيو.
اسڪول جا شاگرد تي اڪٽر هوا ۽ شري ليونيدرام
ناٽڪ جي هدايتڪاري ڪئي. اهو ناٽڪ اهڙو ته
ڪامياب ويو، جو ملاقي خواه ڊيلبگيٽ حيران ٿي ويا
۽ ڪئين ڏينهن انکي ياد ڪندا رهيا.

ان ناٽڪ ۾ هاسي ناروانيءَ پڙهن جي شاگرد ۽ اڏي
ناروانيءَ ڪمداري جي چڪر نالو ڪيو. هاسو سالن جا
سال عادتي ڪادي پائيندڙ رهيو ۽ هينئر آرولد گهوش
جي پانڊيچري آشرم ۾ رهي ٿو ۽ واڻپرست اختيار
ڪيو اٿس.

اڏو ناروانيءَ ته هينئر ڊاڪٽر آهي ۽ هو هڪ پڪ

گڏياسون. اُن موقعي لي جليانوالا ڏينهن ملهايو ويو ۽
کادي نماءَ به ٿيو. ڪم ڪندڙن جون آئينده ڪم جي
باري ۾ ڳالهيون به ٿيون.

وديارٿين ۾ سڄاڳيا- بابوجيءَ سماج جي هر
فرد لي پورو ڌيان ڏنو هو. اُن کان جيڪا پريرڻا ڪم
ڪندڙن کي ملندي رهي، اُن جو پورو فائدو قومي
ڪم ڪندڙ وٺندا رهيا. ٻار، ڏالون ۽ وديارٿي اهي
ٽيئي سماج جا مکيه فرد اسان جي ڪمڪندڙن جي ڌيان
۾ رهيا.

سنڌي وديارٿين ۾ به چڱو ڪم ورتو ويو ۽ هنن پنهنجو
سنڌ وديارٿي سميلن سال ١٩٢٤ کان سڏائڻ شروع
ڪيو، جو سال به سال پيا مختلف شهرن ۾ سڏائيندا هوا.
پهريون وديارٿي سماگم ڪراچيءَ ۾ نومبر ١٩٢٥ ۾ ٿيو هو.
سنڌ ۾ وديارٿي سميلن شروع ٿيو، جنهنجو سيڪريٽري
ساهتي ضلع جو ڪم ڪندڙ شري ماسڪهه چوهڙمل هو.
انهيءَ زماني ۾ وديارٿي به ڪم ڪري رهيا هوا.
هو جڏهن ڪاليج مان وئڪيشن لي ايندا هوا ته ڳوٺن ۾
غريبن کي وڃي دوائون ڏيندا هوا. ١٩٢٧ جي وئڪيشن
۾ هنن ساهتيءَ جي ڳوٺن ۾ ٥٢٨٠٩ ڪوئنن جون گوريون
٥٠ سير سالٽ ۽ ٻيهه ٻولا امرت ڌارا ورهائي.
سال به سال وديارٿي سميلن ٿيندو رهندو هو
ستون وديارٿي سميلن لاڙڪاڻي ۾ ٥، ٦ ۽ ٧ مئي ١٩٢٨

ڪانگريس ڪاميٽي برپا- نوابشاهه ضلع جو هيڊ
ڪوارٽر هو. ٿئون وسايل هو. ڪامورڪو ۽ اڪثر
جو حضور زميندارن ۽ شاهوڪارن جو شهر هو. ١٩٢١ ۾ ئي
نوابشاهه ۾ ڪانگريس ڪاميٽي قائم ٿي ويئي هئي،
هو ڪم ڪندڙ ميدان ڇڏي ويا هئا. اُلي ڪم ڪندي
پرڀداس ٻرهمچاريءَ ڪانگريس ڪم لاءِ ميدان تيار ڪيو
هو. مهاتماجيءَ جي دوري بعد هن شهر جي پراڻن ڪم
ڪندڙن ۽ نوجوانن کي گڏ ڪري ڪانگريس ڪميٽي
قائم ڪئي. اُن جو پريزيڊنٽ مولوي محمد معاذ، وائيس
پريزيڊنٽ شري پرتاپراءِ ساٽونمل ڪنڊيارو وارو ۽
سيڪريٽري شري پرڀداس ٻرهمچاري ٿيا ۽ نوابشاهه ۾
انهيءَ ملڪي ڀڳ لاءِ تيارين لاءِ پرچار هلندو رهيو.
نوابشاهه ۾ ڪانگريس ڪاميٽي برپا ٿيڻ جو اثر
شهدادپور ۽ ٽنڊو آدم تي به پيو. اتي به جوش شروع ٿيو.

نهرو رپورٽ جي پڌرائي- ١٠ مارچ ١٩٢٩
نوشهري ۾ ”شڪتي“ آفيس ۾ ساهتي ضلع ڪانگريس
ڪاميٽيءَ جي نهراون جي پيروي ڪرڻ لاءِ سڀا رکيو
ويو. اُن ڏينهن رات جو عام ميڙ ٿيو، جنهن نهرو
رپورٽ جي پڌرائيءَ ۾ پرچار ٿيو.

ويساکيءَ تي پرچار- وري ١٣ اپريل تي
ويساکيءَ جي موقعي تي ڇڪا تي ڪم ڪندڙ هالائيءَ ۾

مهاتما سان گڏ ان گاڏي ۾ ڪيترا ڪم ڪندڙ چڙهيا.
سان ڪم ڪندڙن پاران شري پريداس برهمچاري
نوابشاهه تائين ساٿ ڏنو. مڪسب ٽرين هئي، سو سيني
اسٽيشنن تي بيهندي هلي ۽ نوابشاهه تائين واٽ تي
ڪوٽ لعلو، دوڙ، پاڊي ۽ ٻين اسٽيشنن تي هندو
مسلمان چڱي انداز ۾ مهاتماجيءَ جي درشن لاءِ پهتي آيا
۽ ٻاڻ سان ميون جا ٽوڪرا ۽ پيتائون پهتي آندائون.
مهاتماجيءَ جي جئه جئڪار جا نعرا لڳندا رهيا. ماڻهن
جيڪو ميوو آندو ٿي، تنهن لاءِ مهاتما پريداس برهمچاريءَ
کي چيو پهتي ته آيل کي ورهائي ڏئي. نوابشاهه اسٽيشن
تي ته اڳي مثام ماڻهن جا آيا هئا.
آئي ته الي حشام ماڻهن جا آيا هئا. جتي پنج منٽ گاڏي
ان بعد گاڏي شهدادپور آئي، جتي پنج منٽ گاڏي
بيٺي ۽ ماڻهن کي مهاتما جو درشن ڪرڻ ۽ ٽيلهي پيت
ڪرڻ جو موقعو مليو. ٽنڊو آدم به وڏو شهر هو.
پسگردائيءَ ۾ پيا وڏا ڳوٺ به هئس ۽ اتي هاٿي ڊاڪٽر
پڪسرداس ۽ پيا ڪافي ڪم ڪندڙ پيدا ٿي ويا هوا.
ماڻهن وڏيءَ شردا سان مهاتما جو درشن ڪيو ۽ ناٿي
جي ٽيلهي پيت ڪئي. ان ريت اين ڏينهن ۾ اسانجي
ضلع جي ڪافي ماڻهن کي مهاتما جي درشن ڪرڻ جو
موقعو مليو ۽ سڄي ضلع ۾ بجلي گهمي وئي. ڪم ڪندڙ
۾ نئون اتساهه پيدا ٿي ويو. ١٩٣٠ جي لوڻ ستياگرهه
لاءِ ميدان تيار ڪرڻ لاءِ شروعات ٿي وئي.

۾ اڳرو رهيو ۽ ڳالهين خاص بهرو ورتو. گانڌيءَ جي ميڙ ۾ مرد ميرا هڪ ڪير نه ڳالهيون ڪيون اسان جا حصا. گانڌيءَ جي دل ۾ چڪوٽي ڏني ۽ سولا اُٿيا لاهي ڏنائون. ان بعد مهاتما گانڌي بدعيدن جنڪشن اسٽيشن تي پهتا. اسٽيشن جو سڄو پليٽفارم ماڻهن سان سٿيو پيو هو.

حيدرآباد ڏانهن روانو ــ بدعيدن اسٽيشن تي جيسين ٽرين اچي، تيسين وقت لاءِ مهاتماجيءَ کي آرام ڪرڻ ڏنو ويو. مهاتما ٿڪل هو. پڇيائين ته گاڏيءَ جي انتظار ڪيترو وقت آهي. اهو وقت مهاتما آرام ڪرڻ تي چاهيو. عجب ڪوڙو جو شاهي گوڙ شور هئي وچ ۾ مهاتما گهريءَ ننڊ ۾ اچي ويو ۽ پوري وقت تي جاڳيو. مهاتما ان رات مسافري ڪندي آرام ڪندو هو. ٻڌوسين گيتا ۾ ارجن کي ”گڊاڪيس“ يعني ننڊ کي وس ۾ ڪرڻ وارو چيل آهي. مهاتما به ان جان ننڊ کي وس ۾ ڪيو هو.

مڪسڊ ٽرين پوري وقت تي پهتي. مهاتما لاءِ اسٽيشن اختياريءَ وارن هڪ ننڍو گاڏو خالي ڪرائي ڏنو ۽ صاف ڪيو، جو مهاتما هميشه ٿرڊ ڪلاس گاڏي مسافري ڪندو هو. چوندو هو ته غريبن جي عوض کي فرسٽ يا سيڪنڊ ڪلاس گاڏي ۾ مسافري ڪئي ڪٿي ٿو سونهون!

ونڪي کي ميل اڳي هلڻ ڏيو، جو هو پڻ هاڻ چاهيندو. سياويڪ ساٿس جيڪي کرکنڊڙ هلندا هوا، سي ٻه ٽي ميل مهاتما سان گڏ پنڌ پيا. مهاتما جي اڳيان ٽيو ۽ اسين سيڻي پنيان. پر مهاتما جي وک لکڙي ۽ تيز، سو اسان کي ساٿس هلڻ لاءِ ڏاڍو چست ٿيڻو پيو. مهاتما جي تز پنيان سرڳواسي ڏاڪو سچانند هلي رهيو هو. پر هنجو قد هڻو ننڍو ۽ سياويڪ وک به ننڍي، چستيءَ سان چڙهڻ ۽ وڙندو پٺي هليو. چونه سنڌس پير جو پٻ وڃي مهاتما جي چاکڙيءَ جي کڙيءَ کي لڳو. مهاتما پٺي ويو. پنيان نهاري کلي چيائين ته ”جي مونکي هريجن سمجهي پريان رهندا ته تکليف ڪانه ٿيندي.“

پيدعيدن گوٺ ۾ پهتاسون ته خلق ميڙ ۾ وٺي هئي. زالون ۽ مرد ٻئي هڪ ميڙ ۾ ديوان شيوارام ڪرنائيءَ جي اوطاق تي گڏ ٿيا هوا. مهاتما پنهنجي اڳيءَ چوڪ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيائين ته شڪر آهي جو ڀڳوان ايڏي عمر ڏني، جو اوهان سان هت اچڻ جو انجام پورو ڪري سگهيو آهيان. زالن ڏانهن مخاطب ٿي ڪين چيائين ته اوهين ستي سيتا جهڙيون ٿيڻ جي ڪوشش ڪريو.

ميڙ ۾ سرڳواسي شري سرچند ميوارام ناٿي جو ٿيائي پيٽ ڪئي.

پيدعيدن ننڍو ڳوٺ هئڻ جي باوجود، قومي هل

مانپتر پيش ڪيو.

مهاتما سرڳواسي ٻرسرام جي چتر کوليندي، سندس شيوائن جو ذڪر ڪندي چيو ته اهڙا آدرشي ڪم ڪندڙ اُتي ديش جي ڪايا پلٽ ڪري سگهن ٿا. پڻ ايندڙ ديش جي آزاديءَ جي ڏس لاءِ تيار ٿيڻ واسطي لوڪن کي اپيل ڪيائين.

ان ڪانپوءِ مهاتما گانڌي، جنهن شري ڪمچند جي حال ۾ لٿل هو، اُن ۾ مهاتماجيءَ جي پرارٿنا جو وقت ٿيو، جنهن ۾ آسل ڪم ڪندڙ شامل ٿيا. پرارٿنا بعد مهاتماجيءَ پنهنجي وچن ۾ ڪم ڪندڙن کي هدايتون ڏنيون ۽ سوالن جي جواب ۾ ٻڌايائين ته ڪم ڪندڙن کي آدرش جيوت پيش ڪرڻ کپي ۽ شراب لاءِ چيائين ته ڪم ڪندڙن کي بيماريءَ جي حالت ۾ به ڪم آڻڻ نه کپي. ڪم ڪندڙن کي وڌيڪ اُتساهه ۽ اُمنگ سان ڪم ڪرڻ لاءِ چيائين. سڀني ۾ چڱو اُتساهه هو.

رات جا نو ٿيا ته اُن اتراهيءَ ۾ جيڪو سندس اچڻ ۾ موڙن ڪري هلو گلو ٿيو هو، سو سمورو شانت ٿي ويو ۽ سڀ وڃي آرامي ٿيا. شري ڪمچند جيون سمورو ڏينهن جاڳون باهران آيل ڪم ڪندڙن سان اُٿل ٿيون. اسر جا سوا چار ٿيا ته مهاتما جي پرارٿنا شروع ٿي، جنهن ۾ سوين ڪم ڪندڙ شريڪ ٿيا. پرڀات جي پرارٿنا بعد پنهنجن هلڻ لاءِ تياري ٿي. مهاتما اشارو ڪيو ته



(مهراج ڀڳوانداس شرما)

ڪاڏيءَ جي ڪپڙي لي لڪيل ڏنو ويو، جو پرين جو
مهاراج ڀڳوانداس شرما، جو چڱو وقت نوشهري ۾ رهندو
هو، لنڊن پڙهيو ۽ نوشهره جي سرڳواسي پرسرام ٻالاڻي،
قربانيءَ جي پتلي جي سونهن شري ويسيءَ ساهتيءَ وارن
جي ٻاران ڳوڙهي پيت ڪئي.
ان ميڙ ۾ ڪنڊياري مان شري پريداس ويرواڻي
پنهنجي هاءِ اسڪول جي وديارٿين کي وٺي آيو هو؛
اُتان وديارٿين جيڪا رقم گڏ ڪري آندي هئي، سا
تيلوءَ پيش ڪئي ۽ ڪنڊياري جي شري آڏارام ناروائيءَ

ميڙ پورو ٿيو ته مهاتما موٽر ۾ چڙهيو ۽ نوشهري ۾ اٺ ڪلاڪ ۾ اچي پهتو. سندس آجيان لاءِ اڳواڻ آدم ناروشاه جي رستي تي وڃي بيٺو هئو. سندس موٽر اچڻ تي آسمان مهاتما گانڌي ڪي جئه ۽ ڀارت ماتا ڪي جئه جي نعرن سان گونجڻ لڳو. ڪيس شري کيمچند ٻالاڻيءَ جي ٻاهرينءَ جاءِ ۾ لاٿو ويو. اُن جي ڀرسان راشٽريه ڪنيا پاٺشالا جي وڏي جاءِ هئي، جا به شري کيمچند جي هئي.

نوشهرو تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر هو ۽ اُتي سرڳواسي ٽولارام ٻالاڻيءَ جهڙن قومي ديوانن جو ١٩٠٦ کان وٺي ٻج پوکيل هو ۽ ١٩٢١ کان ملڪي هلچل جو مرڪز ٿي رهيو هو، انڪري سڄي ضلعي مان ڪئين ڪم ڪندڙ ۽ درشن ابلاکي نر ۽ ناريون اچي بيٺا هئا.

شام جو پنجين بجي ڌاري ٻهار منڊليءَ واري ميدان ۾ زالن جو ميڙ ٿيو، جتي راشٽريه ڪنيا پاٺشالا جي ٻالڪين مهاتما جي آجيان جو گيت چيو ۽ ڪنيا پاٺشالا جي وديارٿڻ ڪماري سرسوتي ڪشناڻيءَ مانپتر پيش ڪيو، جنهن ۾ استرين جي ڪريل اوستا ۽ سماجڪ حالتن جو ذڪر ٿيل هو. پڻ ڏيکاريل هو ته اسان وٽ مائٽ اسانکي ننڍپڻ ئي پڙهڻ ڇڏائي گهرن جي چوديوارين اندر رکن ٿا. ان لاءِ اسانجي رهبري ڪئي وڃي. پاٺشالا جي ٻالڪين جيڪو ڀاڱو مان ۽ شهر مان ٻيسو



(شري موهن داس مٺائي)

ٻنڌو ٻست وڪڻ لاءِ گهرايو
ويو هو، تنهن کان هڪ
مسلمان ڇوڪر ٻار پڇيو
مهاتما تو ڏيکار! ڪٿي
ويٺو آهي؟ تو ان وقت
مهاتما اڳڀرو ڪري اٿيو.
بدن لنگو ۽ لنگوٽ جهڙي
ڏولي بدن تي هئس.
مسلمان کان واسطا مان
رڙ نڪري ويئي - يار
هي ساڌو ڇا انگريزن
کي هڪالي ڪڍندو؟
هن شروع ٿيڻ کان اڳ
شري شوالله آلي تاروشاه
نواب پاران هندي ۾
مالبتر پڙهيو ۽ ٣٣٥ روپين جي ٿيلهي پيش ڪيائين.

مهاتما فصيح زبان ڳالهائيندڙ نه هو، پر جڏهن
ڳالهائيندو هو، سو سڌو دل مان نڪري ايندو هو.
ان ڪري خلق ڪٺي هزارن ۾ لکن ۾ اچي ڪٺي ٿيندي
هئي، پر اها ساري خلق کيس ٻڌڻ لاءِ اچڻ بدران
ڏسڻ لاءِ ايندي هئي، جو ٿورن ۾ ڪان ٻڌڻ ۾ ايندي هئي.
هرڪو ڪن کولي کيس ٻڌڻ چاهيندو هو.

ناروشاه جي نارنگين جا ٻه ٽوڪرا رکيا ويا. هن کان
چيو ته ناروشاه جا ماڻهو ڏاڍا سياڻا آهن، جو نارنگيون
ڏنيون ٻه ٻاڻ اٽائون ۽ کائيندا ٻه ٻاڻ. ٻوءِ ڪرڪندڙن
کي چپاءِ ته سيني کي وراهي ڏين. ڪيس ٻڌايو ويو ته
نوشيري ڪٽي وڃڻ لاءِ ٻه ٽوڪرا ڌار رکيا ويا آهن.

اُني ئي چپائين ته مون کي نه اُس ۾ روانو ڪيو.
ٻڌايائون ته مڙئي اُس ۾ رکيل آهي پر اُلي زالون
ويٺيون آهن. ڪلي چپاءِ ته ”مان وري ڪيڏو مرد آهيان؟“

مٿي ٻهتر ته ڪي زالون اچي ويٺيون هيون. اُس ۾
وٺي اُنهن سان رهاڻ شروع ڪيائين. ڪانئن پنهنجي
ڪاري لاءِ ڳوڙهن ۽ پيسي جي ڳهر ڪيائين. چوڻ جي
ڏبر هئي. سونا ڳيٽا ۽ پيسا ڇڏ ڇڏ ڪندا آيا.

ميٽنگ ڪري هيٺ لٿو ته ڪرڪندڙن کي چپائين
ته اوهين مونکي مٿي وڃڻ نه پيا ڏيو. ڏسو نه مان
ڪيترو ڏن ڪٺو ڪري آيو آهيان.

ناروشاه اسانجي نوشيري اعلٽي جو وڏو ڳوٺ
هو. وڏي ڳالهه نه پسگردائيءَ ۾ ڪيڏا ننڍا ڳوٺ
هئس. لن ڪري ميانما جڏهن عام عيد ۾ آيو ته خلق
هزارن ۾ اچي جمع ٿي هئي، جنهن ۾ مسلمان ڀائرن جا
ستون پٽڪا پري پري تائين نظر پئي آيا.

شري موهنداس متائي جو حيدرآباد اسڪول ۾
استر هو، آن کي خاص اُن موقعي لاءِ والنٽيئرن جو



(سرڳواسي شري جيوترام متائي)

نوود باليہ هاءِ اسڪول ۾ ماستر ٿي رهيو هو. شري ٽولارام ٻالاڻي، جو اسان جي ضلع جو وڏو آڳاٽو قومي ڪم ڪندڙ هو. اُن جي اُڏِي ائيءَ مدد ڪندو هو. شري جيولسرام جي ٿاروشاه جا ماڻهو ڪيٽي عزت ڪندا هوا. هن کي ٽو ليفائيڊ ايريا ڪاميٽيءَ لي چونڊيو هوائون. هو سياءِ ڪري راضيتيءَ ڪان ٻري پڇندو هو، ان ڪري اُن پد جي استعفا ڏيئي ڇڏيائين.

شري جيوترام جي گهر ۾ مٽي ڪڏ لـي اُس ۾ زالن جو ميڙ رکيل هو. ٽولڪيءَ جي ٻل لـي هزارين ماڻهو آچا ڇا ٿا هوا. مهاتما جي پيچڻ لـي سدس اُيان

هنڱڪي جهان جي سڀ ڪان وڌندي هئي. هنن جي اند
مان هڪ ئي آواز گونجندو نظر ايندو هو-

"انقلاب زنده آباد- هندستان آزاد!"

مهاتما اڌ ڪلاڪ ۾ ميڙ سماپت ڪري مٿي آيو
ٺاروشاه مان آيل ڪم ڪندڙن، جي ۾ئي سرڪاري نوڪر
هوا، سرو شري ڪيمچند گيانچنداڻي ۽ ٺاراچند ميڙاڻي کيس
عرض ڪيو ته سائن گڏ وچڻ جو ٽائيم ٿيو آهي. مهاتما
اُني جو پروگرام پڇيو. کيس ٻڌايو ويو ته ٺاروشاه ڇهه
ميل دور آهي ۽ زالن جو ميڙ اڍائي ٻجي ۽ عام ميڙ
۳ ٻجي رکيل آهي ۽ ۴ ٻجي نوشهري روانو ٿيڻو آهي.
مهاتما کين چيو ته پوءِ اُني پورو اڍائي ٻجي پهچنداسون.
اڳ هلڻ جو ضرور نه آهي. پاڻ ڪت جي گهر ڪياءِ،
جا اُس ۾ وجهي سمهي پيو. کيس ننڊ اچي وئي، جو
رات جو ٻه ريل ۾ اوجاڳو ڪيل هوس.

اُتڻ لي شري پياري لعل پنهنجن هٿن سان تيار ڪيل
مالي کيس ڏني- آشرم ۾ هٿ جي پيٺل اٽي جي ڊبل
روٽي ۽ او ٻاريل ڀاڄيون کائيندو هو.

موٽرون ٻاهر تيار بيٺيون هيون. مهاتما گهر کٽي ته
کيس پوئين سڄي سڀت ڏني وڃي ته سمهي پوي.

موٽر ڇهه ميل لتاڙي اڍائي ٻجي شري جيوترام
مٽائيءَ جي گهر وٽ اچي پهتي.

شري جيوترام مئٽرڪ پاس ڪري حيدرآباد ج

۱۲ بجي عام سڀا جو ٽائيم هو، جو الهيءَ ڏورشالا ۾ ٿي رکيل هو. هيءُ وڏو شاهي ميدان هو، جو زالن مردن سان ڀريو پيو هو.

پوري ۱۲ بجي مهاتما اچي منچ تي ويٺو، ڪارروائي شروع ٿي ويئي. پهرين پاسي مينارام هيمنداس ماستر پڙهيو ۽ ان بعد هن مهاتما کي ناٿي جي ٿيلهي پيش ڪئي. ان بعد وديارٿين پاران شري ساڌورام ٿلتارام ڪلاٽيءَ ٿيلهي پيش ڪئي، ها وري مهاتما خوش ٿيو. ٿئون ڪانسواءِ منگي گروه ۽ جلباٿي اسوده وارن ڪئس ڏار ڏار ٿيلهيون ڏنيون.

ماسٽر جي جواب ۾ مهاتما سنڌي تقرير ڪئي؛ مولڪي تقرير جو سار ته پاڻ ڪوڙ آهي پر هن هڪ جملي ۾ پنهنجي دل جي سوز جو جهڪو اظهار ڪيو، سو مولڪان عمر ڀر نه وسرندو. چيائين، "جيستائين پوراڻ نه ملبو آهي، تيستائين مان اي چئن رهندس ۽ تن کي نه ٻي چئن ڀانئيندس." مهنجي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا ۽ ان جو اهڙو گهرو اثر ٿيو، جو آزاديءَ جي لڙائيءَ کان ڪڏهن منهن نه موڙيم. مهاتما ۾ غلاميءَ ختم ڪرڻ لاءِ اجهل سوز هوندو هو، جو سندس زبان ذريعي ظاهر ٿيندو هو؛ ليڪن پهرين ۽ ٻارن کي آزاديءَ جي لاءِ، اي پتنگ جهان ٻچا لاءِ ديوار ٻالي چڙهندو هو ۽ هو، اوچي ٻانهه آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڪاهي پوندا هوا.

تبديل هو.

اڳيان ديوان گرمکداس، ڀائي مينارام، پنيان مهاتما، پيارلعل سندس سيڪريٽري ۽ ٻيا هئا. ديوان مهاتما کي وستو ڏيکاريو. ديوان کي به ڏيهن ته انهيءَ ڪوٺيءَ کي سجائڻ ۾ لڳايا هئا. ڪوٺيءَ ۾ پٽ تي ايراني غاليچا کڻي وڌا هوائون ۽ منجهس وڏو پلنگ پيو هو.

مهاتما جئن اها ڪوٺي ڏٺي ته اندر گهڙيو ئي ڪين. چيو ڪهڙي راجا لاءِ اها ڪوٺي سجائي ويئي آهي؟ يڪدم گهڙ ڪيائين ته اهڙي هنڌ وٺي هلو، جتي اُس جام هجي. ڪيس مٿي ڪڏ تي وٺي ويا سون، جتي ڪيس ٽوٽري ۽ ڊيسڪري وڃهي ڏني سون. ٻيرن اتي ڪيس نارنگين جون ڦاروں ڪل لتل ۽ کجور ڪڪڙيون نڪتل ڏني ويئي. مهاتما اڇڙ سان ڪمر ۾ مهو ئي ويو. اُلر سنڌ ۾ جيڪي سورا مانپتر مليا هئس، سي هڪ هڪ پڙهي ڦاڙيندو ويو ۽ "ينگ انڊيا" لاءِ نيدو ليک ڦاهي ورتاءِ.

اُن بعد اخبارون کڻي سندن جني ڪوٺيءَ ۾ هليو يو. اُن ڪوٺيءَ ۾ هن لاءِ ڪموڊ ٻه رکيو هوسين ۽ ٽيءَ جو ٽب به ٻري رکيو هوسين. ٽب ۾ هو هميشه اٽيءَ سنان (Hip bath) وٺندو هو ۽ ساڳئي وقت اخبار پڙهندو رهندو هو. سادي ٻارهين ٻجي هو مٿي اُس اچي ويٺو.

١٩٢٩ لي صبوح جو ١٠ بجي پهتو هو. پهرين ڪم
پرنا روڊ ۾ ماڻهن لاڳي پيت ڪئي. اجا سيارو هو،
پر ماڻهن کي اُساهه ۾ لڏهي سمڪ نٿي ڪاڻ رهي.
انهي جون آسانيون اکيون مياما جي درشن لاءِ سويل
صبوح کان تياربيٺيون رهيون. اسٽيشن پرين کان ڇهه
ميل دور هئي، جو موٽر لاءِ وڏو مفاصلو نه هو. مياما
جي موٽر اڌ ڪلاڪ ۾ گهوڙي جي ٻاهران پهتي ويئي.
ماڻهو. اعالي آس رکي آيا هوا ته مياما جي موٽر آهستي
آهستي سالن سرڪس ۾ هلندي، پر مياما انهيءَ پهنجو
وقت اجايو وڃائڻ وارو نه هو. مون موٽر ڊرائيور کي
اشارو ڪيو ته آهستي موٽر هلائي ۽ شهر جي بازاري
الس کان بزار ۾ گهڙي ۽ ساري بزار لنگهي گهوڙي ۾
ڏکڻ ۾ سيٺ مولچند جي ڌرمشالا ۾ پهتي، جتي مياما
جي رهڻ جو بندوبست ڪيل هو ۽ عام ميڙ نه اُتي ليٺو
هو. مان مياما جي موٽر جي مددگار ڪي لڳي پيس.
ڪئين معوان ۽ شاگرد موٽر جي پنيان ڊوڙندا هليا ۽
مياما گانڌيءَ جي جي، ولدي ماترم ۽ الله اڪبر جا
نعرا هڻندا هليا. رستي لي مياما ڊرائيور کي دٻ ڪئي
ته ڪيئن شهر مان هلڻ لاءِ ڪئين چيو؟ پر جواب ۾ اڪي
ڊرائيور ڪجهي ۽ لڪي مان. موٽر جاءِ لسي پهتي ته
شهر جا پرنا مڙس اڳيئي دروازي لي بيٺا هوا. ڌرمشالا
سجي سينگاري ويئي هئي ۽ ٻاهران شاندار دروازو

خجيل هو.

اڳيان ديوان گرمکداس، ڀائي مينارام، ڀنيان مهاتما، پيارپلعل سنڌس سيڪريٽري ۽ ٻيا هئا. ديوان مهاتما کي وستو ڏيکاريو. ديوان کي ٻه ڏينهن نه اٿيهه ڪوٺيءَ کي سجائڻ ۾ لڳايا هئا. ڪوٺيءَ ۾ پٽ تي ايراني غاليچا ڪٽي وڌا هوائون ۽ منجهس وڏو پلنگ پيو هو.

مهاتما جئن اها ڪوٺي ڏٺي نه اندر گهڙيو ئي ڪين. چي گهڙي راجا لاءِ اها ڪوٺي سجائي وئي آهي؟ ڪڏم گهر ڪيائين نه اهڙي هنڌ وٺي هلو، جتي اُس جام هجي. کيس مٿي ڪڏ تي وٺي ويا سون، جتي کيس ٽوئري ۽ ڍيڪڙي وجهي ڏني سون. ٽيرن تي کيس نارنگين جون قارون کل لتل ۽ کجور ککڙيون اُڪتل ڏسي ويٺي. مهاتما اڇڻ سان ڪم ۾ مصروف ٿي ويو. اُلسر سنڌ ۾ جيڪي سمورا ماڻهو مليا هئس، سي هڪ هڪ پڙهي ڦاڙيندو ويو ۽ ”ينگ انڊيا“ لاءِ ليک ڦاهي ورتاءِ.

اُن بعد اخبارون ڪٽي سنان جسي ڪوٺيءَ ۾ هليو ويو. اُن ڪوٺيءَ ۾ هن لاءِ ڪموڊ بہ رکيو هوسين ۽ پاٽيءَ جو ٽب ٻه ٻيري رکيو هوسين. ٽب ۾ هو هميشه نهائينءَ سنان (Hip bath) وٺندو هو ۽ ساڳئي وقت اخبار ۾ پڙهندو رهندو هو. ساڍي يارهين بجي هو مٿي اُس ۾ اچي ويٺو.

١٩٢٩ لي صبوح جو ١٠ بجي پهتو هو. پهرين ڪمس
پريا روڊ ۾ ماڻهن ٿيلهي پيت ڪئي. اچا سارو هو ۽
پر ماڻهن ڪي ألساه م ٿلڌ جي سمڪ لي ڪاله رهي.
اُهي جوڻ آسالٽون اڪيون مهاتما جي درشن لاء سوال
صوح کان لهاريندڙون رهيون. اسٽيشن پرلي کان ڇهه
ميل دور هئي، جو موٽر لاء وڏو مشاصلو نه هو. مهاتما
جي موٽر اڌ ڪلاڪ ۾ ڳوٺ جي ٻاهران پهچي وئي.
ماڻهو اهالي آس رکي آيا هوا نه مهاتما جي موٽر آهستي
آهستي سائن سرڪس ۾ هلندي، پر مهاتما الهي پهچڻ
وقت اجابو وجائڻ وارو نه هو. مون موٽر ڊرائيور کي
اشارو ڪيو نه آهستي موٽر هلائي ۽ شهر جي ٻهاڙي
آنر کان ٻزار م گهمڙي ۽ ساري بزار لنگهي ڳوٺ ۾
ڏکڻ م سيٺ مولچند جي ڌرمشالا ۾ پهچي، جتي مهاتما
جي رهڻ جو بندوبست ٿيل هو ۽ عام ميڙ به آتي لڳو
هو. مان مهاتما جي موٽر جي مدگارڊ تي ٿي پيس.
ڪئين مران ۽ شاگرد موٽر جي پٺيان ڊوڙندا هليا ۽
مهاتما گانڌي ۽ جي جي، ولدي مالرم ۽ الله اڪبر جا
نعرا هڻندا هليا. واٽ تي مهاتما ڊرائيور کي دٻ ڪندي
نه ڪيس شهر مان هلڻ لاء ڪيهن چيو؟ پر جواب ۾ اکي
ڊرائيور ڪهڙي ۽ نکي مان. موٽر جاء تي پهتي نه
شهر جا پريا مڙس اڳيئي دروازي تي بيٺا هوا. ڌرمشالا
سهڻي سينگاري وئي هئي ۽ ٻاهران شاندار دروازو

همیشه ڪادي پائيندو رهندو هو، انهن ۾ هي خلق کي
التساعت ڪيو.

هو ڏانهن ڪي-سي - ائڪيڊمي ۾ جي شاگردن ۾
سروشري ساڌو ڪلناڻي، ريوي پنياڻي ۽ ريوي هسراج مل
پيسا ڪٺا ڪرڻ ۾ رات ڏينهن هڪ ڪري ڏنو.

مون پنهنجي ڳوٺ پرين جي ماڻهن جي انهن ڏينهن
۾ جيڪا حالت ڏني، تنهن مان سمجهي سگهان ٿو ته
ضلع جي هر ڳوٺ ۾ عام ماڻهو مهاتما جي درشن ڪرڻ
لاءِ ۽ سندس ٻيابو ٻڌڻ لاءِ ڪيتري قدر نه اُتسڪ هوندا.
اسان جي ڳوٺ ۾ جتان ڪٿان اهو ئي آواز پئي آيو ته
ڪيس آچيان جي ڪم ۾ ڪهڙو ڪم ڏنو تو وجي.
پنهنجي منهن سيڪنهن پئي ڪجهه سٽيو ۽ ڪيو. مهاتما
جي آچيان لاءِ خوبچنداڻي خاندان جا ڪيڏا نوجوان رڳو
دروازا ناهڻ ڪي لڳي ويا. منجهن سرڳواسي پيالومل
پساري هو، جو هلچل جي شروعات کان وٺي ٻنا ڪنهن
ڊپ ڊاو جي هلچل ۾ ٻهرو وٺندو رهندو هو.

سنڌ سوٽ شري پيسومل خوبچنداڻي، جو انجنيري
ڪاليج ۾ سرولر ۽ پوءِ انجنير ٿيو، تنهن ڳوٺ کان ٻاهر
ڪنڌڙيءَ وٽ پيسومل ڪلناڻي مسافرخاني پرسان هڪ
شاهي دروازو ناهيو، جتي پرين جي ماڻهن کي مهاتما
جي آچيان ڪرڻي هئي. اسان وٽ پرين ۾ مهاتما
روهڙيءَ کان ڪوٽيا ميل ۾ پريا رود تي ١٢ فبروري

يعني ساهتيءَ ۾ ضرور ڦاٽو آهي.

ساهتيءَ جو دؤرو-

جنهن ساهتيءَ ۾ ڀائوجيءَ جي پروگرام جو سماچار آيو، تنهن جو سچيءَ ابراهيءَ ۾ پنجابي ڦهلجي وئي.

ڀائوجي روهڙيءَ کان ڪوٽيا ميل ۾ صبوح جو پريا ورڻ لي لهڻو هو، جتان پرين اچڻو هو، جتان لي ٺاروشاهه ۽ ٺارشهري وڃڻو هو. اُتي رات ٽڪي صبوح جو پديدن روالو لي وڃڻو هو. اُنهن جتني ڳوٺن ۾ ۽ اُنهن جي جوڌاري ڳوٺن ۾ سندس اچڻ جي سوچنا ڏني وئي.

ساري ضلع جي ماڻهن پوري ڪوشش ڪئي، جنهن ڪري نه ڪئي مهاتما جو درشن ضرور ڪن. ڪم ڪندڙن ۾ پرچار ڪرڻ جو هي موزون موقعو سمجهيو ۽ سڄي ضلع ۾ پکڙجي ويا. نتيجو اهو ٿيو جو جتي ڪٿي اُتساهه جي لهر پيدا ٿي وئي، ايتري قدر جو ڪي سرڪاري نوڪر نه اُنهن ڏينهن ۾ اُتساهه وچان موڪل وٺي، اچي مهاتما جي آجيان جي ڪم ۾ شريڪ ٿيا. هن ڪري اُتا سمڪ به نه رهي ته اُنهن ڪرڻسان هو وڏو جو ڪم ڪٽي رهيا هئا.

اسان جي پرين ۾ پنچايت فيصلو ڪيو ته گانڌيجيءَ کي پرين ۾ ناٽي جي ٿيلهي پيش ڪجي. پنچايت ۾ ديوان ڪرمڪداس لوناٽي، جو وڏو زميندار هو ۽ ڀائي مينارام هيمنداس، جو واپاري هو، ۾ شروعات کان

۾ ڪانگريس جو ٽيتاليهون اجلاس ٿيو، جنهن جو پر
پنڊت موتيلعل نهرو هو. اِن اجلاس ۾ سخت دڪ
لهر ڦهليل هئي، جو سائمن ڪميشن جي بهشڪار جـ
سرڪس ۾ لاٺي چارج ۾ لالا لجپتراءِ کـي زخميو ويو
۽ ان بعد هن جو ديهانت ٿيو هو. ان لـي سخت د
ظاهر ڪيو ويو. ان بعد مدراس ڪانگريس اجلاس جي
ٺهراءِ موجب ديش جـي نئين حڪومت جـو جوڙجڪ
گهڙو ٿئي، تنهن جو ٺاهيل مسؤدو پـاس ڪيو ويو.
اُن ۾ ڏيکاريل هو ته ڀارت کي ٣١ ڊسمبر ١٩٢٩ اندر
پينڪي راڄ ڏنو وڃي. جيڪڏهن ائين نـه ڪيو ويو
ته سڄي ديش اندر پورن آزاديءَ لاءِ اهنسڪ هلچل
هلائي وينـدي.

هن ٺهراءَ موجب سڄي ملڪ ۾ پـرچار ٿيڻ لـڳـو ۽
سرڪار ڪان به ان ٺهراءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ گهر ٿيڻ لـڳي.

مهاتما جو سنڌ ۾ دؤرو - باپوجيءَ کي به پروُن

پڳي ويـا ته انگريـز سرڪار اها ڳـالهه سٺري ڪين
مڃيندي، ان ڪري اينڌڙ هلچل لاءِ ملڪ کي تيار ڪرڻ
لاءِ ملڪ ۾ لڳري پيو.

١٩٢٩ جي شروعات ۾ باپوجيءَ فيصلو ڪيو ته سنڌ
۾ اچي. جنوريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ پروگرام ٺهيو. شري
جيرامداس ۽ ڊاڪٽر چوئترام به پروگرام ٺاهڻ وقت ولس
وينا هوا. گانڌيجيءَ کين ياد گيري ڏيـاري ته پڻ عيدن

اڪيڊميءَ ۾ ماستر هوس. ڇوڪري ٻس پرين ۾ پيسا
ڪٺا ڪري ٿي. هيڊماستر اشارو ڪيو ته مولکي نوڪريءَ
تان هٿ ڪڍڻو پوندو، پر مون اُن ڳالهه جي پرواهه ڪانه
ڪئي. بردوليءَ جي آبادگارن ۽ زميندارن پورن احسا
سان هر ڪنهن لڳان کي مٿن ڏنو. سندن زمينون ۽
مال ضبط ڪيو ويو، پر هنن ڪنهن ڳالهه جي پرواهه
ڪانه ڪئي ۽ سڀئي ڏکيءَ ۾ ۽ اڏول رهيا. نتيجو اهو
ٿيو جو سرڪار کي جهڪڻو پيو ۽ ستياگرهين جا سڀ
شرط سرڪار کي مڃڻا پيا. زمينون ۽ مال کين موٽايو
ويو ۽ ڍل ۾ گهٽائي ويئي. ستياگره جي سوڀ ٿي،
جنهنڪري سڄي ملڪ ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي ويئي.

بي آرامي- گانڌيجي ماٺ ڪري ڪونه ويٺو
رهيو. هو سابرمتي آشرم ۾ گهڻو وقت نه رهندو هو.
ساري هندستان ۾ هلندو رهندو هو. ١٩٢٥ کان ١٩٢٩
تائين هو بي چين ٿي پيو. جنهن پراسرار ويندو هو ۽
جا اپراضي ڪندو هو، اُن اپراضيءَ جي شهرن مراد گولن
۾ ويندو هو. جيڪي اُسي ڳالهائيندو ها رچا آلمڪ
ڪار جو سناءَ ڪندو هو، سو سمورو هندستان جي سڀني
اخبارن ۾ ايندو هو. هندستان ۾ هو هڪڙو سورج
ڪڙيو هو، جو سڀني ڪٽرن جي اڳوان (ڳرهن) کي روشني
ڏيندو رهندو هو.

بيڪلي راج جي گهر- ڊسمبر ١٩٢٩ ۾ ڪانگريس

سرو شري کيم چند بالاڻي، پريداس برهمچاري، ديپچند
ٽلوڪچند، سنتداس، پنهون مل ۽ ٻيا ڪيترا وديارٿي اُن
شام جو پدعيدن اسٽيشن پهچي ويا.
ڪين ڏمڪايو ويو ۽ کين گرفتار ڪرڻ جا دڙڪا ڏنا
ويا، پر هو ڪين مڙيا. کين اسٽيشن تي اچڻ کان ڏنو
ويو ته هو ڦاٽڪ وٽ وڃي مڙيا. اُتان ڪن کي پوليس
وڃي جهنگل ۾ ڇڏيو ته اُتان وري موٽي آيا.
جڏهن سائمن ڪميشن جي ميمبرن واري اسپيشل
گاڏي پدعيدن اسٽيشن واري ڦاٽڪ وٽان لنگهي ته
نوجوان 'سائمن ڪميشن جي موٽي وڃو' جي نعرن سان
پڪار ڪئي. اسٽيشن کان پريان نعرا ٿي لڳا پر ڪميشن
جي ميمبرن ٻڌا ۽ پڇيائون ته اِهي آواز ڇا جا آهن؟

بردولي ستياگرهه

جون ١٩٢٨ ۾ بردولي
گجرات) ۾ سرڪار ٻي ڄاءِ پلون وڌايون. ماڻهن ۾
هن پلن ڏيڻ جي سرتي ڪانه هئي. سردار پٽيل
ڌ ڀڄيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ اِهو ڪارو هٿ ۾ کنيو.
ڌ ڀڄيءَ اُن ڪاري لاءِ پيسن لاءِ اپيل ڪئي ۽ لکيو ته
تي اعتراض وني بمبئي ڪائونسل جي ميمبرن کي
عفائون ڏيئي اچڻ گهرجن. اِن ڪري اسان جي سنڌ
سروشري جيرامداس ۽ آنندجي ٻيهر استعفائون
ب آيا. اسانجي ضلع مان به پيسا ڪنا ڪري بردوليءَ
ڪليا ويا. مان اُن وقت پرين جي ڪوڙومل چندنمل

ڪم ڪندڙ سڀني ملڪ ۾ بگڙجي ويا هئا، خاص ڪري ٻولن ۾. انگريزي ڏاڍيءَ سرڪار کي به احساس ٿيو هو ته ماڻهو جاڳيا آهن ۽ انهن کي وڌيڪ وقت آزاديءَ کان محروم رکي نه سگهبو. ان ڪري برطانيه سرڪار بدوالي ڪئي ته هو هندستان کي خود حڪومت ڏانهن ولسي حلط نا ڳنهون. ان لاءِ سائمن ڪميشن مقرر ڪئي وئي هئي. پر عجب اهو هو ان ڪميشن ۾ هڪ به هندستاني ڪونه رکيو ويو. ان ڪري ڪانگريس اعلان ڪيو ته ڪميشن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو وڃي.

شري هرچندراءِ جو ديهانت - ١٦ فيبروري

١٩٣٠ تي هند اسيمبليءَ جي بلڊنگ دهليءَ ۾ ٿيڻي هئي، جتي سائمن ڪميشن خلاف ٺهراءُ اچڻو هو. اسان جي سنڌ جو شري هرچندراءِ وشنداس بيمار هوندي به دهليءَ هليو ويو ۽ باغ کي ڪٽائي اسيمبليءَ ۾ ويهي ووٽ ڏنو ته سنڌس ديهانت ٿيو. هن جي يادگار پڌار لاءِ اسان جي نوابشاهه ضلع ۽ ٻين شهرن ۾ اسڪول بند رهيا ۽ شوڪ سڀائون ٿيون.

پڊعيدن اسٽيشن تي مظاهرا-

١٩٢٨ ۾ ساڳئي ضلع ڪانگريس ڪاميٽيءَ فيصلو ڪيو ته سائمن ڪميشن جو بائيڪاٽ ڪجي. جڏهن ته سائمن ڪميشن سکر کان حيدرآباد ويندي پڊعيدن کان ريل ۾ لنگهڻي هئي. انڪري ١٠ نومبر ١٩٢٨ نوشهرو جا ڪم ڪندڙ

سوراج پارٽيءَ جيڪو لڙڪ هلايو هو، تنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو ڪيترن پرانتن جي ڪائونسلن ۾ سندن اُميدوار گهٽائيءَ ۾ چونڊجي ويا هئا، ان هوندي به گوهاٽيءَ ۾ ١٩٢٦ جي ڊسمبر ۾ جيڪو ڪانگريس اجلاس شري شرينواس آئينگر جي پرڌانپڻي هيٺ ٿيو، تنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته جيستائين سرڪار قومي گهرن تي ڌيان نه ڏئي، تيستائين ڪائونسلن ۾ وزيرن جا عهدا نه قبوليا وڃن ۽ سرڪار جون بجيٽ وغيره جون رٿون ٺڪرايون وڃن، پر ملڪ جي ڀلي جي رٿن جي ڀلي پٺڀرائي ڪجي ۽ اهڙيون رٿون به پيش ڪجن.

پورن قومي آزادي- ٻئي سال ڊسمبر ١٩٢٧ ۾ مدراس ۾ ڪانگريس جو اجلاس ٿيو، جنهن جو صدر ڊاڪٽر انصاري هو. ان اجلاس ۾ ٺهراءُ ڪيو ويو ته جيڪڏهن جنگ لڳي ته ڀارتواسي ان ۾ مدد نه ڪن. برما کي ان سال ڀارت کان جدا ڪيو ويو هو، ان ڳالهه کي ننديو ويو ۽ ٺهرايو ويو ته ڪانگريس جو اُصول ڀارت ۾ پوري قومي آزادي حاصل ڪرڻ رهندو. ان لاءِ هڪ جوڙجڪ ٺاهيو وڃي. ان رٿ جي موهن شريمتي اينيءَ بيسنٽ پٺڀرائي ڪئي. ان اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته سائمن ڪميشن جو بهشڪار ڪيو وڃي.

سائمن ڪميشن- گانڌيجيءَ جيڪا ١٩١٩ کان هندستان ۾ هلچل هلائي هئي، ان هلچل ۾ هزارين

هوس. ڏهن ڏينهن جي مانيءَ جو سڌ ٿيندو هو. ڪاڌي جو
دال ڪالسواءِ ٻيءَ ڪنهن شيءِ ۾ لوڻ ڪونه پوندو هو؛
لڪو مصالحو؛ لڪو ڳيهه. جي ڪير لوڻ يا مٺاڻ ڪم
آڻڻ چاهيندو هو ته کيس ملندو هو. اُن جا ڪوبه آشرم
جي ڪٽوشالا ڪان ٻاهر ڪري ڇڏيندا هواسون؛ ڪاڌي
وقت ڪير، ڏهي يا ڳيهه وٺندا هواسون.

ڪاڏو اهڙو سادو ڪي ملندو هو، جو سولائيءَ سان
هضم ٿي ويندو هو؛ نهي ويل ٿي ڇچي بکر لڳندي
هئي. بدلي؛ ٻيو ڪم سارو ڏينهن ڪندا رهندا
هوا-ون.

ٻچن جي وڏي ڪاڌي جو ڳيهه وڃندو هو.

سالجيءَ جو ڳهي اڇي شام جي پرارٿنا ۾ شريڪ
ٿيندا هواسون. جي ڪالڏيجي آشرم ۾ هوندو هو ته هو
به ضرور شريڪ ٿيندو هو؛ ٻيو وچن به ڪندو هو.

آشرم جي سڀا اهڙي هئي، جو هرڪنهن کي ستياگره
جي پوري تربيت ملندي رهندي هئي.

مان جنهن آگسٽ ١٩٢٨ ۾ ستياگره آشرم مان موٽيس
ته پيءُ ۾ "موهن منڊلي" اچي ڪوليم. اُن ۾ خاص
ڪري ودٻارٿي ايندا هوا، جن کي ڪتائي ۽ پڃائي
سيکاريندو هوس. موقعن تي پرڀاٽ ڦيريون ڪڍندا
هواسون، جن ۾ موهن منڊليءَ جا ميمبر شامل ٿيندا هوا.

عهدا نه قبولاڻن. ڪانگريس جي ڦيراليءَ مان

نوان خيال، نوان اُمنگ ۽ آشائون پيدا ڪندو رهندو
هو. جڏهن ديش جو پنهنجا ملڪ جي اوچل درشيه جو درشن
ڪرائيندو رهندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن اِن ڳالهه
ڏانهن به اشارو ڪندو هو ته هن جي من ۾ آئينده راڄ
جو کهڙو نقشو چٽيل رهي ٿو. هو اُن کي رام راڄ جي
نالي سان سڏيندو هو.

آشرم ۾ - جولاءِ ١٩٢٨ ۾ مونکي خيال آيو ته
گانڌيجيءَ جي سابرمتي آشرم ۾ احمدآباد وڃي رهان ۽
ڪتائي ۽ ڪپهه پڃڻ جو ڪم سکي اچان. جولاءِ ۾
اسان کي انگريزي اسڪول ۾ مهينو سوا اونهاري جي
وئڪيشن ملندي هئي، سو مان شري جيرامداس معرفت
گانڌيجيءَ جي آشرم ۾ هليو ويس.

مون ڏٺو ته آشرم ۾ آشرم واسين کي ستياگره جي
پوري تربيت ملي رهي هئي. آشرم ستياگره آشرم
جي نالي سان ئي سڏبو هو. پوڻين ۴ بجي اُسر جو گهنڊ
وڄندو هو. هرڪو هنڌ ڇڏيندو هو. اڌ ڪلاڪ ۾ هرڪو ڏندڻ
پاڻي ڪري واندو ٿيندو هو ته پرارٿنا جو گهنڊ وڄندو
هو. سڀئي وڃي شريڪ ٿيندا هئاسون. ساڍي ستين
بجي سڀڪو ڪم کي لڳي ويندو هو. اُن ۾ ڪاڪوس
جو ميلو کڻي ڪڍڻ ۾ پورڻ جو ڪم به آشرم نواسي ڪندا
هوا. گانڌيجي به اُن ڪم ۾ ڪڏهن ڪڏهن اچي شريڪ
ٿيندو هو. مان ڪپهه پڃڻ جي ڪم کي لڳي ويندو

ساليءَ جو آفيس مان اچڻ بعد هڪ ڇهولي سالي
شري صوڀراج کيمانيءَ سان وڃي گڏيس، جو ڪراچي
پورٽ ٽرسٽ ۾ آفيسر هو. هن مولکي چيو ته صوح
جو نوڪريءَ لــي وڃي ڄڙهڻ. البت آئي پنجاهه
روپيه پگهار هو.

پورٽ ٽرسٽ ۾ ڪجهه وقت نوڪري ڪيم، پر
نوڪري ڪرڻ واري ذهنيت نـي مون مان ٿم ٿي
وڃي هئي. منهنجا سالي اسان هي نوابشاه ضلع ۾
اسڪولن ۾ ماستري ڪري رهيا هوا ۽ الهن سنڌالن
جي ذريعي شاگردن ۾ قوميت جو پرچار ڪري رهيا
هوا. مولکي ٻه رشڪ آلي، سو مان ١٩٢٧ جي پڇاڙيءَ
۾ پهچي ڳوٺ هي ڪي.سي. اڪيڊمي اسڪول ۾
اچي ماستر ليس. قومي ڪم ڪندڙ لن لمولي سڄي صاهي ۾
پکڙيا پيا هواسون. شري ليولدرام ايلاڻي اسڪول جو
هيڊ ماستر هو، سو ۽ اسان جي اسڪول جي ڇوڪرن
کي نانڪ ڪرڻ جي اريس ذيـــڻ لاءِ پيو ايندو هو.
ايءَ طرح ۽ سمورا ڪم ڪندڙ ڪٺي ته ڪٺي پيا گڏيا
هواسون ۽ ڪم جو سناءُ ڪندا هواسون، ڇاڪاڻ ته قومي
ڪم جي باري ۾ هدايتون ۽ اُساه گانڌيجيءَ کان پيو
ملندو هو.

ٻاٻوجي سڄي ملڪ کي لسيءَ جيان پيو ولوڙيندو
هو. هو روز نئون اُساه پيو ايندو هو. سڄي ملڪ ۾

رهيو هو. ڪيس خبر هئي ته مان هڪ قومي خيالن جو
ڇوڪرو هوس ۽ گانڌيءَ جي سڌانتن جو پيروڪار
هوس؛ پر هن جو اُن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڪونه ويو. هو
ته اسڪول کان ٻاهر خواه اسڪول جي اندر شاگردن جي
هلت چلت تي پورو ڌيان ڏيندو هو. مان جڏهن
اسڪول ڇڏڻ وارو هيس، تڏهن سڄي اسڪول جي پنج سؤ
شاگردن ۽ ماسترن جي اسيمبلي سڏائي منهنجي چرتر
جي پرشنسا جو اظهار ڪيائين ۽ اوچ چرتر ۽ لذيذ سياو
لاءِ چانديءَ جو ٻلو انعام ڏنائين.

هن جيڪا منهنجي ٻاها همت افزائي ڪئي، تنهن
جڻ منهنجي آئينده جيون کي پڪي پيڙهه ڏني. سندس
صلاح تي مان ماستري ڇڏي آهر وجهي امپيريل (هاڻي
اسٽيٽ) بئنڪ آف انڊيا ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪئي،
پر اُتي هڪ انگريز آفيسرن جي هيٺان ڪم ڪندي
مونکي سندن پرواهه نه رهندي هئي، جو گانڌيءَ
جو اسان نوجوانن تي زبردست اثر ٿيندو رهندو هو.
اهڙيءَ فضا ۾ اچي ويا هواسون، جو غلاميءَ واري
ذهنيت ته من مان صفا نڪري ويئي هئي، سو بي پرواه
رهندو هوس. بئنڪ جي آفيسر سان منهنجو ٽڪر
ٿي پيو.

نيٺ مونکي نوڪريءَ مان برطرف ڪري ڇڏيو
ويو. لِن جي مونکي پرواه نه ڪانه ٿي.

جيرامداس سوڀارو ٿيو.

هن چونڊ بعد اسان جي صاحبن جي ماٺين لاءِ ڪانگريس جو الزام وڌو ۽ ڪم ڪندڙن ۾ به آمرو شواس آيو ته ساهوڪارن، وڏن زميندارن ۽ مکين جي مخالفت هوندي به هو ڀاري سر ڪري سگهن ٿا.

جواهر جو اثر- اسيمبلي ۽ پرانتڪ ڪائونسلن ۾ ڪانگريسي سرڪار خلاف ٺهراءُ ڪندا هوا، ٿي جن ولورنون اخبارن ۾ اينداٿون هنداٿون هجون، هيڪري ضلع ۾ آزاديءَ لاءِ اُتساهه وڌندو ٿي رهيو.

مهاتما جون اخبارون- مهاتما جي "ينگ انڊيا" انگريزيءَ ۾ نڪرندي هئي ۽ نوجيون گجراتي ۽ هنديءَ ۾ نڪرندي هئي، ٿي ڪي جيل مان ڇٽڻ بعد مهاتما ٻڪي ڀالي ٿي پيهاريو.

پنهنجو حال- مارچ ١٩٢٥ ۾ مان جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏئي آيس ته ڪي. سي. اڪيڊمي ڀرپا جي هيڊ ماستر شري آسودمل ڪبولراماڻيءَ موکي اُن ۾ مهينا ماستر ڪري رکيو، جو شري هرنامداس ڪلاڻي، جو نه ١٩٢١ ۾ قطع تعلقات ڪري ڪاليج ڇڏي آيو هو ۽ سائنس اسڪول ۾ ماستر ٿي ويو هو، سو علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ جي بي. اي جو امتحان ڏيڻ ٿي ويو ۽ ٻه مهينا موڪل ورتي هوائين.

شري آسودمل سچيءَ معني ۾ مهندو استاد لاءِ

سيٺي تي چڱو اثر ڪري ويندو هو.

نوابشاه شهر ۾ پريداس برهمچاري ويٺو هو. آنان نوابشاه گزيٽ اخبار ڪڍندو هو ۽ اُن جو سماجڪ ڪم ڪرڻ ڪري نـوابشاه جي ماڻهن تـي چڱو اثر هو، اُن کي مکيہ طرفان پيسي جي وڏي آڇ ٿـي ته اخبار وغيره دوارا سندس واسطي پرچار ڪري، جاهن نڪرائي چڏي ۽ شري جيرامداس جو اخبار ۽ ٻيہ طرح شهر ۾ خـواه ٻاهر چڱو پرچار ۽ پٺيرائي ڪندو رهيو. شري شوانند ۾ سندس ڪم ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي.

مطلب تہ اسان جي نوابشاه ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ شري جيرامداس جي پٺيرائي ڪرڻ لاءِ ڪم کي جنبي ويا. اسانجي ساٿيہ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪانگريس جو نياپو پهچي چڪو هو. وڏي ڳالھ تہ ١٩١٩ کان جيڪي ڪم ڪندڙ آزاديہ جي آندولن ۾ آيا هـوا، تن مان ڪافي ڪم ڪندڙ پنهنجن ڪيترن ۾ موجود هوا ۽ سندن گانڌيجيہ جي اڳوانيہ هيٺ جيڪو تپسيا جو جيون هو، اُن لوڪن ـي گهڻو اثر ڪيو هو. ان ڪري هو جڏهن ڪانگريس ميدوار شري جيرامداس جي طرف ڪم ڪرڻ نڪتا ـتا، تڏهن منجهن آتم وشواس هو.

جڏهن چونڊ جو نتيجو ظاهر ٿيو، تـڏهن پتو پيو تہ ـاٿيہ ۾ شري جيرامداس کي اميد کان وڌيڪ ووٽ ـيا هوا. جنهڪري ساريہ چونڊ جي ڳٽپ ۾ شري

کم ڪندڙ و ينا هئا. پرانيءَ ۾ سيٺ پرسرام ڦوجومل هو. ننڍو آدم ۽ شهدادپور ۾ ڳچ کا هلنديءَ وارا ڪم ڪندڙ هوا- جيڙوڪ مکي ڏرمداس، جو ١٩٢١ جي هلچل ۾ هڪ سال جيل کاٽي آيو هو ۽ جيل مان موٽي پي شهدادپور جي ماڻهن ڪيس شاهاڻي آجيان ڏني هئي. سيٺ آسومل شاهه- ورچاڪر ۾ ڪم ڪري رهيو هو. اوڙي مکيءَ جي ننڍي شهرن ۾ چڱي هلندي هئي، ۾ ڦرمي ڪم ڪندڙن جي لپسيا جي جيون هٽي وڃي هند ڪيو.

اوشهرو ۾ سيٺ لجورمل جي سچي ڪتب سندس ڪم ڪيو. پرلن ۾ مهراج پڳوالداس شرما، جو زميندار ۽ هڪ سشيل هلنديءَ وارو ارهمڻ هو، لهن ۽ اِن شري جيراملاس جي پوري مدد ڪئي. لاروشاه ۾ شري جيرنرام متالي، جو زميندار ۾ هو، اُنهيءَ سندس پورڪ پنيرالي ڪئي.

ڪنڊياري لعلڻي ۾ لب زبردست چڪري هئي، جاڪاڻ ته خود ڪنڊياري ۾ مکڻ ۽ چوڏرين جو ڏاڍو زور هو. هوڏانهن وري ڪنڊياري لعلڻي جي ٥٢ ڳوٺن جي ڀرڳڻي ۾ شري ليرالدرام کي وڏي پشتي هئي. شري ليرالدرام ان ڪم ۾ راسا ڏيهون هڪ ڪري ڏنو. ڏيهون رات پنچايتن جي ميڙن ۾ پير شرڪت ليندو هو. هو عمر جو لنڍو هو، پر ڏاڍي سياڻو ڪري پنچايتن جي ميڙ ۾

جي زبردست شخصيت هئي. گانڌيجي هن کي وڏي
مانيتا ڏيندو هو. سنڌ مان شري جيرامداس جو باپوءَ
سان گهاٽي ۽ گهاٽو سنبنڌ رهيو. ٢ مئي ١٩١٩ لاءِ
گانڌيجيءَ رولٽ ايڪٽ واري ڪاري قانون برخلاف
ستياگرهه ڪرڻ لاءِ جيڪو پهريون ميڙ ڪوٺايو ويو هو، اُن
۾ سوامي شردانند، سردار پٽيل، حسن امام ۽ ٻين ڪن
سان گڏ شري جيرامداس کي به گهرايو ويو هو. شري
جيرامداس ئي سنڌ ۾ رولٽ ايڪٽ خلاف ڪراچيءَ
۽ حيدرآباد ۾ ستياگرهه ڪرائڻ ۾ مکيه پارٽ ادا ڪيو
هو. شري جيرامداس کي سندس قابليت ۽ قربانين ڪري
اکل ڀارت ڪانگريس جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۾ کنيو
ويو هو ۽ سالن جا سال اُن ۾ رهيو.

١٩١٩ جي پڇاڙيءَ ۾ جليانوالا باغ جي شهيدي
ڪاند بعد جيڪو اکل ڀارت ڪانگريس جو اجلاس
امرتسر ۾ ٿيو، اُن ۾ مانٽيگو چيمسفورڊ سڌارن جي
رت جي باري ۾ رٿيل ٺهراو تي وڏي ڇڪري لڳي
هئي. لوڪمانيه هو هڪ طرف ۽ گانڌيجي ٻئي طرف. ٻر
شري جيرامداس ٺهراو جو اهڙو مسودو ناهيو، جو ٻنهي
ي قبول پيو هو ۽ ڇڪري ٽري وئي هئي.

ساٿ ساٿ شري جيرامداس جي ٻنيان قومي
ٻوڪن جو ٽولو هو. ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ ساڻس گڏ
جي لڪ ۾ پيو ڦرندو هو. اسانجي ضلعي ۾ ڪ هنڌ هنڌ

شري جيرامداس جو ٻئي ميدان ۾

ساڳئي سال بمبئي ڪائونسل لاءِ جيڪي چونڊون ٿيون، تن لاءِ اوڀر سنڌ مان شري جيرامداس دولترام کي ڪانگريس ٽڪيٽ مليو. اسان جو اوابتاه ضاهر ڪ ان لڪ ۾ هئو. ان لڪ ۾ سنڌ مخالفت ۾ حيدرآباد جو مکي هرڪشنداس بيٺو هو.

مکي هرڪشنداس حيدرآباد سنڌ جي مکڪي گهر مان هو ۽ وڏي زميندار گهر جو هو. هن جي خاندان جي وڏي پيع هئي. وڏي ڳالهه ته ان زماني ۾ پنچايتون وڏي هستي رکنديون هيون. هن ان جي ڏڙهي ساري جنتا لئي گهري. ان زماني ۾ اجا بالغ ووٽ نه شروع ڪيو ويو هو.

هيڏانهن گانڌيءَ جي هندستان جي راجنيتيءَ ۾ اچڻ بعد ڪانگريس جو چڪر الر ملڪ ۾ ٿيو هو، ان کي ڪسوٽيءَ لي جاچڻ جو وقت آيو هو.

مکيءَ جي طرف ڏن هئو. پنچايتي زور هو ۽ سيلهٽي جو زور هو. وڏا ڏيکري لگر مکي هرڪشنداس جي طرف کان اسان جي صاحب ۾ جلد جلد بيا ايندا هوا ۽ پنچايتي مڙ سڏالي پنچن کي اپيل ڪندا هوا ته شري هرڪشنداس مکي آهي ۽ جڳ پنچن جي شان جو نشان آهي.

هيڏانهن ڪانگريس طرف شري جيرامداس

سروجني نائيڊوءَ جي پرزيڊنٽي هيٺ ٿيو. اُن ۾ ستياگرهه هلچل ۾ وشواس ظاهر ڪيو ويو ۽ ان لاءِ ماڻهن ۾ پوري شڪتي پيدا ڪرڻ واسطي سکيا ڏيڻ لاءِ وچور وار پروگرام ٺاهيو ويو. هيل سوڌو جو ڪانگريس جي ڪارروائي اڪثر انگريزيءَ ۾ هلندي هئي، ان لاءِ ”هندستاني“ (هنديءَ) کي ڪارج هلائڻ لاءِ قبوليو ويو.

هنديءَ تي زور - گانڌيجي پنهنجي پڌرائين ۾ وقت بوقت هنديءَ تي زور ڏيندو هو. ٧ سيپٽمبر ١٩٢٥ ۾ ڪراچيءَ ۾ هندي سميلن سڏايو ويو، جتي ٺهراءُ ٿيو ته راشٽريه ڀاشا هندي زوريءَ سيکاري وڃي ۽ سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکي وڃي.

سنڌ ۾ چونڊون - ١٩٢٦ ۾ هند اسيمبلي ۽ پرانتڪ اسيمبلين لاءِ سنڌ ۾ چونڊون ٿيون. شري سي.آر.داس ۽ ٻين جيڪا **سوراج پارٽي** کڙي ڪئي هئي، اُن جو اُديش هو سرڪار کي اسيمبلين اندر گهيري دق ڪجي ۽ پر شري راجگوپال آچاريه جهڙا ڪي اڳوان هئا، جن ان خيال جي مخالفت ڪئي. مگر ملڪ سوراج پارٽيءَ جي حمايت ڪئي ۽ اسان جي سنڌ مان شري هرچندراءِ هند اسيمبليءَ تي چونڊجي ويو. هو ڪانگريس ٽڪيٽ ڪانه ورتي هئي پر قومي خيالن جو ماڻهو هو ۽ اسيمبليءَ ۾ سوراج پارٽيءَ سان ٺهي ووٽ ڏيندو رهندو هو.

سوراج پارٽي - بنگال جو مشهور ڪرتائيءَ جو پتلو،
جنهن پنهنجي شاهي سڄي ملڪيت ملڪ کي ارپڻ
ڪئي هئي، اُن شري چترنجن داس، جنهن کي سنديس
قابلين ڪري ديش بنڌو ڪري چوندا هئا، اُن ملڪ
اڳيان اهو پروگرام رکيو ته ڪائونسلن کي قبضو
ڪري عام ۽ وڏيڪ حاڪم آڏو سرڪار جي ڪم
۾ گهوٽالو پيدا ڪجي. اُن لاءِ سائنس ملڪ جا بيا مشهور
١٢ مدبر ۽ شامل ٿيا هئا؛ اُن تحرڪ هلائڻ لاءِ سوراج پارٽي
لاهي وائي هئي. ڪانگريس سوراج پارٽيءَ کي پنهنجي
جي پروگرام هلائڻ لاءِ اختياري ڏني هئي. ١٩ ڊسمبر
١٩٢٢ ۾ نئون چونڊون ٿيون هيون، جنهن ۾ سوراج پارٽيءَ
کي چڱي سوڀ حاصل ٿي هئي. بنگال ۾ ته اڪثريت
ڪيائي ملي هئي، ته به اُلي هن وزارت نه لاهي. ديش بنڌوءَ
جي رهنمائيءَ هيٺ سرڪار کي ڪيترن شڪستن
کائڻيون پيون ۽ سرڪار ۾ اوشواس جا ٺهراءُ پاس ڪيا
ويا. ١٩٢٤ ۾ وري ٿيل چونڊن ۾ سوراج پارٽيءَ سرڪار
کي پريشان ڪيو. ١٦ مئي ١٩٢٥ تي ديش بنڌو
چترنجن داس جو ديهانت ٿيو، جنهن ڪري ديش ۾
ڏک جي لهر پيدا ٿي، ۽ سوراج پارٽيءَ پنهنجو پروگرام
بند ڪيو.

ڪانپور اجلاس - ١٩٢٥ جي ڊسمبر ۾ ڪانپور ۾
جو چاليهون اجلاس ڀارت جي بلبل شريمتي

۾ سنڌن لاءِ عزت گهٽي قدر وڌي وئي هئي، جنهنڪري
پيسو ۽ ٻيا ڪم ڪندڙ پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهيا ٿي.

شيوا منڊليون - قطع تعلقات جي هلچل ۱۹۲۲ع جي پڇاڙيءَ ۾ ماٺي ٿي، پر اسان جي ضلعي جي راجنيتي ڪيتر ۾ ڪانگريس ڪاميٽيون نه ڪم ڪنديون رهيون پر ڪافي ڪم ڪندڙن ۾ سماجڪ ڪم ڪرڻ لاءِ به شوق جاڳيو. ساهتيءَ ۾ سيني وڏن ڳوٺن ۾ شيوا منڊليون برپا ٿيون، جن جا سرڪاري لوڪ به ميمبر ٿيندا هوا. شيوا منڊليون هر ڳوٺ ۾ ڇوڪرن جي وديا، غريب شاگردن ۽ وڌوائن کي مدد ڪرڻ، پستڪاليه ۽ واچناليه هلائڻ ۽ ڳوٺ جي صفائيءَ تي ڌيان ڏيڻ جو ڪم ڪنديون هيون. ۲۳ ڊسمبر ۱۹۲۸ تي هالائيءَ ۾ سنڌ پنگتي منڊل جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميڙ ٿيو، جتي نوابشاه ضلعي جي سيني منڊلين جي عيوضين کي گهرايو ويو هو.

ناري شالائون - ساڳئي وقت ٻيئرن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ اسان جي ضلعي ۾ هر ڪنهن ٻئي ڳوٺ ۾ ناري شالا شروع ٿي ويئي. نوشهري ۾ دادي ڪرشناديوي اهو ڪم ڪري رهي هئي، ته ٻين ۾ دادي رڪمڻي وغيره. ساهتيءَ جا قومي ڪم ڪندڙ اخبارن ذريعي ڪم ڪندا رهيا، جنهن جو پرڻام اهو ٿيو جو زالن جاڳرتا اچڻ لڳي.

نوشهري لعائي ۾ ٻي ڇاپ. ڇڏڻ مهل حسي مثاطلي ٻي
چار هاءِ اسڪول هوا؛ ڏهن ڪالساءِ پنج هاءِ اسڪول
ٿيا هوا. ان ڪري سندر ساهتيه جي رسالن ڪري ته
اسان جي ضلع ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ۾ ڪافي قوميت
ڦهلي.

ساڳئي وقت حيدرآباد ۾ ڪوڙومل سندي ساهتيه
منڊل به قوميت لي ڪارائتا ڪتاب ڇاپيا هئا، جن جو
به ٿيئه نيڻيءَ لي چڪو اثر پوندو رهيو.

ادرابشاه دوارن ۾ ١٩٢٢ کان وٺي ڪن اسڪولن
جي ڪاروباري ڪاميٽين لي ڪانگريسي هوا، جتي ڪن
قومي ڦيلائڻ جو موزون موقعو ملي ويو. ساٿ ساٿ
نادي‌ءَ جي وڪري ۽ ولائتي ڪپڙي جي بيسڪار جو
ڪم لهندو رهيو.

پونن پر ددد- جي ضلع ۾ سماجڪ ڪم ڪندڙن
جي وڏي ڀاري هئي. جولاءِ ١٩٢٥ ۾ جنن ساهتيءَ ۾
پيهر ٻوڏ آئي، تڏهن ڪم ڪندڙ سنڪن والنٽير مبدان
تي هوشيار ٿي بيٺي رهيا. ٻولي کي ٻوڏ کان بچايائون
۽ جي. زبردست جوکم جي ڳالهه هئي، اُتي مائهن کي
کاڌي وغيره ذريعي سلامتيءَ جي جاءِ لي پهچايائون؛
۽ روزگار جا ذريعا بند ٿي ويا، ان ڪري مالي
مدد ڏني. مطلب ته قومي ڪم ڪندڙن موقعي تي
ڪم جي سرانجامي ڪئي، جاڪاڻ ته هميشه مان

لڳو. جلد ئي هن کي ساهتي ضلعي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو جائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ ڇٽڪ نوشهره مان ڪانگريس جو سارو ڪم هو هلائڻ لڳو.

صفائي ۽ اسپتالون - ڳوٺن جي صفائي ۽ تعميري پروگرام جو هڪ حصو هو. ساڳئي وقت ڳوٺن ۾ ڊاڪٽري علاج ميسر ئي ملي، اُن لاءِ آدم تيڻ لڳو. ضلع جي وڏن شهرن ۾ ته سرڪاري اسپتالون هيون، باقي ڳوٺن ۾ ڪم ڪندڙن جي مدد سان لوڪل بورڊ اسپتالون کليون. جن هنڌ لوڪل بورڊ اسپتال به نه ميسر ٿي سگهي، اُتي دانويرن کان پيسا وٺي هلائيءَ جهڙن ڳوٺن ۾ اسپتالون برپا ڪيون ويون. اُن سان گڏ ويم گهر به چالو ڪيا ويا.

قوميت جو ڦهلاءُ - انهيءَ زماني ۾ "هندو" پريس حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچيءَ مان شري ميلهارام واسواڻي ماسڪ پتر "سندر ساهتيه" ڪڍندو هو. اُنهيءَ جو لکندڙ نه سندس وڏو ڀاءُ شري فتحچند هو، پر اُن وقت هو سرڪاري نوڪر هو، اِن ڪري سمپادڪ جو نالو شري ميلهارام جو پوندو هو. اُن ۾ پريمچند، سدرشن ۽ ٻين قومي ليکڪن جون لکيل ڪهاڻيون ۽ قصا ايندا هوا. سندر ساهتيه وارن ئي ديش ڀڳت شيواجي ۽ راڻي پرتاب جون جيونيون ڇاپيون.

اسان جي ضلع ۾ تعليم نه گهٽي هئي. هڪڙي



(شري ديپچند ر ٽلوڪچند)

شري ديپچند ر ٽلوڪچند ، سرڪاري نوڪري ڇڏي اچي شري ڄيرامداس سان گڏ ڪم کي جنبيو ۽ ڪم وڌندو هليو. هو ڪاڇي ڪلهوڙن ۾ ڄاڻو هو ۽ لاڏي لي آريه سماج جي اڳ ڌوڻ آهي ۽ منجهس ديش ڀڳتي ۽ جوش باولالن جاڳيو. ڪجهه وقت بعد هو نوشهره ميروز ۾ وڃي راشٽريه ڪنيا پاٺشالا جي ڪم کي لڳو ۽ اُن سان گڏ اُتي "شڪتي" اخبار ۽ ڪانگريس جو ڪم ڪرڻ

۾ رهيس. سوامي شري پرڀداس واڌواڻي ۽ پرڀداس ڪرپالاڻي
۾ هيڊباري هاءِ اسڪول ۾ رهيا. سوامي شري ڪلاسراءِ
شولداس ساوناڻي، پرڀداس برهمچاري ۽ دادي ڪرشنا
ديوي لوشهري جي راشٽري ڪنيا پاٺشالا ۽ شيوا آشرم
سنڀالڻ لڳا. اُتين سان گڏ شري شوانند شيوڪرام
آشرم ۽ اخبارن جي ڪم ڪي لڳو رهيو.

نوابشاهه ڏانهن- اتي ۾ وسيع ڪن ڪم ڪندڙن
جو ڌيان نوابشاهه ڏانهن ويو، جتي ڪانگريس جو ڪواه
ڊوڙجڪي ڪم اصل بند هو، هتي مخصوص ڪيم ۽
ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر مان جيڪو آواز اٿاريو ويندو ۽
اُنان جيڪا هلچل هلائي ويندي، سا ضلعي ۾
وڏي زور وٺندي، انڪري شري گيرچند ٻالاڻيءَ
جي مدد سان نوابشاهه ۾ "شيوڪ" پريس جاري ڪئي
ويئي ۽ سوامي شري پرڀداس برهمچاري ۽ شوانند شيوڪرام
١٩٢٥ جي شروعات ۾ نوابشاهه وڃي رهيا. شيوا آشرم
لوشهري فيروز مان بدلي ڪري نوابشاهه آندو ويو ۽
اتي شري پرڀداس برهمچاريءَ جي سنپادڪيءَ هيٺ
"نوابشاهه گزيٽ" هفتيوار اخبار نڪرڻ شروع ٿي، جا
عام جنا اهم دور ڪرڻ، پنگستي سڌاري ۽ ديش
پريم جي ڀاوَ پيدا ڪرڻ جو ڪم ڪرڻ لڳي. اها هفتيوار
اخبار آڪٽوبر ١٩٢٤ ۾ لوشهري فيروز مان شري شوانند
جي سنپادڪيءَ هيٺ جاري ٿي هئي،

پيشڪار ۽ تعليم جي ڦهلاءَ جو جوڙجڪي ڪم تين
رهيو. وديارٿين ۽ ڇالن ۾ سجاڳي آڻڻ جو ڪم به تين
رهيو.

گانڌيجيءَ جوڙجڪي ڪم جو دائرو گهڻي قد
وڌايو ۽ هن پنهنجي "ينگ انڊيا" هفتيوار اخبا
معرفت وڏيڪ جوڙجڪي پروگرام عام جنتا کي ڏنو
ان موجب اسان جي ساهتيءَ ۾ ڪنيا پاٺشالائون کولڻ تي
چڱو زور ڏنو ويو. ۱۹۲۰ کان وٺي ڇوڪرين کي تعليم
ڏيڻ جي ڪم کي پورو وزن ڏنو ويو هو. نوشهري ۽
هالائيءَ ۾ ڪم ڪندڙن ڪنيا پاٺشالائون شروع ڪيون،
جتي ڇوڪرين کي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ويئي. پڙهڻ
۾ ڪ ۱۹۱۷ کان ميلهومل ڪنيا پاٺشالا چالو ڪئي هئي.
۱۹۲۴ ۾ سرڳواسي سرپچند هيرارام پسد عيدن ۾ ڪنيا
پاٺشالا کولي، جنهن ۾ سندس ڌرمپتنيءَ جو ڪيس سات
هوندو هو. پوءِ شري ويرومل ٽليائي به ان ڪم کي
اڳي لڳو.

ڪاڍيءَ جي وڪري جا مرڪز ضلع جي پڪن ڳوٺن ۾
کوليا ويا، جي ڪم ڪندڙ ئي سنڀاليندا هوا.
ٽنڊن ڪانسواءِ ڪم ڪندڙ مڊل ۽ هاءِ اسڪولن ۾
ماستر ٿي گهڙيا. شري نيوندرام وڃي ڪنڊياري هاءِ
اسڪول ۾ ماستر ٿيو ۽ پوءِ هالائي اسڪول ۾ هيڊماستر
ٿي ويو. مان پڙهڻ جي ڪي مي اڪيڊمي هاءِ اسڪول

ياڳو ڇهون

جوڙجڪي ڪم

١٩٢٥ کان ١٩٢٩ تائين

١٩٢٤ع جي ڊسمبر ۾ جيڪو ڪانگريس جو اجلاس
بيلگام ۾ مهاتما گانڌيءَ جي پرزيڊنسيءَ هيٺ ٿيو، جنهن
۾ گانڌي-داس-نهرو ناه ٻٽال ڪيو ويو، اُن بعد
مهاتما گانڌيءَ ملڪ کي اڌ جي جوڙجڪي ڪم کي
لڳي ويو، جنهن ديش اڳتي هلي ديش آزاديءَ لاءِ
زبردست هلچل هلائي سگهوي. ٻئي طرف ديش هندو
چترنجن داس ۽ ٻيا اسيمبلين ۾ گهڙي سرڪار کي حيران
ڪرڻ لاءِ ماٺين ۾ هلچل هلائڻ لڳا، جنهن هر ديش جي
آزمائل مدبرن کي ايندڙ چونڊن ۾ ووٽ ڏيڻ سرڀارو
ڪن.

ان وقت اسان جي سنڌ ۽ ضلع ۾ به اچا هلچل هلي
۽ ان سان گڏ ڪيترا قربانيءَ جا ڀلا نوجوان، جيڪي
قطع تعلقات جي هلچل سبب پڙهڻ ڇڏي آيا هئا يا
نوڪري ۽ ڏنڌا ڌاڙاڙون ڦٽا ڪري آيا هئا، تن مان
ڪيترا وري پڙهڻ، نوڪرين ۽ ڌنڌن کي لڳا ۽ ٻ
اسان جي ضلع ۾ ڪيترائي جوان رهيا، جي جوڙجڪ
ڪم کي لڳا رهيا.

اسان جي ضلع ۾ کادي پرچار، هريجن اڌار، شرا

زمين هئي ۽ ساماري ۾ هنن جا ڪارخانا هئا. پاڻ ڏاڍي
کادي پائيندو هو ۽ بنهه ڌيرو ماڻهو هوندو هو.
سنڌس ٽيئي پٽ هلچل ۾ آيا. هالاڻي ۽ ساماري (ضلع
ٿرپارڪر) ۾ هنن جو ڪٽنب ئي ڪم جو باني هو ۽ هنهي
هنن ئي ڪيترا ڪم ڪندڙ پيدا ڪيائون.

شري وشنداس جو وڏو سپتر شري نيوندرام به
هر هلچل ۾ سوتنترتا سنگرام جو باني ئي رهيو.

سنڌس ٻيو پٽ شري نيڪومل ماستري ڇڏي هلچل
۾ آيو ۽ سنڌس ٽيون پٽ شري لعلچند ساماري ۾ آزاديءَ
جي هلچل هلائي؛ ٻيا به ڪيترا ساٿي ڪم ڪندڙ ساڻس
ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا. شري لعلچند جي ڏوهٽني
دادن ٻائي وزي ڪراچيءَ ۾ ١٩٤٢ جي هلچل ۾ جيل ۾
ويئي. تنهن کانسواءِ سندن گرٻاڻي خاندان جا ٻيو گرٻاڻي
۽ منو گرٻاڻي پڻ جيل ۾ ويا.

سيٺ وشنداس جو گهر، قومي ڪم ڪندڙن لاءِ
هر وقت کليل مهمان خانو هو، ڇاڪاڻ ته نوشهري ڪانپوءِ
پٽي نمبر ۾ قومي هلچل جو ڪارڪن هالاڻيءَ ۾ تيندو
هو. انهن ڪري ڪافي ڪم ڪندڙ وقت بوقت هالاڻيءَ
۾ ايندا ويندا هئا. جتي سندن لاءِ شري وشنداس جي
اوطاق آشرم مثل رهندي هئي. ويساکيءَ جي موقعي
تي ته ڪيئي ڪم ڪندڙ اتي رهندا هئا ۽ ميلي ۾ پرچار
ڪندا هئا.

سرڪاري نوڪري ڇڏي آيو، پر سندس پٽ سرڪشري.
موتومل ١٩٢١ ۾ ۽ ڏوبندرام ۽ روچيرام ١٩٣٠ ۾ آندولن
۾ اچي شريڪ ٿيا. ١٩٤٢ ۾ ته سندس ڏيٽر ۽ نهو ۽
ٿالي لالڪرام پڪيءَ ۾ جيل ۾ ويا. پروفيسر هاساڻند جي
ٿاڌلي "ڪاهيو ڪاهيو جيل ڏانهن، هلو هلو، جيل ڏانهن"
پورو پورو عمل ڪيائون.

١٩٣٢ ۾ حاجل نعد لسرسا ٿي هن پنهنجو گهر
نوابشاهه ۾ وچي ڪيو، جو آلي سندن ڏاڏو هو. انهن ته
سندن سنڌ کان ٻاهر ۾ ڪارخانا هوا، پر سندن گهر مڃيل
ڪتبن وانگر قومي شوڪن لاءِ آشرم هئو. نوابشاهه
وڃڻ هواسو، ته رهڻ ٿالڻ جي اڻ لي ڪال لڳندي
هئي. ڏهين جا ڏينهن وڃي آڪيا پيا هوندا هوا-ون؛
ڇاڪاڻ ته هن جي ڪٽنب جو هرهڪ ڀاتي زال، مرد
ٻار قومي شيوڪ هوا. سندس لاڌي لڏهن ڪملا
ليڊز ۽ ٻار هڪڊيش، جو اڄ ڏانيدڙ هو، سرڪيج ۾ ڪٿي
جيل ۾ ويئي ۽ دڪايل شايد ان ٿان ئي شعر لکيو هو ته
"پنهنجي ابير کي وڃي قيد ٿا ۾ هلندي." اهو ٻالڪ
ابراڻي ٻاس ڪري نعد آجار ۾ وار ٻاسان گڏ سرووڊ ۾ هلچل
۾ شامل آهي. اڄ ٿالين سندن ڪٽنب هڪ قومي شيوڪن
جو ڪٽنب آهي. ڪوڙ قومي خيال کان نه ٿڙيو آهي.

پنجون پريوار – پنجون پرسنڌ پريوار هو شري
وشنداس ڪرناڻيءَ جو. هن کي ته هالاڻيءَ جي پرسان

ڪندو هو. هو انجنيري ڪاليج ڇڏي آيو هو.

پروفيسر هاسانند (جادوءَ جو اُستاد) :-

انهن ڪٽنبن سان گڏ پروفيسر هاسانند به قابل ذڪر
آهي. هن کي پٽ جي سنتان ڪانه هئي، پر هن جڻ
سرونس قوم تان قربان ڪري ڇڏيو هئو. هو پاراڻي
اوستا کان قومي هلچل ۾ آيو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين قوم
جي شيوا ۾ رهيو. وڏي ڳالهه آ سماج شيوا جي هن
اهڙي پڪ پيتي هئي، جو ساري عمر سماج سڌار جو
پرچار نه ڪندو رهيو، پر موقعو آيو نه عمل به ڪري
ڏيکاريائين. هو ڏيتي ليتيءَ خلاف عمر ڀر جهاد ڪندو
رهيو ۽ جڏهن سندس ٻن ڪڪين جي شاديءَ جو سوال
آيو، تڏهن هن ڪنهن به اهڙي ماڻهوءَ سان سڱ ڳنڍڻ
ڪان انڪار ڪيو، جو ڏيتي ليتيءَ جي دليان خلاف نه
هجي؛ يعني جنهن کي ونڻ جي دلي ڀر به ذالت هجي.
هڙو ڪٽنب هنڪي ڪاڪي ليينداس جو سمجهيو، جنهن
ي ڪٽنب جي ٻن ڇوڪرن سان پنهنجون ٻه ڪکيون
ڻايائين ۽ کين ڏيب ۾ چرخو، چڪي، چلهو، چاڏي
ڻ ڻڙي سوڏي ۽ چؤنري ڏنائين، جنهن پرچار ڪندو هو.
دس هڪ لياڻو شري شيام ڦتناڻي ١٩٤٢ جي هلچل
عيل به ويو.

ڇوڏون ڪٽنب - ڇوٽون پرسد ڪٽنب هئو
سچانند ٿيرومل جو. شري سچانند ۾ ١٩٠٨ ع

شري ڏامون مل کي ٺاروڪ نالي پٽ هو، جو ڀاڄيل ۽ ڪاهي پڻ ۽ لوشيري ۾ قومي اسڪول ۾ پڙهندو هو. هو لنڍڙو هو، پر ٻڌرو شيوڪ هو. ڪاڏي پٽدار ريءَ هي مرڪز ۾، ڪانٽرلس ۽ الس ٻن لي ايترو ڪم ڪندو هو، جيڪو ڪولي وڏو ڪم ڪندڙ ڪري. اهڙو جي اهڙي عجيب ليلا لي، جو هو هلچل هلندي لي گذاري ويو.

جڏهن سيٺ لڇومل جو گهر قومي شيوڪن لاءِ هميشه کليل هو، تڏهن ڪاڪي ٻيڌاس جو گهر به قومي شيوڪن لاءِ هڪ آشرم هوندو هو. هن جي ۽ ڪاڪي ڪٽنب جي آدار ٽا ڏسي، سنڌ گهر ۾ وڃڻ لئي ڪنهن قسم جي هچڪ ڪانه ٿيندي هئي. شاهوڪاري ۾ دل آسمان نه ۾ مال، سو ڪاڪي ٻيڌاس سان لڳي ايندو هو. ايڏو شاهوڪار ۽ ڪونه هوا، پر هنن آدار دل سان جو مهمان جي سيوا ڪندا هوا، ان مان ڪري احساس ٿيندو هو نه هڪ ٻيهڄي گهر ۾ آهيون ۽ ٻڙه ٻلي ڪڏهن قومي ڪارڪن سان جڏهن جڏهن ڪي ٻيو هڪو سنڌ اوطاق لئي نڪتو پوندو هو، ته ٻه ڌ اسان کي سنڪوچ ٿيندو هو ۽ نه ڪين.

ڪاڏي ڪاروبار ۽ قومي اسڪول جو ڪاروبار ٻه سنڌ گهر مان لٿي هلندو هو. گهڻا ماستر ٻه سنڌ ڪٽنب جا لئي هوا. نانڪرام نيڪچنداڻي سالن گذ ڪم

سنڌس پائيتيا آهارام ۽ ريلومل ماستري چيڏي اڇي
هلچل ۾ شريڪ ٿيا هئا. سنڌس وڏو پٽ هريرام، جو
اڃا شاگرد هو، اهو به سرڪاري اسڪول ڇڏي لوشهره
جي شيوا آشرم ۾ شامل ٿيو. شري ريلومل جو پاڻ شري
رو پچند به هلچل ۾ آهو. سنڌس سارو پريوار ڙالن سوڏو
کادي پائيندڙ هو.

ڪاڪو نيبنداس جڻن دادوءَ ۾ انگريزي اسڪول
بند ڪري ١٩٢١ ۾ آزاديءَ جي آندولن ۾ اچي شريڪ
ٿيو، لڻن سماج جي شيوا ۾ لڳو رهيو. مرڻ گهڙيءَ تائين
ڪاري جي جوت جڳائيندو رهيو.

١٩٢١ واري قطع تعلقات هاچل ڏان ئي کادي پيدا
ڪرڻ لاءِ ڪارخانو مڪيائن ۾ ڪيئي سال هلندو رهيو.
کادي نيڪال ڪرڻ جو ڪاريه پاڻ ئي ڪندو رهيو.

١٩٢٤ ۾ جڏهن هلچل ٿوري ماني ٿي ۽ ڪي جوان
وڏي وڃي ڪاليجن ۾ پڙهڻ لڳا، تڏهن ڪاڪو سماج
سدار هلچل ڪي لڳي ويو ۽ سماجڪ ڪم ۾ لڳو رهيو.
ڏيتي ليتيءَ جي ڪرسم چگوئي ماڻهن کي حيران ڪري
رهي هئي. هو سرگواسي حڪيم هيرانند سڌوجن واري
۽ شري صوبراج پسوهومل کنڊياري واري سان گڏ اُن
خلاف پرچار ڪندو رهيو ۽ ڏيد سوَ جيتي بندي ناهي
ماڻهن کان پرلڪيا پتر پڙائيندو هو ته هو اُن جي پيروي
ڪن. ساهتي پرچي ۾ به اهڙو ٺهراءُ پاس ڪرايائين.

ڀروسرام ۽ سيٺ پارومل

ت تاراچنداس جو پٽ شري ڀروسرام ۽ وڏي

پٽ شري ڪنورمل سمورا هلچل ۾ آيا ۽ وڏي

جماعت سان گرفتار ٿيا ۽ سمورا دالمي ڪاڌي پالبند؛

سيا ۽ ڪاڌي پيدا ڪرائڻ ۾ قومي ڪم ڪي

لڳي ويا. انهن مان سرو شري ڪيسومل، گرمکداس،

ڪيمچند ۽ ڪنورمل ته هلچلن ۾ جيل ۾ به ويا.

ڀڄو پرڪ

ڀڄو پرڪ ڪنب- قومي شيرڪن ۾ ڀڄو پرڪ

ڪنب ڪاڪي ليکداس جو هو. ان جو به سارو پراڻو

هلچل ۾ لڳي پيو. شري ليکداس ڪي

١٩٢١ ۾ قومي مڊل اسڪول هو، جنهن جو هو

ڏاڍو ۾ انگريزي مڊل ڪالدي سرڪار سان قطع

هيڊ ماستر هو. جنهن مهاتما ليکداس اهو اسڪول

تعلقات جو اعلان ڪيو، تنهن شري ڪلاس ٿي

هلندڙ ڪري پهچڻ گورنمينٽ متحان ۾ هلندو آيو. ڪاڪي

ليکداس جو به زميداري ڪنب هو. زمين

سنڌ جا ٻه شري ڏاهرومل ليداري ۾ ڪيندو هو

پهچڻ زمين ۾ سنڀاليندو هو. هڪ موقعو آهڙو

شري ڏاهرومل ڪي ڪانگريس جي عام منڊ جي

ڪارروائي جا اوت ولي انهي لاءِ حڪم ڏني ويو

هن اهو حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو، جنهن ڪري

نوڪري مان خارج ڪيو ويو. شري ليکداس صاحب

جي قومي شيرڪن ۾ عمر ۾ وڏو هو، ان ڪري شري

کان وڏي ڪمس خاڪو ليکداس ڪري ڀڄو

لاءِ آشرم نہ صرف نوشهري ۾ هو، پر ساهتيءَ ۾ ڪي اهڙا ڪتب هوا، جن جا گهر ئي ڪم ڪندڙن لاءِ جڻ آشرم هوا. انهن مان ڪن ڪتبن جو هت ڪجهه بيان ڏجي ٿو. وڏيڪ ڪتبن جو اڳتي بيان ڪيو ويندو. اهڙن ڪتبن ۾ سيٺ ٽيجومل ٻالاڻيءَ جو گهر هڪ هو.

سيٺ ٽيجومل ساهتيءَ جو هڪ وڏو زميندار هوندي بہ آزاديءَ جي آندولن ۾ پورو ساٿ ڏيڻ لڳو. اُن زماني ۾ وڏن زميندارن کي ڪرسي عطا ڪئي ويندي هئي يعني جي ڪٿي بہ سرڪاري آفيس يا ڪورٽ ۾ وڃن تہ کين ڪرسي ڏني وڃي ۽ انهن کي معزز ماڻهو ڪري ليکيو ويندو هو. سرڪار سيٺ ٽيجومل جو قومي هلچل طرف جهڪاءُ ڏسي، لنهنڪري هن ڪرسي ۽ آنرري مئجسٽريٽ جو عهدو ۽ بندوقن جا پروانا ڦٽائي ڇڏيا. هن اُن ڳالهه جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪئي ۽ کادي پائيندو رهيو ۽ سندس گهر قومي شيوڪن لاءِ هميشه کليل رهندو هو. قطع تعلقات جي هلچل ۾ نوشهري ۾ ڪانفرنسون ٿينديون هيون يا ڪي وڏا اڳوان ايندا هوا تہ سيني لاءِ ڏڌ مکڻ سندس گهر مان آڻيندا هواسون ۽ اڳوانن جو کاڌو سندن گهرن ۾ ٿيندو هو. سندس سپتر سروشري هوندراج، ڪيسومل، گرمکداس ۽ لهرومل هلچل ۾ آيا. اُن سان گڏ سندس ڀائرن جو اولاد سيٺ چيتنداس جو پٽ شري ڪيمچند،

هندو جو مهاتما گانڌي پنهنجي "ينگ انڊيا" ۾ ساهتيءَ جي ڪم ۽ ڪم ڪندڙن جي قربانيءَ جي ساراهه ڪئي هئي. ان سڄي جوڙجڪ ڪم جو هڪ وڏو آڌار هو شري ٻوسرام ٻالاڻي. هن جي سرڳواس بعد خاص ڪري کاديءَ جي پيدائش کي ڌڪ لڳو. ساهتيءَ ۾ هلندڙ کادي ڪارخانا گهٽ ڪري سڀ مالي ڪوشش ڪري بند ٿي ويا ۽ باقي نوشهره فيروز ۽ هالاڻيءَ ۾ ئي قائم رهيا. قومي اسڪول به بند ٿي ويا ۽ باقي پرچار ۽ پيا ڪارج جاري رهيا.

بيلگام اجلاس - ڊسمبر ١٩٢٤ع ۾ بيلگام ۾ ڪانگريس جو اُڻٽاليهون اجلاس مهاتما گانڌيءَ جي پرزيڊنٽيءَ هيٺ ٿيو. ان اجلاس ۾ سوراج پارٽيءَ جي مخالفت مٽائڻ لاءِ گانڌي-داس-نهرو ٺاهه، جو آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ قبوليو هو، سو قبوليو ويو. ان کان پوءِ مهاتما گانڌي گهڻو وقت پنهنجو سڄو ڌيان هندو مسلم ايڪتا ۽ ٻين جوڙجڪي ڪمن کي زور وٺائڻ لاءِ ڏيڻ لڳو.

ملڪ ۾ هڪ طرف ڪائونسلن وغيره ۾ گهڙڻ جو پرچار هلڻ لڳو ته ٻئي طرف ملڪ ۾ ڦهليل فسادن ڪري پنڊت مدن موهن مالويه، لالا لجپتراءِ ۽ سوامي شرڌانند پارا هندو سنگٺن جي هلچل هلائڻ لڳا. هنن ڳالهين جو اسان جي ضلعي تي به ڪجهه اثر پيو.

کي برک ڪٽنب - ساهتيءَ ۾ قومي ڪم ڪندڙن

شري پرسرام جو ديهانت

ـ شري پرسرا[م]
ٽارائڻداس ٻالاڻي هڪ لاکيڻو لعل قربانيءَ جو پتلو هو.
هن ديش سيوا جي ميدان ۾ گهڙڻ بعد سڀ سک ليائي
ڇڏيا هئا. وڏگهراڻي زميندار ڪل جي پيار هوندي ٻ
تن کي لتا ڏيئي، رات ڏينهن سيوا جي ڪارڻ ۾
مست هوندو هو. قومي ديوانو هو. پتلو شرير هوس
پر منجهس جيڪو اُمنگ، اُتساهه ڪم ڪرڻ جي چيڪا
لگن هئي، انهن جو ذڪر ڪير ڪري سگهندو؟ اهڙو
قربانيءَ جو پتلو فيبروري ١٩٢٤ ۾ راهه رباني وٺي ويو.
گهڻي ڪم سندس تن کي ڍاهي ڇڏيو هو. هن جي
سرگواس نـــ رڳو سندس جنم آستان نوشهره فيروز
۽ ساٿيءَ ۾ افسوس جي لهر پيدا ڪئي، مگر سڄيءَ
سنڌ مان اَفسوس جا آواز پڌرا ٿيا.

هن ساٿيءَ جي سورهيه سپاهيءَ، قومي پتنگ جي
پرلوڪ پڌارڻ ڪري، ساٿيءَ جي جوڙجڪ کي ڪم
کي ڌڪ رسي.

ڪم جي لحاظ کان نوابشاهه ضلعي جي
نوابشاهه ۽ نوشهره فيروز ٻن ڊويزن کي سنڌ پرانتڪ
ڪانگريس ڪاميٽيءَ ٻن ڀاڱن نوابشاهه ضلع
ڪانگريس ڪاميٽي ۽ ساٿي ضلع ڪانگريس ڪاميٽي
۾ ورهايو هو. اِن مان ساٿي ضلع ڪانگريس ڪاميٽيءَ
ياران کي بلڪل زور شور سان هلندو رهيو ۽ ايتري

روزاني ۽ "وائس آف انڊيا" هفتيوار (انگريزي) اخبارون جاري ڪيائين ۽ اتي آشرم کوليائين، مگر روزاني شڪتي ٿورو وقت جاري رهي، ٿورو وقت پنهنجي گرم خيالن جي پرچار سبب ترڪ ٿجي واٽي ۽ سرڪار ڪوشش ڪرڻ لڳي ته جيئن اها اخبار ڪيئن بند ٿئي. ان لاءِ هڪ ڏينهن "شڪتي" اخبار جتان نڪرندي هئي، انهيءَ پريس جي جڳهه جي الهيءَ ڪرائيءَ، جنهن ۾ اخبار لاءِ پني جو هزارن جو ڀنڊار رکيل هو، تنهنکي باهه ڏياري. ان بعد وري "شڪتي" هفتيوار ٿي، شري کيمچند ٻالاڻيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ نڪرڻ لڳي.

مهاتماجيءَ جي آزادي- مهاتما گانڌيءَ کي مارچ ۱۹۲۲ ۾ ڇهه سال سزا ڏيئي جيل روانو ڪيو ويو هو، پر سندس سخت بيمار ٿي پوڻ ڪري کيس ۴ فيبروري ۱۹۲۴ تي آزاد ڪيو ويو ۽ سندس آپريشن ڪيو ويو. ان وقت ڏکڻ هندستان ۾ ڪوهاٽ ۾ موپلن هندن سان اياچار ڪيا هئا ۽ ڪيترو قتلام ٿيو هو. ڪي مسلمان اڳواڻ به هندن خلاف زهر اوڳاري رهيا هئا. اهڙيءَ مئورليءَ ۽ وايومنڊل مهاتما گانڌيءَ جي دل کي سخت صدمو رسايو ۽ ڪوهاٽ جي قتلام سبب هندو مسلم ايڪتا واسطي سيپٽمبر ۱۹۲۴ ۾ ۲۱ ڏينهن ورت رکيائين.

سال ۱۹۲۲ ۾ نوابشاه ضلعي ۾ جيڪي ناٽڪ شري
نيوندرام ڪرائيندو هو، تن ۾ راجا هرشچندر جو بـ
ڪيل منچ تي ڪندا هوا، انهن ۾ وشوامتر جو پارٽ
شري شوانند ڪندو هو، جو هو سنياسي ٿي چڪو هو ۽
سواميءَ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. شري نيوندرام
خود راجا هرشچندر ٿيندو هو.

زمين ضبط- ۱۹۲۲ ۾ شري کيمچند ٻالاڻيءَ جي
جيل وڃڻ بعد سيٺ ليکومل ٻالاڻيءَ جي ڪٽنب جي
زمين ۾ جيڪا زمين سيٺ چيتنداس جي نالي ۾ هئي،
جا سندس ڏيهانت بعد شري کيمچند جي نالي ڪئي
وئي هئي، سا سرڪار ضبط ڪري ڇڏي. سنڌ ۾
زمين ضبط ڪرڻ جو اهوئي مثال ٿيو هو. هن انوت
خلاف بمبئي اسيمبليءَ ۽ پارليامينٽ ۾ سوال اٿيا، ۽
زمين موٽائي ڪانه ڏني وئي.

شڪتي روزاني روپ ۾- ۱۹۲۳ جي آخر ۾
سوامي گووندانند جيل مان آزاد ٿيو ۽ نوشهره جي ڪم
ڪندڙن جي زور ڀرڻ تي نوشهره جي شيوا آشرم ۾
اچي رهيو ۽ ”شڪتي“ اخبار هفتيوار مان روزاني
ٿي، سوامي گووندانند جي سمپادڪيءَ هيٺ نڪرڻ
لڳي. اها روزاني اخبار گهڻو وقت نه هلي، جو سوامي
جن هڪ ننڍڙي شهر ۾ رهي ڪم ڪرڻ پنهنجي خيال
موجب نيڪ ڪين ڄاتو ۽ ڪراچيءَ وڃي ”ڪيسري



(شري شوانند شيوڪرام)

شوانند شيوڪرام ”شڪتيءَ“ جي ايڊيٽر رهندي ڪيترا ڀيرا جيل ويو. ڏنهن ايترو مگر هو هڪ سٺو قومي ڪم ڪندڙ ٿي رهيو. هو سڄيءَ سنڌ جا پيو چڪر هڻندو هو ۽ جيڪي جوڙجڪي ڪم هلندڙ هئا، تن لاءِ خوب ڌن ڪٺو ڪري ايندو هو.

اسان جي ضلعي ۾ جتي به ڪو زميندار يا عملدار ڪو ظلم ڪندو هو، ته اُن جي وڃي جاچ ڪري ايندو هو ۽ اخبارن رستي اُنهن جي اوگهڙ ڪندو هو. ساهتيءَ جي ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن ۾ لٽريچر رستي پرچار ڪرڻ ۾ ڏ چڱو ڀرو وڌندو رهندو هو.

۱۹۱ لي ”شڪتيءَ“ جي ايڊيٽر شري کيمچند ٻالاڻيءَ
ب اخبار ۾ ٻغاوتي ليکن لکڻ ۽ اهڙيون تقريرون ڪرڻ
ڪري هڪ سال جيل موڪليو ويو ۽ اُن بعد شري
مکنداس ليکومل ٻالاڻي ”شڪتيءَ“ جو ٻيو ايڊيٽر
ٿيو. اُن کي ظلمن جي اوگهڙ ڪرڻ ڪري بدناموسي
ڪيس ۾ اڙائي ۳ مهينا جيل روانو ڪيو ويو. اُن کانپوءِ
”شڪتيءَ“ جو ٽيون ايڊيٽر ٿيو بمبئيءَ جي موجوده
”هندواسيءَ“ جو ايڊيٽر شري مانسنگهه چوهڙمل. هن
کي به سرڪار گهڻو وقت ايڊيٽر رهڻ ڪين ڏنو ۽ اُن
کي به بدناموسي ڪيس ۾ هڪ مهينو جيل روانو ڪيو
ويو. ”شڪتيءَ“ جو چوٿون ايڊيٽر ٿيو شري شوانند
شيوڪرامي. هن رشوتخور عملدارن ۽ ظالمن جي چوڏن
لاهڻ لي ڪمر ڪشي. هن کي به بدناموسيءَ جي ڪيس
۾ اڙائي ٽي مهينا جيل ۾ بند ڪيو ويو. ليسنائين شري
کيمچند ٻالاڻي جيل مان آزاد ٿي آيو هو ۽ وري اچي
”شڪتيءَ“ جو ايڊيٽر ٿيو ۽ پنهن جي زبردست قلم
سان سرڪار خلاف پرچار ڪندو رهيو. وري جڏن شري
شوانند آزاد ٿيو ته اچي ”شڪتيءَ“ جو سمپادڪ ٿيو ۽
وري وري چار دفعا جيل ويو. آخر ۾ ۲۳ جولاءِ ۱۹۲۳ ۾ هن کي
”شڪتيءَ“ ۾ ”ظالمشاهي راڄ“ ليک ڇپڻ ڪري ۱۲۴ قلم
ٻغاوت جي ڏوهه هيٺ ٻارهن مهينا جيل روانو ڪيو ويو.

شري شوانند- مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته شري

۽ ڦهجي ته سي پلي انهن ۾ گهڙن ۽ ان خلاف پرچار بلڪ
ڪيو ويو. ان اجلاس ۾ لاڳور جي قومي جهنڊي جي
ستياگره جي سوڀ لئي وانڌارن ڏيون واعدن. پڻ
جوڙجڪي ڪم جي رٿا ۽ ستياگره ڪي زور وٺائڻ جا
انهراءِ بحال ڪيا ويا.

ڪڇهن ماناڻي- ڪانگريس ۾ قومي ڪسي ٽارڻ
لاءِ دهليءَ جي خاص ڪانگريس اجلاس ۾ ڏومي ۴
ورڪي اعتراض ته رڪندڙن کي ڪائونسلن، ارڪل
بورڊن، ميونسپالٽين وغيره ۾ گهڙڻ جي اجازت ڏني
وئي، ۽ ڪي اڳوان مهاتما جي خيال جي ور ق
هلچل هلائڻ لڳا. ان سان گڏ ڪائونسلن ۾ گهڙڻ لاءِ
سوراج پارٽي قائم ٿي، جنهن ۾ لالا لجپت‌راءِ، پنڊت
موتيلعل نهرو، ديش بنڌو چترنجن‌داس پارا ڪيترا
چوٽيءَ جا اڳوان هئا.

هوڏانهن مهاتما گانڌي چوري چورا جي حادثي
بعد ستياگره معطل ڪيو هو ۽ ان بعد پاڻ جيل ۾ ويو
هو، انگريز اسٽيڪار هلچل ۾ ذرا ماڻائي اچڻ لڳي،
مگر جوڙجڪي ڪم جيئن جو ليئن اڻبدو رهيو.

سرڪار ”شڪتيءَ“ پنيان- ١٩٢ اڳ جا ٽائيم ويو
آهي ته شڪتي هفتيوار اخبار لـ فقط نوابشاه ضلعي ۾
ٻر سڄيءَ سنڌ ۾ ترڪ قومي اخبار ليکي ويندي هئي،
۽ سرڪار جي اُن تي سدائين ڪڙي نظر رهي. ۷ مارچ

وشواس ظاهر ڪيو ويو. انگريءَ ديش بنڌو چترنجن داس استعفا ڏني. هن اجلاس ۾ اسان جي ضلعي مان سيٺ تيجومل جا سپتر سرو شري هوندراج ۽ ڪيسومل ۽ سندس سوٽ شري ڪوٽومل بالاڻي ۾ شامل ٿيا هئا. اهو اڳ ظاهر ڪيو ويو آهي ته ڪيئن ان اجلاس لــان موٽندي رستي ۾ شري هوندراج جو ديهانت ٿيو.

قومي جهنڊي جو ستياگره – ۱۹۲۳ ۾ سرڪار ناگپور ۾ قومي جهنڊي تي بندش وڌي. انهيءَ ڳالهه سڄي ديش ۾ ڏاڍو ڪاءُ پيدا ڪيو ۽ انهيءَ بندش جي خلاف شري جمنالعل بجاج جي اڳوانيءَ هيٺ ستياگره ڪيو ويو. جنهن ۾ سڄي ڀارت مان ڪيترن ستياگرهين ڀرتي ورتي. سنڌ مان به ٽي ستياگرهي هڪ سکر جو جوان ۽ ٻه ساهتيءَ جا نوجوان شري ڪوڙومل ٿلومل ايپينداڻي نوشهره وارو ۽ ٻيو شري نرسنگهه لال ٺامومل اڏوان وارو اسان جي ضلعي ڪانگريس پاران موڪليا ويا، جن کي سال سال سخت پورهئي سان سزا ڏني ويئي، پر آخر سرڪار آڻ مڃي ۽ بندش لاٿي ۽ سڀني ستياگرهين کي آزاد ڪيو ويو.

خاص اجلاس – ۱۹۲۳ ۾ وري ڪانگريس جو خاص اجلاس مولانا ابوالڪلام آزاد جي زير صدارت دهليءَ ۾ ٿيو. ان ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ته جن کي ڪائونسل ۾ گهڙڻ لاءِ ڪو ڌرمي يا وڪيلي اعتراض

سروجني نائيڊو ۽ ٻيا ڪيترا گرفتار ڪري جيل اندر
اماڻيا ويا هئا. ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ به شري جيرامداس،
ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، پروفيسر گهنشيام شوداساڻي،
سروشري پرسرام وشنداس، ويرومل ٻيگراج، سوامي
گووندانند ۽ چوئٿرام وليچا، هيرانند ڪرمچند، وشنو
لٺارام ۽ لوڪرام شرما، پنڊت دوارڪا پرساد شرما ۽
ٻيا ڪيترائي مکيه ڪم ڪندڙ ڪرشن جنم ڀومي (جيل)
جي ٻارا لي روانا ڪيا ويا هئا، پر ماڻهن جو اُتساهه
ڪونه گهٽيو هو.

خيال ۾ موڙ- ڊسمبر ۱۹۲۱ ۾ جيڪو احمدآباد
۾ آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس ٿيو هو، جنهن لاءِ
رٿيل پريزيڊنٽ ديش بنڌو چترنجن داس کي اڳواٽ
گرفتار ڪيو ويو هو، ان ڪري اهو اجلاس حڪيم
اجمل خان جي پريزيڊنٽيءَ هيٺ ٿيو. ان ۾ اسهڪار
هلچل کي زور وٺائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. ان
اجلاس ۾ اسان جي ضلعي مان شري ڪيمچند ڀالاڻي
شامل ٿيو هئو.

ٻئي سال ۱۹۲۲ جي ڊسمبر ۾ ڪانگريس جو اجلاس
گيا ۾ ديش بنڌو چترنجن داس جي پرڌانپڻي هيٺ ٿيو
هو. اُن اجلاس ۾ ڪن اڳوانن رٿ ڏني ته ڪائونسل
۾ گهڙي، سرڪار جي گهر ۾ گهوٽالو پيدا ڪجي؛ مگر
اهو اُهراءُ ڪري ڇڏيو ۽ وري به مهاتما گانڌيءَ ۾ ڀروس



شريمتي ڪرشناديوي هئي ۽
سڄاڻ سمپادڪ شري گلابراءِ
شونداس سانو ڻائي هو. اِها اخبار
چڱي پياري ٿئي ۽ راجنيتيءَ
سان گڏ سماجڪ خرابين خلاف
چڱو هٿيار ثابت ٿي. ڪن سالن
بعد مهينوار ڪتابي صورت ۾
نڪرندي رهي. ان بعد عربي
سنڌيءَ ۾...

١٩٢١ ۽ ١٩٢٢ - هيل سوڌو (دادي ڪرشناديوي)

اِهو ڏيکاريو ويو آهي ته ١٩٢١ ۽ ١٩٢٢ ۾ اسان جي نوابشاه ضلعي ۾ ڪيئن قومي هلچل هلندي ۽ زور وٺندي رهي. ان زماني ۾ ساڳيءَ طرح سنڌ ۽ هند ۾ دن بہ دن اسهڪار (قطع تعلقات) جي هلچل زور شور سان هلندي رهي. مهاتما گانڌي گرفتار ٿيو، اُن کان اڳ سڄي ديش ۾ سرڪار ڏاڍ کان خوب ڪم ونندي هي ۽ گهڻو ڪري سڀ قومي اڳوان لالا لجپتراءِ، نڊت موتي لعل نيهرو ۽ سندس سپتر پنڊت جواهر لعل، ري چترنجن داس، مولانا شوڪت علي ۽ مولانا محمد ي، ڊاڪٽر انصاري، حڪيم اجمل خان، مولانا والڪلام آزاد، ڊاڪٽر راجيندر پرساد، آچاريہ وترام ڪرپالاڻي، ڊاڪٽر ڪچلو، ڀارت جي بلبل

زال سميت هليو ويو. شڪارپور ۾ جڳو لساڻي پيدا ٿيو. اهو سوال شري مالسنگهه انگريزي اخبارن ۾ ڪڍيو. ان باري ۾ نه فقط ايمپيريل ڪائونسل ۾ سوال هليا مگر انگلنڊ جي پارليامينٽ ۾ به. ان جو نتيجو اهو ٿيو، جو ڪليڪٽر کي نوابشاهه ضلعي مان ٻي بدلي ڪيو ويو.

اهڙيءَ طرح اسان جي ضلع ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جا اهڙي دور ڪرڻ لئي به پورو لوڇ ڏيندا هوا. جي مٿن ڪا تڪليف ايندي هئي ته ان جي پرواهه نه ڪندا هوا. شري شوانند نه ڪيتي اخبار دوارا اهڙن ظلمن جي اوگهڙ ڪندي ڪترادفعا حمل ويو، پر پٺتي ڪين هٽيو.

جي ڏڪر، يونٽي وچڙندڙ بيماري اچي نازل ٿيندي هئي ته به قومي ڪم ڪندڙ پيش قدمي ڪندا هوا ۽ مددگار ٿيندا هوا. ان ڪري سڄي ضلعي ۾ عام ماڻهن جي دلين ۾ قومي ڪم ڪندڙ پنهنجي لاءِ هڪ قسم جي شردا پيدا ڪري سگهيا.

ماتا اخبار- قومي پرچار کي زور وٺائڻ لاءِ نوشهرو فيروز مان "شڪتي" هفتيوار اخبار به نڪرندي رهندي هئي، پر انهن ڏينهن ۾ جڏهن سنڌي نه ڄاڻندا هئا ۽ خاص ڪري زالون، جيڪي گرمکي ڄاڻنديون هيون، ان ۾ پرچار کي زور وٺائڻ لاءِ گرمکيءَ ۾ "ماتا" هفتيوار اخبار جاري ڪئي ويئي، جنهن جي سمپادڪا



شريمتي ڪرشناديوي هئي ۽
سڄا ڪ سمپاد ڪ شري گلابراءِ
شونداس سانوڻاڻي هو. اِها اخبار
چڱي پياري ٿي ۽ راڄنيتيءَ
سان گڏ سماڄڪ خرابين خلاف
چڱو هٿيار ثابت ٿي. ڪن سالن
بعد مهينوار ڪتابي صورت ۾
نڪرندي رهي. اُن بعد عربي
سنڌيءَ ۾.

۱۹۲۱ ۽ ۱۹۲۲ - هيل سوڌو (دادي ڪرشناديوي)

اِهو ڏيکاريو ويو آهي ته ۱۹۲۱ ۽ ۱۹۲۲ ۾ اسان جي
نوابشاه ضلعي ۾ ڪيئن قومي هلچل هلندي ۽ زور
وٺندي رهي. اُن زماني ۾ ساڳيءَ طرح سنڌ ۽ هند ۾
ڏن ۽ ڏن اسهڪار (قطع تعلقات) جي هلچل زور شور
سان هلندي رهي. مهاتما گانڌي گرفتار ٿيو، اُن کان
اڳ سڄي ديش ۾ سرڪار ڏاڍ کان خوب ڪم وٺندي
رهي ۽ گهڻو ڪري سڀ قومي اڳوان لالا لجپتراءِ،
پنڊت موتي لعل نيهرو ۽ سندس سپتر پنڊت جواهر لعل،
شري چترنجن داس، مولانا شوڪت علي ۽ مولانا محمد
علي، ڊاڪٽر انصاري، حڪيم اجمل خان، مولانا
ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر راجيندر پرساد، آچاريه
جي تارام ڪرپالاڻي، ڊاڪٽر ڪچلو، ڀارت جي بلبل

زال سمسم هليو ويو. شهر ۾ ڳڻو لـاءِ پيدا ٿيو. اهو
سوال شري ماسنگهه انگريزي اخبارن ۾ ڪيو. ان باري
۾ نه فقط هندي ڪائونسل ۾ سوال هليا مگر انگلنڊ جي
پارليامينٽ ۾ به. ان جو نتيجو اهو ٿيو، جو ڪلڪٽر
کي نوابشاهه ضلعي مان ٿي بدلي ڪيو ويو.

اهڙيءَ طرح اسان جي ضلع ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن
جا اهنج دور ڪرڻ لئي ۾ پورو لوح ڏيندا هوا. جي
مٿن ڪا تڪليف ايندي هئي ته ان جي پرواهه نه ڪندا
هوا. شري شوانند ته شڪتي اخبار دوارا اهڙن ظلمن
جي اوگهڙ ڪندي ڪترادفعا جيل ويو، پر پٺتي ڪين
هٽيو.

جي ڏڪر، پوءِ يا وڏڙاڻز بيماري اچي نازل ٿيندي
هئي ته به قومي ڪم ڪندڙ پيسو ڪٺو ڪندا هوا ۽
مددگار ٿيندا هوا. ان ڪري سڄي ضلعي ۾ عام ماڻهن
جي دلين ۾ قومي ڪم ڪندڙ پنهنجي لاءِ هڪ قسم جي
شردا پيدا ڪري سگهيا.

ماتا اخبار- قومي پرچار کي زور وٺائڻ لاءِ نوشهره
فيروز مان ”شڪتي“ هفتيوار اخبار ته نڪرندي
رهندي هئي، پر آهن ڏينهن ۾ جيڪي سنڌي نه ڄاڻندا
هئا ۽ خاص ڪري زالون، جيڪي گرمکي ڄاڻنديون
هيون، ان ۾ پرچار کي زور وٺائڻ لاءِ گرمکيءَ ۾ ”ماتا“
هفتيوار اخبار جاري ڪئي ويئي، جنهن جي سمپادڪا

۽ هو ڪين انصاف وٽ لڌائي.

شري مانسنگهه ڪي جڏهن اُهي بيان پهتا، تڏهن هن اُهو سارو ڪيس پريس تارن ذريعي بمبئيءَ ۽ لاهور جي انگريزي روزانين اخبارن ڪي لکي موڪليو. ان تي ديوان پرڀسنگهه بمبئي ڪائونسل ۾ اُن باري ۾ سوال پڇيا. نتيجو اهو ٿيو، جو وڏا عملدار سونهري ڪوٽ ۾ جاچ ڪرڻ لاءِ پهچي ويا. کين پورا ثبوت مليا. ان ڪري واسطيدار صوبيدار کي نوڪريءَ مان موقوف ڪيو ويو.

شري مانسنگهه جو ڪم ۽ لکڻ ڪيتري قدر اثرائتو ٿيندو هو، تنهن جو هڪ اِهو مثال آهي. نوابشاه ضلع جو ڪليڪٽر مسٽر سيجوڪ نوشهري ۾ آيل هو. هو شام جو گهمڻ نڪتو هو. شري هريداس برهمچاري ۽ ٿيرا آشرم جي وديارٿين کي جهنگل طرف گهمائڻ نڪتو هو. واٽ تي ڪليڪٽر کي ڏسي آشرم جي وديارٿين مهاتما گانڌي ۽ ڀارت ماتا جي جئه جا نعرا هنيا. اهي ٻڌي ڪليڪٽر لهي ٻاهر آيو ۽ آشرم جي منيجر شري هريداس کي چوڻ لڳو ته ”جئه جارج پنجم کي چئو.“ هن چيو ته ”مان چوندس ڀارت ماتا کي جئه - مهاتما گانڌي کي جئه.“ ان تي ڪليڪٽر کيس گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ ڪيس لت هڻي ڪيرايائين ۽ لڪڻ اولاريائين. ان تي وديارٿين وري وڏيڪ نعرا هنيا. تڏهن ڪليڪٽر

هو، پر ساڳئي وقت کان پوءِ قومي روزاني انگريزي اخبار جو خاص خاطر هو. هفتيوار ”شڪتي“ اخبار، جا لوشهري مان نڪرندي هئي، ان جو سـ سمپادڪ ٿي رهيو. ان ڪري نوابشاه ضلع ۾ هيڪي ڪم ڪندڙ گرفتار ٿيندا هوا ۽ ولاتي ڪپڙي ۽ شراب پهچڪار جون جيڪي هلچلون هلنديون هيون يا وڌيون، سبني، شاعرڪارن ۽ پوليس طرفان غريبن تي ظلم ٿيندا هوا ته انهن جي بابت ۾ قدم به ڪانگريس ڪم ڪندڙ کڻندا هوا. ان زماني ۾ سکر، لاڙ، رساتي ۽ غريبن تي ظلم روا جي ڳالهين لکنديون هيون.

هڪ دفعي ٿاروشاه پوسان سواوريءَ گـرپت ۾ هڪ چوريءَ جي معاملي ۾ پوليس جي جاچ هلندي، ٿاروشاه جي صوبيدار ڳوٺاڻن کي چوريءَ جي سچي ڪرائڻ لاءِ پيشاب پيارپو.

اها ساري وارادات ”شڪتي“ اخبار وٽ آئي. شري مالسنگهه اهـه درخواست شري شوالند کي ڏني ته وارداتن جي، پوري پڇا ڪري ۽ ڪيس حقيقت کان واقف ڪري. شري شوالند واسطيدار ماڻهن سان وڃي ڳوٺه ۾ مليو. ان زماني ۾ قومي ڪم ڪندڙ عڪ هستي ليکيو هـو. هن جي ليڊري ڪري آفيسر ڊواه وڏ وڏيرا ڪانئن ڪن هٽندا هوا. ان ڪري ڳوٺاڻن ٿيا سنڪرج جي ساڳيا بيان شري شوالند کي لکي ڏنا

هن وقت ”هندستان“ اخبار جو جنرل مئنيجر آهي.
مان جڏهن ساهتي ضلع ڪانگريس آفيس نوشهري ۾
ويندو هوس، تڏهن شري مانسنگهه کي ڪم ۾ مصو
ڏسندو هوس ۽ سندس دفتر ۾ پٽ جي سهاري ڪيترا
ڪاٺ جا خانا هوندا هوا. هر ڪنهن خاني ۾ ساهتيءَ جي
هر ڳوٺ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ٿيندڙ ڪاريه جي
باري ۾ فائيل ۽ لکپڙه پيئي هوندي هئي. اُن وقت
ڳوٺن ۾ ڪانگريس جو ڪافي ڪاريه هلندو هو، جنهن
جي رپورٽ ضلع آفيس ۾ باقاعدي ايندي هئي ۽ هو صاحب
اُن آڌار تي ڪم جي ڳڏيل رپورٽ ناهي، پرانتڪ
ڪانگريس ڪاميٽيءَ کي موڪليندو هو. تنهن ڪانسواءِ
پيسي جي به ڪافي ڏي وٺ ٿيندي هئي. لاڪ فنڊ
ڪٺو ٿيندو هو. ڪادي ڪارخانا پرديش ڪانگريس
ڪاميٽي هلائيندي هئي، اُنهن جو حساب، ڪانگريس
ميمبرن جي چندن جو ڪجهه حصو ضلع ۾ رهندو هو
۽ ڪجهه حصو پرانتڪ کي موڪليو ويندو هو، ان
سموري حساب ڪتاب ۽ لکپڙه کي منهن ڏيڻ جو ڪم
شري مانسنگهه جو هو. سندس سهايڪ منتري شري
سرام ٻالاڻي هو. ١٩٢١-١٩٢٢ جي زماني جي ڳالهه
هي. مانسنگهه نه فقط ضلع ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري
ي رهيو ۽ ڪانگريس ڪاميٽين جو حساب ڪتاب
ڪندو هو ۽ سڄي ضلع ۾ ڪاريه ڪرم تي نظر رکندو

منهنجو ڇاڇو ٻالي هيرانند، جنهن وٽ منهنجي ٻاري ۽ شڪايت ڪئي هئي، تنهن شاهوڪاري ڪٽنب ۾ هوندي به سنسار جو تياڳ ڪيو هو ۽ تڪاٿي ۾ رهي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪندو هو، ان ڪري اسان جي گهر جا ٻالي سندس گهڻي عزت ڪندا هوا. اما مون کي سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائين. مون کيس ڪلي جيئن ته ”اما، مان هاڻي سائو ڪانو ڪونه آهيان، جو مڙڻي سگهان. ڇول مليو ته خوشي ٿيندي.“ اماڻ ڏک هٿڙ لاءِ هٿ مٿي ڪيو پر ڏک هٿڙ لي دل نه ٿيس. هٿ مٿي ئي رهجي ويس. ڪلي چيائين ته ”ڇڪو هل، هلي ماڻي کاءِ.“

ساڳيو قاضي عبدالرحمان پنهنجي گوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو ته واٽ تي ڏٺائين ته شري ٽيڪداس ۽ شري ليوندرام پنڌ وڃي رهيا هوا. اڳيان گڏه تي ڪاٺيءَ جا ٿان هئا. ڪاڪي سائينءَ جي هٿ ۾ گڏه کي هڪلڻ لاءِ سوٽي هئي. قاضي عبدالرحمان ڪاڪي جو شاگرد رهي چڪو هو. جڏهن کيس ڏٺائين، تڏهن وٽي کيس پيري پيو ۽ چيائينس ته ”اُستاد سائين! اوهان جهڙي سچائيءَ اڳيان آزاديءَ کي به اچي سلام ڪرڻو پوندو.“

شري مانسنگهه جي جدوجهد

ضلعي الدر جيڪر ڪم هلندو هو، اُن جي جوڙجڪ جي ڪم ڪرڻ جو شرف شري مانسنگهه چوهڙمل کي پراپت هو. هو ضلع ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري هو،

ني کين موڪليندا هوا.

قاضي عبدالرحمان- قاضي عبدالرحمان بي.اي
پاس ڪيل هئي ۽ اسان جي ساٿين ۾ اچي مسيت
ڳوٺ جو زميندار هو. هو هلچل ۾ هڪ سال جيل ڪاٽي
آيو. هو آڪٽوبر ١٩٢٢ کان پرديش ڪانگريس ڪاميٽي ۽
جو پريزيڊنٽ هو. هو ١٩٢٢ جي پڇاڙي ۾ جيل مان
ڇٽڻ بعد پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ويندي، اسان جي پرڻ
۾ اچي لٿو ۽ عام ميڙ ۾ تقرير ڪرڻ جي لاءِ ڏيکاريائين.
اُن وقت سانجهي ۽ جا پنج ٿيا هوا. وري رات جو نئي
هن کي اڳتي وڃڻ جو ويچار هو. مون اُن وقت نئي
ڊڪائي مان گهنڊ ڪنيو ۽ ڳوٺ ۾ پڙهو ڏنئي آيس ته
"قاضي عبدالرحمان، جو شيطان سرڪار وٽ ٻارهن مهينا
مهمان هو، سو اڄ ڇٽي آيو آهي. اڄ ۽ جو ڪادي پنڊار
وٽ هينئر ليڪچر ڏيندو."

هي ۽ منهنجو پڙهو جو منهنجي ڪاڪي ٻڌو، لنهن
وڃي منهنجي ۽ ماءُ سان ڳالهه ڪئي ۽ ڪيس چيو ته مون
ني هينئر ئي پورو ضابطو رکي. جي سڪو ڪانو ٿي
وڃ ته پڇي پوندو، پر مڙندو ڪونه. صلاح ڏنائين
ته سوٻل ئي مونکي ڪنهن ڪوٺي ۾ پوري ڇڏي،
نه ته وڃي جيل جي ڪوٺي ۾ سڙندو پوندس.
پبلڪ ميٽنگ پوري ٿيڻ بعد مان گهر آيس ته ڏٺم
ته اَما ڪنهن خيال ۾ ويهو هئي.

آزمودا ٻڌايائين ته جيڪڏهن ٻاهوچيءَ جي خيالن جي
مان ڪجهه اُٿڻ هلندو آهيان ته هر مون کي مجاز لاءِ
ڪيئن ورتو ڪندو آهي.

گرفتارين جو اثر - ١٩٢١ جي اسهڪار آندولن
۾ ٻهراڙي ٿڙن ڪري ڪري اسان جي نوابشاه ضلع
۾ ڪافي قومي شوڪن کي سرڪار ١٠٨ قلم هيٺ
ڪيس هلائي هڪ هڪ سال جيل جي سزا ڏني، جن
۾ شري سچانند ٿيرومل ٺاراڻي هالاڻيءَ، مان پروفيسر
هاسانند جادوگر ڪنڊياري مان، سرو شري ڪيسومل
لڇومل هالاڻي، ماستر گوبندرام ۽ شري ڪمچند جيتنداس
هالاڻي نوشهري مان، شري ڏرمداس شهدادپور مان،
شري ٿالومل ڪمچند پگت پڏعيدن مان، قاضي
عبدالرحمان اچي مسبسوارو ڏيري مان، مولوي عبدالله
ڪاٺواهڻ مان ۽ ٻيا شوڪ هوا.

اسان جهڙي شاهي ۾ اهڙي سزائن جو ملو اثر ٿيو.
هاچل جڻن جو ڪن هلندي رهي. جتي ڪٿي قومي شوڪ
گرفتار ٿيندا هوا يا کين سزا ملندي هئي، اُتي آلي ڪين جلسا
وڏي ڌومڌام سان سرگس ۾ جيل ۾ ڇڏي ايندي هئي.
ڪن هند ته گهوڙن لي چاڙهي، ڪن سرگس ۾ گهمائي،
جيل وٽ وڃي ڇڏيندا هوا ۽ جيستائين هُن کي سزا
ملي، ليستائين سڀڏن سڀ جيلن ۾ پوري پرواهه
ڪندا هوا ۽ ڪٿي ته هوندا هوا ته مالي آڪي ماٺهو

جيل مان آزاد ڪري ڇڏيائون. اها سڌ ۾ ستياگرهه جي
پورڻ سوڀ ٿي. اهو ۱۹۲۲ جو نومبر جو مهينو هو.

ديوداس جي آمد- فيبروري ۱۹۲۳ ۾ مهاتما گانڌيءَ جو سپتر ديوداس، جو پوءِ دهليءَ جي مشهور انگريزي اخبار "هندستان ٽائيمس" جو ايڊيٽر ٿيو، سو نوشهره فيروز ۾ پڌاريو ته اُن جي آجيان راجائن مهاراجائن جهڙي ڪئي ويئي.

اُنهيءَ جي عزت ۾ نوشهري ۾ جيڪو جلوس نڪتو هو، سو مون ڪڏهن عمر ڀر نه وسرندو. جلوس ۾ هزارين ته ماڻهو هوا. نوشهري جي بزار سوڙهي، سو ميل ۾ ته ڪا سرڪس هئي. اڳيان شري ديوداس ۽ پيا اڳوان ۽ اسان ٻا مکيه ڪم ڪندڙ پٺيان هليا. ساري بزار هٽ هٽ تي سينگاريل هئي. ماڻهن ۾ اتاهه اُتساهه هو. ڪم ڪندڙن جي اُتساهه جو ته ڪاٿو نه ڪري هو. ڪنهن ڪم ڪندڙ کي هٿيءَ ۾ هارمونيم هو ته ڪنهن کي ڍولڪ. شري نيولدرام ۽ سرگواسي پورومل رامرڪياڻي ("هندستان" جو اڳوڻو سب ايڊيٽر) قومي گيت ڳائيندا ٿي هليا. شري نيولدرام کي پنهنجي هٿن ۾ جهانجهه هوا، جن سان نچندو ٿي هليو.


ديوداس گانڌيءَ ٿي نوشهره جي جرڙ جڪي ڪمن سنو اٿ وڌو. کادي ڪارخانو ۽ راشٽريه ڪنيا پاٺشالا ۾ ڏٺائين ۽ پاٺشالا جي ڇوڪرين کي پنهنجيءَ هياليءَ جا

هئا، ان کي ٻه ٽي مهينا جيل جي سزا ملي.

قومي شوڪن کي جڏهن پوليس گرفتار ڪري ورتي ورتي، تڏهن عام جنتا سنڌ ۾ پنهنجا نعرا هڻندي وتي ۽ ڪن لاڪپ تي چڙهي آئي.

شري لبولدرام ٺاڪي ڪم ڪندڙن سان ويهي صلاح ڪئي ۽ ان فيصلي تي پهتا ته هن ڪمدباري پنچايت خالي جي ستياگرهه کي سنڌ جو سوال ڪري کڻو وڃي ۽ ساريءَ سنڌ مان والنٽير ستياگرهه ڪرڻ اچن.

اُن وقت لاڙڪاڻي ۾ سنڌ پراونشل ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو مرڪز هلي رهيو هو. سرو شري نيڻداس، لبولدرام، پرسرام ۽ ٻيا يڪدم اوڏانهن روانا ٿيا. پراونشل ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي مرڪز ۾ سربستو احوال وڃي ٻڌايائون. پراونشل ڪاميٽي ساڳيءَ ساٿيءَ مان آئل رٿ ته ڪمدباري پنچايت خالي جي ستياگرهه ڪئي، ان جي تائيد ڪئي. فيصلو ٿيو ته پراونشل ڪانگريس جو پريزيڊنٽ قاضي عبدالرحمان سرزمين تي وڃي، هو اسانجي ساٿيءَ جي ڪم ڪندڙ ڪاڪي نيڻداس ايسرداس ۽ لبولدرام سان گڏ ڪمدباري پهچي ويو. جڏهن اخبارن ذريعي اخبارن وارن کي پتو پيو ته هي سنڌ جو سوال ڪري ٿو کنيو وڃي ۽ ساريءَ سنڌ مان ستياگرهي اچي ڪنا ٿيندا ته سوچ ۾ پئجي ويا ۽ گرفتار ٿيل، جن کي ٢-٣ مهينا جيل جي سزا ملي هئي، ان کي



(شري ڊيتارام داس لالاڻي)

کولي ٻاهر ڪيو ويو ۽ ٻين کي به ٻاهر ڪڍي تالو ڏنو ويو. سرو شري سچانند، جو صرف هڪ هفتو اڳي هڪ سال جيل ڪاٽي ٻاهر نڪتو هو، ۽ ابڙان جو نرسنگهه لعل جو ٣ ڏينهن اڳ ڇهه مهينا جيل ڪاٽي آيو هئو، لنکي ١٠٧ ڦلڙائن ۾ رخنو وجهڻ جي ڏوهه هيٺ گرفتار ڪيو ويو. جڏهن نيوندرام کي هٿ ڪڙيون وجهڻ لڳا ته نيوندرام ڪاٺين ڪهر ڪڍي ته ڪيس ڀڃڻ وارنٽ ڏيکاريو وڃي. ان لاءِ صوبيدار ڪوچ ڪرڻ لاءِ ڏنو ته وٽس نيوندرام لاءِ وارنٽ ڪونه هو. ان ڪري سندس هٿڪڙيون لاهيون ويون. ان ستياگره ۾ جيڪي شامل

وري ڪيل ٻت چڙهيو ويو هو، جنهن ڪپڙو هو، حتي
ڪيوڙا وغيره پيا ويندا هوا. اتفاق سان پنچائتي ٿيلهو
هيٺ ميل پنچايت هال جي ٻاهرئين وڏي در کي
تالو لڳائڻ آيو، ان ميل جي ڪن ميان ماڻ ڪري وار
۽ اندر ڪنهن گانڌي‌ءَواري جو ڪيوڙو ٻڌو پيو آهي.
قومي شيوڪ ۽ ٽاڙ ٻر رهيا ته جنهن ٿي ڪيوڙو ٻاهر ڪڍڻ
لاءِ در کوليو ويندو، ته هو اندر ڪاهي پوندا. شهر
مر اهڙا ٻاهر ڪنڌ ڪڙهي ٻرقيلتي وڃي ۽ پنچايت هال ني
لي قومي شيوڪ ڏڙتو ماري وينا آهن ۽ ستياگره جالو
آهي. سرڪار ۽ سرزمين لي هٿيارن سان پوليس موڪلي
ڏني. هوڏانهن حڪام ماڻهو اچي ڪيا ته ڏسن ۽
ڪٿي تو ستدن شيوڪن کي گرفتار ڪيو وڃي. پوليس
سرو شري سچانند، پوجراج ۽ نرسنگهه لال کي گرفتار ڪري
ويئي.

ٻن ڏينهن بعد جنهن ٿي ٿيلهي ڪيوڙو ٻاهر ڪڍڻ لاءِ
دروازو کوليو، ته شري ديتارام دادلاڻي نوشيره
جو، جو ان وقت والنٽيئر هو، تنهن نعرو لڳايو 'مهاتما
گانڌي کي جئه' ته ماڻهن سانس آواز ملايو ۽ آسمان
گونجي اٿيو. شري ميوندرام ۽ ٻيا سمورا شيوڪ اندر
ڏوڪي پيا. ميوندرام جي ٻنيان پوليس وارا بندوقن
سان ڌوڙيا ۽ کيس ٻاهر ڪڍيائون، پر ميدان هو وڏو،
سو ميوندرام کين چڱيون گوهيون کارايون. ليڪ کيس

ڇڏيائون. ٻاقي سڀ ڪم ڪندڙ سرڪشي سڄالند،
ڀوندار، ٻرجراج ۽ ٻيا ڪيترا مڪاني ڪم ڪندڙ ۽
ناٽڪ منڊليءَ جا والنٽيئر شهر ۾ پرچار ڪرڻ هليا ويا.
ڪنڊيارو تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر آهي ۽ ساهتيءَ ۾
وشهري ۽ ناروشاه کان پوءِ ٽيون نمبر وڏو شهر آهي.
اُن جا ماڻهو ڪافي بيدار مغز هوا ۽ قومي هلچل سان هنن
جي سهانڀوتي هئي. وري جو سنڌ وچ ۾ پروفيسر هاسانند
ڇيڙو اُٿر وارو ڳالهائيندڙ ڪم ڪندڙ رهندو هو، جو هند
سنڌ جا چڪر هڻي پنهنجي ڀُوت ڪنهن ڀاري ۾ اچي
آرام ڪندو هو، سو عام جنتا جي همدردي قومي
شيوڪن سان ٿي هئي. عام رايو اهو ٿي هو ته پنچايت
جو فيصلو ازحد زبردستيءَ جو آهي ۽ اُنکي ٽڪرائي
ڇڏڻ گهرجي ۽ پر ساڳئي وقت ستياگره بعد ڪنهنکي
همت ڪا نه پئي ٿي، جو هميشه وانگر منڊليءَ کي روڪيءَ
پائيءَ جي صلاح ڪري؛ چاڪاڻ ته اُن جو نتيجو سندن
لاءِ جيل جي سزا ٿي سگهي ٿي. سو قومي شيوڪ شري
ٻرجراج وٽ رهيا.

پنچايت خانو قريب هڪ ايڪڙ زمين ۾ ٺهيل هو.
اُن ۾ ڪشادا هال ٺهيل هوا. انهن جي اڳيان وڏو پڪو
ورانڊو هو. وري اُن جي اڳيان پڪو ايوان ٺهيل هو،
جنهن ۾ ڪلهي پٽ ۾ سانجهيءَ جو پنچائتي ميڙ ٿيندا
هوا يا اُن ۾ ناٽڪ وغيره ٿي سگهندا هو. اُن جي اڳيان

ناٽڪ سرڪار خلاف بغاوت سان ڀريل هو. ڪليڪٽر مکي جاجي مل ۽ ديوان چوٿرام ملڪاڻيءَ جون ڪرسيون ڪسڻ جو آرڊر ڪيو ۽ پنچايت کي هدايت ڪئي ته آئينده اهڙي ناٽڪ ڪرڻ لاءِ پنچايت هال نه ڏنو وڃي.

هن ڏاهن اهڙا ڏاڍ جڏهن قومي ڪم ڪندڙن جي ڏيان ۾ آيا، تڏهن هن فيصلو ڪيو ته اهو ڪنڊياري جي پنچايت هال ۾ هاڻي ناٽڪ ڪيو ۽ اُن ۾ متيارن جو درشن ڏيکاريو. رواجيءَ طرح جڏهن قومي شيوڪ ڪنڊياري جي شهر ۾ ايندا هوا ته ڪن رهي پاڻي ڪارائڻ لاءِ ڪيٽائي حوالات رهندا هو. شري ڏيهومل ڪيمالي، جنهن جو حيدرآباد ۾ ذڪر ڏنو هو، سو هنن کي ڪين ڇڏيندو هو، شري پرچراج سونارو ته قومي شيوڪن سان هو ۽ اُن جو گهر ته سندن لاءِ هميشه کليل هوندو هو، پر پنچايت سرڪار وٽان حڪم پهچڻ تي فيصلو ڪري ڇڏيو ته قومي ماڻهن کي پنچايت هال ۾ اچڻ نه ڏجي ۽ ڪين ڪوبه شهر ۾ ماڻي نه کارائي.

سو شري سچانند، ماسنگهه ۽ ايولدرام پنهنجي ناٽڪ منڊلي ولي پنچايت هال وٺڻ ويتا. منڊليءَ ۾ لوشوري ۽ هالائيءَ جي قومي اسڪولن جا وديارٿي ۽ والنٽيئر ئي آيا هوا ۽ اُهن ڪسي ناٽڪ ۾ پارٽ ورتو هو، پر پنچايت هالي کي ته تالو لڳو پيو هو. هن پنهنجو سب سامان، ذو، ٻت تي رکيو ۽ اُتي ڪجهه والنٽيئر ته ادياري

۱۹۴۲ جو زمانو هو. هو پنهنجي منڊليءَ سان ڪنڊياري ۾ ناٽڪ ڪرڻ ويو. ڪنڊياري جي پنچائت خاني ۾ رهڻ جو اڌڪار ته هر ڪنهن کي مليل هو، چاڪاڻ ته اُهو پنچائتي گهر هو، باقي رات جو ڊرامي ناٽڪ، جنهن ۾ بندوقبازيءَ جو درشيہ ڏيکارڻو هو، تنهن ڪرڻ لاءِ کيس هٿيارن لاءِ هن مکيہ کان منظوري گهري. هٿيارن ضلع حيدرآباد ۾ ۱۴۴ قلم لاڳو هئڻ، پاڻهين ميٽنگ ڪئي هئي ۽ اُتي مختيارڪار گوليبازي ڪرائي هئي، جنهن ۾ هڪ مئو هو ۽ ڪيترا زخميا هئا. ناٽڪ ۾ اهو نظارو چٽيل هو. مکي چاچي مل سندس عزيز هو، جنهن ڪري هو ناڪار ڪري نه سگهيو، ليڪن هنکي چيائين ته ناٽڪ ڪرڻ لاءِ مان ٽڪا منظوري تو ڏيان ۽ ٽڪي ناڪار تو ڪريان.

رات جو منچ ڪٽرو تيار ويو. حشام ماڻهن جا اچي ڪٺا ٿيا. ٽڪيٽ وٺي اندر هلندا ويا. ٽڪيٽ توري وڪي ويندي هئي، جو اُن ۾ ڪمائڻ جو پياءُ ڪونه هوندو هو. ناٽڪ شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ شري ڀوڳندرام جي ڏيان ۾ آيو ته هيڊ منشي، جو نوٽ وٺڻ آيو هو، سو ٽڪيٽ ڪرنه وٺي آيو هو. سو کيس چيائين ته ٻاهر وڃي، ٽڪيٽ وٺي پوءِ اندر اچي. هو ته هليو ويو، پر اُن ... سرڪاري مرڪزن ۾ چوڪسو لو پيدا ڪيو ۽ بالا ... جو ڏيان ڇڪايو ويو ته ناٽڪ ۾ هٿيارن ۾ ... بندوقبازيءَ جو درشيہ ڏيکاريو ويو آهي، جو سمورو

ي. ڳوٺن جي نارين کي سينگاريو ويندو هو. جنهن
رت ۾ اطلاع ايندو هو ته فلاڻي ڏينهن جيل جي ٻاهرا
عمل فلاڻو قومي شيوڪ سنڌ ڳوٺ ۾ ايندو ته خلق
شهر جي ٻاهران دهلن شرنائن سان اچي ڪٺي ٿيندي
هئي ۽ کين جلوس ۾ سڄو ڳوٺ گهمائيندي هئي. اُن
موقعي لاءِ ماڻهن ۾ اُتساهه ڏسڻ وٽان هوندو هو. کين
هارن سان ڇهڪجي ڇڏيندا هوا. زالون مرد سندن سواگت
ڪرڻ ۾ اڳرا ٿيندا هوا. اهڙي نوابشاه ضلع ۾ اهڙا
جلسا ۽ وڏو اُتساهه پيدا ڪندا هوا.

شري ڏرمداس کي شهدادپور ۾ ۽ شري ڪسومل
کي لوشهري ۾ جيل مان ڇٽڻ اچڻ لاءِ سٺي آجيان
ڏني ويئي. سرو شري سچانند ۽ ڪيسومل ٻالاڻيءَ کي
ڇٽي اچڻ لاءِ نوشهره ۾ جيڪا شاهاڻي آجيان ملي هئي،
تنهن جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. سڄو شهر سينگاريو
ويو هو. شهر ۾ ٻاهران ۽ اندرين خلق آيل هئي، جو بازار
۾ بيهڻ جي به جاءِ ڪانه هئي.

ٻنڌيات خاطر جو ستياگره- جنهن اڳي لکي
آيا آهيون ته شري لبولدرام الوڪو ڪلاڪار هو، جيڏيءَ
مهل هو ڪو ناٽڪ منچ تي آڻيندو هو ۽ ڪنهن قومي
شيوڪ جي حيثيت ۾ پارٽ ڪندي ڳائيندو هو ته خلق
رتاڙي ڇڏيندو هو.
شري لبولدرام جا ناٽڪ ١٩٢١ کان جاڳندا آيا رهيا.

ملهايو ويندو هو. ڪم ڪندڙ گڏجي چرخا ڪتيندا هوا ۽ سانجهيءَ جو هر ڳوٺ ۾ جلوس نڪرندو هو.

چونڊون - ١٩٢١ ۾ ڪائونسل لاءِ سرڪار چونڊون ڪرڻ چاهيون ته اسان واري تڪ مان ڪو اهڙو ڪم ڪندڙ اميدوار ڪونه بيٺو. اسان جي ضلع مان ته مورڳو ماڻهو ووٽ ڏي ڏيڻ ڪونه ويا. ايڏو ته ماڻهن تي قومي شيوڪن جو اثر ٿي ويو هو، جو هو جيڪي چوندا هوا، سو ٿيندو هو. ضلع ۾ لڳاتار ڪم ٿيندو رهندو هو، جنهن جي ڦل سروپ ماڻهن ۾ نرڀتا اچي ويئي. ڪاڪو سچانند ته پنهنجين مزاقي تقريرن ۾ پوليس جي ڳاڙهيءَ پڳڙيءَ جي مزاق اڏائيندو هو ۽ پوليس جي ڏاڍ جي اوگهڙ ڪندو هو. ان ڪري رشوت ۽ بيگر گهٽجي قدر گهٽجي ويئي ۽ ماڻهن مان سرڪار جو ڀؤ نڪري ويو. مطلب ته ١٩١٦ ۾ گانڌيجي سڪر ۾ جيڪو نرڀتا جو سبق پڙهائي ويو هو، اُن تي هيئنر خلق عمل ڪرڻ لڳي.

شاهاڻي آجيان - جيڪي قوم جي سڌ تي جيلن ۾ ويا، ان کي ١٩٢٢ ۾ ڇٽي اچڻ تي شاهاڻي آجيان ملندي هئي.

سرو شري ڪيسومل، ڌرمداس، سچانند، هاسانند ۽ ٻيا جڏهن جيلن مان سال سال جيل ڪاٽي ١٩٢٢ جي آخر ۾ نڪتا، تڏهن هو جتي جتي ويا، اُتي اُتي کين شاهاڻي آجيان

هوڏانهن گانڌيجي باڙدولي تعلقي (گجرات) ۾ ستياگره ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو هو ۽ آنڌرا پرديش ۾ به ڪن ضلعن ۾ ستياگره ڪرڻ لاءِ مرڪز کان منظوري گهري ويئي هئي، پر اُتي ناهه جون ڳالهيون شروع ٿيون هيون. ان ڪري گانڌيجيءَ باڙدولي جو ستياگره ملتوي ڪري ڇڏيو. وري به ڪن هنڌ هنسا شروع ٿي ويئي، ان ڪري گانڌيجيءَ کي سوچڻو پيو.

گانڌيجيءَ جي گرفتاري - ملڪ ۾ مڪمل ڏسي هاڻي سرڪار کان سنئون نه ٿيو ۽ مهاتما جي گرفتاريءَ جون تياريون ڪيون ويون.

٩ مارچ ١٩٢٢ تي مهاتما هڪ ليک "ينگ انڊيا" ۾ لکيو، جنهن جو سرو هو "جي مان گرفتار ٿيان." هن صاف لکيو ته مون کي ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته اسان جي هلچل ۾ هنسا اچي ويئي آهي، جا چوري چورا جي واردات ۽ بمبئيءَ جي واردات مان ظاهر آهي. ان ڪري مان چاهيندس ته جي مان گرفتار ٿيان ته ڪنهن به قسم جي هنسا نه ٿئي. ان مان ثابت ٿيندو ته اسان ۾ پنهنجي راڄ سنڀالڻ جي قابليت اچي ويئي آهي.

ڇهن ڏينهن بعد باپوجي گرفتار ڪيو ويو پر ملڪ ۾ شانتي قائم رهي. کيس ڇهه سال جيل جي سزا ڏني ويئي؛ پر اُن ڪري نوابشاه ضلعي ۾ هلچل ۾ فرق ڪونه آيو. باقي جنهن ڏينهن باپوجي گرفتار ٿيو، اُهو ڏينهن هر مهيني

ويو. اُتان وري شري ڪرچند ٻالاڻيءَ کي ڀوليا جيل ۾ بدلي ڪيو ويو. ان بعد به هلچل ڪي ڪا دهرم ڪاڻ ٿيندي.

ٻي راڄنيتي ڪانفرنس- نوشهري ۾ وري ١٩٢٢

۾ ٻي لواٻشاه صاحب راڄنيتي ڪانفرنس مولانا شوڪت علي ۽ محمد عليءَ جي ماما جي زير صدارت ٿي. ان موقعي تي ڀارت جو مشهور اڳوان مهاتما گانڌيءَ جي ساٿي ٻانهن راڄگوپال آچاريه به آيو هو. شري راڄگوپال آچاريه مٿي ڪوڙيل ۽ پيري اُگهاڙو هو. مولانا شوڪت عليءَ جي ماما بيل گاڏيءَ ۾ مسافري ڪري آئي هئي، جو سندس شريف ڳڙو هو. ان زماني ۾ ساهتيءَ ۾ اڃا ريل گاڏي ۽ موٽرون جاري ڪو نه ٿيون هيون. هن جي اڄيان اٺين سال کان به وڌيڪ ٿي. اُتي ڪن به جهجها آدمي آيا هئا ۽ ماڻهن ۾ جهڪو اُتساه هو، سو اڪٿ هو. ڪانفرنس بعد سڀئي اڳوان نوشهره فيروز ۾ هلندڙ ڪاريه ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. قومي ڪنيا پاٺشالا ته ڪين ڏاڍو موهيو.

ستياگره مهل- ديش ۾ هلچل وڌندي زور

ندي. لوڪن ۾ جوش وڌو وڌندو. آخر چوڙي چورا ۾ ته خلق جوش ۾ اچي سڄي پوليس ٿاڻي کي وتي باهه ڏني، جنهن ۾ سپاهي به سڙي ويا.

چانڊوءَ جي اُستاد ۽ شهدادپور جي سيٺ ڏيمداس کي
نوابشاهه جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ وٽ ١٠٨ قلم هيٺ
ڪيس هلائي کين هڪ هڪ سال جيل جي سزا ڏني،
حيدرآباد جيل ۾ رکيو ويو. جيل جو سپرنٽينڊنٽ
ڪلوالا کين پيڙهڻ ۽ سخت سزائون ڏيڻ لئي ڪم ڪندو
هيو، جئن هو معافي وٺن، پر هنن شير دل ٿي اُهي سڀ
سٺيون. هنن سزائن ماڻهن ۾ وڌيڪ سجاڳي آندي.
ٿوري وقت بعد نوشهري جي مسلمان ڪم ڪندڙ رئيس
حبيب الله کي به ساڳئي قلم هيٺ ڪيس هلائي کيس
به هڪ سال جيل جي سزا ڏني ساڳئي جيل ۾ رکيو
ويو. نوابشاهه ۾ به حڪيم مولوي محمد معاذ ۽ ٻين تي
ڪيس ٿيا. هنن ڳالهين تحريڪ جي زور وٺندي ۽ ماڻهن
جي همت گهٽجڻ بدران وڌڻ لڳي.

وڌيڪ گرفتاريون- ڊسمبر ١٩٢١ ۾ جيڪا پهرين
ٽولي ڪم ڪندڙن جي گرفتار ڪئي ويئي، تنهنڪري
نوابشاهه ضلعي ۾ ماڻهن ڪام آئي، انگريزي سرڪار
وڌيڪ گرفتاريون ڪرڻ لئي ڪمر ڪشي. ١٩٢٢ جي
شروعات ۾ سري کيمچند چيتنداس پالاڻي "شڪتي"
اخبار جي ايڊيٽر کي اخبار ۽ لٽريچر ذريعي بغاوت
ڦهلائڻ جي ڏوهه هيٺ ۽ شري گوبندرام ناراڻداس کي
به ساڳئي ڏوهه هيٺ گرفتار ڪيو ويو ۽ ٻنهي کي سال
سال جيل جي سزا ڏني، حيدرآباد جيل ۾ روانو ڪيو

جو خون سوڳوار جو ڪم ٻه ڪري رهيو هو. ڪانفرنس ۾ جيڪو اُلساھ هو، سو بيان ڪرڻ کان ٻاهر هو. ڪانفرنس مان ڪم ڪندڙ ۽ عام لوڪ نئون اُلساھ کڻي موٽيا. نوشهره جا ڪم ڏسي سڀ آبل اڳوان ڏاڍا خوش ٿيا.

دٻاءَ جو گهوڙو- هاڻي تہ سرڪار ڇتي ٿي پيئي ۽ دٻاءَ جـو گهوڙو تيز هلائڻ لڳي. ڊسمبر ١٩٢١ ۾ نوابشاه ضلعي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي پريزيڊنٽ



سيٺ ڪيسومل ٽيجومل) (شري سچانند ٿيرومل)

ي ڪيسومل ٽيجومل ٻالاڻي، وائيس پريزيڊنٽ شري
انند ٿيرومل ٽانوراڻي، پروفيسر هاسانند چاندومل

وٺو ۽ ڪيس سيشن ڪورٽ ۾ ڪمٽ ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪيس غير راجنيتي ڏوهه هيٺ ڪيو ويو هو، ان ڪري سڀني جي صلاح سان ڪيس ۾ بچاءَ ڏيڻ ضروري ڄاتو ويو ۽ شري جيرامداس دولترام جو چاچو، جو ان وقت سيشن ڪورٽ جو جج هو، تنهن ڪيس ڪوڙو ثابت ڪيو ۽ کين مارچ ۱۹۲۳ ۾ باعزت آزاد ڪيو ويو.

راجنيتي ڪانفرنس

راجنيتي ڪانفرنس- ماڻهن ۾ وڌيڪ شناس پيدا ڪرڻ لاءِ جولاءِ ۱۹۲۱ ۾ نوشهرو ۾ ٺٽي ضلعي راجنيتي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. ڪانفرنس جو پريزيڊنٽ مولانا شوڪت علي هو. هن جي اچڻ تي کيس شاهي آجيان ڏني وئي. نيا اڳوان ته ان ڪانفرنس ۾ پڌارا هئا. سڄي ضلعي جي دور دور ڳوٺن مان ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هندو مسلمان ايترا ته آيل هئا، جن جو اندازو ڪرڻ ڏکيو هو. ڪانفرنس شهر جي الهه ۾ ولڪ لسي سيٺ ليڄومل ٻالاڻيءَ جي ڏنل جوڻ واريءَ اندر سجايل ميدان تي ٿي، جنهن ۾ سون والنٽيئر ڪم ڪري رهيا هوا. انهن مان هڪ مکيه هو سيٺ ليڄومل جو ڀائٽيو شري لهرومل،



(شري لهرومل ٻالاڻي)



(شري ڪوڙومل ٻالاڻي)

ڏنگائي ٿيڻي هئي، جنهن ڪري اليءِ ٻهار منڊليءَ ڏوارا ٻهري جو بندوبست ڪيو ويو هو. اُن ٻهار منڊليءَ جو هڪ پنهوالو مسلمان هو، سرڪاري سازش سان هڪ مسلمان زميندار اُن پنهوالي ڏوارا ٻهار منڊليءَ جي پالڪارن قومي ڪم ڪندڙن سرو شري گوبندداس لڇومل، ڪوڙومل پارومل ۽ سندس ٻن سوٽن هوتچند ۽ لوڪومل تي ڪيس داخل ڪرايو ۽ هن ڪيس مارڪٽ ڪيئي آهي ۽ بند ۾ ڪيو آهي. چارئي ٻالاڻي آهن، جا پاڻ ۾ سوٽ هئا ۽ هاڻي ۾ ٻهرو ولندا هئا. سڀني کي جيلن ۾ رکيو

پرنٽنگ پريس" رکيو ويو. ان جو سڄو خرچ شري گهرچند ڀالاڻيءَ ڪيو. ان ڪم لاءِ شري سندداس ڀيوڻ مسل ڪڍائي، جو رويو ڪالي ۾ نوڪريءَ ۾ هو، سو نوڪري ڇڏي اچي ان ڪم ۾ شامل ٿيو ان ڪم ۾ سرو شري گلابراءِ شولداس ۽ پرڀداس برهمچاري ا. ڪجهه وقت ڏاڍو لڳا. اخبار لاءِ لکيل هوندو هو.

اڳيئي ڪيچ لوڻ ستيم شبر، ٻلي رکيي ڪو پيار يا ويرو
"شڪتي" شڪتيءَ جو ڪر پرچار، دچ لڪان لون لوڀ ٽلوارو؛
"شڪتي" لوڪن ۾ ديش پريم ۽ ولولا جا ڀاو ڀرڻ ۽ ظلم ۽ انياءَ جي اوکهڙ ڪرڻ پنهنجو اديش رکيو ۽ ٿوري وقت اندر سڄيءَ سنڌ ۾ چڱي لوڪ پريه ٿي ۽ سرڪار لاءِ ڪنڊو ثابت ٿي، جنهن ڪري اڳتي هلي، ان کي بند ڪرڻ لاءِ سرڪار سمپادڪن کي هڪ اڻي پليان جيلن ۾ اولسڻ لاءِ ڪم ڪيئي.

شمعداني وارو ڪيس- جڏهن اروپي هلچل وڌي زور ورتي ۽ ماڻهن جو اُمنگ ۽ اُتساهه ويو وڌندو، تڏهن سرڪار هلچل کي دٻائڻ لاءِ وڌي آڏا اُبتا رستا اختيار ڪندي. ساهتيءَ ۾ جو هيڊو ڪارو هاي رهيو هو، سو سرڪار جي اکين ۾ ڪنڊو ٿي چڀي رهيو هو. ان ڪري دٻاءُ آڻڻ ڪرڻ شروع ڪيائين.

اهو اڳ لکيو ويو آهي ته نوشهره فيروز ۾ سرڪار جي ڇڙ اي مسلمان زميندارن ۽ ڌاريا ڇورين جهي ڌم

انداز ۾ هئا، جنهن ڪري اُتي ماڻهن ۾ ڏکو جوش پيدا ٿيو ۽ ڪيترائي جوان ڪم لاءِ نڪري نروار ٿيا، جن ۾ هڪ هو مشهور پنڊت ليلارام جو پٽ ٽالو رداس. هو نه جڻ مستانو بڻجي پيو ۽ ٻـوءِ پنهنجو شهر ڇڏي نوشهره جي شهوا آشرم ۾ اچي رهيو.

سوامي گـوبندانند جي گـرفتاريءَ بعد نندھ آدرم، شهداد پور ۽ نوابشاه ۾ نوشهره مان شريمتي ڪرشنا ديوي، شري کيم چند ٻـالاڻي ۽ ٻريداس ٻـرهمچاري ويا ۽ انهن شهرن ۾ خوب پـرچار ڪيائـون ۽ تلڪ سوراج فنڊ لاءِ چڱي رقـم هٿ ڪيائون. دادي ڪرشنا ديوي ۽ ٻالو ٻريداس اُن بعد سکر ٻـويا، جتي وڃي ڏالن جي ميڙن ۾ پرچار ڪري تلڪ سوراج فنڊ ڪٺو ڪيائون.

سوامي گروبندانند جي گرفتاريءَ بعد فيصلو ڪيو ويو ته جتي نه ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ سٺو ساڌن آهي اخبار، اِن ڪري نـوشهره مـان هفتيوار اخبار جاري ڪئي وڃي. سوامي گووبندانند پـاران شري کيم چند ٻـالاڻي حيدرآباد مان ”شڪتي“ ماهوار رسالـو ڪيندو هو. اهـا ”شڪتي“ هفتيوار روپ ۾ نـوشهره فيروز مـان ڪيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اخبار ٻال مڪدليءَ جي سايع هيٺ شري کيم چند ٻالاڻيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ ٥ جولاءِ ۱۹۲۱ کان ڪيڻ شروع ڪئي وئي. اُن ڪم لا خاص پريس خريد ڪئي وئي، جنهن جو نالو ”ساهتي

هو آزاديءَ جي لاٽ لي پتنگ جيان پچڻ لاءِ پريشان هوندو هو. پتنگ کي ڪيستائين آرام نه ايندو آهي، جيستائين لاٽ لي وڃي پاڻ قربان ڪري. هن اهڙا پتنگ وانگر آزاديءَ واٽ جو ٻهه پچارو، موڙي مچ لي آيو ۽ لاٽ لي پاڻ پچائي ويو.

گتن تي پڪيٽنگ - مهاتما جي سوراج جي هلچل جو هڪ ٻيو انگ هو شراب بند ڪرائڻ. ان لاءِ گتن تي پڪيٽنگ ڪئي ويندي هئي. گتن جي ٻرسان ڪم ڪندڙ ۽ والنٽيئر ٻيهندا هئا، جي شراب خريد ڪندڙن کي نمرتا سان سمجهائيندا هئا ته شراب خانه خراب چوندي پيئڻ ڪجي. اهو ڪم نوشهره فيروز ۾ سرو شري گرمکداس ٻالاڻي، پريداس برهمچاري، ڪوڙومل ٽلومل اسچداڻي ۽ ٻيا ڪندا هئا. اڪري شراب جو وڪرو گهٽي قدر بند ٿي ويو.

نوشهره فيروز کانسواءِ ٻين شهرن ۾ به گتن تي پڪيٽنگ ٿيندي هئي.

شڪتي اخبار - قطع تعلقات هلچل جي زور وٺڻ ڪري سرڪار ديا جو گهوڙو ڊوڙائڻ شروع ڪيو. سنڌ مان ٻهرين جن جي گرفتاري ٿي، سي هئا شيخ عبدالمجيد ۽ سوامي گووندانند. سوامي گووندانند کي ان جي صاعي هي ننده آدرش ۾ پرچار ڪندي گرفتار ڪيو ويو هو. ننده آدرش ۾ سوامي گووندانند جا صدقي وڏي

ني ڪم ٿيڻ لڳو. نوشهره ۾ نه کادي ناهڻ لاءِ پنڄالي اسڪول، جو انڪ هاءِ اسڪول جي جاري ٿيڻ بعد ڦٽي ويو هو، اُن جاءِ ۾ کادي ڪارخانو قائم ڪيو ويو، جتي کاديءَ اُڻڻ جي سڪيا ڏني وېندي هئي. اِن ڪم سيکارڻ لاءِ مهاتما گانڌي جي سابرمتي آشرم مان مولي ڀائي گجراتيءَ کي گهرايو ويو هو. ساڻنيءَ جا ڪيترائي جوان اُتي اچي رهيا ۽ سڪيا وٺندا هئا.

ست ناهڻ لاءِ ڦٽيون دان ۾ وٺي اچڻ ۽ خريد ڪرڻ جو ڪم شري پرسرام ٻالاڻي، شري ليڀنداس ايسرداس، نوشهره جي شيوا آشرم جو جيرام ۽ ٻيا ڪندا هئا. ڦٽين لهڻ جي موسم ۾ ٽيءَ ٿڌيءَ پيا هلندا هئا. نندو نوجوان جيرام نه ان ڪم ڪندي بيمار ٿي پيو ۽ نندڍيءَ وهيءَ ۾ ٿي وڃي پرماتما جي گود ۾ سمهيو. شري پرسرام جي نه ڪيتري ڳالهه ڪجي! هن ڪي ڪو ڪم هو، ڪا ٽار لڳل هئي نه ديش جي. هو ديش پريم ۾ سڀ ڪجهه وساري ويٺو هو.

هن کي سچائي نه سرڳواسي نولارام کان ملي هئي. هن صاحب متي ۽ پيري اُگهاڙو پيو هلندو هو. هن صاحب شاه وارو هيئين ڏِرمودو عمليءَ طرح جيون ۾ ڪم آندو هو:-

ٽيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪاهي ويل وهڻ جي؛
متان ٿئي اوليءَ اُباڻه، پير لهين پرڻيءَ جو.

کي هٿ جي سٽ مان ڪاڍي لساهڻ لاءِ هٿايو ويو. انهن ۾ لکين ڄڻا پنهنجي وٽي، ڇو انهن کي ڪو روزگار ملي ويو.

ولائتي ڪپڙي جي بائيڪاٽ لاءِ لوڪمانيه تلڪ ۽ ويراوير ساورڪر، شري پرسرام ڀالاڻي ۽ پريداس پرهلاداري سرگسون ڪم ڪيندا هئا، جن ۾ ڪلڪ هاءِ اسڪول، قومي ڪيا پاٺشالا ۽ سيوا آشرم جا ٻار ۽ ٻيا والنٽيئر هوندا هئا. انهن سرگسن ۾ اهڙا گربا ٻڌي ويندي هئي، "ٻاهران جي ٿي صدقي، ڏيو ولائتي ڪپڙو." گهر گهر مان روزانو ڍيرن جا ڍير ڪپڙو ڪٺو ٿيندو هو ۽ انهن جون ڪاٺيون ٺاهي، شهر مان گهمائي وهندڙي اللهه جي ميدان ۾ سڙيون ويندڙيون هيون. هزارن ماڻهو اهو ڏسندا هئا. شري پرسرام ڀالاڻي جي ڏس ۽ رهبري ۾ ۽ پهرين سورا ولائتي ڪپڙا ساڙڻ لاءِ ڪٺي ڏنا هئا. نوابشاه ضلعي جي ٻين ڪن شهرن ۾ به ساڳيءَ طرح وقت به وقت ولائتي ڪپڙا ڪٺا ڪري جلايا ويندا هئا.

ولائتي ڪپڙي جي بائيڪاٽ جي هلچل سان گڏ مهاتما جي آڳيا موجب کاڌيءَ جو پرچار به زور شور سان ٿيندو رهندو هو. ماڻهو کاڌي بابت هٿ بڻ جي ڳالهه سمجهڻ لڳا. نوابشاه ضلعي جي جدا جدا شهرن ۾ سٽ جي ڪتائيءَ ۽ آڌاٽن ۾ کاڌيءَ ٺاهڻ لاءِ ڇڪي پٺاڻي

ٺٺي ڪپڙي جون هوليون-

مهالماجيءَ ڏٺو هو ته ڀارت جي غريبيءَ جو ڪارڻ
...ي ڀارت جي هنرن جو ناس ٿيڻ. ڀارت جو ڪپڙو،
...و دنيا ۾ مشهور هو، سو هينئر برباد ٿي ويو هو.
...وناٽن جو گذر جو وسيلو هو ڪيئي، جا ڇهه مهينا ڪن
...ڌ ڇهه مهينا بيڪار ۽ بکيا رهن. وري ديش ۾ ڪي
ڪپڙي اُٽڻ جون ملون نڪتيون هيون ته اُنهن ۾ مزورن
...ڪي گهڻو ڪجهه ڀلءِ نٺي پيو ۽ شاهوڪار ٿي وڌيڪ
شاهوڪار ٿي رهيا هئا. ان ڪري مهالماجيءَ جو پڪو
رايو هو ته ڀارت جي بک ۽ بي روزگاري لڏهن ٿي
لهندي، جڏهن هٿ سان هنر زور وٺندا. ١٩٠٥ جي بنگال
جي ورهاڱي وقت سوديشي هلچل اهڙو زور نه ورتو
هو. ان ڪري مهالما گانڌيءَ ولائتي ڪپڙي جي
بهشڪار جو زبردست لهرڪ هلايو، جو ولائتي ڪپڙي
جي خريديءَ ڪري ڀارت مان ڪروڙها روپيا هر سال
ولائت ويندا هوا. ان بهشڪار جو هڪ انگ هو چرخي
ٿي سٽ ڪتڻ ۽ هٿ سان نهيل ڪپڙو کادي پائڻ.
ان ڪاري ڪي اسان جي نوابشاه ضلعي ۾ زور ورتايو
ويو. اسان جي ساهتيءَ جي نوشهره فيروز، منياٽي
وغيره شهرن ۾ چڱا ڪوري رهندا هوا ۽ آهي. آڏاٽن
لي مل جي سٽ مان انگوڇا اُڻندا هئا. نوشهره فيرو...
چا انگوڇا ته سڄي سنڌ ۾ مشهور هئا. اُنهن ڪوري...

اسان جي ڳوٺ ۾ سرڪاري ميلارام ڇيلارام هيمراجاڻي، ليکراج عبدالله ماماڻي، هرداسداس کلناڻي ۽ ڪندومل ٽاٻارام، جي ملڪ جي سڌي ڪاليج ڇڏي آيا هوا، تن سوديشي پرچار اچي ڪرايو هو ۽ چرخي لاءِ ڪلاس ۾ ڳوٺ ۾ ٿيندي هئي. مان پيهرين ڪري ڪپهه ڪتڻ لاءِ ڏيکي ايندو هوس ۽ ڪڏهن هڪڙي اڌ سٽ ولي ايندو هوس. عام ميڙ ٿيندو هو ته گهڻن ڪٽي ٽڙهر ڏٺي ايندو هوس ۽ ميڙن ۽ پرڀات ڦيرين ۾ ڳوٺي راڳ ڳائيندو هوس.

انهي مهيني گذريا ته مهتمر پي ۽ پنجاب مان مسافري ڪ ٽن لکون هن مولڪي سمجهايو ته هو مولڪي اٽرڻ لاءِ ڪاڏي ۾ پنجاب مان آڻي او ڏني ۽ ڪمس لان لي ۾ اعتراض ڪرايو ته مان ڳوٺي ڪم ڪندو رهان، ٻاڻي تيجي اسڪول ڇهه ميل پري اوشوري ۾ آهي، اُتي هو مونکي موڪلي نه او سگهيو.

انهيءَ زماني ۾ پي ۽ دي ساٿين ورڪ ڇڏي اڙا ٿيڻي ٽالي سمجهي هئي، لعين ڪالسراءِ ۾ون ڏٺو ته هو مولکي ٽاڏي ۾ آڻي او ڏني ۽ ڳوٺي ڪم ڪرڻ لاءِ ۽ وڏي مرتسلي ۽ ڏي هئي، تن ڪري اُتي ڏينهن صبوح جو مونکي عذھن پي ۽ ڪتاب ڪٺي اسڪول هلڻ لاءِ چيو، تعجيم ته ٽان ڪار ڪري ڪين سگهيس ۽ روئي وهي سيڌو اچي اسڪول ۾ ادا ڪي ليس.

حاڪميءَ ذاتي مرڪليندا هواسون.

۱۹۲۱ ۾ اسان جا ڪم ڪندڙ ميڙ ۾ سرگس ۾ ان ڳالهه لي زور ڏيندا هوا ته جي اسين مهاتما گانڌيءَ جو ڏنل پروگرام پوريءَ طرح عمل ۾ آڻيندا سون ته سوراج هڪ سال اندر حاصل ٿيندو. سرگواسي شري سچانند ته ٽولو جي ٻانڌيءَ ۾ چوندو هو ته ۳۱ ڊسمبر ۱۹۲۱ لي سرڪار نامدار جو سرشتو سابرمتيءَ ۾ ٻوڙي ايندا سون. ان وقت گانڌيجيءَ جو ستياگره آشرم احمدآباد ۾ سابرمتيءَ جي ڪناري لي هو، جو آشرم هينئر هريجن آشرم سڏجي ٿو. ۱۹۲۱ ۾ ڪوبه سابرمتيءَ جو گهڻو لهو وهاءِ وڏو ٿيو ٻرچار ڪان وانجو نه رهيو.

کادي چرخي جي شروعات.

گانڌيجيءَ جو اعلان آهو ته هرڪنهن پارلواسيءَ کي آزاديءَ کي اونڌو آڻڻ لاءِ هٿ جي ڪتيل ۽ هٿ سان اڻيل کاديءَ جي پوشاڪ پهرڻ گهرجي، جا ٿي سنتترتا جي نشاني جي پوشاڪ هئي. لڏهن مرلکي پنهنجي ٻوسه ۾ ڪنهن ڪوريءَ وٽان انگريزي جي ارجيڏي کادي [illegible] سوا نوٽ ٿو هو ڪرو ڪپڙو ملو، جنهن مان مون [illegible] پاڻ لهرالي ڪرا لي ڪپڙا پاڻا ۽ پوءِ سرگس [illegible] واند لي سڪو پنهنجي آڻ ڏولـل ڪوري [illegible] پوشاڪ کي ڏسي عجب پيو ڪالي. سرگس [illegible] مهيني ماڻهن جي پچڻ لي مرم ڪين

پرڀات ڦيريون هر ڳوٺ ۾ پيون نڪرنديون هيون،
جن ۾ پرڀات جو اهوئي آواز ايندو هو، "ست ڪٽيو
ڙي جيڏيون، سوراج اِجهو آيو."

ڪن موقعن تي وري سانجهيءَ جو سرگسون
نڪرنديون هيون، جن ۾ قومي جهنڊو اڳيان هوندو هو
۽ سڀڪ اُن جي پٺيان چئن چئن جي قطار ۾ هلندا
هوا. اُن ۾ وڏا ننڍا ۽ وديارٿي پاڻ ۽ پيئرون هونديون
هيون ۽ اهائي گونجار ايندي هئي ته "ٻارهن مهينن جي
اندر ضرور سوراج وٺڻو آ."

اُن وقت اسان والنٽيئرن جو ڪم هوندو هو ته ڀايل
ڪپهه پيئرن کي ڪتڻ لاءِ ڏيئي اچون ۽ تيار ٿيل ست
ڪاتڻ وٺي اچون، جنهن مان کادي ٺهندي هئي. چرخا
ڪاٺن کي ڪٽي والنٽيئر گهر گهر ۾ پهچائي ايندا هوا.

گانڌيجيءَ جي هلايل آزاديءَ جو آندولن پورن
اهنسا سان هلي رهيو هو، تن ڪري اُن جو اثر اهڙو
گپت ۽ وسيع هوندو هو، جو پاڪ تصور ئي ڪين ڪري
سگهندو. مونکي ياد گيري آهي ته اسين ڇوڪرا ۽ والنٽيئر
جڏهن تلڪ فنڊ ۾ پيسا ڪٺا ڪرڻ لاءِ کڙي ۾ ماڻهو
اڳيان ويندا هئاسون ته ڪو مشڪل ماڻهو هوندو هو جو
نه ڏئي. اسين ته ملڪ لاءِ فقيرن وانگر اُت ٿي چڙهي
ويندڙ ماڻهوءَ کي به ڪين ڇڏيندا هواسون. اهڙيءَ طر
هزارين روپيا ڪٺا ڪري سنڌ پرانتڪ ڪانگري

هر موقعي ڪنهن نه ڪنهن ڪي گروپ يا شهر ۾ ٿيندا
رهندا هوا، جتي ڪمل ڪم لئي لڙائي ڪٺي ويندي
هئي ۽ انهيءَ لاءِ ڪم جو سٽاءُ ڪيو ويندو هو. اُن موقعي
تي اوهيءَ شهر ۾ عام مڙهُ ٿيندو هو، جتي اپيل ڪم
ڪندڙ پرجوش لڪچرن ڪندا هوا ۽ شاگردن کي اپيل
ڪندا هوا ته سرڪاري اسڪول ڇڏي قومي اسڪولن
۾ ٻڌي اچن، سات سات قومي ڪم ڪندا رهن. گانڌيجيءَ
ملڪ کي اها خاطري ڏني هئي ته جي سڄو هندستان
سندس ڏنل پروگرام تي پوريءَ طرح عمل ڪندو ته
هڪ سال اندر سوراج حاصل ٿي ويندو ۽ غلاميءَ جي
طوق مان ملڪ ڇٽي پوندو. ان لاءِ ڪوشهري ۽ هالائيءَ
۾ قومي اسڪول برپا ڪيا ويا هوا، جن اسڪولن ۾
جهڪي وديارٿي پڙهيا، تن مان ڪيترا انهيءَ ۾ هلي
آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ پڪا شهرڪ ٿي پيا.

. اُن وقت مکيه پروگرام هو ولائتي ڪپڙي جو
بهشڪار ۽ اُن جي جاءِ تي کادي پيدا ڪرڻ، شراب
بهشڪار، هريجن ڀائرن جو اڌار، هندو مسلم اتحاد،
ڪورٽن جو بهشڪار، سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن
جو بهشڪار وغيره. اسان جي ضلع ۾ ان پروگرام کي
عمل ۾ آڻڻ جو ڪم لڳاتار ٿيندو رهندو هو.

ولائتي ڪپڙا گڏ ڪري جلايا ويندا هوا. ولائتي
ڪپڙي ۽ شراب جي ڪتن تي پڪيٽنگ ٿيندي هئي.

ـڇو ڏينهن ڏيندس. تار ڪالسواءِ هن هڪ ڪارڊ
ري ماسنگهه کي لکيو.
مهاتما گانڌي جڏهن ٻئي دفعي ١٩٢٩ ۾ آيو ۽ شري
رامداس دولترام سندس سنڌ جو پروگرام ٺاهي رهيو
، تڏهن مهاتما کي اها ڳالهه ياد هئي ۽ چيائين ته ڪيس
آهتي ۽ ضرور وٺي هلي.

جوڙجڪي ڪم ـ ياد رهي ته گانڌيجيءَ آزاديءَ
اءِ جيڪو اهم آندولن هلايو، ان جو بنياد رچناتمڪ
(جوڙجڪي) ڪم هو، جنهن ۾ کاديءَ جي پيداوار
کي پهرين جاءِ هئي. اسان جا ڪم ڪندڙ جيئن هر سال
ڦٽين (وونڻ) جو فصل لهندو هو، ليڪن داني ماڻهن جي
ٻنين تي گڏهه ڪاهي ويندا هوا ۽ ڦٽين جي اوڳاڙي
ڪندا هوا. سڀني نوابشاهه ضلع ۾ ٻيراٽي، شهداد پور،
ٽنڊو آدم، نوشهري، دولتپور (علائقو مورو)، هالاڻي
۽ منياڻيءَ ۾ کاديءَ جا ڪارخانا هوا. ٽنهنڪانسواءِ قريبن
هرڪنهن پڪي ڳوٺ ۾ سٽ جي ڪتائيءَ جو مرڪز
هوندو هو، جتان سٽ ڪتجي ڪارخانن ڏي پهچندو
هو، جتي کادي ٺهندي هئي. کادي وڪري جا مرڪز
ضلع ۾ ڪي پندرهن کن هوا. ساري ضلع ۾ سوين ڪم
ڪندڙ جوڙجڪي ڪم ۾ لڳل هوا، جي ڇوت ڇات
خلاف ۽ هندو مسلم اتحاد لاءِ پرچار ڪندا رهندا هوا.
ساري ضلع ۾ ڪم ڪندڙ پيا ڦرندا هوا. ساهتي ضلع
ڪانگريس ڪاميٽي جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا مي

ڳالهايو، پر جواب ڪونه مليس. ان ڪري هن سمجهيو ته ٽڪيٽ اچي ويئي اٿس. هو ڏانهس نهاريندو رهيو ته من ڪا ٽڪاڻي ملي ته ٽڪيٽ ڪٽي اٿس. پر ائين نه ٿيو. گارڊ ڪجهه وقت ويٺو بعد گاڏي بيهاري، پر پوءِ شري جيرامداس کان اجازت وٺي گاڏيءَ کي ساوي بتي ڏيکاريائين ۽ گاڏي حيدرآباد اسٽيشن ڏانهن رواني ٿي ويئي. ان وقت هيٺرن هزارن ماڻهن کي جو ڏک ۽ پريشاني ٿي، تنهن جو ذڪر نٿو ڪري سگهجي. حيدرآباد اسٽيشن تي گاڏي پهچي، تنهن مهل ئي ازخود دروازو کوليو، پر اُتي ته ڪو به ماڻهو ڪونه هو. صبح جو جڏهن ڪنهن سڄي ڳالهه ٻڌائي ويئي، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس.

صبح جو جڏهن شري جيرامداس ان باري ۾ ٻين ڳالهايس ته ٻڌايائونس ته ڪنهن به ڪانه هئي. البت ٽڪيٽ ڪلڪٽر هو. اکيون برابر بند هئم پر عجب لڳم ته هيءَ ڪهڙي اسٽيشن هئي، جو گاڏي بيٺي، پر ماڻهن جو آواز ڏرو به ڪونه هو. ڏک اهو جو هوڙي سڀي ٽولي ماڻهو هئا، پر درشن نه ٿين.

ٻروقت ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽري شري مانسنگهه کي تار ڪرايائين ته حيدرآباد اسٽيشن تي جيڪي ٿيو، تنهن جو مونکي ڏاڍو ڏک آهي، پر مان وچن ٿو ڏيان ته وري جڏهن سنڌ ۾ ايندس، تڏهن ساهتيءَ

کافي پلئٽ فارم جو پڊعيدن هوا. آيا ڪري پنڌ .
ميز پوش هڪ پاسي هڪ جي فارم پلئٽ هو. ورد
ماڻهو هزار چار انڪل ۽ هئي ويٺي رکي ڪرسي ۽ سان
ٽڪ جي پنڌ نه ڪين هوا. وينا تي پٽ تي فارم پلئٽ
هئي. پرواهه جي ٽڏ نه ۽ جي
گاڏي پڊعيدن اسٽيشن تي پوري ٽائيم تي راڄو هڪ
بجي ڏاري پهتي. ماڻهن کي اڳواڻ ويٺي ڪيل هئي ته
ڪو به پهچڻ جاءِ تان نه اُٿي؛ نه رڳو ايترو پر ڪين چيل
هو ته ڪو به آواز نه ڪري، نڪي نعرو هڻي. چاڪاڻ ته
ڪم ڪندڙن کي اڳواڻ اهڙيون هدايتون مليل هيون.
جڏهن گاڏي پلئٽ فارم تي بيٺي، ٽڏهن
تيو به اٿين. ۽ وڏي تعجب جي ڳالهه ته
ماڻهو بلڪل شانتيءَ ۾ رهيا ۽ وڏي تعجب جي ڳالهه ته
نعرو به ڪونه هنيائون. مهاتما کي اُٿين پڌايو ويو هو ته
نوابشاه ضلعي جي ماڻهن سان پڊعيدن اسٽيشن تي گڏجڻو
آهي؛ پر مهاتما جي دل تي اِهو اثر پئجي ويو هو ته
نوابشاه اسٽيشن تي ٿي لهڻو هو؛ نه پئي ڪنهن هند.
مهاتما نوابشاه اسٽيشن تي گاڏيءَ بيهڻ جو وقت خيال ۾
رکي چڙيو هو. شري جيرامداس پڊعيدن اسٽيشن ت-ي
آئارڻ ويس پر اٿين پئي لڳو ته ڪيس امل هئي. اڳيم
اسٽيشن تي ور ور ڪري جاڳڻو پيو هوس، جو ماڻهو
هر هنڌ پئي آيا.
شري جيرامداس سندس منهن ويجهو وڃي آهست

مهنجي ڳوٺ ڀرين جا ماڻهو لـ حڪ مست لي پيا.
سبب ساڌو رام شري ميارام جو چاچو ميدان ۾ ڪاهي
پيو. جي مهاتما اسان جي وچ اچي ۽ اسين ڳوٺ جي پيتا
نه ڏيون؟ هو هڪڙو هو شيواڌاري ماڻهو ۽ سائين وقت
سيٺ ماڻهو، سو جتي وڃي جهول پٿاري، آڻي وڌيء
آدارتا سان هرڪو پيو پيسا ڏئي. ڪو هزار لـ ڪلو
لي ويو. ان وقت هڪ هزار ڪنهن ڳوٺ مان ڪنو ڪرڻ
وڏي ڳالهه لکي ويندي هئي. ڪي نه رتل رستي اڳوات
پڊعيدن اسٽيشن لي وڃي پهتا. پرين ۾ ڪيترا اهڙا
آدمي به هوا، جي سائڪليء جو روٽي ڪائي پرين مان
نڪتا ۽ ڏهـ ميل پنڌ ڪري ١٠ بجي رات جو
پڊعيدن اسٽيشن لي پهچي ويا. مان به انهن مان هڪ
هوس. ماڻهو رات لي ٽولين ۾ ڪچهري ڪندا پئي هليا.
صرف مهاتما جي لي جيون جي ارپ ۾ هر ڪنهن وارتا
پئي پڌائي. ڪو چوي نه مهاتما اوتار آهي ۽ هڪ
دوعي هندستان جي ڇهن شهرن ۾ سائين وقت ڏاو واو.
مان ان وقت ١٦ ورهين جو هوس. اهي ڳالهيون ٻڌي
موکي ڏاڍا حيرت پئي لڳي. نوشهره، ٽاروشاه،
مياڻي، نوابشاه مطلب نه نوابشاه ضلعي جي ڪيترن
ئي ننڍن وڏن ڳوٺن مان هزارين ماڻهو پڊعيدن
اسٽيشن لي اچي ڪٺا ٿيا هوا. ڪيترا ماڻهو لـ ٻريان
پريان ڳوٺن جهڙوڪ موري، دولتپور ۽ ڳچيري مان

...ور ائڻ جا ٺهراءَ ڪيا.

ڪنڊياري تعلقي ۾ ٥٢ ڳوٺن جو پرڳڻو ٺهيل هو ۽
...ن سنستا اهڙو فيصلو ڪري هر ڳوٺ کي هدايتون
...وڪلي ڏيون. انهن ٺهراون جو اهڙو اثر ٿيندو هو،
...و اُن جي پيڪڙي ٿي ڪانه ٿيندي هئي.

گانڌيجيءَ جو پڊعيدن اچڻ-

گانڌيجي سنڌ جي دوري لاءِ ٽيون ڀيرو فيبروري
١٩١٩ ۾ پڌاريو. اُن وقت عام جنتا ۾ هن لاءِ عظيم شرڌا
پيدا ٿي چڪي هئي ۽ هرڪو ڀارتواسي کيس مهاتما جي
نالي سان ياد ڪندو هو. سياويڪ اسان جي نواب شاهه
ضلع ۾ ٻه ڪٿي سنڌس پروگرام رکيو وڃي، اُن لاءِ
هر هنڌان چڪ ٿي. پر گانڌيجيءَ جيڪي ڏينهن سنڌ کي
ڏنا هوا، اُنهن ۾ نواب شاهه ضلع کي ڪنهن به شهر ۾
ٽائيم نه ملي سگهيو هو. ساهتيءَ جي ماڻهن جو اُتساهه ۽ شرڌا
ڏسي ساهتيءَ جي ڪم ڪندڙن سنڌ پرانتڪ ڪانگريس
ڪاميٽيءَ کي مهايو ته جئن گانڌيجي سکر مان موٽندي
رات جو پڊعيدن جنڪشن اسٽيشن تان لنگهي، جتي
ميل گاڏي ٥ منٽ بيهندي هئي، اُتي پليٽ فارم تي
ماڻهو سنڌس درشن ڪن. ساهتيءَ جي سيني ڳوٺن کي
اطلاع ڪيو ويو. ميل گاڏي، جنهن ۾ گانڌيجيءَ کي سفر
ڪرڻو هو، سا رات جو پڊعيدن اسٽيشن تي هڪ بجي
پهچڻي هئي. تڏ جا ڏينهن هئا.

ڪالسواءِ منجهس اُن لعنتيءَ عمر ۾ به اڻڏو ته ڏيرج ۽ ديوٽالي هئي، جو ڪنهن مڙ ۾، محفل ۾ خواه پنچايت ۾ ڏٺائبندو هو ته اُن اهڙو ڪهڙو اثر ڇڏيندو هو، جو مشڪل منجهي سگهندو هو.

ناٽڪ جي فن ۾ ته ايا مون اهڙو ڪلاڪار نه ڏٺو آهي. شري ليولدرام قومي هلچل کي پختي ڏيڻ لاءِ ناٽڪن جو ٻورو فائدو ورتو. ١٩٢١ جي زماني ۾ قومي اسڪول ڪن هندن ۾ هوا. اُنهن اسڪولن جا ڇوڪرا نه صرف ودياراٿي پر سچ پچ ننڍڙا قومي سيوڪ هوا. اُنهن کي وٺي ساٿيءَ جهڙي ڳوٺن ۾ ويندا هوا، جتي آزاديءَ جي آندولن جي باري ۾ عام لوڪن اڳيان ناٽڪ ذريعي قومي هلچل جا چٽر زنده منظر پيش ڪندا هوا ۽ ڏسندڙن تي اهڙو اثر ٿيندو هو، جو اُنهن مان هلچل لاءِ ڪافي مددگار ملي پوندا هوا.

شري ٻولدرام ناٽڪ ڪرائيندو هو ته ٽڪيٽ رکندو هو. زالون مرد هندو مسلمان وڏي تعداد ۾ ايندا هوا ۽ هر ناٽڪ لي جگا روپيا ڪٺا ٿي ويندا هوا.

هو ڪنڊياره تعلقي ۾ پيو ڦرندو هو ۽ هر ڳوٺ ۾ پنچايت ذريعي ٺهراءُ ڪرائيندا ويندا هوا ته ڏسهڙي ۽ هوليءَ جي موقعن تي شراب گوشت نه ورتايو وڃي. ڪيترن شهرن ۾ شادين تي به اُنهن اهڙي شين جو واهپو گهٽايو ويو. ڪن پنچايتن ڇهه يا ٻارهن مهنا شراب



(شري پورومل رامرکياڻي، شري ميارام چيلارام
۽ هڪ ٻئي ساٿيءَ سان)

پنهنجو ناهيل قومي گيت

مالا منڙي مهر واري، ٿو اکيان ٿا سڀ نمون ۽
پتر پترين ٻران پياري، چرن ننهنجا تا چمون-
امنگ ۾ اچي ڳائيندو هو، لڏهن ماڻهو جهومڻ لڳندا
هئا. هو اڳتي هلي هڪ سٺو ليکڪ ۽ ساهتيڪار ٿيو.
هن مهاتما گانڌي، ارونڊ گهوش، مدن موهن مالويه ۽
لالا لجپتراءِ جا جيون چرتر نالي ڪتاب ٻه لکيا هئا.
شري نيوندرام وشنداس اسهڪار جي هلچل ۾ آيو
لڏهن ونيهن ورهين جو نوجوان هو. پر هڪڙو ٻه هو
ڪلاڪار هو ۽ پگوان سر ۽ زبان ۾ ميناج ڏنو هوس، ته

جي قومي ڪنيا پاٺشالائن واران شروع ٿيو. اُن جي سالانن
اُتسون لي وقت بوقت ڪراچيءَ جي دادي پاروتي گدوائيءَ،
شڪارپور جي پيٽ ڏميٽي ديوي ۽ ٻين اهڙين زالن ۾
پرچار ڪنديون هيون. ان جو اثر اهو نڪتو جو قومي
ڪنيا پاٺشالا جي اڌياپڪا شريمتي ڪرشنا ديوي ۽
ٻيون ليڊيون ملڪي ميدان ۾ گهڙي پيئي ۽ مردن سان
گڏ جدا جدا هنڌن لي وڃي پرچار ڪندي هئي. ٻيون
ديويون به ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن مان اچي
پرچار ڪنديون هيون.

ناٽڪن دواران پرچار- جيئن ته سماج ۾ قومي،
ايڪتا ۽ قومي جذبا ڄاڳائڻ لاءِ ناٽڪ هڪ عمدو ساڌن
آهن، انگريزي ايامن کان پارسي ۽ رام ليلا وغيره ٿيندا
رهندا هئا. اها ڳالهه ڌيان ۾ رکي اسان جي ضلع ۾
قومي ناٽڪن ڪرڻ جو سلسلو جاري ڪيو ويو. ان ڏس
۾ ٽن جو نالو زبان تي تري ٿو اچي، جي هئا شري
نيڀندرام وشنداس هالائيءَ حوءِ نوشهره جا شري گرمکداس
هالائي ۽ شري پريومل چندنرام رامڪياڻي، جو پوءِ
هندستان جو سڀ ايڪٽر ٿيو هو. شري نيوندرام سٺو
راڳيندڙ ۽ ڪلاڪار هو. شري گرمکداس ته هر ڪنهن هوائيءَ
لي پنهنجي شهر ۾ ناٽڪ ڪرائيندو هو ۽ پاڻ پريومل
ننڍو نوجوان ودياريٺي هو، جنهن کي ڀڳوان مڌر گلو ڏنو
هو. سنڌس ڳائڻ لي ماڻهو مست ٿي پوندا هئا. هو جڏهن



(شري منوهرداس ڪلناڻي)

هو سنڌ پراونشل ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو، سو به وقت به وقت دورو ڪري پرچار ڪندو رهندو هو. هو مشهور ساهتڪار آهي.

استرين ۾ سجاڳي-

۱۹۲۱ ۾ سوراج هلچل شروع ٿي، اُن کان اڳ ڀارت جي نارين ۾ خيرڪا جاڳرتا آئي هئي. سنڌ ۾ ورليون ڪي پيئر ملڪي ڳالهين ۾ دلچسپي وٺنديون هيون. مگر مهاتما گانڌيءَ استرين ۾ جاڳرتا آندي ۽ انهن کي ڪرت ڪئي ته ديش جي آزاديءَ لاءِ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي قرباني ڪرڻ لاءِ تيار رهن. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ تعليم جي واڌاري ڪري زالن ۾ ڪجهه پنڪتي ۽ ڌرمي ڳالهين ۾ دلچسپي ڏسبي هئي، مگر نوابشاه ضلعي ۾ ته ڇوڪرين جي تعليم اڃا ڪجهه سال اڳ شروع ٿي هئي ۽ پردو ڏاڍو هو. استرين ۾ سڌاري جي لهر ديوان ڪوڙيمل ڪلناڻي پنهنجي ڪتب کان شروع ڪئي هئي، مگر ساهتيءَ جي استرين ۾ سجاڳي آڻڻ جو سهرو ڪم نوشهره


نوشهري فيروز ۾ ضلع ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي هيڊ آفيس هئي، ٽلڪ هاءِ اسڪول هو ۽ اُن کان سواءِ آشرم هئو، جتان سڄي ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ پرچار لاءِ ويندا هئا. سوراج آشرم ۽ ڪانگريس ڪم لاءِ سيٺ ايسرمل وڏيءَ دل سان مالي سهائتا ڪندو هو.

پرچار - سروشري ڪسومل ٻالاڻي، سچانند ڦيرومل، پروفيسر هاسانند چانڊومل جادوءَ جو أستاد، کيمچند جيٺمداس ۽ شريمتي ڪرشنا ديوي هگوراڻي سڄيءَ ساهتيءَ ۽ نوابشاهه ضلعي جي جدا جدا شهرن ۽ ڳوٺن ۾ چڪر هڻي پرچار ڪندا هئا.

نوشهره جو شري گوبندرام ٻاراڻداس، جو خانواهڻ تعلقي ڪنڊيارو جي سرڪاري اسڪول جو هيڊ ماستر هو، سو به نوڪري ڇڏي هلچل ۾ شامل ٿيو ۽ آخري قدر ڪي لکن لکي ويس، هر دهل ڪلهي ۾ وجهي ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ ۽ وستيءَ ۾ ڪانگريس جو پيغام پهچائيندو هو. اُهو قربانيءَ جو پتلو هو. هو سٺو شاعر هو. هو پنهنجي قومي شعرن سان ماڻهن ۾ جذبا پيدا ڪندو هو.

خانواهڻ جو مولوي عبدالله ۽ نوشهره جو رئيس حبيب الله به سڄيءَ ساهتيءَ جو چڪر لڳائي ماڻهن کي سجاڳ ڪندا رهندا هئا.

پڊن جي ديوان ڪوڙامل جو سپترُ شري منوهرداس،



(سيٺ تيجومل پاونداس ٻالاڻي)

ڏايو عادلي هو، تنهن جو ايتري قدر نہ تياڳ ڪيائين جو گيا ڪانگريس اجلاس کان موٽندي واٽ تي نمونيا ٿي پيس، جنهنڪري ڊاڪٽرن برانڊي شراب پيئڻ لاءِ زور ڀريس تہ بہ هڪ ڦڙو بہ ڪين پيتائين ۽ پرديس ۾ سنڌس ديهانت ٿيو. هن سڌانت لاءِ جيڪا قرباني ڪئي، تنهن ڪيترن ۾ جذبو جاڳايو. اِن سڄي ٻالاڻي ڪٽنب جي تياڳ ۽ قربانيءَ اهو رنگ لاتو، جو سڄي ساهتي ڄاڻي اُٿي.

ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪانگريس ڪاميٽيون قائم ٿي
ويون. هر هنڌ وڏي انداز ۾ ڪانگريس جا ميمبر
ڀرتي ٿيڻ لڳا. سڄي نوابشاهه ضلعي جي هيڊ آفيس
ضلعي جي هيڊڪوارٽر نوابشاهه بدران نوشهري فيروز ۾
ڪئي ويئي، جو اُتي ڪُٽڪي ۾ گهڻا ڪم ڪندڙ اهڙي
ڪٺا ٿيا هئا ۽ اُتي ڪم ڪندڙن لاءِ سوراج آشرم پڻ
کوليو ويو هو. نوابشاهه ضلعي ڪانگريس ڪاميٽيءَ
جو پريزيڊنٽ شري ڪيسومل ليڇومل، جنرل سيڪريٽري
شري مالسنگهه جوهرمل (جيڪو هن وقت بمبئيءَ جي
”هندواسي“ اخبار جو سمپادڪ آهي) ۽ جائنٽ سيڪريٽري
شري پرسرام تاراچنداس ڀلائي چونڊيا.

نوشهري فيروز جي سيٺ ٽڄڙومل ڀاڳنداس ڀلائي
ساٿيءَ جو هڪ وڏو ترڪ زميندار هو، جنهن سان گڏ
پٽ سر وشري ڪيسومل، گورڌنداس ۽ لهرومل؛ سندس
ڀائيا سيٺ چيتنداس جو پٽ شري کيمچند، سيٺ
ڀارومل جو پٽ شري ڪوڙومل ۽ سيٺ تاراچنداس جو
ننڍو شري پرسرام هاڪول ۾ گهڙي پيا هئا، ٺهڪري
سيٺ ليڇومل پاڻ به انهي ڪين پيو. ولاتي ڪپڙا پائڻ
ڇڏي ٿلهي کادي پائڻ لڳو ۽ سرڪاري آنريري
مئجسٽريٽيءَ ۽ بندوق جو پروانو لاهي ڦٽا ڪيائين. سندس
وڏو پٽ سيٺ هولدراج، جنهن ڇوڪرو ولاتي ڪپڙا پائڻ
ڇڏي کادي پائڻ شروع ڪئي، مگر شراب، جنهن جو

سوامي شوانندجي ناليءَ سان پرستن تيو هو، سو ۽ پيا ڪم ڪرڻ لڳا.
ٻيءَ ۾ ڊاڪٽر چاگومل وچاڻيءَ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي پٽ درگيءَ کان پڙهڻ ڇڏائي، اُن کي نوشهره جي شيوا آشرم ۾ داخل ڪرايائين.
پڊين جا سروشري ميارام چيلارام، ليکراج هيرانند ماميتاڻي، هرداس ڪلناڻي ۽ ڪندومل هاسارام ۽ ملڪ جو سڄو اوائي ڪاليج ڇڏي پنهنجي شهر ۾ جوش ڪي ڪم ڪرڻ لڳا.
نوابشاهه ۾ مولوي محمد معاذ حڪيم ۽ پيا، شهدادپور ۾ سيٺ ڌرمداس، ٻيراني ۾ سيٺ يوڄراج ۽ پنهنجن شهرن ۾ هلچل هلائڻ لڳا. شاهپور چاڪر ۾ اُن وقت حيدرآباد جو ڊاڪٽر چمنداس ايسرداس چگتياڻي رهندو هو، سو پڻ اچي سڄي آڻڻ لڳو.
ان ريت سڄي نوابشاهه ضلعي ۾ قطع تعلقات هلچل پوڻ ڪرڻ لڳي. جوش جي لهر اچي ڪڙي ٿي. ماڻهن ۾ ملڪي محبت جا مچ ٻرڻ لڳا. سال اندر سوراج پراپت ڪرڻ ۽ رام راڄ قائم ٿيڻ جي وچار گهڻن کي گهلي ملڪي ميدان ۾ آندو. مهاتما جو جادو چوڌاري ڪم ڪرڻ لڳو. نوشهره فيروز، ڪنڊيارو، هالاڻي، پڊين، ناروشاهه، منياڻي، دولتپور، نوابشاهه، شهدادپور، ٽنڊو آدم، شاهپور چاڪر، ٻيراني، جلباڻي، ٻيراني ۽

۽ سندس پاڻيهر شري روپومل پرتابراء، جي دادو شهر
۾ مڊل اسڪول هلائيندا هئا، سي اهو اسڪول بند
ڪري ملياڻي ۾ آيا. شري نيڀنداس جو پاء شري ڏامومل
ايسرداس، جو سپروائيزنگ ٽيچر هو، سو به استعفا ڏيئي
آيو. مطلب ته شري نيڀنداس جي سڄي ڪٽنب ملڪ
جو سڏ اوناتيو. هن پنهنجي ٻارن کي به سرڪاري
اسڪول مان ڪڍيو. اُنهن مان ڪي نوشهره جي نئشنل
هاء اسڪول ۾ داخل ٿيا ۽ ڪي ملڪي ڪم ۾ جنبي
ويا.

هالاڻيءَ ۾ سرو شري ٽيوڻدرام وشنداس، لکراجچند
ويرواڻي (جو الحيري ڪالي جي نوڪريءَ جي استعفا ڏيئي
آيو هو)، پريداس ويرواڻي، چندرام الواڻي ۽ ٻيا
اچي ملڪي ڪم ڪرڻ لڳا. ڪاڪو سچانند ڦيرومل
ٿانواڻي به حيدرآباد مان ڏنڌي کي ڇڏي گهڻو وقت
ڪم کي ڏيڻ لڳو.

ڪنڊياره جو پروفيسر هاشانند جادوءَ جو اُستاد ۽ اڳيئي
ملڪي ميدان ۾ هو، سو ۽ سائنس ڪلاس اُلي جو شري پوجراج
ٿانورمل سوٽارو ۽ ٻيا پنهنجي شهر ۾ سڄاڳي آڻڻ لڳا.
دولتپور لعل مورو ۾ شري لولراء چندلاڻي پڙهڻ
ڇڏي اچي ڪم کي جنبيو هو.

ٿاروشاه ۾ شري هيمنداس شيوڪرام، جنهن پڙهڻ ڇڏڻ
بعد نوشهره جي شيوا آشرم ۾ رهندي سنياس ورتو هو ۽

ڪاليجي جوان
ڻهن جو نتيجو اِهو ٿيو، جو ڪيترائي ڪاليجي جوان
ڪاليج ڇڏي، نڪتا ۽ ديش جي ڪاريه ۾ جنبي ويا.
ڻهن مان اسانجي نوشهره فيروز جي سيٺ پارومل ڀلاڻي ۽
ڄو سپتر شري ڪوتومل ٻه هو. اسان جي ضلعي ۾
نوشهره جي پنچائتي انگريزي اسڪول پاهران ٻه اسڪول
ڀهشڪار جو ناد وڄو ته اسڪول جا ٻه ماستر سرو شري
ڪيسومل ليجومل ڀلاڻي ۽ گلابراء شونداس سانوناڻي
(جو روينيو ڪالي جي سٺي نوڪري رشوت لاءِ ڌڪار
هڻي ڪري ڇڏي آيو هو ۽ ان اسڪول ۾ هو) اسڪول
سان تعلقات ٽوڙي نڪتا. اسڪول جا گهڻو ڪري سڀ
شاگرد ٻه اسڪول ڇڏي ويا. اُن وقت ڪانگريس جو
اعلان هو ته ڪاليجن ۽ اسڪولن سان قطع تعلقات ڪندڙ
پڙهڻ لاءِ شائق وديارٿين لاءِ قومي ڪاليج ۽ اسڪول
برپا ڪيا وڃن. اُن موجب نوشهره فيروز ۾ هاءِ اسڪول
قائم ڪيو ويو، جنهن جو نالو تلڪ هاءِ اسڪول رکيو
ويو. اُن ۾ هيڊ ماستر شري ڪوتومل پارومل ڀلاڻي
ٿيو. شري ڪيسومل ڀلاڻي، گلابراء شونداس، خانچند
رامرکياڻي ۽ ٻيا ماستر ٻڌجي آنرري ڪم ڪرڻ لڳا.
اُن اسڪول ۾ نوشهره جي مدرسه هاءِ اسڪول مان ٻه
ڪي وديارٿي نڪري اچي داخل ٿيا. اسڪول ڏينهن
ٻه ڏن زور وٺڻ لڳو.
نوشهره تعلقي جي منياڻن جو شري نيڻداس ايسرداس

(New Times) اخبار دوارا ۽ حيدرآباد مان مهاراج لوڪرام ۽ وشنو نتارام شرما پاڻ پنهنجي ”هندو“ روزاني اخبار دوارا سنڌين ۾ سجاڳي آڻيندا رهيا. ڪراچيءَ جو مشهور آريه سماجي اڳوان سوامي ڪرشنانند، جو اصل پنجابي هو ۽ سنڌ ۾ تبديل روپ ۾ رهي آريه سماج جو پرچار ڪندو هو، سو، دادوءَ جو آريه سماجي پرچارڪ پنڊت اديه ڀان، مشهور سنڌي ساهتڪار پنڊت دوارڪا پرساد روچيرام شرما ۽ ٻيا به اڳتي وڌي آيا.

سنڌ جي ٽن ضلعن تان اسان جو سوابناه ڪاڄو به پٺتي ڪين پيو. حيدرآباد جو سنڌ نئشنل ڪاليج، جنهن ۾ ساهتيءَ جا وديارٿي ٻ پڙهندا هئا، سي ديش جو سڌ اوناٽي پڙهڻ ڇڏي آيا. سروشري مانسڪه، ڇوهڙمل ۽ ڀڳوانداس پيڌعبدن جا، کيمچند چيتنداس ڀالاڻي ۽ پرسرام تارانڌداس ڀالاڻي نوشهري جا، ليوندرام وشنداس ۽ ڀيرپداس ويرواڻي حالاڻيءَ جا پڙهڻ تياڳ ڪري نڪتا. بريداس برهمچاري، جو ۽ الهان حال ڪڇيءَ طرح پڙهڻ ڇڏي آيو هو، تنهن به هميشه لاءِ پڙهڻ کي الوداع ڪئي. حيدرآباد جي ميڊيڪل ڪاليج مان نوشهره فيروز جو شري ڪاليچند رامرکياڻي ۽ دولتپور جو شري ٽولراءِ چندلاڻي ٻ نڪري آيا. سوامي گووندانند مان ڪڍ شري کيمچند ڀالاڻي ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پيشڪار جو ناد وڄايو. سوامي گووندانند ڪاليج ٻاهران گهڻا ئي زبردست وياکيان ڪندو هو،

ندس رهبريءَ هيٺ ستيه ۽ اهنسا جي سڌانتن جي
ريءَ ريت پرُامنواري ڪندي سرڪار سان اسهڪار
ڪيو ويو ته ڀارت هڪ سال اندر سوراج پراپت ڪندو.
الما جو سڏ سڄي ملڪ اونايو. ديش جي گهڻن مکيه
ومي ليڊرن سنڌس ساٿ ڏنو. پنجاب جو گڏمڙ شير
لالا لاجپتراءِ ۽ ڊاڪٽر ڪچلو، بمبئيءَ جو پنڊت موتي لعل نهرو
پنهنجي سپتر پنڊت جواهر لعل نهروءَ سميت، دهليءَ
جو شيردل سنياسي سوامي شرڌانند، حڪيم اجمل خان،
مؤلانا ابوالڪلام آزاد، بنگال جو قربانيءَ جو پتلو شري
چترنجن داس ۽ شري سباش چندر بوس، مدراس جو
شري راجگوپال آچاريه، ڀارت جي بلبل شريمتي سروجني
نائيڊو، مشهور سنڌي انقلابي آچاريه جيوترام ڪرپالاڻي،
مشهور مسلم اڳوان شوڪت علي ۽ محمد علي پارا نڪري
نروار ٿيا ۽ ملڪ ۾ ولولو پيدا ڪري ڇڏيائون. سنڌ ۾
۾ سوامي گووندانند، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، شري
جيرامداس دولترام، پروفيسر گهنشامداس شيوداساڻي،
پروفيسر ناراڻچند گاجرا
شري ويرومل بيگراج (سکر وارو)، پروفيسر ... سنڌي اڳوان
شڪارپور وارو ۽ ٻيا ڪيترائي هندو سنڌي اڳوان
ڪاهي پيا. شيخ عبدالمجيد ۽ ٻيا ڪيترا مسلمان اڳوان
به پٺتي ڪين پيا. سڄيءَ سنڌ ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ ڏينهن
رات هڪ ڪري ڏنائون. ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي
ڪراچيءَ مان پنهنجي روزاني انگريزي نيو ٽائيمس

سڄي هندستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڳڙهي وئي.

مهاتما وري اهڙو اڳوان ثابت ٿيو، جنهن جو هٿ هميشه ماڻهن جي نبض تي هوندو هو. هن اهو دريه فيصلو ڪري ڇڏيو ته آزادي ستيه ۽ اهنسا جي ذريعي وٺڻي آهي ۽ سڄي ملڪ پوري اتحاد سان سندس ساٿ ڏنو.

پهرين گانڌيجيءَ ملڪ کان اها گهر ڪئي ته اهڙي سرڪار کي ساٿ ڏيڻ جي بدران ان سان ڪٽي ۽ صلح پسند رستن سان اسهڪار ڪيو وڃي، جاڪاڻ ته اهو ماڻهن جو حق هو ته جي سرڪار کي لائق سمجهن ته ان کي سهڪار ڏين، پر ڌاري سرڪار ڪيئن لائق ٿي سگهندي؟ اها ڳالهه ماڻهو بهتر سمجهي ويا هئا. ان ڪري ڪانگريس ۾ قطع تعلقات جي ٺهراءُ پاس ٿيڻ بعد هندستاني اٿي کڙا ٿيا.

قطع تعلقات هلچل- انڊين نيشنل ڪانگريس (ڀارت جي قومي پنچايت) آخرين طرح ناگپور اجلاس ۾ قطع تعلقات يعني انگريز سرڪار سان ناتو ٽوڙڻ جي ٺهراءُ پاس ڪرڻ سان ملڪي هلچل جي واڳ ڏور مهاتما گانڌيءَ کي سونپي ڏني. فيصلو ڪيو ويو ته سال اندر هڪ ڪروڙ ڪانگريس جا ميمبر ڪيا وڃن ۽ هڪ ڪروڙ روپيا "تلڪ سوراج فنڊ" ۾ گڏ ڪيا وڃن. مهاتما گانڌي ملڪ کي للڪاريو ته جيڪڏهن

ـا تيو آهي، جو ٻنهي ڌرين وشواس سان ڳالهائي ٿو، جو
ـاجي ۽ داس جهڙن اڳوانن کي به پنهنجو ڪري ويو.

ناگپور اڌويشن ۾ کاديءَ جي پرچار لاءِ به گهڻو زور
ـنو ويو ۽ ان ڳالهه ڏانهن به ملڪ جو ڌيان ڇڪايو ويو
ـ سوراج حاصل ڪرڻ لاءِ حقي ۽ صلح پسند رستا
اختيار ڪرڻا آهن. مطلب ته گانڌيءَ جيڪو چيو، اُن
کيِ پوري پٺڀرائي ملي ۽ اُن اڌويشن ۾ جڻ گانڌيءَ
جي سوڀ ٿي. هن اجلاس ۾ صفا ظاهر ٿي پيو ته ملڪ
تي هڪ نئين اڳواڻ جي ڇاپ آهي، جو مهاتما گانڌي
آهي.

قطع تعلقات جي نهراءَ جو نرماتا گانڌيءَ هو. ناگپور
واري ڪانگريس اجلاس وقت سندس ڇاپ جا
ڪانگريس تي لڳي ويئي، ان ڪري اُن نهراءَ کي
عملي جامو پهرائڻ لاءِ هو ٿي وقت بوقت پڌرايون پيو
ڪندو هو. هن هوم رول ليگ وارن کان 'ينگ انڊيا'
اخبار ورتي ۽ پاڻ اُن جو سمپادڪ ٿيو ۽ اُن جي ذريعي
ئي قطع تعلقات هلچل جي باري ۾ هدايتون ڏيندو
رهندو هو. هو ان اخبار ذريعي ئي ڪم ڪندڙن جي
رهبري ڪندو هو. ساڳئي وقت اکل ڀارت ڪانگريس
ڪاميٽي به باقاعدي ڪم ڪرڻ لڳي.

جڏهن ڊسمبر ١٩٢٠ ۾ ناگپور جي پنجٽيهين ساليانى
اجلاس ۾ قطع تعلقات جو نهراءُ پاس ٿيو، ليڪن اها هلچل

ٻڌرڪ جو نتيجو اهو ٿيو، جو سرڪار کي اهي ماڻهو ٻيهر واپس وٺڻا پيا.

ناگپور اجلاس - ڪلڪتي ۾ پاس ڪيل قطع تعلقات جي ٺهراءَ بعد ناگپور ۾ ڊسمبر ١٩٢٠ ۾ ڪانگريس جو ٣٥ اجلاس شري وجيه راگهو آچاريه جي پرڌان پڻي هيٺ ٿيو. ان اجلاس ۾ ڪلڪتي ڪانگريس اجلاس ۾ پاس ڪيل ٺهراءَ لاءِ هن دفعي لالا لجپتراءِ ۽ سي آر داس ٺهراءُ جي پنڀرائي ڪئي. موتيلال نهرو به اڳيئي ٺهراءُ جي فائدي ۾ هو. هن ڪانگريس اجلاس وقت گانڌيجيءَ کي وڏيڪ پنڀرائي ملي. سابا چوڏهن هزار عيوضي هندستان مان آيا هوا، جن ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ مسلمان هوا ۽ ڏيڍ سو کان مٿي زالون به عيوضي ٿي آيل هيون. خلق ۾ جو اُتساهه هو، سو ڏسڻ وٽان هو. گذريل آگسٽ ۾ جو اکل ڀارت ڪانگريس ڪاميٽيءَ لوڪمانيه جسي يادگيريءَ ۾ 'اکل ڀارت تلڪ سوراج فنڊ' ڪڙو ڪيو هو، تنهن جي به پنڀرائي ڪئي ويئي.

انگلنڊ مان به ٻي ليبر پارٽيءَ جا ميمبر ڪانگريس سان همدردي ڏيکارڻ لاءِ ناگپور اڌويشن ۾ شريڪ ٿيا هوا. انهن ڪانگريس اجلاس هلندي قطع تعلقات جو رستو اختيار ڪرڻ خلاف چتاءُ ڏنو. هو ڏانهن اڳيان آزمايل اڳوان جهڙوڪ پنڊت مدن موهن مالويه، پال، اينيبسينٽ ۽ جناح لهرس ۾ پٺجي ويا ته هي اڳوان ڪتان

ٻالاڻيءَ جو پٽ شري ڪيسومل هو. هو اُن وقت پنڊچائي انگريزي اسڪول ۾ ماستر هو. هو اُن ٻهار منڊليءَ جو پريزيڊنٽ ٿيو ۽ شهر جي پاڙي پاڙي مان ماڻهو مساڻهو واري سان نڪري رات جو پهرو ڏيندا هئا، جنهنڪري چوراڪاري گهٽجي قدر بند ٿي ويئي. ٻال منڊليءَ جا ڪم ڪندڙ به ان ۾ شامل هوندا هئا. ٻهار منڊليءَ وڏوائن کي سهائتا ڏيڻ جو ڪارج به شروع ڪيو.

وڏيڪ سڀاڳي - نوشيره فيروز ۾ وڏيڪ سڀاڳي آئي. ١٩٢٠ جي آخر ۾، جو نوشهره ۾ سرڪار سينيٽري ڪاميٽيءَ بدران ٿاڦيل ميمبرن سان نسونيفائيڊ ايريا ڪاميٽي برپا ڪئي ۽ اُن سان گڏ ماڻهو ٽيل (Man Tax) وڌي ويئي. ان موجب هرهڪ شاهوڪار خواه غريب نيڌي خواه وڏي، مرد نسوڙي زال کي هڪ جيترو محصول ڏيڻو هو. اهڙي ٽيل اڳ ڪٿي ڪانه پيئي هئي ۽ غريبن لاءِ ته مصيبت هئي. ان جي خلاف ٻال منڊليءَ جي مکيه ڪم ڪندڙن شري کيمچند ٻالاڻي ۽ پريداس تحرڪ شروع ڪيو. شهر ۾ اعتراضي سرگس ڪڍي وئي، جنهن ۾ شيوا آشرم جا وديارٿي ۽ قومي ڪنيا پاٺشالا ڄن ٻالڪيون ۽ شهرواسي شامل هئا. شهر ۾ ڪيترن ئي هندو ماڻهن کي اُٺي آواز اُٿارڻ لاءِ تقريرون ڪيون ويون ۽ شهر جي مکيه ماڻهن جي مدد سان سڀني شهر جي ماڻهن جي صحيحن سان عرضو موڪليو ويو. ان

شيوا آشرم وارا ٽي ڪرڪمان دوارا ٽي شيوا آشرم وال
لي ڊاڪٽر صاحب جي ڪرڪمان دوارا ٽي شيوا آشرم وال
منڊليءَ جي هٿ هيٺ جاري هو. اُن جي سنڀال ٿري
ڪلاراءِ ڪرڻ لڳو ۽ جڳو مرچ ٿري ڪيرچند پڻ لڳو.
هونديءَ آگسٽ ۾ ڪلڪتي ڪانگريس جي اجلاس
۾ پاس ٿيل ٺهراءَ جو حيدرآباد جي نئشنل هاءِ اسڪول
۾ پڙهندڙ وديارٿي پرڀداس لي لهڻ اثر ٿيو جو ملڪ جي سڌ
لي ۽ پنهنجي شهر ۾ جاري ٿيل قومي ڪنيا پاٺشالا کي
بند ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ آڪٽوبر ١٩٢٠ ۾ حال پڙهڻ ڇڏي
آيو، جيتوڻيڪ مسٽر وود نئشنل ڪاليج جي پرنسيپال،
جنهن جو اُن ڏاڍو پيار هو، ٿري پرسرام ٽيلراماڻي
۽ ٻين زور ڀريو ته پڙهڻ نه ڇڏي وڃي. ماڻهن ۾ ستايس
پر هن سڀ ڪان مٿي ملڪ جي سڌ ۽ شيوا کي جاڻو.
هو بال منڊليءَ جي ڪم کي زور وٺائيندو رهيو، قومي
ڪنيا پاٺشالا ۽ شيوا آشرم کي وڌائڻ لاءِ سرگرمي ڪندو
رهيو.

ٻيار منڊلي- اُن وقت نوشهره جي هندن ۾ وڌيل
سماجيءَ کي دٻائڻ لاءِ سرڪار مسلمان زميندارن دوارا اللہ ڏنو
پيدا ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هندن جون ڏاڍا ڏڌ چور ٿيو
ٿيڻ لڳيون. سرڪار اُنهن کي روڪڻ لي ڪو ڌيان
ڌيڻ لڳي. اُن وقت شهرواسين پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪر
لاءِ "ٻيار منڊلي" نالي هڪ سنستا قائم ڪئي، جنه
جو باڪار نوشهره جي مشهور زميندار سيٺ ليجرو

نمونن سان ملڪي هلچلن ڪــي ديبائڻ جا رستا اختيـ
ڪرڻ لڳي. ساهتيءَ جي نوشهره فيروز، جتي ماڻهن
ديش پريم جي لهر زور وٺي رهي هئي، ۽ اُن جو مکيـ
مرڪز هو قومي ڪنيا پاٺشالا، اُن کــي بند ڪرائڻ لاءِ
اُن جي مکيه ٻن باڻيڪارن شري گلابراءِ شونداس سانوناڻي،
جو اُن وقت پنڇائتي انگريزي اسڪول ۾ ماستر هو
۽ شري ڦتنداس پيسومل، جو مدرسه هاءِ اسڪول ۾
پڙهندو هو، تن تي زور آندو ويو ته اسڪول ۾ وڃي
پاڙهڻ جو ڪاريه ڪرڻ بند ڪن. اسڪول جي ماسترياڻي
شريمتي ڪرشنا ديويءَ کــي به تعليم کاتي جا عملدار
وڏيڪ پگهار جي لالچ ڏيئي اسڪول ڇڏڻ لاءِ لالچائڻ
لـڳا. اُن وقت اسڪول بند ٿيڻ جو وڏو خطرو هو.
هوڏانهن حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام سيٺي اهن ڏينهن
ڪا ن ڇٽي، آزاد رهي، ملڪي هلچل ۾ لڳي پئي هئي ونڻ
لاءِ برهمچريه آشرم بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اُن وقت
مسٽر کيمچند بالاڻي، جو نئشنل ڪاليج ۾ پڙهڻ سان گڏ
نئشنل هاءِ اسڪول ۾ پاڙهڻ جو به ڪم ڪندو هو،
ـنهن ڊاڪٽر صاحب سان صلاح ڪري اُهو آشرم برهمچريه
ـشرم جي بدران شيوا آشرم جي نالي سان نوشهره فيروز
جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان موجب آشرم جو
ـامان گهڻو اڳهه ئي شري کيمچند کي ڏنو ويو ۽ برهمچريه
ـرم ۾ رهندڙ ڪي وديارٿي به نوشهره آيا ۽ ٢ آڪٽوبر

۾ پنهنجو راڄ (سوراج) اسٿاپن ٿئي. ان لاءِ ڪانگريس ملڪ کي اپيل ٿي ڪري ته

(الف) سرڪار کان مليل لقب ۽ آنرري عهدا سرڪار کي واپس ڪن.

(ب) سرڪاري ڪاليج ۽ اسڪول يا نيم سرڪاري ڪاليج ۽ اسڪول يا اهي ڪاليج ۽ اسڪول جن کي سرڪار جو ڪو ناتو آهي، سي وديارٿي ڇڏي اچن ۽ سيني پرانتن ۾ قومي ڪاليج ۽ اسڪول کوليا وڃن، جن ۾ اهي وديارٿي وڃي پڙهن.

(ٻ) وڪيل ۽ ٻيا سرڪاري ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪن ۽ ان جي جاءِ تي امادي ڪورٽون اڀا ڪيون وڃن، جن ۾ خانگي طرح ڪيس جا فيصلا ڪيا وڃن.

(ڀ) ميسوپوٽاميا ۾ لڙائيءَ لاءِ ڪوبه هندستاني ڪلارڪ يا مزدور يا سپاهي ڀرتي لاءِ آڇ نه ڪري.

(پ) ڪوبه ڪائونسل لاءِ اميدوار نه بيهي ۽ جي ڪوبه اميدوار بيهي ته ڪوبه ووٽ ڪرڻ نه وڃي.

(ت) ولائتي ڪپڙي جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي.

(ٿ) کاديءَ جي پيداوار وڌائي وڃي.

شهوا آشرم - آگسٽ ١٩٢٠ ۾ ڪلڪتي ۾ ٿيل خاص ڪانگريس اجلاس ۾ قطع تعلقات جو ٺهراءُ پاس ٿيڻ بعد ملڪ ۾ اٿل پٿل پيدا ٿي ويئي. سرڪار ان وقت دٻاءُ کان ڪم وٺڻ لاءِ ڪمرڪشڻ جو ارادو ڪيو ۽ جدا جدا

نمونن سان ملڪي هاچن ڪـــي دٻائڻ جا رستا اختيار
ڪرڻ لڳي. ساهتيءَ جي نوشهره فيروز، جتي ماڻهن ۾
ديش پريم جي لهر زور وٺي رهي هئي، ۽ اُن جو مکيه
مرڪز هو قومي ڪنيا پاٺشالا، اُن کي بند ڪرائڻ لاءِ
اُن جي مکيه پاليڪارن شري گلابراءِ شونداس سائرناڻي،
جو اُن وقت پنڇائتي انگريزي اسڪول ۾ ماستر هو
۽ شري ڦتنداس پيسومل، جو مدرسه هاءِ اسڪول ۾
پڙهندو هو، تن تي زور آندو ويو ته اسڪول ۾ وڃي
پاڙهڻ جو ڪاربه ڪرڻ بند رکن. اسڪول جي ماستريائي
شريمتي ڪرشنا ديويءَ کـــي به تعليم کاتي جا عملدار
وڏيڪ پگهار جي لالچ ڏيئي اسڪول ڇڏڻ لاءِ لالچائڻ
لڳا. اُن وقت اسڪول بند ٿيڻ جو وڏو خطرو هو.
هوڏانهن حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام سيني ٻين ٻندن
کان ڇٽي، آزاد رهي، ملڪي هلچل ۾ ڪي ڀيري وٺڻ
لاءِ برهمچريه آشرم بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اُن وقت
مستر کيمچند ٻالاڻي، جو نئشنل ڪاليج ۾ پڙهڻ سان گڏ
نئشنل هاءِ اسڪول ۾ پاڙهڻ جو به ڪم ڪندو هو،
تنهن ڊاڪٽر صاحب سان صلاح ڪري اُهو آشرم برهمچريه
آشرم جي بدران شيوا آشرم جي نالي سان نوشهره فيروز
۾ جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان موجب آشرم جو
سامان گهڻ اگهه تي شري کيمچند کي ڏنو ويو ۽ برهمچريه
آشرم ۾ رهندڙ ڪي ودياراٿي به نوشهره آيا ۽ ٢ آڪٽوبر

۾ پنهنجو راڄ (سوراڄ) اسٿاپن ٿئي. ان لاءِ ڪانگريس
ملڪ کي اپيل ٿي ڪري ته
(الف) سرڪار کان مليل لقب ۽ آنريري عهدا سرڪار
کي واپس ڪن.
(ب) سرڪاري ڪاليج ۽ اسڪول يا نيم سرڪاري
ڪاليج ۽ اسڪول يا اهي ڪاليج ۽ اسڪول جن تي
سرڪار جو ڪو ضابطو آهي، سي وديارٿي ڇڏي اچن
۽ سيني پرانتن ۾ قومي ڪاليج ۽ اسڪول کوليا وڃن،
جن ۾ اهي وديارٿي وڃي پڙهن.
(ت) وڪيل ۽ ٻيا سرڪاري ڪورٽن جو بهشڪار
ڪن ۽ ان جي جاءِ تي امائي ڪورٽون اڏيا ڪيون وڃن،
جن ۾ خانگي طرح ڪيسن جا فيصلا ڪيا وڃن.
(ٿ) ميسوپوٽاميا ۾ لڙائيءَ لاءِ ڪوبه هندستاني
ڪلارڪ يا مزدور يا سپاهي ڀرتي لاءِ آڇ نه ڪري.
(ٽ) ڪو به ڪائونسل لاءِ اميدوار نه بيهي ۽ جي
ڪو به اميدوار بيهي ته ڪو به ووٽ ڪرڻ نه وڃي.
(ث) ولائتي ڪپڙي جو بهشڪار ڪيو وڃي.
(پ) کاديءَ جي پيداوار وڌائي وڃي.

ستيا آشرم– آگسٽ ١٩٢٠ ۾ ڪلڪتي ۾ ٿيل خاص
ڪانگريس اجلاس ۾ قطع تعلقات جو ٺهراءُ پاس ٿيڻ بعد
ملڪ ۾ اٿل پٿل پيدا ٿي ويئي. سرڪار ان وقت دٻاءَ
کان ڪم ورتو لاءِ ڪم ڪيتري جو ارادو ڪيو ۽ جدا جدا

پرچار ڪيو.

لوڪمانيہ تلڪ جي وداعي - لوڪمانيہ تلڪ امرتسر ڪانگريس بعد سنڌ ۾ آيو. حيدرآباد سنڌ ۾ تہ هن جي اُها آجيان ٿي، جا ڪنهن راجا جي بہ نہ ٿئي. شهر ۾ جيڪا سرگس نڪتي، تنهن ۾ ڪيترن هندستاني آرين ڪرن و ارون هيون. سنڌ مان موٽڻ بعد لوڪمانيہ تلڪ جلد ئي بيمار ٿي پيو ۽ ٣١ جولاءِ ١٩٢٠ رات جو بمبئيءَ ۾ گذاري ويو. سڄي ملڪ ۾ ماتم ڇانئجي ويو. ان ڏينهن سوامي گووندانند ۽ شري کيمچند تاروشاهہ ۾ پرچار ٿي هئا. ساٿيءَ ۾ بہ ڪن هندشوڪ سيائون ٿيون.

قطع تعلقات جو ٺهراءُ - ملڪ جي حالتن تي ويچار ڪرڻ لاءِ ۴ کان ٩ آگسٽ ١٩٢٠ تائين ڪلڪتي ۾ ڪانگريس جو خاص اڌويشن سڏايو ويو، جنهن ۾ ان ٺهراون سان گڏ قطع تعلقات جي باري ۾ هيٺيون مکيہ ٺهراو پاس ڪيو ويو-

”جڏهن تہ برطانيہ خلافت جي باري ۾ هندستان جي مسلمانن سان انصاف ڪرڻ ۾ گُسي آهي ۽ پنجاب ۾ جيڪي اپريل ١٩١٩ ۾ قهر ٿيا، اُن باري ۾ پنجاب جي بي گناهہ ماڻهن کي بچاءُ ڏيڻ ۾ بہ گُسي آهي؛ ان ڪري ڪانگريس ان رائي جي آهي تہ اِنهن ٻنهي ڳالهين جي باري ۾ ماڻهن جي اِنصاف وٺي ڏيڻ لاءِ ۽ آئينده ۾ اهڙيون بي انصافيون ٿيڻ نہ ڏيڻ، تنهن لاءِ هڪڙو ئي رستو آهي تہ ملڪ

ويٺي. جڏهن 1919 جي ڊسمبر ۾ پنڊت موتي لعل
نهروءَ جي پريزيڊنٽيءَ هيٺ امرتسر ۾ ڪانگريس جو
چوٿون اجلاس ٿيو، تڏهن پنجاب ۽ گجرات ۾ ٿيل
ظلمن ۽ امرتسر جي لوڏني ڪوس ۽ خلافت جي سوال
تي سرڪار جي وڏن ليڊرن کي ننديندڙ ٺهراءُ پاس ٿيو.
رولٽ ۽ پريس ائڪٽ خلاف ڏک ظاهر ڪيو ويو. هن
اجلاس ۾ لوڪمانيه تلڪ به حاضر هو. هن بهشڪار جي
نيتي اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو، پر آخر هن مهاتما گانڌي
جي خيالن کي اهڙالي ڏني ۽ حڪومت بهن جي اڳوالي ڪبس
سونپي ڏني. ڪانگريس مهاتما جيءَ جا ٺهراءُ پاس ڪيا.
ان اجلاس ۾ ڪيترا سنڌي به شامل ٿيا هئا. حيدرآباد
جي نيشنل ڪاليج ۾ پروفيسر ساٿيءَ جا وديارٿي
سرو شري ڪيمچند ٻالاڻي ۽ مانسنگهه جوهرمل به ويا هئا،
پر شري ڪيمچند کي سنڌس مائٽ موٽائي وٺي ويا.
انهن کانسواءِ شري سچانند ٿانواڻي هالاڻيءَ جو ۽ ڪنڊياري
جو پرڀداس ٿانورمل به شامل ٿيا هئا.

سنڌ ۾ جاڳرتا - امرتسر ڪانگريس بعد سنڌ ۾
جابجا آزاديءَ لاءِ سنڌ جا راجنيتي اڳوان جدا جدا شهرن ۾
ڪري پيا ۽ پرڏاري پرچار ٿيڻ لڳو. سوامي گوونداننڊ
شري ڪيمچند ٻالاڻي سان گڏ نوابشاهه ضلعي جي پرچار
تي آيو. جولاءِ مهيني ۾ ساٿيءَ جي نوشهرو فيروز،
لاڙڪاڻو ۽ اهڙن ڪيترن شهرن ۾ وڃي ۽ ڀيڻي زور سان

گهرڻ لاءِ نہ انڪار آهي ۽ نڪي اهو سند حق آهي.

هوڏانهن اُن وقت جا اڳوان لوڪمانيہ تلڪ، اني بيسنٽ ۽ گانڌيجي اِن ڳالھہ راءِ جا هوا تہ هندواسين جي ڏکن وسيلہ لاءِ هڪڙو ئي علاج آهي تہ هندستان کي گهٽ ۾ گهٽ پرانتڪ خود مختياري ڏني وڃي؛ پر ڪين مليا مانٽيگو چيمس فورڊ سڌارا، جن ۾ خودمختياريءَ جو ڪو نشان بہ ڪونہ هو؛ تنهن هوندي بہ گانڌيجي جهڙن اڳوانن کي انهن سڌارن آزمائڻ جو خيال هو.

ٻيو ٻهرين مهاڀاري لڙائي پوري ٿيڻ تي انگريزن ڪجھہ ڪونہ ڪيو؛ پنجاب ۾ مورڳو ماڻهن کي ٻڪريءَ طرح دٻائڻ لڳا ۽ جليانوالا ڪوس ٿيو. پنجاب پرانت ۾ ڪن هنڌن تي مارشل لا لڳايو ويو؛ ماڻهن کي پيٽ ڀر گهٽين ۾ ريڙهيون پارايون ويون ۽ جيل اماڻيو ويو. اُن تي سڄي ملڪ ۾ ڪاوڙ پيدا ٿيو. اُن وقت ملڪ کي مهاتما گانڌيءَ جهڙو رهبر مليو ويو، جنهن ملڪ جي ٻيڙيءَ کي طوفان مان پار ڪري سنئون رستو. هن شروعات ملڪ ۾ قطع تعلقات هلچل هلائڻ سان ڪئي.

اکل ڀارت ڪانگريس ڪاميٽيءَ کيس پورو ساٿ ڏنو ۽ ملڪ سندس اڳوانيءَ ۾ پورو وشواس رکيو.

امرتسر اجلاس - رولٽ ائڪٽ، جليانوالا باغ جي ڪوس، پنجاب ۾ ظلمن ۽ خلافت جي سوال تي هندستان ۾ جوش وڌندو ويو ۽ جاڳرتا پيدا ٿيندي

جنهن ۾ چار سؤ ماڻهو مري ويا ۽ ٻه هزار ڦٽيا. ان ظلمي ڪوس ملڪ ۾ باهه ٻاري ڇڏي. سڄي ڀارت ۾ جوش پيدا ٿي ويو. ديش آلي ڪڙو ٿيو.

سرڪار جاچ لاءِ ڪاميٽي ويهاري. هنٽر ڪاميٽيءَ جي رپورٽ ظاهر ٿي. ان تي ملڪ ۾ طوفان ڪڙو ٿي ويو، جو ان رپورٽ ۾ پنجاب جي گورنر سر اوڊائر جي ظلمن کي ڍڪڻ جا وڏا واسا هوا ۽ جليانوالا باغ ۾ ١٣ اپريل ١٩١٩ تي جيڪو ڪوس هن ڪرايو هو، ان تي ڦٽڪار وجهڻ بدران انکي ٻڪڙ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ان تي ملڪ زبردست اعتراض ورتو.

خلافت جو سوال- جلد ئي ورق مٽيو ۽ ترڪيءَ کي مهاڀاري لڙائيءَ بعد جيڪي شرط ڏنا ويا، سي ظاهر ٿيا. ان موجب ترڪيءَ جي سلطان جو مطلبي وارو درجو قبول نه ڪيو ويو، جنهن ڪري مسلمانن ۾ ڪافي جوش پيدا ٿيو. ان ڪري هندستان جا هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ ملي ويا. جلد ئي گانڌيجيءَ پڌرائي ڪئي ته پنجاب ۾ سرڪار جي ارهه زورواريءَ ۽ خلافت جي سوال خلاف آندولن کي زور وٺائڻ خاطر هو قطع تعلقات هاڃل هلائيندو.

لڙائي پوري ٿي. انگريزن جسي سرسي ٿي. ان جي ڪري پاڻ سندن مغروري وڌي ۽ انگريزي آفيسر ائين سمجهڻ لڳا ته هندستانين کي ٻهجڻي راڄ

١٩ جنوري ١٩١٩ لــي رولت رپــورٽ ظاهر ٿي، جنهن ۾ سڃاڻ ذڪر هو ته رولت بل پاس ڪجي ۽ ٦ فيبروريءَ تي اهو بل سپريم ليجسليٽو ڪائونسل ۾ پيش ٿيو. گانڌيجيءَ هندستان ۾ دورو شروع ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهن کي هر هنڌ اپيل ڪيائين تــه ٦ اپــريل ١٩١٩ تي هر هنــڌ ميڙ ڪري رولت ائڪٽ خلاف ٺهراو پاس ڪيا وڃن. ٢٤ فيبروريءَ تي هن پبلڪ پڌرائي ڪري ڇڏي هئي ته جي رولت ائڪٽ پاس ٿيندو ته اُن خلاف هو اهنسڪ ستياگرهه شروع ڪندو. ساڳئي وقت ماڻهن کي اپيل ڪيائين ته ستياگرهه ستيہ ۽ اهنسا جي لڙائي آهي، جنهن ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ جو نقصان نه ڪرڻــو آهي ۽ نه ملڪيت ناس ڪرڻي آهــي ۽ نڪي ڪنهنجــي حياتي وٺڻي آهي. ٦ مارچ کــان ٦ اپريل تــائين چئن هفتن ۾ ملڪ ۾ نئين جان اچي ويئي. اُن جو اثر اسان جي ضلع ۾ به ڪافي ٿيو. ڪن هنڌ ميڙ به ٿيا. وڏي ڳالهه ته ماڻهن ۾ نرڀئتا اچي ويئي. ماڻهن ۾ اهو خيال پيدا ٿــي ويو ته آزادي وٺي ئي رهنداسون.

رولت ائڪٽ ڪري پنجاب ۾ خاص جوش پيدا ٿيو هو. امرتسر ۾ هر سال جيان ويساکــيءَ جي ميلي تي ١٣ اپريل ١٩١٩ تي لکين ماڻهو آيل هئا. اُن ڏينهن جليانوالا باغ ۾ رولت ائڪٽ خلاف اعتراض ونڻ لاءِ هڪ ميٽنگ ٿيڻي هئي. اُتي بنا چتاءَ جي ڊائر گولي بازي ڪرائي،

اسان جي ضلع ۾ به پرچار ٿيندو رهندو هو.

رولٽ ائڪٽ – ١٩١٨ع ۾ پهرين مهاڀاري جنگ پوري ٿي. هندستان جيڪا ان جنگ ۾ مدد ڪئي هئي، ان عيوض پارٽ کي هوم رول ڏيڻ جا دلاسا ڏنا ويا هئا. پر ٿيو ڇا؟ ١٩١٩ جي شروعات ۾ اخبارن ۾ آيو ته سرڪار رولٽ ائڪٽ پاس ٿي ڪري جو ڊفينس آف انڊيا ائڪٽ جي جاءِ پريندو ۽ پوءِ ڪنهن به هندواسيءَ کي ڪنهن ڪٿ جي به مجال ڪانه ٿيندي. سال ١٩١٩ ۾ مهاڀاري لڙائي بعد سرڪار جولاءِ ۾ بي جاءِ ۽ بي التفاقيءَ جو رخ ڏسي کي نوجوان اڏبر ٿي پيا ۽ ڪن انگريزن جا خون به ٿيا. انهن ڳالهين کي ضابطي قانون جي دائري اندر مڃڻ ڏيڻ بدران سرڪار هڪڙو زبردوس جو قاعدو رولٽ ائڪٽ پاس ٿي ڪيو، جنهن ڪنهن کي به سرڪار جي ڪنهن به لمولي جي مخالفت ڪرڻ جي جرئت ٿي نه ٿئي. هنن هندستان کي بي همت ڪرڻ ٿي چاهيو.

پر انگريزن کي اها اها جاڻ ڪانه ٿي هئي ته مهاتما گانڌي ليءِ ڪنهن مٽيءَ جو ٺهيل هو. هن ۾ لسريتا ڪرتاڪومت پربل هئي. هن هندواسين کي به نئين ڄاڻي جذبو. هيسيل ۽ ڪمزور ماڻهو شير ٿي پيا. هن جي اڳواڻيءَ هيٺ ملڪ اٿي کڙو ٿيو ۽ پهريون دفعو ڪين احساس ٿيو ته اسين هڪ زنده قوم آهيون. هن ڏياڙيءَ مان سرڪار جي کلي مخالفت ڪئي.

چمپارن (بهار) ۾ ستياگرهه لاءِ سروشري راجيندر پرساد، ڪرپالاڻي ۽ ٻين کان پوري تحقيقات ڪري پورو ميدان ناهيائين. پوءِ ڪسانن کي ستياگرهه ڪرڻ لاءِ تيار ڪيائين.

چمپارن ۾ نيل پروڪيندڙن کي هن سات ڏنو ته سرڪار ڀرين انگريز زميندارن کي به سات ڏنو. شروعات ۾ گانڌيجيءَ تي نوٽيس به تعميل ٿيو ته بهار ڇڏي وڃي پر گانڌيجيءَ اُن حڪم جي پرواهه نه ڪئي ۽ پاڻ جيڪو ڪيس لڙائيءَ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ سرڪار کان پلو مليل هو، سو سرڪار کي واپس ڪيائين. سرڪار پنهنجو رخ بدلايو ۽ نوٽيس واپس ورتو ويو. جيڪو ناهه ٿيو، اُن موجب ڪسانن کان جيڪي بي جاءِ وصوليون ٿينديون هيون، سي ختم ٿيون. اِها چمپارن ۾ سندس پهرين سوڀ هئي.

کيڙا (گجرات) جي ڪسانن جو به سوال کنيائين، جنهن ۾ ڪامياب ٿيو. ١٩١٨ ۾ **احمد آباد** ۾ ڪپڙي جي ملين جي مزدورن جو سوال کنيائين. ننڍي حالتن ۾ ماڻهن کي صاف ٻڌايائين ته اهنسڪ طريقي سان آندولن هلائڻو آهي. آخر ملن مالڪن کي جهڪڻو پيو ۽ مزدورن جا شرط مڃڻا پيا. گانڌيجيءَ جي اِنهن سچ ۽ اهنسا جي طريقن جو اثر ساري ملڪ تي ٿيندو رهيو ۽ ساڳئي وقت هڪڙا نشنا وارا ڪم ڪندڙ پيدا ٿيندا رهيا. اُن وقت

هوا. سکر ۾ لالا سرڳواسي واڌومل ٽڪراڻي منجهس اهڙو
شردالو شخص هو، جو هن کيس هڪ لک جي ڳولري ڏني
لاءِ سکر مان پنهنجي ڏيهي ۾ ٣٥ هزار روپيا ڪٺا ڪري
ورتا هئا. سکر جي آڳاٽن ڪم ڪندڙن کي ٻرٻرٽا لالڪ
مهاراج ڪان ني ملي هئي. ١٩٠٩ ۾ لالا سکر جي ٽن ڪم
ڪندڙن سرو شري ويروومل ۽ چيتومل کي ٣-٣ سال ۽
مهاراج گوردن شرما کي پنج سال سزا ملي هئي، جا هو
ڪاٽي آيا هئا. حيدرآباد ۾ لوڪمانيه تلڪ جا ڪافي
پوڄاري هوا. مهاراج لوڪرام، مهاراج وشنو شرما، ڊاڪٽر
چوئٿرام ۽ ساهنيءَ حسو شري سچانند تلڪ مهاراج جا
پوئلڳ هوا.

١٩١٦ جي لکنو ڪانگريس جي موقعي تي لکنو
پيڪٽ ٿيو. ان بعد لوڪمانيه تلڪ، شريمتي اينيءَ بيسنٽ
۽ گانڌيجي پنهنجي ڪم سان هندستانين ۾ خود حڪومت
جو زبردست احساس پيدا ڪيو. تلڪ مهاراج سڄي
بمبئي پرانت (گجرات، مهاراشٽر ۽ سنڌ) کي لوڏي
ڇڏيو ۽ اينيءَ بيسنٽ ڏکڻ هندستان ۾ ڪم ڪندي هئي.

گانڌيجي ١٩١٥ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿيي هندستان جي
راجنيتي کيتر ۾ گهڙيو. هن جي ڪم جو طريقو پنهنجو
هو. ١٩١٦ ۾ سکر، شڪارپور، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ
آيو. سکر ۾ آيو. ڪي مست ٺريلا ڪيائين. ماڻهن کي
اپيل ڪيائين ته ٻاٽ ۾ لسريتا پيدا ڪريو. ١٩١٧ ۾

انهن مدبرن جي زير سايه هر هند پستڪاليه ۽
واچناليه استاپن ٿيا، جتي ماڻهن کي پڙهڻ لاءِ قومي
اخبارن جي باري ۾ احوال ۽ انهن جا لکيل خيال ملندا
هوا. تنهن ڪانسواءِ ماڻهن ۾ ڳوٺ جي صفائيءَ جو احساس
آيو ۽ غريب ڪٽنبن جي ٻارن کي مالي مدد ڏيڻ،
ٻارن کي پاڙهڻ ۽ ڪنيائن کي پاڙهڻ ۽ دواخانا کولڻ
جو عملي خيال پيدا ٿيو.

ڀاڱو پنجون

گانڌي يڳ

١٩١٩ کان ١٩٢٤ تائين

لوڪمانيه تلڪ جو ڪن سالن کان ڪانگريس ڇڏي
ويو هو، سو ڪافي پوئلڳن سان ١٩١٦ جي لکنو
ڪانگريس اجلاس ۾ موٽي آيو. نرم ڌر ۽ تلڪ جي
گرم ڌر جي وچ ۾ ڪشمڪشا ٿي، پر لوڪمانيه جا ٿي
پوئلڳ چوندجي آيا. گانڌيجيءَ خلاف ٻه هڪڙو گرم
ڌر جو ميمبر ڪڙو ڪيو ويو. گانڌيجيءَ هارايو، پر اُلي
تلڪ مهاراج پڌرائي ڪئي ته گانڌيجي چوندبو آهي. انهي
ٿي اجلاس ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جو ناه ٿيو هو
مهاتما گانڌيءَ جي ميدان ۾ اچڻ کان اڳ لوڪما
تلڪ ملڪ ۾ تريتا پيدا ڪري ميدان تيار ڪري ڇڏ
هو. اسان جي سنڌ ۽ ساهتيءَ ۾ ٻه سنڌس ڪافي پو

شڪتيءَ ۾ انڊوڪي پرڀداس جا جهڪي لڳ ظاهر ٿيندا
هئا، سي ماڻهن کي حيرت ۾ وجهندا هئا.

ميلابون ٿي پيا:—

١٩١٧ ۾ سنڌ ۾ سخت ڏڪار پيو. ان وقت شري سجاڻند ۽ شري ايسرداس کي ڊاڪٽر چوٿرام ۽ شري ڀالاچراء واسواڻيءَ حيدرآباد مان پيسا اُگاڙي ڏنا، جن مان هن سستي اَن جا دڪان هالاڻيءَ ۾ کولائي ماڻهن جي شيوا ڪئي، جنهن ۾ ساڻن سرو شري ليونڊرام ۽ ٽاراچند تاڪرام به سهائڪ هوا.

انفلوئينزا واري موقعي تي به اُنهن هي ضلع ۾ هر هنڌ ڪيترا سماج شيوڪ پيدا ٿيا هوا، جن اوکيءَ وقت دکي ماڻهن جي شيوا ڪئي. جن حالتن ۾ ڪيترن ڪٽنب ۾ ڪو اهڙو ماڻهو ڪونه بچندو هو ته اهي شيوڪ اُن جا ماڻهن تي ڪَس سر ياد مٿام پهچائيندا هو. ١٩١٧ جي ڏڪر ۽ ١٩١٨ جي انفلوئينزا ۾ هنڌ هنڌ شيوڪ ظاهر ٿي پيا. ڀرين ۾ پالي جاگي مل گهڻي مل حد ڪري ڇڏي، جان جي بازي لڳائي واس ڏيهن مريضن جي شيوا ۾ رهندو هو.

ان زماني ۾ هنڌ هنڌ ميلابون ٿي پيون، هالاڻيءَ ۾ پرير ميلي، (جا پوءِ شهرا ميلي سڏجڻ لڳي)، ڀرين ۾ شيوا ميلي، نوشهري ۾ پال ميلي ۽ اهڙيءَ طرح ٿاروشاه، ڪنڊياري ۽ ٻين هنڌن تي به مکيه مڪولن ۾ ميلابون ٿي پيون.

بندش وڌي ويئي ته اهي آلي نه وڃن. انڪري
ي هلي رهي پاٺشالا، بال منڊليءَ جي سايي هيٺ
اپريل ١٩٢٠ کان **ڪوڏي ڪنيا پاٺشالا** جو روپ
ختيار ڪيو، جا نوشهري ۾ ديش ڀڳتيءَ جي هلچل
لائڻ جو مکيه مرڪز بڻجي پيئي.

نوشهره ۾ پڙهندي قومي خيالن ۽ ڪمن سبب
پريداس لي اسڪول ۾ سختيون وڌنديون ويون. اِها
ڳالهه جڏهن حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام ڪي شري
ڪيمچند کان معلوم ٿي، تڏهن پريداس کي حيدرآباد ۾
برهمچريه آشرم ۾ اچي رهڻ لاءِ صلاح ڏنائين. اُن موجب
ڪيمچند سان گڏ هو حيدرآباد ويو ۽ آلي برهمچريه آشرم
۾ رهيو ۽ سنڌ نئشنل ڪاليج سان گڏ هلندڙ نئشنل هاءِ
اسڪول ۾ پڙهندو رهيو، جتي هر سال ۾ درجا پاس ڪندو
ويو. هميشه پهريون نمبر اچڻ ڪري ڪيس ڏهه روپيه
ماهوار اسڪالرشپ ملڻ لڳي ۽ نئشنل ڪاليج جي هاسٽل ۾
پرنسپال مفت رهڻ جي جاءِ به ڏنس. آلي هو شري ڪيمچند
ٻالاڻيءَ سان گڏ رهندو هو ۽ آلي به ٻئي شيوا جي ڪمن
۾ گڏ هوندا هئا. ڪٿي ڪا واهه لڳندي هئي يا ڪو
بيمار پوندو هو ته الي شيوا لاءِ پهچي ويندا هئا.

شري ڪيمچند ٻالاڻي، سوامي گووندانند جي 'آنند'
رسالي ڇپائڻ، موڪلڻ وغيره جو ڪم ڪندو هو ۽ پوءِ پيو
سنڌي ماهوار رسالو '**شڪتي**' ۾ ڪڍڻ لڳو. ان وقت

پرڀداس پرائيمري تعليم پوري ڪري بعد انگريزي ٻنڊيالي اسڪول ۾ پڙهندو هو. اُهو هو سنڌ ڀڳالن وارو ۽ هميشه پهريون نمبر ايندڙ وديارٿي هو، انگريزي ڪيترائي سنڌي ساٿي ودياٿي سنڌس گهڻو ويجهو هوندا هئا ۽ اُهن جو هڪ چڱو ٽولو هوندو هو، جن ۾ هو قومي خيال جو پرچار ڪندو هو. هيڪر هو اسڪول ۾ لوڪمانيه تلڪ ۽ مهاتما گانڌيءَ جا فوٽا ڪٽي وار هو، جي ڏسي هن کي اسڪول ۾ جيل اماڻڻ جا ڏڙڪا ڏنا ويا ۽ مار ۾ ڏني وئي. پهر شهر ۾ "سوديشي خريد ڪيو، سوديشي هنڊايو" جو پترو لکي ٻنڊيالي هٽن تي لڳائڻ ۽ اِهن کن سهڻن ڪري ڪمس اسڪول مان هٽتو ليڪالي ڏني وئي. هن لن جي ڪابه پرواهه ڪالہ ڪئي.

نوشهري ۾ جيڪر اسڪرلي ودياٿين جو ٽولو شري کيمچند جي اثر هيٺ آيو، تن ۾ پرڀداس، سنتداس پهوومل، چيتنداس ڪشاڻي ۽ ڪي ٻيا گرم خيالن جا ۾ هئا. هو وقت ۾ وقت "سوراج اسانجي جنم جو حق آهي،" وغيره چوڻيون لکي، شهر جي جدا جدا هنڌن تي چنبڙائيندا هئا ۽ مٿياڪار جي گور ۾ ڦلي ڪري ايندا هئا. ان ڪري سي.آءِ.ڊي سنڌن پٺيان هوندي هئي. نه رڳو اهڙو پر انهي پالشالا ۾ جيڪي ڇوڪريون هنديون ۽ گرمڪي سکنديون هيون، ان لئي سرڪاري ڇوڪران جي اسڪول معرفت سرڪار جي زور آڻو

شري کيمچند شهر جي ٻين اُتساهي وديارٿين جي ساٿ ۾ مالي مدد ڏيندو رهندو هو.

اهو وچڙ ۾ بہ آيو ۽ سندس اتساهہ ڏيارڻ لــي هڪن "اسٽوڊنٽس اون سوسائٽي" نالي هڪ سنستا قائم ڪئي، جنهن ۾ پريداس سان گڏ جيٺرام طوطلداس سادوناڻي، گرمک وسومل، گيهي مل شيوڪرام ۽ ٻيا ڪيترا شامل ٿيا هئا. اُن سڀا جو اُديش هو وديارٿين ۾ سڄاڳي آڻڻ، چرکو نرماڻ ۽ سوديشيءَ جا پاڙ قورڪڻ. ٿــوري وقت بعد ان سڀا جو نالو ڦيرائي شهوا منڊلي رکيو ويــو، جنهن ۾ سنتداس ڪشناڻي، چيتنداس ڪشناڻي (جي پرين اٿر هيٺ آيل هئا)، ۾ شري ايسرداس رائسنگهاڻيءَ جي ڦتنداس کوڙومل ايچنداڻي، گلاب راءِ شوونداس سانوناڻي، پيسومل ۽ ٻيا بہ شامل ٿيا ۽ ڪاريہ ڪيتر وڌايــو ويو. ڪجهہ وقت بعد ان جو نالو بدلائي "بال منڊلي" رکيو ويو، جنهنجي سابع هيٺ ريڊنگ روم، لئبرري، ڪسرت شالا، هٿ سان لکيل ماهوار رسالو "رام پتر" ڪي گرمکي ۽ هندي سيکارڻ لاءِ راتري پاٺشالا جاري ڪيا. اها منڊلي سرڪار جي نظرن ۾ رهندي هئي. ٻ پيرا پوليس ان جي لئبرريءَ لي چڙهائي ڪري ان ما قومي خيالن وارا ڪتاب کڻي وئي هئي. بال منڊلي جا ڪاريہ مکيہ طرح ڦتنداس پيسومل ۽ پريداس اُ هلائيندا هئا. انهن ڪمن لاءِ شري کيمچند هــرطرح ساٿ ۽ مالي مدد ڏيندو رهندو هو.

هن شري رامڪرشن آشرم جاري ڪيو ۽ جوان ۾ ديش
پريم ۽ سيوا جا هڏا جاڳائڻ لڳو. ان وقت مشهور سنڌي
ماهوار رسالي ”آنند“ جو سمپادڪ شري ڏ ...چند
ڪمدنمل گداري ويو. هو ديهانت کان اڳ رسالي هلائڻ
جو بار سوامي گوونداند تي رکي ويو. سوامي گوونداند
ديش ۽ ڌرم ڀڳت، هڪ فلاسافر، هوشيار لکڪ ۽
اخبار نويس هو. جيل ۾ هن ڪيترائي ڪتاب لکيا هئا.
ان سوامي گوونداند جي سنگ ۾ شري ڪيمچند آڏوڻي
هنائن ڏڻون وڌي پيو. ١٩١٧ ۾ جڏهن سڄي سنڌ ۾
ڪالرا پيئي، جنهن ۾ سوامي گوونداند ويارلي نوجوانن
جون ٽوليون ٺاهي، سيوا لاءِ جدا جدا هنڌن تي
موڪليون، ان ۾ شري ڪيمچند بالاڻي به شامل هو. هو
ڪن ڪالرا جي مريض سان لوشهري ۽ آن جي آس پاس
۾ بيمارن جي سيوا لاءِ ويو هو.

١٩١٨ ۾ جڏهن لڳي انفلوئنزا جي بيماري پيئي،
جنهن ۾ گهرن جا گهر ۽ ڪٽنب ناس ٿي ويا،
آن ۾ هن حيدرآباد ۾ بيمارن جي سيوا ڪئي، جنهن ڪري
بيمار ٿي پيو ۽ پوءِ چاڪ ٿيڻ بعد پنهنجي شهر ۾ اچي
بيمارن جي سيوا ڪندو رهيو.

١٩١٧ جي وڪيشن ۾ هو جڏهن پنهنجي شهر ۾ آيو،
تڏهن سنڌس پريداس سان رستو ٿيو. ان بعد انهي سيني
هلچلن ۾ ساٿي ٿي رهيا.



(شري کيمچند چيتنداس ٻالاڻي)

هن حيدرآباد ۾ مهاتما گانڌيءَ جو ٻه درشن ڪيو هو.
ان وقت پروفيسر جوهرمل منسکاڻي، آچاريه جي ڪرام
ڪرپالاڻيءَ جو ساٿي ديش ڀڳت، جنهن کي مشهور
جهاز ڪوماگتا مارو جي منصوبي ۾ آمريڪا ۾ وڃي
انقلابي هلچل هلائڻ ۽ ديش دروهه جي ڏوهه هيٺ
1914 کان جيل ۾ رکيو ويو هو، تنهن کي 1917 ۾ آزاد
ڪيو ويو هو. هو حيدرآباد ۾ آيو ۽ سنياس اختيا
ڪري سوامي گوولدانند جي نالي سان مشهور ٿيو

ٽڪور، شري رامڪرشن پرمهنس، سوامي وويڪانند
۽ سوامي رامتيرٿ جي خيالن جو وڏو اثر ٿيو هو. هو
انهن جهڙي بيٺڪ جو اڀياس ڪندو رهندو هو. هو
جڏهن لوهري ۾ ايندو هو، تڏهن پنهنجي ساٿي سوٽ
ڀورومل چنديرام ۽ پنهنجي ڀاڻيجي ٻرپداس ۾ قوميت
جا ڀاو ڀريندو هو. ١٩١٧ ۾ حيدرآباد ۾ مسٽر ملڪي
مستانو ۽ راشٽرڀاشا جو پرچارڪ سوامي ستيه ديو پريوراجڪ
آيو، ان جي اثر هيٺ هنديءَ جو پرچار ڪرڻ ضروري
ڀانيو. ٻاڻ وڪيشن ۾ پنهنجي شهر ۾ اچي ٻاڻ ۽
ٻرپداس هندي سکيا ۽ پوءِ ۾ هنديءَ جو پرچار ڪندا
رهيا. شري ڪاڪچند آڏوڻي هلي ١٩٢١ جي اندرڪ وقت
پڙهڻ ڇڏي ملڪي ميدان ۾ ٽپي پيو ۽ جوڙجڪي ڪم
کي لڳو رهيو. هو ڪجهه وقت مهاتما گانڌيءَ جي آشرم
۾ رهيو ۽ اتي هندستان جي ڪيترن اڳواڻن جي سنگ ۾
آيو. هو هٿ جا هنر سکي سنڌ ۾ موٽيو ۽ انهن کي زور
وٺائڻ لاءِ ڪم ڪندو رهيو.

شري ڪيمچند ٻالاڻي، جو لوهري جهڙي هڪ
وڏي زميندار سيٺ چيتنداس (سيٺ تيجومل جي ڀاءُ)
جو گود جو اڪيلو پٽ هو، سو هر حال ۾ اڪل شوقين
هوندو هو. هو ١٩١١ ۾ سرگواسي شري لسولارام جي
سنگ ۾ آيو ۽ هن تي انهن جو اثر ٿيو. حيدرآباد ۾
شري ڪاڪچند رامرکياڻيءَ سان گڏ پڙهندو هو. ١٩١٦ع ۾

ظالم ٿي ڪيا آهن. اهي ڪي هندستان لي راڄ ڪرڻ
جو ڪو به اڌڪار ڪونه آهي. هو اهڙي لکپڙه
۾ سرڪار سان ڪندو رهندو هو، جنهن ڪري سدائين
سرڪار جي نظرن ۾ هوندو هو.

سن ۱۹۱۷ع ۾ اينيءَ بيسنٽ جي پوئلڳن حيدرآباد سنڌ ۾
سنڌ نئشنل ڪاليج برپا ڪيو. نوشهري جا سرڪ شري ڪيمچند
چيتنداس ۽ پرسرام ٻالاڻي ۽ مانسنگهه چوهڙمل ۽ ڀڳوانداس
ٻدعيدن جا اُن ۾ داخل ٿيا. اُن ڪاليج ۾
پڙهندڙن ۾ قوميت ۽ ديش ڀڳتيءَ جا ڀاو ڀرڪيا ويندا
هئا.

تڏهن ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ جيڪي نوجوان
وديارٿي پڙهندا هئا، سي الي نين پنڪتي خواه راجنيتي
سرگرمين جي اثر هيٺ ايندا هئا ۽ جڏهن پنهنجي شهر
۾ ايندا هئا، تڏهن اچي پنهنجي شهر جي اسڪولي
ودياترين ۾ انهن خيالن جو پرچار ڪندا هئا. جن اهڙن
ڪاليجي جوانن نوشهري ۾ اچي اسڪولي ٻارن ۾ لهرڪ
پيدا ڪيو، تن ۾ مکيه هئا شري کانچند آئيداس رامرکياڻي
۽ شري ڪيمچند چيتنداس ٻالاڻي.

شري کانچند رامرکياڻي، شري سچانند ٿيرومل
تالواڻي، جو ملڪي مستانو هو، تنهن جي ڀاءُ شري
کاگومل جو نياڻو هو. هو حيدرآباد ۾ ميڊيڪل ڪاليج
۾ پڙهندو هو. هن لي مهاتما گانڌي، روينډرناٿ

لوشهري ۾ حاڪم ٿاڻ- شري ٽولارام "عاجز" جي
گذاري وڃڻ بعد هن جيڪو به لوشهري جي نوجوانن ۾
چڙهو هو، سو سڙي ڪوئلو ٿيو هو. سندس سنگ ۾ جيڪي
آيا هئا، يا جيڪي وٽس پڙهيا هئا، سي اڄتي هلي
ملڪي ۽ قومي ڪم ڪندڙ ٿيا.

لوشهري هي وچ شهر ۾ ٻالاڻين جي هڪ دربار هئي ۽
جنهن کي باني ڪيهاداس جي دربار چوندا هئا. انهي
ٻالاڻين جا گرهستي درباري رهندا هئا. انهن ۾ هڪ
مشهور ٻاليڪي بال برهمچاري ڀيو شري دامودرداس
ٻالاڻي. هو رواجي نڪاڻيدار ڪين ٿيو ۽ پنهن جي
گدي ٻيهنجي لعدي ياء ٻالي لڇمڻداس کي سونپي، پاڻ
الڪل ورڪسڪ ٿي رهيو. ان سان گڏ هن ۾ قوميت جا
ڀاو، ديش پريم جا ڀاو پربل هئا ۽ جيڪي ٻــ سندس
سنگ ۾ ايندا هئا، تن ۾ هو ديش ڀڳتيءَ جا جذبا پيدا
ڪندو هو. هن وقت راشٽر ڀاشا هنديءَ جي ڪتابن جو
ڪ شاهي ڀنڊار هو ۽ هو لهڊيءَ لهيءَ وارن کي هنديءَ جي
اڀياس لاءِ اتساهت ڪندو هو.

عوڏانيھ دادلاڻي آڪهه جو شري ملگهورسنگهه
هو، جنهن سرڪاري نوڪري ڇڏي سک پنٿ ۾
پرونش ڪيو هو، ليڪن ۾ ٻه ديش پريم جا ڀاوَ پربل هئا.
هو ڪشناڻي ۽ دادلاڻي آڪهه جي ليڪرن ۾ اهي عيال
پريندو هو ڪ انگريز ڌاريا آهن، جن اسانجي ملڪ ۾

شري جيٺمل پرسرام ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام پاڪ ميٽنگ ۾ ودياراٿيءَ جون لڙائيون ٿيون. ميڙ ختم ٿيڻ بعد هڪ ٽيڻ گهرجن ٻ گونن ۾ لڙائيون اهڙيون ڇيولا وچي ڪين اچي ۾ گوت سندس ڪڍهن لــ ڏنائين نــواو ڪين ۽ شري هو ته پيين پتو لي ٻچڻ ڪان ڇوڪري ڪن. ٻيڪڙ ۾ شڪارپور ۽ هو ويٺل جو هالائيءَ گوٺ جي سچانند ١٦ عمر جي نيونــدرام شري وقت ان هو. ودياراٿي پهريون ڪري صلاح سان سچانند شري هن. هئي وهيه ۾ هالائيءَ ڪڏ سان هاساند پروفيسر ۾ سال سائيٽي ڊيو ۾ ميلي الــي ڪيو. پرچار اچي لي ميلي جي وساکيءَ ميلو ڏينهن ٣ ۽ هوا تيندا ڪٺا اچي ماڻهو هزار ٣٠-٢٥ لڳندو هو. الي ڪيڏا مختلف هندن لي ميڙ ليا. ڪين ڳالهائيندڙ ته هوا ڪائيندا عجب ذرا پتي مسلمان هندو عام خلاف سرڪار جسو آهن، آدمي نــڊر ۽ بهادر نه ڪهڙا ڳالهائي رهيا آهن.

هو شڪارپور مان مئٽرڪ پاس ڪري ڪراچيءَ جي ڊي جي سنڌ ڪليج ۾ وچي داخل ٿيو ۽ سائنس کنيائين. هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ پڙهندي هالائيءَ پيو ايندو هو ۽ سماجڪ خواه راجنيتڪ ڪم ۾ پوري دلچسپي وٺندو هو. ١٩١٧ واري ڏڪار ۾ خواه ١٩١٩ واري وچڙندڙ انفلوئينزا بيماريءَ وقت هن هالائي ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ پين سائين سان گڏ ماڻهن جي خوب سيوا ڪئي.

۾ رهيون هون، شري ٽيولڊرام ابتدائي تعليم پنهنجي هالاڻي ڳوٺ ۾ ورتي.

اُن وقت اسڪول ڪنڊياري تعلقي ۾ ڪو نه هو، ان ڪري شڪارپور ۾ پنهنجي پيءُ وٽ وڃي رهيو ۽ اتي مئٽرڪ تائين اڪيڊميءَ ۾ پڙهيو.

شڪارپور ۾ شري ٽيولڊرام کي ارجنداس روپچند واڌوانيءَ پنهنجون ڌيجو پاڙهيو. هو صاحب قطع تعلقاتن جي هلچل ۾ وڪالت ڇڏي ۱۹۲۱ ۾ قومي ڪورٽ جو جج ٿيو هو.

مشهور سنڌي ديش ڀڳت پرسرام ٽهلراماڻيءَ به ٽيولڊرام کي اٿي مئٽرڪ ۾ پاڙهيو. ڀڳتي شوا جو ٻاءُ مڃهس شري واڌومل گوڪلاڻيءَ مان پيو، جو شڪارپور اڪيڊميءَ جو منيجر هو. ان ڏينهن ۾ اتي وديارٿي سڀا (Students Association) برپا ڪئي وئي هئي، جيڪا غريب وديارٿين کي مدد ڪندي هئي.

ايسوسيئيشن جو مکيه شري ڏومداس ڪتريءَ جي گهر ۾ ٿيندو هو. سرڳواسي پروفيسر ٽاراچند گاجرا اُن وقت شڪارپور اڪيڊميءَ ۾ ٻهراڙون نائب ماسٽر هو.

شڪارپور سکر جي ويجهو هئي، ان ڪري اُتي به راجسي ميٽنگون ڪافي ٿينديون هيون. هو هر ڪنهن ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ ليڪچر ٻڌندو هو.

۱۹۱۷ جي زماني جي ڳالهه آهي. شڪارپور ۾ هڪ

هو، پر سڄو هندستان پيو گهمندو هو.
پرچار ڪندو هو، پر سڄو هندستان پيو گهمندو هو.
هنديءَ جو به چڱو ڄاڻو هو. صرف ماڻهن جي ڪن لي
اچي ته هاسانند ڄادوگر سنڌ جي شهر ۾ آيو آهي ته هزارن
جي اعداد ۾ اچي ڏسا ڏيندا هئا.
١٩١٤ ۾ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ ڪلارڪ ٿي گهڙيو،
پر آلي رهندي به هو ۾ روڻ ليکه پاران پرچار پيو ڪندو
هو. هيڪي نوڪريءَ جي به پرواهه ٿي ڪانه هوندي هئي.



(سروشري ميارام، نيوندرام ۽
نانڪرام ٽيڪچندائي)

شري نيوندرام وشنداس- شري نيوندرام ج
جنم آڪٽوبر ١٩٠١ ۾ هالائيءَ ۾ گرباڻي خاندان ۾ ٿيو
سندس پيءُ ڪي سامارين ۾ ڏندا هوا ۽ آلبي ۽ هالائي

اهڙيءَ طرح ڪيندو هو، جئن هو هر پير ڳالهائيندا هئا. آڪاٽين ڳالهه ۾ د اُستاد هو. شڪاٽين ۾ لاتڻ ۾ به ماهر هو. ان ڪري هو وڏو حو مجسم ٿي پيو. شيوا ڀاءُ جو د ڪو پوري سنسڪار هوس. ان ڪري اهڙو ٿي هو، لڏهن ڪان ماڃهس ماٿهن ڪي چڪڙ جي ذات ظاهر ٿي پئي. هو ١٩٠٨ ۾ ١۴ ورهين جو ودياڙلي هو، ان وقت ٿي پنهنجي شهر ۾ لوڪمانيہ تلڪ جي گرفتاريءَ ٿي سرگس ڪڍيائين ۽ ڪمپرالي ماٿهو سندس پنيان هلنا. ان مان پاڻ سمجهي سگهي ٿو ۽ ماڻهوس ماٿهن ڪي چڪڙ جي ڪيڏي طاقت هئي. ياد رهي ته ١٩٠٨ ۾ ڪي ۽ ماٿهو جوڪر ڪٺي سرڪار خلاف جهاد ڪڙو ڪن، آهو پروفيسر هاساڻند يا سرگهواسي لولارام پالاڻي ٿي ڪري ٿي سگهيا.

پروفيسر هاساڻند جي هن هاڃل هلاڻڙ ٿي سندس ماستر ڪيس اسڪول مان ڪڍي ڇڏڻ جو دڙڪو ڏاو، پر هو ڪنهن ڪان دحڻ وارو ٿي ڪين هو، مورڳو ڪتاب ڪٺي وڃي گهر ويو. هڪي ماستر جي درڪار ٿي ڪاله هئي. هلندي هلندي پيو سگهيا ولندو هو. پڇاڙيءَ تائين بنا پڙهڻ لکڻ جي سک ٿي ڪرڻ ايندو هوس. ساري عمر سکندو ٿي رهيو. ساڳي وقت بين کي سيکاريندو ٿي رهيو. خاص ڪري آزاديءَ جي هلچل کي هنڙي ماٿهرءَ جي درڪار هئي. هو نه صرف سنڌ



(پروفيسر هاسانند جادوءَ جو اُستاد)

ننڍي کان ئي ساڄي هٿ ۾ آڱرين جي وچ ۾ ننڍڙو
ڳال (کيسڙي) هوندو هوس. ٻارڙي اوستا ۾ ئي اُن
۾ پيو ڪٽڪ ۽ جوئر جا داڻا وجهندو هو. جيڏن جي
پڇڻ تي هو ٻڌائيندو هون ته هو جادو سکي رهيو هو.
جادو سکڻ جو خيال ٻڌهن کان ئي آيس.
ساڳئي وقت جدا جدا جانورن جي ٻولين سکڻ جو
شوق هوس. ٻوڙن، ٻالن ۽ گونگن ماڻهن جون اشارون

عملدار هو، جنهن جو شري لولارام ٻالاڻيءَ سان گهرو رستو هوندو هو، اُن ۽ ٻين ٻين جمراستان ڪاهي راڄ (ساهتيءَ) ۾ آڌاڻ جو ڪارخانو جاري ڪرايو هو.

هن جي هنڌ کادي لهندي هئي، پر انهيءَ ۾ جيڪو سٽ ڪم ايندو هئو، سو مل جو هوندو هو. مهاتما گانڌيءَ پوءِ جيڪا کادي پرچار لاءِ هلچل هلائي، تنهن ۾ هن چرخي جي سٽ ڪم آڻڻ تي زور ڏنو ۽ جيڪي هند، سند ۽ خواهه ساهتيءَ ۾ کادي ڪارخانا پوءِ نڪتا، تن ۾ چرخي تي ڪتيل سٽ ڪم ايندو هو ۽ ڪانگريس ڪم ڪندڙن لاءِ چرخو هلائڻ لازمي هوندو هو.

پروفيسر هاسانند - سرگواسي پروفيسر هاسانند جو جنم ڪنڊياري شهر ۾ سنه ١٨٩٦ع ۾ ڏياريءَ جي ٻولو پرب تي ٿيو هو. هو ٻالپڻ کان ئي حاضر جواب، سمجهو سياڻو ۽ خوشمزاج هو. هو ننڍي کان ئي تيز فهم هوندو هو. هن جو ننڍپڻ جو پيار جو نالو هاسل هو، جو سندس لحاظ تي رهيو.

پروفيسر ڏيڍ ورهيه جو هو ته ڀرڙهيون ٻاليندي وجهي چانورن جي تهڪندڙ ڊيگڙي ۾ هٿ وڌائين، جنهن ۾ سندس هٿ جلي پيو. تن ڪري ٻه آڱريون پاڻ ۾ گنڍجي پيون. وڏي هوندي اُهو ئي هٿ جادوءَ جي هنر ۾ اهم پارٽ ادا ڪندڙ ثابت ٿيو. انهيءَ هٿ کيس سڪن جو بادشاه بڻايو.

ڏيکاريل چڪن ۾ ڇپيو هئو، جنهن ۾ ڏيکاريل
ن ان باري ۾ لنڊن ڪتاب ڇپيو هئو، ونندا؛
رو نه کاديءَ جي پائڻ ڪري گهرو هنر زور
روزگار ٿي ويا آهن، ان کي روزگار
غريب ڪوري، جي ڏلترجي ويا آهن، لن کي روزگار
هندو ۽ ملڪ جو پيسو، جو ولائتي ڪپڙي جي خريديءَ
ڪري ٻاهر پيو وڃي، سو ملڪ ۾ رهندو ۽ وڏي ڳالهه
ڪري باهر پيو وڃي، سو ملڪ ۾ رهندو ۽ وڏي ڳالهه
نه صحت لـي ان جو سٺو اثر ٿيندو. هن اهـي سڀ
ڳالهيون دليل سان ان ڪتاب ۾ سمجهايون هيون. هو
هر ڪنهن شهر ۽ ڳوٺ ۾ وڃي، ان جـو پرچار ڪندو
هو ۽ خاص اسڪولن ۾ ماسترن ۽ شاگردن کـي ڪٿو
ڪري اهي ڳـالهيون ذهن نشين ڪرائيندو هـو. هو
انهيءَ سال نوشهري جي پنجالي اسڪول ۾ به ويو هو
۽ پرچار ڪيو هئائين. ان جو اثر اهو ٿيو، جو ٻئي درجي
جي انگريزيءَ جـو ٻالڪ پر ڀداس، جـو نه فقط زنيس
ولائتي ڪپڙا پائيندو هو پر ريشمي ٻڻ، تنهن جي دل
تي اهڙو نه اثر ٿيو، جو هن اهي پائڻ ٿي ڇڏي ڏنا ۽
تڏهن کان عادلي کادي پائيندڙ بڻجي پيو.

شري هرڪشنداس پنهنجي ويچارن کي عملي روپ
ڏيڻ لاءِ ١٩٢٠ ۾ پرين ۾ آڏاٽـا جاري ڪيا، جنهن ۾
مون پارا ڪيترا وديارٿي کادي نـاهڻ جـو ڪم سکندا
هئا. انهيءَ کادي ڪارخاني لاءِ ڊاڪٽر للجارام ڪلناڻيءَ
پنهنجي جاءِ شري هـرڪشنداس کـي مفت ڏني هئي.
١٩٢٠ ع ديوان ڪرمچند هگوراڻي، جـو تعليم کاتي جو

ساهيءَ ۾ ۽ اُن مهانگائي ويلا ۾ غريبن لاءِ اُن خريد
ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. اُن وقت شري ايسرداس ۽ شري
مڇالنل، ڊاڪٽر چوئٿرام جهڙي مدد سان حيدرآباد مان
پيسا گڏ ڪري ايندا هوا ۽ ڪالاڻي ۽ پسگردائيءَ جي
ڳوٺن ۾ سستي اناج جي دڪان ذريعي غريب ماڻهن کي
اُن پهچائيندا هوا. لن ڪم ۾ سرڳواسي ڀلاچراءِ واسوائيءَ
کين پوري مدد ڪئي هئي.

ساڳئي وقت پرين جهڙي اُمون ۾ سيٺ هرچندمل
ڏيالداس وارن جي سيٺ ساڌورام سستي اناج جو دڪان
کولايو. مان ڏسندو هوس ته ڪيئن مهل سيٺ پاڻ به
ترازا هٿ ۾ ماڻهن کي اُن ڏيندو هو. هو صاحب شري
ميارام قومي شيوڪ جو چاچو هو ۽ قومي خيالن جو هو.
هن کي مهاتما گانڌيءَ لاءِ گهڻي شرڌا هئي. ١٩٢١ ۾
ٿلهي کدر جا ڪپڙا ٺهرائي پاتا هوائين.

شري هرڪشنداس:- ١٩٠٥ کان ڀارت ۾
سوديشيءَ جي پرچار جي لهر اُٿي هئي ۽ اڳتي هلي
مهاتما گانڌيءَ پرچار ۽ کهرو هڻڻ کي زور ورتائين
لي خاص زور ڏنو هو. پر ان کان اڳ ئي ١٩١٧ ۾ سنڌ ۾
کاديءَ جو پرچار شروع ڪيو هو شري هرڪشنداس
ٻارداسائيءَ. هو پرين جو ويٺل هو ۽ ٽنڊي آدم ۾
انگريزي اسڪول جو هيڊ ماستر هو. هن اها نوڪري
ڇڏي کاديءَ جو پرچار ڪرڻ پنهنجو ڌرم ڄاتو هو.



(شري ايسرداس رائسنگهاڻي)

سرو شري مـانسنگھ، ميارام، هرنـامداس، ستداس پنھومل ۽ ليکراج مامتاڻي قطع تعلقات جي هلچل ۾ قومي ڪم ڪي اچي لڳا.

حيدرآباد ۾ شريمتي انني بيسنت هوم رول جي هلچل وقت ١٩١٧ ۾ نئشنل ڪاليج کليو. تڏهن هو پڙهيا ڇڏي وڃي اُتي سنڌيءَ جو پروفيسر ٿيو. انهيءَ ڪاليج ۾ بہ ونس ڪافي وديارٿي پڙهيا، جي اُتي هلي قطع تعلقات جي هلچل ۾ سنا ڪم ڪندڙ ٿي پيا.

اُن کان اڳي ١٩١٧ ۾ جڏهن مسز انني بيسنت ۽ واڊيا هوم رول هلچل ۾ گرفتار ٿيا، تڏهن شري مانسنگھ، پرين جي انگريزي اسڪول ۾ ڇهون درجو پڙهندو هو. انهن گرفتارين تي اسڪول جي لڳ مهراج ڀڳوانداس شرما جي باغ ۾ شاگرد گڏ ٿيا هوا، جتي شري مانسنگھ تقرير ڪئي. سرو شري ميارام ۽ جيٺمل راءِ بہ اُن ميڙ ۾ شريڪ ٿيا هئا.

١٩١٧ جو ڏڪار- ١٩١٧ ۾ سنڌ ۾ اچي ڏڪار پيو

اڌيرپشن ۾ ساهتيہ جو عمومي ٿي ويو هو، جو چانڊلي چولڪ ۾ گهٽتاڳهر واريءَ جاءِ تي ٿيو هو.

شري ايسرداس رائسنگهاڻي - شري ايسرداس هالاڻيءَ جو وينل هو. هو ١٩١١ ۾ بي اي پاس ڪري آيو. هن ١٩١۴ ۾ وجهي شڪارپور اڪيڊميءَ ۾ ماستري ڪئي، جتي سال رهيو. آئي هالاڻيءَ جا سرو شري ٽاراچند ويرواڻي ۽ چنديرام امبراڻي ونس پڙهندا هوا، جي ساهتيہ ۾ پوءِ پڪا قومي ڪم ڪندڙ ٿيا.

ديوان ڪوڙيمل سان شري ايسرداس جا گهاٽا تعلقات هوا. هن ڪسي ڇڪي پرلن ۾ پنهنجي انگريزي اسڪول ۾ آندو. آئي هو اسڪول جو هيڊماستر ٿي رهيو. اُن وقت اُن اسڪول ۾ ڇهه درجا انگريزي (يعني ماٽرڪا ڏهه ڪلاس) هوا. هن هي اچئي سان اسڪول ۾ اضا ٿي ٿري ويئي. آرلوار ڏينهن پرياسہ جو ودياري ۽ ماستر لنگر ۾ کهرڻ ڪندا هوا. هو شاگردن ۾ قومي ياؤ پيو ڦهلائيندو هو. سرو شري هرنامداس ڪلناڻي، سنتداس پنهومل لوشهري جو، هريرام پارداساڻي، مبارام، مانسنگهه، لڪراج مامتاڻي، هولچند سونارو ۽ چرنداس ونس پڙهيا ۽ چڱا قومي شموڪ ڪاهہ ٿيا. شري ايسرداس هڪ "ساهتي پڪتي سڌارڪ" ماسڪ پتر ڪيلدو هو، جو چرنداس سنيالبندو هو. هولچند ڌ ١٩١٨ جي انفلوئنزا جي وچڙندڙ بيماريءَ ۾ گذاري ويو، ٻاقي

ڊاڪٽر ٽلجارام ته سچو شيواڌاري هو، ان ڪري
ماڻهن ۾ ڏاڍو پيارو هئو. ١٩٢٠ ۾ جڏهن پرين جي
پنچائت ڪي تاهڻ جو ضرور ٿيو، تڏهن نوشهري تعلقي
جو مختيارڪار پاڻ پنچايت ۾ آيو ۽ ڊاڪٽر کي هڪ
ململ جي پڳ پڌايائين. هن پنهنجي مڪوڻ جي
زماني ۾ ڪافي سماجڪ سڌارا آندا. سک سيا ۾ پنهنجي
ني جاء ۾ شروع ڪرايائين، جتي پرڀات جو نيم سان
آسادي وار ۾ وڃي شريڪ ٿيندو هو.
ڊاڪٽر ٽابارام ٤٧ ورهين جي ننڍيءَ عمر ۾ گذاري






(شري ساڌورام ڪلناڻي) (شريمتي جمنا ساڌورام)

(شري ساڌورام چڏي
ويو. پنيان زال، هڪ ڪڪي ۽ پٽ ساڌورام
ويو. شري ساڌورام پنهنجيءَ پتنيءَ شريمتي جمنا بائي
سوڌو قومي شيوڪ ثابت ٿيو. دهليءَ ۾ ڪانگريس

مسٽر ڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي سينٽري ڪامٽيءَ جي
ميمبريءَ تان لاهي ڇڏيو، جنهن لاءِ هو ناقابل هو. هو
صاحب اُن ڳالهه جي ڪا پرواهه ڪا نه ڪئي.
انهيءَ انگريزن خلاف جيڪا حقارت ڦهلي، سا گهٽجي
ظاهر باطن رهندي هئي. ڪي ودوان ۽ نوجوان جيڪو
نعرو هڻندا هوا، سو هيئنءَ طرح هو-
نعرو هڻيندڙ چوندو هو "نه ڪنهن لا"، ٻيا چوند
هوا "علمي ڪا." نعرو هڻائيندڙ چوندو هو "انگريز
مٺو" ته ٻيا چوندا هوا "اسان جو ڇا؟"
اُن زماني جي ڳالهه آهي. ٻين ۾ شري دولچند
چوئٿرام ٽيڪواڻي سنڌ جي سنڌيءَ ۾ پڙهندو
هو. شري حينمل پرسرام ايندو هو ته اُن جا ليڪچر
ٻڌندو هو. پنهنجي ساٿي ودوانن کان نعرا هڻائيندو
هو ته اسان کي هوم رول آزادي کپي.
جنهن وقت دنيا ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي هلي رهي
هئي، اُن زماني ۾ ٻين ۾ مسندن جي درٻار ۾ پاد
وٺايو ويو ته انگريزن جي حق لئي. انگريزي ۽ سنڌي
اسڪولن جا سمورا شاگرد ۽ ماستر ۽ اُتي آيل هوا
انگريزن جي ڪاميابيءَ لاءِ ارداس ڪئي ويئي، ...
مولچند ٻاهر اچي لي نعرو هنيو. "نه ڪنهن لا، جاجي
ڪا، انگريز مٺو ته اسان جو ڇا؟" هو اُتي هلي ڦرمي
شيرڪ ثابت ٿيو.



(ڊاڪٽر ٽاڄارام پيسومل ڪلناڻي)

جو سنڌس روٽي کائڻ وقت ڪو فقير اچي نڪرندو
هو ته پنهنجي روٽي به اُنکي ڏيئي ڇڏيندو هو. ساهتيءَ
۾ ڀورين ڪنيا پاٺشالا ۱۹۲۱ ۾ پرين ۾ شروع ٿي ۽ سنڌس
ناليءَ ۾ قائم ڪئي ويئي.

ڊاڪٽر ٽلجارام جي قومي خيالن جي خبر سرڪ
ٿائين پئجي ويئي، جنهنڪري نواب شاه جي ڪليڪ

کي ڏهه سال سخت پورهئي سان جيل جي سزا ملي،
هو نيڪ ساهتيڪار هو. هن جي پرچار ماڻهن ۾ چڱي
مڃتائي آندي هئي.

ڊاڪٽر ٽلڪارام ڪلناڻي- اُن وقت ارباب شاهه ضلع ۾ چوڌاري انگريزن خلاف جبر شروع ٿي. سماج ۾ ڪي اهڙا عناصر پيدا ٿيا، جن نه ٿي چاهيو ته انگريزن جي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ سرسي ٿئي، جو هو هندستان کي غلاميءَ ۾ رکي ويٺا هوا. سرڪار لڙائيءَ لاءِ قرض ڏيڻ لاءِ اپيل ڪئي ۽ عملدار اُن لاءِ ماڻهن مان پيسا وصول ڪرڻ لڳا، پر ڊاڪٽر ٽلڪارام ڪلناڻي پنهنجي پويا واسين کي وار لون بانڊ خريد ڪرڻ لاءِ منع ڪندو هو. هي صاحب اُن زماني جو ڊاڪٽري امتحان ايل.ايم. بي. پاس ڪيو هئو ۽ ڪجهه وقت سرڪاري نوڪري نه ڪيائين. ٻه ٽي سال نوڪري ڪري اها نوڪري ڇڏي آيو ۽ اچي پنهنجي ڳوٺ ڀرڻ ۾ الڳي ڊاڪٽري ڪيائين ۽ پنهنجون زمينون به سنڀاليندو هو. هو آزاد خيال جو ماڻهو هو ۽ سماج ۾ جهونن خيالن جي مخالفت ڪندو هو. اُن وقت ڀرڻ ۾ هو هڪ ماڻهو نڪتو هو. ديوان ڪوڙومل جو سڳو سوٽ هو ۽ سنڌ جي ترقيءَ لاءِ اُتار لکڻ لڳاهه رکندڙ هوا. سنڌ هڪ پاڻ سرٻولسي مطيومل لالچندي ڪاڻي ۾ سب ڊويزنل آفيسر هو. هو عمر ۾ ايماندار رهيو. ورڻي ڏالي اهڙو،

ـلڪ ٢٣ اپريل ١٩١٦ لي هوم رول ليگ شروع ڪري
چڏي. ڇهن مهينن بعد شريمتي اينـي بيسنٽ انگريزي
اخبارن ذريعي زبردست پرچار ڪيو. ٿياسافيڪل پنٿ
جي پرچار سبب سندس زبـردست نـاموس يورپ ۽
ايشيا ۾ هئي ۽ اُن پنٿ ڪـي مغرب ۽ مشرق ۾ لـکين
پوئلـڳ هوا.

هن جڏهن هندستان لاءِ هـوم رول (آزاديءَ) جو
آواز اٿاريو تہ اُن آواز کي هندستان اندر خواه اُن کان
باهر چڱي پذيرائي ملي. هن دنيا جي ڌيان لي آندو تہ
هندستان پهرينءَ مهايـاري جنگ ۾ پـورو سات ڏيئي،
پنهنجي سچائـيءَ ۽ وفـائيءَ جو انوکـو مثال پيش ڪيو
آهي؛ هاڻي اُن جو پورو قدر ٿيڻ گهرجي ۽ کيس پنهنجو
راج ملڻ گهرجي. هندواسين اهو حق لڙائيءَ کان اڳي بہ
ڇڪيو هو، هينئر بہ ڇڪين ٿا ۽ پوءِ بہ ڇڪيندا رهندا.
سندس ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جا ڪيترائي ڪم ڪندڙ
هـوا، جـي اچـي اُن هـوم رول هلچل ۾ شريڪ ٿيا.
حيدراباد جـا سرگواسي جيٺمل پرسرام، شري سنتداس
وڪيل ۽ ٻيا اِن هلچل ۾ شامل ٿيا هئا. هـو اسان جي
ساهتيءَ ۾ وقت بوقت ايندا هئا ۽ وڏن شهرن ۽ ڳوٺن
ليڪچر ڪندا هئا ۽ عام ماڻهن ۾ سجاڳـي آڻيندا هئا
شري جيٺمل لڏهن ڪانسواءِ پنهنجي ”هندواسي“ اخبـ
دوران هوم رول جو پرچار ڪندو هو. اِن ڪري

ڪين سگهيو. ٻئي ملاقيءَ جي حيثيت ۾ ١٩١٣ جي ڪراچيءَ ڪانگريس اجلاس ۾ ان لئي آيا ۽ پاڻ سان ڏکر اُساه ڪٺي آيا.

ڀاڱو چوڏون

هوم رول هلچل

١٩١۴ کان ١٩١٨ تائين

١٩١٤ کان ١٩١٨ وارا پنج سال آزاديءَ جي آندولن جي اتهاس ۾ مهتوَ لا رکن. ١٩١٣ جي ڪراچيءَ واري اجلاس بعد شريمتي اني بيسنٽ، جا غريبن جي شيوا ڪاريه ۾ لڳل هئي ۽ سندس سارو ڌيان ڌارمڪ ڪيتر ۾ هو، سا ڦري ١٩١٤ ۾ راجنيتي ڪيتر ۾ آئي.

ان کان اڳي وارڄڙ ۾ رشيا ۽ جپان جي لڙائي لڳي هئي، جنهن ۾ جپان رشيا کي جٽ ڏني ۽ لڙائيءَ ۾ رشيا اري لمولي هارايو. تنهن کانسواءِ ١٩١٤ ۾ جيڪا يورپ مهاڀاري لڙائي لڳي، اُن ۾ فرانس ۽ فلنڊرس ۾ اسان جي هندستاني سپاهين جرمنيءَ کي اهڙا ٽوٽا ڇڪايا، جو ڪين پڇڻي هٽڙو پيو. هندستانين جي انهيءَ بهادريءَ هندستان جي ناموس يورپ ۽ ايشيا ۾ وڌائي. اڳي جو يورپ جا باشندا ايشيا نواسين کي سڀ ڳالهه ۾ پاڻ کان پلتي سمجهندا هوا، سا ڳالهه ختم ٿي ويئي. هندستان کي نه پنهنجي طاقت جو احساس ٿيو. لوڪمانيه

ائين چمن (بلوچستان) ۾ رهيو. پوءِ اچي حيدرآباد ۾ پنهنجي
ڪوٺيءَ ۾ رهيو. اُتي رهندي هن جي پهرين گهاٽي
ه وچڙ مهاراج لوڪرام ٺاڪر رام شرما سان ٿي، جو هڪ گرم
راجنيتي ڪم ڪندڙ هو ۽ لوڪمانيه تلڪ جو شش هو.
هن وري سچانند جي ملاقات سرڳواسي ٽولارام ٻالاڻيءَ
سان ڪرائي. انهي جي سنگ ۾ هو راجنيتي ميدان ۾
ٽپي پيو.

اُن وقت پروفيسر جيوترام ڪرپالاڻي ۽ پروفيسر جو هرمل
ملڪاڻي (جو پوءِ سوامي گووند آنند جي نالي سان مشهور
ٿيو) جي سهڪار سان حيدرآباد ۾ برهمچريه آشرم کوليو
ويو هو، جنهن جو ڪاريه ڊاڪٽر چوٿرام گدواڻي
هلائيندو هو. آشرم ۾ آزاديءَ جا اڀاسڪ ماستريءَ جو
ڪم ڪندا هوا. مشهور انقلابي ۽ بدليل وارس ۾ اُتي
اچي اچهو ونندا هوا. اُن آشرم ۾ شري سچانند کي
ڪافي همخيالي دوست سرو شري وشنو شرما، دوارڪا
پرساد شرما ۽ ڊاڪٽر چوٿرام جهڙا ملي ويا. ان وقت
سرڳواسي پروفيسر ايسرداس رانسنگهاڻي، جو وچهڙ ۾
بي اي پاس ڪري آيو هو ۽ قومي خيالن جو ماڻهو هو
۽ سنڌس ڳوٺائي هو، تنهن زور ورتس ته ڪراچيءَ
ڪانگريس اجلاس ۾ هلي. سنڌس دل ته ڪانه هئي،
جو اُن وقت تلڪ مهاراج پنهنجن گرم خيالن ڪري
ڪانگريس کان جدا ٿي ويو هو، پر يار ڪي نه ڪري

بالا عملدارن ڪيس منع ڪئي، جو هو ڪم جو چست هو ۽ ٻيو ايماندار ڪامورو هو. خود شاهه بندر جي نائب ڪلڪٽر شري ڪندرلسي لکي موڪليو ته ڏنل سمجهائي بلڪل ٺيڪ آهي ۽ استعفا واپس ورتي وڃي. سيٺي جي زور ڀرڻ تي استعفا واپس نه ورتائين، پر هن جي نوڪري ۾ دل ئي نه پئي لڳي.

هوڏانهن ۱۹۰۸ جي وچ ڌاري بنگال ۾ ڪن انگريزن جا ٻر گولن سان خون ڪيا ويا، جنهن ڪري ڪن نوجوانن سان سختي وتل وڌا ويا. خود ٻرام ٻ.س هڪ هوشيار نوجوان کي نومبر ۱۹۰۸ ۾ ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. هن جو مثال شري سچانند ۽ پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ جهڙن کي جوانيءَ ۾ آسانت ڪندو رهيو.

۱۹۰۸ ۾ لوڪمانيه تلڪ کي ڇهه سال ڪاري پاڻيءَ جي سزا ملي ۽ ڪيس ڇهن سالن لاءِ برما ۾ مانڊلي جيل ۾ موڪليو ويو ته ڪندياري، پڙيا ۽ نوشهري ۾ سرگسون اڪتيون، مڙ ٿيا ۽ هڙتال لڳي. ڪندياري ۾ سرگس جي اڳواڻي پروفيسر ٽاسانند جادوگر ڪئي. هو اُن وقت چوڏهن ورهين جو هو ۽ ودياري هو. پڙين ۾ مهاراج ڀڳوانداس هڙتال ڪرائي ۽ مڙ ڪيو. اُن بعد اهڙيءَ سرڪار جي نوڪريءَ ۾ رهڻ شري سچانند لاءِ مشڪل ٿي پيو ۽ هو نوڪري ڇڏي آيو ۽ پاڻ سان اوڀي حيدرآباد سنڌ ۾ موي جي واپار جي ڪم ۾ لڳو. اُن ڪم سان ۱۹۱۱

عملدار جت ڪت ٿيا بي وفا،
ڪريما بہ بخشاء بر حال ما.
۲- لپدار ڪونار ٿيا بي وفا، (لپدارن ڏانهن اشارو)
گهرڻ لاءِ پيسن جي ٿيا بي حيا،
ڪٽي آيا نوٽيس وارنٽ صفا،
ڪ هستم اثيري ڪمندي هوا.
۳- رکي آيو زميندار معافيءَ جي آس،
چوي هيڊ منشيءَ کي نہ ڪر مون نراس،
هڪڙي ڏي روڪڙ اي ڪر پاس،
ندارم غير از تو فرياد رس.

جوان اهو راڳ ڳائي جڏهن پورو ڪيو تہ مختيارڪار چڙ ۾ ڳاڙهو لعل ٿي ويو. ميزبان ديوان ميٺارام کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هراس ۾ جوان تہ هڪدم رفوچڪر ٿي ويو. ان شعر جو شري سچانند جي دل تي اثر ٿيو. شري سچانند مٿئين ٽي سال بي دلي نوڪري ڪئي. هڪ دفعي ڪنهن آفيسر سندس روڪڙ جي لپاس ڪندي ڏٺو تہ پورا پورا يعني ٽڪي جي پدران ۾ پيسا (پراٺا) پيا هوا. روڪڙ جي ڪوٽ نہ ڪاٿي، پر تہ بہ ڪانئس سمجهاڻي گهري ويئي. هن سبب لکي ڏنو. سمجهاڻي گهرڻ جي ڳالهہ شري سچانند جي دل کي چوٽ پهچائي؛ هن يڪدم استعفا ڏياري موڪلي. پر سندس

شري سچانند کی اڏدو انساري ذريعي اهڙو سمورو حال احوال ٻڌو ملندو هو... ان ڪري هن جي دل ۾ آزاديءَ لاءِ تڙپ وڌي ويئي. تڙپ وڌي پر ان لاءِ ٿي. انهيءَ هنگي سمجهه نه ڏنو.

اُن زماني جي نوڪرشاهيءَ جي حالتَ:-

١٩٠٧ ۾ شري سچانند ڪراچي ضلع جي شاهه بندر تعلقي ۾ مختيارڪار جي آفيس ۾ ڊبلبئل منشي هو. اُن زماني ۾ جوهڙ جماليءَ جي منزل لي سندس شاهه بندر دو بڙوهو سندي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ۽ مختيارڪار اُلي جي وڏي ديوان ميگهارام آسيت سنگهه جي جاءِ تي اچي لٿو. شري سچانند وارا نه اُلي ئي لٿل هوا.

رات جو هن ڪامورن لاءِ راڳ جو پروگرام ڪيو. اُن محفل ۾ هن بن زميندارن کي به ارڳو ڏنو هو، جو اتفاق سان تعلقي جا ڪامورا وٽس اچي مهمان ٿيا هوا.

چالهوڪي رات هئي. راڳ جي محفل لڳي ويئي. هڪ سعيد نوجوان راڳ ڳائي رهيو هو. ان کي ديوان ميگهارام چيو ته "يار! هوءِ سنڌيءَ ۾ ڪريما نه ڳائي ٻڌاءِ."

جوان کي همت نه ٿي پئي ٿي پر ديوان جي زور ڀرڻ تي هن آيل زميندارن ڏانهن اشارو ڪري چيو-

١- زميندار جي آيل اس ڪئي خطا،
گنهگار هـر هنڌ ٿيا سرڪـار جا،

(مختيارڪار ڏانهن اشارو)

ي گهاڙ واه ۾ اهڙيءَ ٽپي لڳايائين، جو پنهنجي محبوب
ان ملي هڪ ٿي ويو ۽ نروان پد کي وڃي پهتو. اهو
١١ جولاءِ ١٩١٣ جو ڏينهن هو.
هن جي لاش ڳولڻ جي پوري ڪوشش ڪئي وئي
ر نه مليو جوت جوت ۾ ملي وئي. تڏهن ته ڊاڪٽر
چوئٿرام سرڳواسي ٽولارام جي باري ۾ لکندي ٻڌايو ته
جو لکي ٿو ته ”جيئن نباهڻ آيو، سو پالي آيو؛ ڪم نه
هٿرس ڪو ٿيو.“

سرڳواسي سچانند ڌيرومل- ١٩٠٣ جو زمانو
هو. شري سچانند اُن وقت ساهتيءَ جي حالاڻي ڳوٺ
جي سنڌي اسڪول ۾ ميران شاهه وٽ پڙهندو هو. اُن
زماني ۾ ميران شاهه وٽ هڪ مهمان اچي رهندو هو. هو
وٽس پيو ايندو هو. هو سچانند کي ١٨٥٧ جي بلوي ۾
انگريزن جي ڪيل اياچارن جون ڳالهيون وستار سان وقت
بوقت پيو ٻڌائيندو هو. اُنهن جو شري سچانند جي ڪچڙيءَ
دل تي گهرو اثر ٿيندو ويو. اُن جو نتيجو اهو ٿيو، جو هو
آزاديءَ جي لڙائيءَ جو پڪو ۽ پختو سئنڪ ٿي پيو.

بينگال جي ورهاڱي جو اثر- ١٩٠٥ ۾ انگريزن
لارڊ ڪرزن جي سفارش تي هندو مسلمانن ۾ ويڇي
وڌائڻ جي خيال کان بينگال جو ورهاڱو ڪرائڻ چاهيو
ليڪن جنتا اُن جو پورو مقابلو ڪيو. اهو آندولن ڪامياب
ويو ۽ ورهاڱو روڪجي ويو. جنتا جو ساهس وڌيو

ٽولارام ۾ اصليت هئي ۽ پنهنجي خيالن جي اظهار بنا
ڪنهن هٻڪ جي ڪندو هو.

مهاتما گانڌي ٻيو ڀيرو دفعو ١٩١٦ ۾ ٢٦ فيبروريءَ
تي سنڌ ۾ جڏهن پير پاتو، شري ٽولارام اُن کان اڳي
دنيا مان ڪوچ ڪري ويو هو.

هن جو ساٿيه ڪراه راجنيتي کيتر ۾ ڪم پڇاڙي
ٽالين هلندو رهيو. ١٩١٢ ۾ "آتم ڦلواڙي" ڪتاب جو
ترجمو پورو ڪيائين. سندس رچيل "جيءَ الدرحمڪ"
ڪتاب ته روحاني رازن سان ڀرپور آهي ۽ ٻي پيرا
ڇپجي ۽ ختم ٿي چڪو آهي. "عاجز جا الاپ" نالي
ڪتاب سندس صوفي شعرن جو مجموعو ۽ پڙهڻ وٽان
آهي.

هو سنڌ جي ڪانفرنس ۽ ڪانگريس اجلاس ۾ بہ
شريڪ ٿيندو رهيو ۽ پنهنجي خيالن جو نرڀئتا سان اظهار
ڪندو رهيو.

البت هتي اِهو لکڻ اثر ته هن جو ڪو پورب جنم ۾
اهڙو ڀاري اڀياس ٿيل هو، جو ڪيس هن جنم ۾ ٻهڪ
اوچيءَ منزل تي وٺي ويو. هو پڇاڙي ۾ روحاني جسماني
زندگيءَ کان مٿي پهچي ويو. هو نہ 'جدائين ڪريان
لڳاءِ، لبذائين سچا ساٿيون' واريءَ منزل تي پهچي ويو
هو. سندس سائين جو جوڙ هر ته پڇاڙيءَ ۾ ڪيس
ڪيترا مشاهدا ٿيا. سائين کي اکوات ٻڌائي لاڙڪاڻي

۴ سال نوشهري ۾ رهيو، اُن عرصي
۱۹ تائين جيڪي ڪين وينو. ناٽڪ ۽ ڪرائيندو هو،
اصل مات ڪري ... هو پورو ڪلاڪار هو.
ن ۾ پاڻ پڻ پارٽ وٺندو هو. ڏاري ٿي آيو. پٽس ۾
هڪ دفعي منچ تي ويس
ڪو خلق ۾ ويٺو هو. هنڪي اها ڳالهه اصل نه وڻي، سو ڇڙ
ڏانهس منچ تي آچلايائين ۽ پر لوارام
پادر لاهي ڪڍي
پنهنجي ڏنڻ ۾ مڇو رهيو ۽ پنهنجو پارٽ اهڙيءَ طرح
ڏنو نه هنڪي پادر جي ڳالهه
ادا ڪندو رهيو، جو ماڻهن
جي سمڪ ئي ڪا نه رهي. اِن وچ ۾ ڪي ماڻهو پٽس
ڪي منت ڪري ٻاهر وٺي ويا.
هن جي آلمڪ شڪتي لپرس ۾ وجهندڙ هئي.
ڪنهن ڳالهه ۾ من وجهندو هو نه ٻئي جهان جي سمڪ
ئي ڪانه رهندي هئس. ملڪي مستانو نه هوئي.
زماني ۾ جڏهن سرڪار خلاف ڪجهه ٻه چوڻ وڏو ڏوهه
ڪٺو هو، تڏهن ماڻهو سڌ ٻڌ وڃائي ويهندا هوا ۽ هن جي
پنيان 'وندي ماترم' ۽ 'ڀارت ماتا جي جئه' جا نعرا
هڻندا هوا.
سرڪار اُن زماني ۾ نوشهري ۾ هاءِ اسڪول کوليو،
جنهن جو نالو مدرسو رکيو، تڏهن پبلڪ پليٽفارم ۽
پنهنجي اخبار دوارن هن اُن فرقيپرستيءَ جي نيتيءَ خلاف
سخت اعتراض ورتو. ياد رهي تہ تڏهن اڃا گانڌيجي
هندستان جي راجنيتي کيتر ۾ ڪونہ پهتو هو. شري

منڊل اچي ٺاهيا ڪيائين. اُن ۾ ٻيا به ڏهه سالي کم ڪندڙ هئس. ٻڪارو ۽ جهالت کٽي جڏهن ٺگر ڪمرلن ۾ ٿيندڙ رهندو هو، تڏهن ماڻهو هئس اکين ڇڪن ٿي پوندا هئا. ٺگر ڪمرلن ۾ ديوان امرڏنومل دادلاڻي، ديوان ڏڄيهه رام ڪياڻي پنجابي اسڪول جو منيجر ۽ ٻيا ڪئي جيما هئس. هڪ دفعي ٺهيو سماج کي حيدرآباد جي نوشيري ولي آهر ۽ سائن ڪئي لوشهري ۾ شراب ۽ جي خلاف پرچار ڪرايائين.

!! لڇيتراءِ گرفتار ٿيو ته لوشهري ۾ عام هڙتال ڪري ۽ خلاف احتراض جو ٺهراءُ پاس ڪرايائين. وري، لالا لڇيتراءِ هڪڙي جيل مان آزاد ٿيو، تڏهن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته ڏيا ٻاري ڏياري ملهائڻ. هو لالا لڇيتراءِ کي چوڻي ۽ ترسه جي لطر سان ڏسندو هو ۽ لڪرين پڇولڊو هو ته هو ملڪ جي لاح (عزت) جو راکو آهي.

١٩٠٥ کان ١٩١١ تائين هن جيڪو آزاديءَ لاءِ لڳاتار ترتيب ڪيو، تنهن وڌيڪ ٿي اهڙو ته اثر ڪيو، جو انهن مان ڪي آئينده ۾ علي قومي ٻڌنگ ٿي پيا. سنڌ جي مشهور قومي ڪم ڪندڙ شري پرسرام ٽهلراماڻي ۽ شري هاسارام پمنانيءَ ٿي به سنڌس ڪافي اثر پيو هو. هن جو اُن اهڙو ترتيب جو سنڌس مرڻ بعد هو به ساڳي جوت جڳائيندا رهيا ۽ لوشهرو قومي ڪم ڪندڙن جو اڏو رهيو.

هو قومي ڪم لاءِ پڪي ٻڌڙهه وڃهي ويو. ١٩٠٨ کان

ملندو هوس ته ساهتيءَ جي انهن ڳوٺن ۾ به وڃي پرچار
ڪندو هو. ساڳئي وقت ڪراچي، حيدرآباد، سکر،
شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ پيو ويندو هو. جتي ويندو
هو، اُتي هن جو پرچار هلندو هو. هن جا گهڻا هندو
مسلم الهاد لي، شراب ۽ ولايتي ڪپڙي ۽ ولايتي شين
جي ٻهشڪار لي ڏاڍا چڪيندڙ هوندا هوا ۽ ماڻهن تي
دائما اثر ڇڏيندا هوا.

اسڪول ۾ شاگردن کي جيڪي مضمون ۽ ترجما
لکائيندو هو، سي به ديش ڀڳتيءَ، ايشور ڀڳتيءَ ۽
سداري واداري جي وشين سان ڀرپور هوندا هوا.

ايشور ڀڳتي هن ۾ ڪا ڪوٽا ڪوٽ ڀري پيل هئي.
پورب جنم جا ڪي سنسڪار اهڙا هئس، جو جڏهن
هوش ۾ آيو، تڏهن هن جي تار پار سان ڳنڍجي رهي.

ڏسجي ٿو ته ايشور ڀڳتيءَ جي ڀاونا ئي کيس راجنيتي
ميدان ۾ گهلي وئي. هن خلق ۾ ئي خالق ڏٺو ۽ خلق
جي شيوا کي هن پريتءَ جي پچار سمجهيو.

پريتءَ جو پسڻ يا پريتءَ جي پچار ۽
انهن ٻنهي کان ڌار، ٻل قادر ڪنهن کي نه ڪري.
(شاه)

ان ڪري راجنيتي کيتر ۾ هن جيڪو ڪم ڪيو،
سو ڏاڍو اثرائتو ٿيو.

هو جڏهن ٻهڻجي ڳوٺ نوشهري ۾ آيو، تڏهن شيوا

[illegible] ڪئي. هو لڏرلا جو مجسم هو. هن جون رچيل
[illegible] ڪوتالون دل آثار بند ڪرڻ وارڻيون هيون.
[illegible] هو ڪتاب ”ملڪ مداح“ ڇپار هو، جو
[illegible] ضبط ڪري ڇڏيو.

[illegible] اهڙو مباح هو، جو اڪثر مٿس
[illegible] پوندا هوا ۽ بي حد بڇڙي پولدا هوا.
[illegible] ۾ جڏهن ولايتي ڪپڙ خلاف پرچار
[illegible] جو زالون گهرن مان ڪپڙا ڪڍي
[illegible] اڳيان ڦاربندڙيون هيون. سائين وقت
[illegible] نيڪيار هو، جنهن جو پرچار هڪ نڪ هو.
[illegible] ملڪ ڀلي ڪم آندو ۽ آزاديءَ
[illegible] ساٿين ۾ بنياد وڌو.

[illegible] ڪانگريس اجلاس ۾ شريڪ ٿيندو
[illegible] نيوان جو سنڌ ۾ اچي پرچار
[illegible] ۾ ڪانگريس جو اجلاس جيڪو
[illegible] سنڌ ۾ ٿيو، ان ڪان اڳي ١٣
[illegible] دنيا مان پرواز ڪري چڪو
[illegible]

[illegible] جو ٻيهڪي چنڊ استان لوشهري
[illegible] پنچائتي اسڪول ۾ ماستر
[illegible] ورهين جو ڳڀرو جوان هو.
[illegible] لاءِ هلچل هلائي. موقعو
[illegible]

ها ڏات هن کي سرڳواسي ٽولارام کان ملي هئي.

اخبار نويس- سنڌي اخبار، جنهن ۾ صـرف
راجنيتي، سا ۾ گرما گـرم راجنيتيءَ جي اپٽار هجي،
نهنجو پايو سنڌ ۾ هن ٿـي وڌو. اخبار جو نالو 'ماتا'
رکيائين. پريس وارا ڪيس ٿيڻ ۽ جيل جي سزا ماڻڻ جي
ڊپ کان اخبار ڇپي نه ڏيندا هئس ته لٿي لي ڪيڏو
هو. ائين بہ نہ ٿي سگهندو هو تہ هٿ سان لکي
آها ماڻهن کي موڪليندو هو. مطلب ته سنڌس آزاديءَ
جي آلاپ کي ٻئي بشر نه روڪي سگهيو. سرڪار جي
هو پرواهه ٿي ڪا نہ ڪندو هو.
'ماتا' اخبار ڪڍڻ کان اڳي هن انگريزيءَ ۾ 'Voice
of India' ۽ سنڌيءَ ۾ 'صدائي سنڌ' اخبارون ڪڍڻ
سان شروعات ڪئي. هن هڪ دفعي سرڪار خلاف
اهڙو زبردست ليک لکيو، جو حيدرآباد جو ڪليڪٽر
هن لـي ۱۲۴ قلم يعني سرڪار خلاف بغاوت ڦهلائڻ
جي ڏوهه هيٺ ڪيس ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ديوان
ڪوڙيمل کي اِها خبر پئجي ويئي. هن وچ ۾ پئي حيدرآباد
جي ڪليڪٽر کي سمجهايو ته ڪيس ڪرڻ ڪري هنکي
هٿائين مشهوري ملندي ۽ گهوڙ وڌندو. ائين ڪ
ڪرڻ جي ڳالهہ ٽري ويئي. ان ڪري اِهو چوڻ
وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌ ۾ لکي قومي هلچل ۾ هي پهريو
شخص هو، جنهن ڪلم ڪلا سرڪار جي خلاف بغاو

اهاڻي اوڻهائي ٻيٽي ڏسجي. حن کي ساٿس گڏ رهيا
ڪيس وڃهي ڄاڻڻ جو موقعو مليو، جنهن سرو شري لعلچند،
ڪرمچند هنگوراڻي ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام سي لکن ٿا ته
هن کي نظم لوڙي لئه لکڻ لاءِ الاهي ذات مليل هئي.
فرق اهو ٿيو آهي جو هو سنڌيءَ وڏيءَ ۾ ني
ولو ۽ ڪر اڄوڻو ماٺو ڪرڻ رهيو، جو سندس شعر
ڪنو ڪري رکي. ان ڪري سندس شعر گهٽ قدر
ڏيهن جي روشنائي ڪانه ڏلي. هو اول درجي جو
ليکڪ ۽ هو. هن جا جدا جدا ڪتاب دادا ڀائي
نوروزجي، تعليم جو ٿارو، قوم کي ڪبر ٿيا ٿائين؟
لبنهن جي رنگ سان ميٺون جي جنگ، مدر مداح، ملڪ
مداح، گيان گلزاري وغيره. ڪتاب مان سندس عجيب
لکڻي ظاهر آهي. هن ٻاري ۾ وڌيڪ ڪجهه لکجي سو
ڪافي نه ايندو. هن جهڙو ”آلم قلـواڙي“
ڪتاب سوامي هيمراج چداڪاشي جو ترجمو ڪيو هو
صرف سرپالڪ پڙهي ڏسن ته هو تصور ڪري سگهن
ته هو ڪيڏي اوچ درجي جو ساهتڪار هو. هن جي ڏ
ڪجهه قدر شري فتحچند واسواڻيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي
جنهن لاءِ ٽولارام ٻنهچندي جيون ۾ فدا هو.
”ڪٿي ’فتح‘ لاءِ اصل ڪري، ’عاجز‘ جو آڌار لو
”سنڌ ساهتيه“ جنهن جو رچيندڙ شري فتحچ
واسواڻي هو، ان کي ادبي ڪينر ۾ وڏي اهميت آهي

ڪيڏي اسڪول ۾ وديارٿي هو، لن ايڏو الساه
ن ڪم ڪيو، جو شاگردن جون ٻهرون اچي هوسٽيل
ل ۾ مڙيون ۽ دادا ڀائيءَ جو جنم ڏينهن ڌار ڌوم سان
هايو ويو.

لولارام جي پيءُ جي مالي حالت اهڙي نه هئي، جو ڪ.س
حيدرآباد ۾ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ خرچ پهچائي سگهي، لن ڪري
هن ڇهون انگريزي پاس ڪري پڙهڻ ڇڏي ڏنو.

اُن وقت ڇهون انگريزي پاس ڪيل نوڪريءَ لاءِ
بلڪل قابل ماڻهو ليکيو هو، پر اُن ڳالهه ڏانهن هن جو
ڌيان به نه ويو. پاڻ ٿي هڪ شعر ۾ لکيو آٿس-

ڳجهي هڪڙي ڳالهه - دلبر رکج دل ۾؛
نه سيئي ٿيا نهال - جن سيس نوايو سڪ اڳيان.


هن لـ پنهنجو جيون اُنهيءَ ڪـي ارپي ڇڏيو هئو،
جنهن ڪيس خلقيو هو. لن ڪري اُن وقت سرڪاري
نوڪري نه ڪري، سائيءَ ئي نوودياليه ۾ ماستر ٿيو ۽
برهمو سماجين سان گڏ حيدرآباد ۾ ٻين هندن لي شراب،
ڇوا ۽ ٻين سماجڪ خرابين خلاف پرچار ڪرڻ لاءِ سدائين
ساڻن گڏ هوندو هو.

شاعر- سنڌ ۾ شعر جي ڪيتر ۾ شاهه، سامـيءَ ۽
بيوس کي خاص جڳهه آهي. ٻهرين لن جو شعر الاهي هو
پر ان چوڻ ۾ وڌاءُ ڪو نه ٿيندو ته لولارام "عاجز"
سائين نقش قادمن ۾ هلڻ وارو آدمي هو. سندس شعر

هوندي هئي، هوءِ سنڌس پيدا ٿيڻ بعد صرف ڇهه سال جيئري رهي، پر هن لئي هنجي لکڻ جو لاڳو پورو رهيو. ابتدائي تعليم هن پنهنجي ڳوٺ نوشهري ۾ ئي ورتي، پر انگريزي تعليم هن نوابشاهه جي اسڪول ۾ وڃي ورتي. چار درجا انگريزي پاس ڪري پنجون درجو انگريزي ٻئي ۾ پڙهڻ ويو. پنجون انگريزي پاس ڪري سن ١٩٠٥ ۾ حيدرآباد جي نو وديالیه هاءِ اسڪول ۾ وڃي ڀرتي ٿيو.

١٩٠٥ ۾ جڏهن هو نو وديالیه ۾ پڙهندو هو، تڏهن پرسڌ سنڌي ساهتيڪار سرڳواسي لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي ان اسڪول ۾ ڇهين انگريزي درجي کي پارسي پاڙهيندو هو. هن پوءِ لکيو هو ته ”ٽولارام لسٽ ترالو وديارٿي هو. سوالن جا جواب سدائين اهڙا پورا ڏيندو هو، جو ماسترن کي عجب ۾ وجهي ڇڏيندو هو. اُن وقت ئي شعر چوڻ جي ته ڏات هئس، سو به نه رڳو سنڌيءَ ۾، پر فارسي ۽ انگريزيءَ ۾ به.“ ماستر لعلچند کيس ڪلاس ۾ فارسي پڙهائيندو هو، پر ڏسندو هو ته کيس فارسيءَ ۾ ٽولارام جهڙي ماهريت ڪانه هئي.

١٩٠٧ ۾ حيدرآباد ۾ سنڌي ماڊل ۾ مڊلسي ڪلي. اُن جي سواري ٻيون ٻيران هوسٽل هال ۾ دادا ڀائي نوروزجيءَ جو چهرو ڏيکاريو ويو. اُن ڪم ۾ ٽولارام ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام، جو اُن وقت حيدرآباد جي



(شري نولارام بالاڻي)

ڪيو ۽ ضلع ۾ آزاديءَ لاءِ ايز لمڻ
نولارام نئي شروع
هن نئي پيدا ڪئي.
شري نولارام جو جنم سن ۱۸۸۴ ۾ ڏباريءَ ج
شب ڏيهن لي، نرشوري ۾ شري ميگهراج بالاڻيءَ
ڪهڙ ليو. سڌس ماءُ ڏرم، پرابر ۽ پگهتيءَ جي مورل

مجبوس ملڪي محبت جا مچ پيا ٻرندا هوا، جنهن جي
جي ساريءَ ساهتيءَ ۾ ڦهلجي ويئي. اُن وقت ساهتيءَ
۾ نئي لعلتا لوشهرو، ڪنديارو ۽ مورو اُڀي چڪا هوا.
هو اخبارون ٻ ڪڍندو هو، جنهن جي ذريعي ماڻهن ۾
ملڪي محبت جا مچ ٻاريندو رهندو هو.

جنهن ۾ شري لولارام لوشهري جو وسيلو هو، اُن
ڪري هن جو پهنجي ڳوٺ تي ڪافي اثر پيو، خاص
ڪري سندس ٻالاڪي اراديءَ تي. ان جو نتيجو اهو
هاڻي اهو لڪتو، جو سرو سيٺ ليجورل، ٻارومل، جيٺداس
۽ ٺاڪرداس الهن جهڙي ٻاڻن جا ٻت ايندڙ ١٩٢١ جي
تحريڪ لعلتا جي هلچل ۾ ڪاهي پيا. اِن ڪري ساهتيءَ
جي نئين هلچلن ۾ لوشهرو هلچلن جو مرڪز رهيو ۽ سند
۾ اڳرو رهيو.

بنگال جي ورهاڱي کي روڪڻ لاءِ جيڪو آندولن
١٩٠٥ ۾ هليو، اُن جو اثر ساري هندستان تي پيو هو
۽ سوديشي هلچل شروع ٿي ويئي هئي.

شري لولارام ١٩٠٦ جي سوديشي هلچل وقت ڳوٺن
۾ پيرين پنڌ وڃي پرچار ڪندو هو ۽ سروشري ڪيسومل
۽ امرڏني مل سان گڏ ٽالڪ به ڪندو هو. پرهه ڦٽيءَ جو
پرڀات ڦيري ڪڍندو هو ۽ اُن ۾ ڳائيندو هو. سندس واڳ
۾ ڪافي ڪشش هوندي هئي. آزاديءَ لاءِ ڪيليءَ طرح
آندولن هلائڻ جو ڪم اسان جي ضلع ۾ سرگرواسي

ٿو. هن پنهنجي گهر ۾ ليٽيءَ مان ملڪ ۾ جن شڪتي
ڏا ڪئي. ۱۹۰۵ ۾ انگريز سرڪار بينگال کي وراهڻ
هيو ۽ اُن جا ۾ ٽڪر ڪرڻ ٿي چاهيا ؛ پر بينگال
رهاڪن جي اهڙي مخالفت ڪئي ۽ اهڙو نه سخت
نڊولن هليو، جو سرڪار کي مڙڻو پيو ۽ بينگال جو
ر رهاڳو رد ٿيو.

۱۹۰۸ ۾ جڏهن لوڪمانيه ٽلڪ تي بغاوت جي ڏوهه
هيٺ ڪيس هلي رهيو هو، تڏهن ڪيس هلندي ٽلڪ
مهاراج چيو ته ”سوراج اسان جي جنم جو حق آهي.“
آنهيءَ هلچل جو اثر اسان جي ضلع جي ٽن ڪم ڪندڙن
سرو شري ٽولارام ٻالاڻيءَ، سچانند ۽ پروفيسر هاسانند
تي ٿيو ۽ هو اسان جي نواب شاه ضلع جا پڪا ۽ استقامت
وارا ڪم ڪندڙ ثابت ٿيا.

شري ٽولارام ٻالاڻي:- نواب شاه ضلع ۾ آزاديءَ
جي هلچل ۾ سرڳواسي ٽولارام مينگهراج ٻالاڻيءَ ڪم
يگ جي شروعات ڪئي. ۱۹۰۵ واري آندولن جو اثر
اسان جي ساهتيءَ تي چڱو چوکو پيو. نوشهره فيروز جو
شري ٽولارام ٻالاڻي، جو اُن وقت حيدرآباد سنڌ ۾
نو ود ياليه هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو، سو ملڪي ديوانو
ٿي پيو. اصل ۾ هو هڪ آدياتمڪ راه ۾ هلندڙ
پانڌيئڙو هو. هو شاعر هو، جنهن جا ڪافي شعر چيل آهي.
هن جو تخلص هو ”عاجز“. شعر ۾ ازحد ڪشش آهس.

ڪن ميونسپالٽين ۾ چونڊن جي سرشتي جي شروعات ٿي هئي. ڪراچيءَ ۾ جا سنڌ و سڀا شروع ٿي هئي، اُن کي ڪانگريس جو پيريون اجلاس، جو ۱۸۸۵ ۾ ٿيو، اُن ۾ ملندا ڏني ويئي ۽ اُن سڀا جا ٻه عيوضي ٿي ڪانگريس اجلاس لاءِ سنڌ مان عيوضي ڪري ڪنيا ويا.

۱۸۹۵ کان سنڌ ۾ ڪانفرنسون سڏائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ٿاٿين بمبئي پرديش ڪانفرنس پيريون دفعو ۱۸۹۵ ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿي. لڏين کانپوءِ سنڌ پرانتڪ ڪانفرنسون سڏائڻ جي سلسلي جو آرنڀ ٿيو. ڪانفرنسون سنڌ جي مختلف شهرن ڪراچي، حيدرآباد، سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ سال بسال ٿينديون رهيون. اُنهن ڪانفرنسن ۾ سنڌ جي مسئلن تي ويچار ڪيو ويندو هو ۽ ٺهراون ذريعي سرڪار کان ٿاٿا ڪئي ويندي هئي ته ماڻهن جي خاص ڳالهين کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

ڀاڱو ٽيون

۱۹۰۵ کان ۱۹۱۳ تائين

نئون يگ:- ڀارت جي آزاديءَ جي اڳياس ۾ بال، پال ۽ لال جي ته مورلي مشهور آهي. مهاراشٽر ۾ بال گنگا ڌر تلڪ، بينگال ۾ بپن چندر پال ۽ پنجاب ۾ لالا لجپتراءِ پيدا ٿيا، جن ساري ملڪ کي لوڏيو. جن کان اڳي جا اڳوان راجنيتڪ نڌي نيتي اختيار ڪندا رهيا، تن جي جاءِ هنن ورتي. ديش ۾ سوديشي هلچل زور

سوامي ڪرشنانند ۽ ٻيا آريہ سماجي پرچارڪ ساهتيءَ جي
شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ اچي پرچار ڪندا هئا، جنهن
ڪري ڌارمڪ ۽ سماجڪ سڀاڳيءَ سان گڏ آتم سنمان ۽
ملڪي محبت جا جذبا ماڻهن ۾ پيدا ٿيندا رهيا. ان جو
نتيجو اهو نڪتو، جو ماڻهن ۾ سوتنترتا لاءِ تمنا پيدا ٿيندي
ويئي.

ان جو وڏو ڪارڻ اهو به هو جو ١٨٨٥ ۾ ڪانگريس
سنستا شروع ٿي هئي، جنهن پڙهيل ماڻهن ۾ ساهس پيدا
ڪيو هو. هوڏانهن رشي ديانند پنهنجي ڌارمڪ پرچار
۾، حتي راجنيتيءَ جي ڳالهه اُٿندي هئي، اُلي پنهنجو
رايو بنا ڪنهن هٻڪ جي ڏيندو هو "نہ پنهنجو راڄ
پراڻي ڪوڙي به سٺي راڄ کان بهتر ٿيندو." هو بهه
ادر آدمي هو ۽ راجنيتيءَ جي باري ۾ پنهنجا رايا کليءَ
عام ڏيندو رهندو هو. اُن ڪانپوءِ تہ مورليءَ لال،
پال ۽ بال سڀني ملڪ ۾ آزاديءَ لاءِ زبردست پرچار
ڪيو.

ان کان سواءِ ١٨٥٧ جي بلوي وقت انگريزن جيڪي
الياچار ڪيا، اُن باري ۾ پرچار اُردو اخبارن ذريعي
هواد ٻيءَ طرح پيو ٿيندو هو.

ساڳئي ساٿ ١٨٨٧ ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌ ڪاليج شروع
ٿيڻ سان سنڌ ۾ ٻاڪ جهڙن جي اوائلي دور جو ...
لب ٿي چڪو هو. ساڳئي سال ۾ لوڪل بورڊن ۽

ذهن ۾ نڪتل ۾ پيدا هوا، جني مان پربان وچي پيلس.

ديوان صاحب مٿن ۾ آيو تہ جوڏاري شالمہ لي وئي. ڪارروائي شروع ٿي ۽ ٻن حڪمن مرلادا سان مٿن هي ڪارروائي هلي رهي هئي، ان مون لي گهرو الر چڏيو.

ياد رهي تہ ساهتي پرگڻو ناهڻ وارو ديوان صاحب ئي هو. هن ساهتي پرگڻي لاءِ ڌيتي ليتيءِ جي بندي، مٿرر ڪرائي، جا سندس مٿي ڪاپوءِ بہ ڪي سال ساهتيءَ ۾ هلندي رهي.

ديوان صاحب جو ديهانت سندس ڳوٺ ڀرلن ۾ ١٦ ڊسمبر ١٩١٦ ۾ ٿيو. ساري ڳوٺ ۾ ڪڙلال رهي ۽ ڳوٺ جا هندو مسلمان سندس ڪاڻي سان گڏ مساڻ ۾ ويا.

راجنيتي شناس:- ان لهولي ساهتيءَ ۾ ١٩ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ انگريزي ودبا ڦهلجندي رهي. تعلم سان گڏ ڌارمڪ، سماجڪ ۽ راجنيتي ڪيترن ۾ آندولن، جيڪو ساري هندستان ۾ هليو، ان جو اثر ساهتيءَ اي تہ ٿيندو رهيو. خاص ڪري آريہ سماج، جا ١٨٧٥ ۾ ٺهيا ٿي هئي، لنهي سنڌ، پنجاب ۽ اتر پرديش ۾ ڪافي زور ورتو. آريہ سماج هلچل جو خاص اثر ساهتيءَ تي ٿيو. وقت بہ وقت پنڊت جيوڻ لعل، پنڊت آديہ پالو،

هتي آتر، اوڀر، اولهه ۽ ڏکڻ هندستان مان عيوضي
اچي ڪٺا ٿيا آهيون."

ديوان صاحب جي مٿين تقرير مان ظاهر آهي ته
هند، سنڌ ۽ ساهتيءَ ۾ هڪ نئين لهر اٿي چڪي هئي.
ساهتيءَ ۾ نئين لهر آڻڻ وارو ديوان صاحب ئي هو.

هن ئي ساهتيءَ ۾ انگريزي تعليم جي شروعات
پنهنجي ڳوٺ پڊن مان ڪئي. ١٨٨٤ ۾ انگريزي
اسڪول برپا ڪيائين، جو اڳتي هلي هاءِ اسڪول ٿيو
۽ سندس پٽيان ڪوڙومل چندنمل اڪيڊميءَ جي نالي
سان مشهور ٿيو. ان بعد ٺارو شاهه، نوشهري، ڪنڊياري،
هالاڻي ڀلاڻيءَ ۾ به سندس همسفر ساٿين انگريزي
اسڪول شروع ڪيا.

ساهتيءَ ۾ ڇوڪرين کي تعليم ڏيڻ جي شروعات
ڪرڻ وارو به ديوان صاحب هو. پهريون ڪنياپاٺشالا
سندس سوٽ ميلهوءَل پيسومل جي نالي سان پڊن ۾
کلي هئي.

سماج سڌار هلچل ۾ به اڳڀرو هو ئي هو. هن جي
علحدي شخصيت هئي. وري ڀڳوان حيثيت به ڏني
هئس. ڳوٺ ۾ هندو خواهه مسلمان سندس عزت ڪندا
هوا. مان ڏهن ورهين جو ٻار هوس، ته هن مونکي ڪيس
پنچايتي ميڙ ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو. مان ٻار هوس، ان
ڪري ميڙ ۾ ته ڪونه ٿي ويهي سگهيس. اهڙا ميڙ لن

ٿي اُن پد سنڀالڻ جي لائق هو، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ سماج سڌار هلچل ۾ هن ۴۰ سال لڳاتار ڪم ڪيو هو ۽ هن ۾ سنڌي برادريءَ جي سيني فرقن جو ڀروسو ۽ وشواس هو ۽ ادبي کيتر ۾ به هن کي خاص جاءِ هئي. اها ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي ۽ ڀيانچيءَ جو پد ديوان ڪوڙيمل سينگاريو. هن اُن سميلن ۾ پنهنجيءَ صدارتي تقرير ۾ چيو، "اوهان کي غور ڪرڻ گهرجي ته هن سماج سڌار هلچل جو آڌار آدرش ڇا آهي؟ آدرش اهو ئي آهي ته اها ڳالهه سمجهون ته سماج ۾ هر شخص، ٻار هو ننڍو آهي يا وڏو، اُن جو اڻ ڳڻت مله آهي. هر انسان ٻين جي نظر ۾ اُتاهون ۽ اَمولهه مهتو رکي ٿو. اِن ڪري جي انسان کي قوم کي اڏڻو آهي ته انسان کي پنهنجي اِڪتا اهو آدرش رکڻو آهي. اڄ اُن آدرش کي سڌ ڪرڻ لاءِ ڏکڻ آفريڪا ۾ اسانجا بهادر ڀارتواسي، ٻارن ۽ مرد، ننڍا ۽ وڏا، هندو ۽ مسلمان، ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، اُن قومي آدرش لاءِ قربانيون ڪري رهيا آهن." ياد رهي ته اُن وقت گانڌيجي ڏکڻ آفريڪا ۾ رهندڙ ڀارتواسين کي سمان حق وٺي ڏيڻ لاءِ ستياگره جي هلچل هلائي رهيو هو، جنهن ۾ سيني ذاتين جا هندواسي شريڪ هوا.

تقرير ۾ ديوان صاحب وڌيڪ چيو ته "انسان جي سمانتا ۽ هڪجهڙائيءَ جو اصول استاپن ڪرڻ لاءِ ٿي اڄ

ي. انگريزن کي پنهنجا پير کوڙڻ ۾ ڪيتري قدر مدد ملي ۽ وچڙ جن."

ساڌو هيرانند اُن وقت گهڻو ڪري سنڌي هفتيوار 'سنڌ سڌار' اخبار ڇپڻ ۾ رڌل رهندو هو. اها اخبار سنڌ سڀا جي هٿي ۽ سنڌ ٽائيمس جي پريس ۾ ڇپبي هئي.

برهمو سماج، پرارٿنا سماج ۽ آريه سماج ذريعي جيڪا سماج سڌار هلچل هلي، اُن ۾ راڄنيتي اُنش به ڪافي ماترا ۾ هوا. نواب شاهه ضلع جا آڳاٽا ڪم ڪندڙ ديوان ڪوڙومل ۽ شري لولارام ٻالاڻي برهمو سماج جي پيدائش هوا.

١٨٩٧ ۾ پوني ۾ پليگ جي جيڪا زبردست بيماري پيئي، تنهن ۾ ديوان ڪوڙيمل جان جي بازي لڳائي بيمارن جي شيوا ڪئي. اُن شيوا ڪري ئي کيس سرڪار راءِ بهادر جو خطاب ڏنو هو.

سکر ۾ ١٩٠٨ ۾ سنڌ راڄنيتي ۽ ونگي ڪانفرنس ٿي، سا سرو شري ڪوڙيمل ۽ سيٺ هرچندراءِ وشنداس جي سڀاپتيپڻي هيٺ ٿي.

وري جڏهن ١٩١٣ ۾ اکل ڀارت قومي ونگتي ڪانفرنس لاءِ سڀاپتي مقرر ڪرڻ جو سوال اُٿيو ته هندستان جي گهڻن ڪم ڪندڙن ديوان ڪوڙيمل جي ئي سفارش ڪئي. هئن جو رايو هو ته ديوان ڪوڙومل

... ڏکي ماڻهن لاءِ همدردي ؛
... تنا ڪيا.
... هندن، مسلمانن ۽ پارسين ؛
... جا واجبيتي سمجها هئي.
... شروعات هئي ؛ ڪيترا
... جا ميمبر هوا. رشي
... ديوان ڪوڙومل چندنمل
... ميمبر هوا. اُن وقت ديوان
... انڪمر ۽ اسٽيمپ جي
...

... انگريزي اخبار ڪراچي
... تڪرلدي هئي. اُن
... گپتا پرست بنگالي
... ديوان ڏيارام، ديوان
... لکندا هئا.

... واري پرچيءَ انگريزي
... ”نادرشاه
... ڪئي، پر انگريز
... آهي؛ هندستان کي
... سرڪار هر سال
... رهي آهي ؛
... تيمور واري



(ديوان ڪوڙومل ڪالناڻي)

ڏيارام ڄيٺمل، سادو نولراءِ ۽ سادو هيرانند شوقيرام ۽ سيٺ هرچندراءِ وشنداس به شامل هئا.

برهمو سماج جو اثر سنڌ ۾ وڌائڻ ۾ ديوان ڪوڙومل جو وڏو هٿ هو. ١٨٨٣ ۾ جڏهن حيدرآباد ۾ برهمو سماج جي جڳهه نئين تيار ٿي، تڏهن اُتي هن ليڪچر ڏنا ۽ ڪيرتن جو آرنڀ ڪيو ۽ هو ان تحريڪ ۾ رهيو. برهمو سماج ۽ شري رامڪرشن مشن جيڪا ايشور ڀڳتي جي لهر پيدا ڪئي هئي، اُن لوڪن جي دلين ۾

سياري جو هو. غريبيءَ ڪري هو رات جو ڏيئن جي
فانوس جي روشنيءَ ۾ وچي ڪتاب پڙهندو هو. هو
پنهنجيءَ محنت سان پڙهڻ ۾ اڳتي وڌائيندو رهيو.
١٨٦٨ ۾ هو صرف ٢٤ ورهين جو هو، ته انگريز سنڌ ۾
تعليمي قابليت جو قدر ڪندا هئا ۽ هر ڪنهن تعليم
سنڌيءَ ڳالهه ۾ سنڌ ۾ رايو ضرور وٺندا هئا. هو لڏ ۽
سواڻين ويچارن جو مالڪ هو. هو سنڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر
ٿيو ۽ ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال به رهيو.
١٨٧٣ ۾ حيدرآباد ۾ سادو هيرانند جيئن نارمل
اسڪول ۾ وديا ورتي، ان جو ان وقت هيڊماستر
ديوان ڪوڙومل هو.
ديوان صاحب تعليمي ڪم ۾ جڳي چربو پيدا ڪئي.
هن پنهنجن ٻن ٽن سائين سان گڏ ڪراچيءَ ۾ ادبي
سوسائٽي برپا ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جا ڀوريان پنج
گرئجوئيٽ به شريڪ ٿيا هئا.
ان جو اثر سکر ضلع، لاڙڪاڻي ضلع ۽ ماڻهنءَ تي
به پيو، جنهن ڪري اتي تعليم جو واڌارو شروع ٿيو.
لڏهن اڃا نواب شاه ضلع برپا ڪرڻ ٿيو هو ۽ حيدرآباد
ضلع سان گڏيل هو.
١٨٨٠ ڌاري ڪراچيءَ ۾ هڪ شيواڌارڪن جي پارٽي
برپا ٿي، جنهن جو اديش هو شوا ۽ قرباني. ان ۾
ديوان ڪوڙيمل سان گڏ ديوان ڏيارام گدومل. ديوان

سنڌي سماج ۾ نئين لهر: ١٨٥٧ جي غدر ڀارتواسين جي دلين تي جيڪي گهاو ڪيا، سي تازا ئي رهيا. ڀارتواسين بخوبيءَ سمجهيو ته ”غلام کي سپني ۾ به سک نه ملڻو آهي.“ اُن بلوي بعد خود پرام جهڙا ڪئين جوان جاڳيا، جي سر تريءَ تي رکي، سوريءَ تي کيليندا ويا. حيدرآباد جي پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻيءَ، ساهتيءَ جي شري سچانند ۽ ٻين ڪيترن کي خود پرام جي مثال مان پريرتا ملندي رهي. غلاميءَ جو ڪنڊو ديسواسين کي چڀندو رهيو. ساڳئي وقت ملڪ جي ڪي اهڙيون شخصيتون پيدا ٿيون، جن ستل سماج کي ڌرمي ۽ سماجڪ طرح جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. اُن باري ۾ راجا رام موهن راءِ، سوامي ديانند سرسوتي، شري رامڪرشن پرمهنس، شري ڪيشب چندر سين، سوامي وويڪانند، سوامي رام تيرٿ وغيره قابل ذڪر آهن. هنن جيڪي سنستائون کڙيون ڪيون، انهن جي ذريعي ڪافي ڪم ڪندڙ پيدا ٿيا. اسان جي نوابشاه ضلع جي آڳاٽن ڪم ڪندڙن ديوان ڪوڙومل چندنمل ۽ شري ٽولارام ٻالاڻيءَ تي ڪيشب چندر سين جي برهمو سماج جو گهرو اثر پيو هو.

سرگواسي ديوان ڪوڙومل چندن مل:- هن صاحب جو جنم ٥ آڪٽوبر ١٨٤٤ ۾ ڀرياڻ جي ڳوٺ ... ڪلاڻي ڪٽنب ۾ ٿيو هو. ننڍي کان ئي هو محنتي

۽ ميرن کان فتح ڪري چڪا هوا. منجهس صرف
ميرپور رياست سندن هٿ ۾ رهجي وئي هئي.

١٨٥٧ع جو غدر:- انگريزي حڪمرانن جي مدمٽزي
وڌندي، ان ڪري ديسي راجائن سان گڏ انگريزن
جي لشڪر ۽ رعيت ۾ سندن خلاف ناراضپو وڌندو
رهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هندستان ڪر موڙيا.
بهادر شاه دهليءَ ۾، لڪشمي راڻي جهانسيءَ ۽ تانتيا ٽوپي
گواليار ۾ اٿيا. تانتيا ٽوپي آزاديءَ جي فوج جو سپهه
سالار هو. انگريزن کي چڱا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا، پر
وٽن نئين زماني جون بندوقون هيون ۽ سندن لشڪر
باقاعدي جنگي قواعد جي سکيا ورتل هو. هنن ليڪ مڙيادا
کي ٽوڙي ڏنئي ڇڏي. سختيءَ ۽ بي رحميءَ سان سڄي
ملڪ کي ڏهڪائي ڇڏيائون، جنهنڪري هرڪو هڪ
هڪ لئي ٻيهر بولندو ويو. ليڪن اڳوان اٽل رهيا.
مرندي مري ويا پر پٺ نه پيا. سنڌ جي سکر، شڪارپور
۽ حيدرآباد ۾ به لشڪر ۾ ٻلوو ٿيو، جنهن ۾ شڪارپور
جي سيٺين ٻاري ڪمدڙن کي پيسي جي مدد ڪئي
هئي.

انگريزن جي ان وقت جي بي رحميءَ ۽ اڳوانن جي
انوکي ويرتا هندستان جي ماڻهن تي گهري ڇاپ
ڇڏي، ان جو اثر قائم رهيو ۽ آخر انگريزن کي نوي
سالن بعد هندستان ڇڏڻو پيو.

جو خيرپور سان لاڳاپو رهيو. اُن زماني ۾ ساهتيءَ جا
ڪي ماڻهو خيرپور جي ميرن وٽ نوڪري ڪندا هوا.
جنهن ڪري لکڻ ساهتيءَ ۾ پڙهيلن جو تعداد وڌندو رهيو.
ميرن جي زماني ۾ ملا مسجدن ۾ يا اُنهن جي ڀرسان
مڪتب هلائيندا هوا، جتي هندو ۽ مسلمان ڇوڪر
پارسي ۽ عربي پڙهندا هوا، جو ڪچهريءَ جي ٻولي
پارسي هئي. اسان جي ساهتيءَ جي ديوان ڪوڙيمل
ابتدائي تعليم اهڙي مڪتب ۾ ورتي هئي. اُن وقت
مندرن ۾ هنديءَ ۾ رامائڻ ۽ گرمکيءَ ۾ گرنٿ صاحب
جي بياني پاڙهي ويندي هئي. هندو ڇوڪرا اڪثر
مندرن ۾ به پڙهڻ ويندا هوا، جنهنڪري ديوناگري
لپي ڄاڻندا هوا. عام دڪاندار هندو سنڌي اکر لکندا
پڙهندا هئا، جنهن ڪي واڻڪا يا هٽائي اکر چيو ويندو هو.

پاڃو ڀڱو

١٨٥٥ کان ١٩٠٤ تائين

انگريزن جي لارڊ ڊلهائوسيءَ جي زماني ۾ اها
پڪي نيتي رهي ته توروئي سبب ملي ته ديسي راڄا
جي حڪومت ختم ڪري، اُهو ڪر پنهنجيءَ سلطنت
۾ آڻي سلطنت کي وڌائجي.

جهانسيءَ جي رائيءَ لڪشميءَ گود ۾ پٽ ورتي
پنهنجي حڪومت جو وارث ڪرڻ چاهيو ته اُنکي
اهڙي منظوري نه ڏني وئي، سنڌ تي انگريز ١٨٤٣

ميدان ۾ ئي هئي. هالاڻي ڪنڊياري تعلقي جو هڪ ڳوٺ آهي. الهاس ۽ راڄڌاني جي لحاظ کان ان شهر وانگر هالاڻي به اهم جڳهه واري ٿي.

ان زماني ۾ سنڌو ندي هالاڻيءَ جي لڳ وهندي هئي ۽ اُتي جي آب هوا موافق رهندي هئي، انڪري ڪلهوڙن حاڪمن جا محلات به هالاڻيءَ ۾ هوا. سنڌ جا ڪلهوڙا حاڪم سال جو اڌ حصو هالاڻيءَ ۾ ئي رهندا هوا ۽ اُتي ئي هنن هار ڪاڏي هئي.

هن ملندڙ صديءَ جي شروعات ۾ به اهڙا جاءِ الهاسڪ هنڌ ڪري وهي ڏسبي هئي. ان وقت به اُتي اسان ۽ گهوڙن جا هڏا پٽ ۾ پيل ڏسڻ ۾ ايندا هوا. ڪڏهن ڪڏهن ڪاڏين زماني جا سڪا به هٿ ايندا هوا. شاهي مسجد جا ان وقت هالاڻي دربار جي آثار اوڀر ۾ هئي، ان ۾ به بندوقن جي گولين جا نشان ڏسڻ ۾ ايندا هوا.

سنڌ وقتح :- انگريزن ميرن کان حيدرآباد جي ويجهو مياڻي ۽ دبيءَ جي ويجهو ڙاليءَ ۾ ١٨٤٣ ۾ سنڌ فتح ڪئي. ان کان اڳي سنڌ جا ٽي حصا هوا، جن ۾ جدا جدا مير راڄ ڪندا هوا. حيدرآباد پرڳڻو، ميرپور پرڳڻو ۽ خيرپور پرڳڻو. ساهتي ان وقت خيرپور پرڳڻي ۾ هئي ۽ هڪ تحصيل هئي. سنڌ پوءِ ٽري ڇهه ٽڪرا ٿي. انگريزن جي راڄ ۾ خيرپور ڌاريي رياست ٿي رهي.

تعليم جي شروعات:- ميرن جي زماني کان ساهتيءَ

نواب شاهه ضلع ۾
آزاديءَ جي آندولن جو اتهاس

پاڳو پهريون

١٧٨٢ کان ١٨٥٤ تائين

نواب شاهه ضلع - سنڌ جي انن ضلعن ۾ نواب شاهه هڪ مکيه ضلع آهي ۽ ٻين ضلعن جي وچ ۾ آهي. هيءُ ضلعو ١٩١١ ۾ برپا ٿيو هو.

نواب شاهه ضلع ۾ ٻه سب ڊويزنون هڪ نواب شاهه ۽ ٻي نوشهرو سب ڊويزن آهن. نواب شاهه سب ڊويزن ۾ ٽي تعلقا نواب شاهه، شهدادپور ۽ سنجهورو آهن. نوشهري سب ڊويزن ۾ نوشهرو، ڪنڊيارو، مورو ۽ سڪرنڊ تعلقا آهن. نوشهري ڊويزن جي پهرين ٽن تعلقن کي ساهتي ڪري چوندا هوا. اهو نالو آڳاٽي زماني کان چالو هو، جو سنڌ ۾ سهتا ذات جا ماڻهو اوائل ۾ ان ٽڪر ۾ گهڻي تعداد ۾ رهندا هوا. راڄنيتيءَ، تعليم وغيره لحاظ کان اهو ٽڪر ناميارو ٿي رهيو آهي.

ساهتيءَ جو اتهاس:- سنڌ ۾ ڪلهوڙن جو راڄ ختم ٿيڻ کان اڳ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وچ ۾ جيڪا لڙائي ٿي، سا سن ١٧٨١ ۾ ساهتيءَ جي هالاڻيءَ جي

واچ جاهين لاء. اهڙي حالت ساري ملڪ ۾ هر ابراهيءَ ۾ ٿي ۽ جنهن جو برٽش راڄ لڪتو جو انگريز سرڪار کي پارلياسين کي آزادي ڏيڻي پيئي.

۽ وڏو انتر ۾ آزادي ملڻ ٿي جو وياجن (وڙهاڪو) ڪير ۽ اسان جي ماڻهن کي گهر ٿڙ ۽ سمورن ملڪن ڇڏي اچڻيون پيون ۽ هر ڏاڍي دک ۾ هوا ۽ ۾ ڇڏهن اسين وٽن سندن وسڻ واري جاء ٿي هر پرالسه ۾ ويندا هواسين تڏهن اسان کان ٻاهر ۽ ويندا هوا ۽ اسان جي الو هيٺ ڪانگريس جي ٻلهراٿي ڪندا هوا. اهـو سارو برٽش اٿهيءَ ستياگره هلچل جو هو، جا ساري ملڪ ۾ هلي هئي.

جتوئي] ميلارام هرومل

جي پارٽي ۾ پڇيو ته ڊاڪٽر ڪيس ٻڌايو ته شري ليولدرام
ڪانگريس جي ليڊر اتا آهي جو هو هڪ آدرشي
ڪم ڪندڙ آهي. البت مخالفت ۾ هڪ هلنديءَ وارو
پرائيويٽ وڪيل، زميندار ۽ لوڪل بورڊ جو وائيس پريزيڊنٽ
ڪارڪن ۽ ورڪر آدرش، ڪم ڪندڙ جا لک هن ٻار ۽ انس
ڪي وڏيڪ اهميت نٿا ڏين، بمقابله ٻين ڳالهين جي.
هتي جا ڪانگريس ڪم ڪندڙ نه شراب پيئن، نه ماس
جي کائن ۽ نه بيڙي سگريٽ ڪم آڻين. سداچار اوچو
اٿن. هتي عام ماڻهو کين مهاتما گانڌيءَ جا ڀڳت سمجهي
سندن گهڻي عزت ڪندا آهن. هنن کي وشواس آهي
ته ڪانگريس اميدوار ڪامياب ٿيندو. هر ڀيرو ڪانگريس
اجلاس جي موقعي لاءِ پنڊت جواهرلعل انهيءَ لڪ
جي نتيجي جو احوال پڇيو ته ڪيس ٻڌايو ويو ته
ڪانگريس اميدوار مخالف ٻه اميدوار هوا، پر شري
ليولدرام ٻنهي اميدوارن جي گڏيل ووٽن کان ٽو
ووٽ وڌيڪ کنيا.
پنڊت جواهرلعل سکر
جڏهن عام چناءَ ۾ هتي
شري وليڇا جي لڪ ۾ هو ته پڇيائين ته نواب ش
واري لڪ ۾ ڪير هلبو پيا؟ ڊاڪٽر ڪيس ٻڌايو ته ا
اميدوار هن دفعي بنا مخالفت چونڊجي آيو آهي.
ان بعد ١٩٣٧ ۽ ١٩٤٥ جي عام چونڊن ۾ ب
پهچڻ جي ووٽ ذريعي ثابت ڪري ڏيکاريو ته

انهن والنٽيئرن لئي ڪاڌي جا پيٽي، پر اسان کي ان ڳالهه جي بيحد سڪ ٿي ڪانه رهي.

انهيءَ جي اثر هيٺ برگيڊيئر ٽامس ڪرنل جي فوجي وقت ڪارروائي ۾ ملهوءَ جڏهن ڪرنل جو اسپاهي گارڊ، جو ڪئپٽن فراز سان ڪرنل جي پٺ ۾ بيٺو هو، سو فوجي جو لاءِ ڏسي، موٽر مان هيٺ لهي آيو ۽ اسان جي والنٽيئر ساڌورام ڪلناڻيءَ کي چيائين "Don't worry; we are going back immediately." انهيءَ ريت

ڀارت جي آزاديءَ لاءِ ڀاڄوجيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ جيڪا هلچل هلي، اُن ۾ اهڙا لکين مثال ملندا. حالت انهيءَ منزل تي پهتي ته "مائڪ مئونٽي منصور، ڪهڙي ڪهڙي ڪيترا؟"

گانڌيجيءَ ڀارت ۾ ٽي وڏيون هلچلون ۱۹۲۱، ۱۹۳۰ ۽ ۱۹۴۲ ۾ هلايون، جن ۾ اسان جي **نواب شاهه ضلع** ڪهڙو پارٽ ادا ڪيو، تنهن جو احوال ٽوري ۾ ڪتاب الڳ ڏنو ويو آهي. ٽنهي هلچلن ۾ نواب شاهه ضلع اڳرو رهيو.

۱۹۳۷ ۾ **پنڊت جواهر لعل نهرو** اسيمبلي جي اليڪشن ۾ اسان جي ضلع ۾ ڪانگريس اميدوار کي مدد ڪرڻ لاءِ آيو. شري ٽهلرام واري ڪار ۾، جنهن ۾ سندس ساٿي ۽ نواب شاهه تعلقو اچي ٿي ويا، سڄي ڪانگريس پنڊت **ڄاڪڻو چوئٿرام** ڪان ڪانگريس اميدوار جي حيثيت ۽ لياقت

... سگهجي ڪه هٿي ڇمات اوهان کي ڪير ڪه سيڪاريو
... اسان ۾ هن ساٿ ساٿ ۾ آڇيو، پر گل ڀي مان ڪيو ر
... هن پارلواسين ۾ ڪئي پيدا ۾ پتا اٻ ...
... جي جنهن جي ڪيو، پيدا ساهس جي ڊرجي ...
... شڪتي ۽ ايشوري لي ڀيگهم جي ڪانگرلا ...
... وشواس ۽ آلر ڀل، آلهڪ هو ۾ سياڻ ...

... سهارو جو ٻياد اهڙي ڪه ڏسي ... سهارو
هالي پانڪ سوچي ڏسي ڪه اهڙي ٻياد جو سهارو
... اُن سيکاري، اهسا کي اسان جيڪا ... وني، گانڌيجي ۽
... سگهي جهلي سته زور جو هسا يا هٿيار ۾ کي آڻيان
... هيڪ ۽ رهبري جي ۽ گانڌيجي ڀچ سڀ اسان ڇا؟ ڏو
... ٻل جنو هسا جو ڏنو، سڌار جو ۽ شڪني اهڙي ۾ پاڻ
هواسين. آئيندا ڪونه
... وقت هلچل جي ١٩٣٠ ڪه سندا ڏ ۾ ئي ڏبان
اوهين اندر الهاس ۾ ڏسندا ڪه ١٩٣٠ جي هلچل وقت
... گورنر جي بمبئي ڪه هو سوچيو ڪه انين ڪه عملدارن جي سنڌ
... ڪمدڙن ڪم پر ملندي، آڇيان شاهي ۾ ساهتي ۽ کي
... ئي بيوس ڪومت ڪي دلائي، هلچل اهڙي جي بهشڪار
... ڪان اُن پهتو، ۾ شاه نارو ۽ فيروز شهرو گورنر ڏ پيئي.
... هوا، هنتر ۾ هٿن کي جن گهوڙيسوار، اگهي ڪلاڪ کي
... کي جن صوبيدار، ۽ هيون لنيون ۾ هٿن کي جن سپاهي
... ڊنڊا ڊچ وچ جي اسان سي هوا، پدل پستول ۾ چيلهه
... ڪولس ٻ ڊ ۾ مالر لي ۾ اسان ڳالهه اُن ليڪن رهيا،
... شري هرشچندر ڏانواڻي ۽ لي، ٥٥ن ڪيو. پيدا

ائين هلي ٻڌندڙ سمجهي سگهندا ته بابوءَ جي
ٻاٻاڻ اهنسا جي راهه تي هلندي اسانجي ملڪ جا ڪم
ڪندڙ سرڪار تي شاهه عام جنتا تي ڪيڏو نه اثر پيدا
ڪري سگهيا ٿي. ١٩٢١ ۾ ڪنڊياري ۾ سرڪار جي
زور ٻڌي تي مکيه پنچن فيصلو ڪيو ته آئينده ۾ قومي
ڪم ڪندڙن کي پنچائتي خانو نه ڏنو. ڪم ڪندڙن اها
للڪار سمجهي ستياگره شروع ڪيو. خلق ۾ لناءِ پيدا
ٿيو. سرڪار ته ستياگرهين کي ٢-٣ مهينا سادي جيل جي
سزا ڏني ۽ کين حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ولي ويا. ان
تي پنچات ۾ ڇڪسي هلچل مچي ويئي، جنهنڪري
جلدئي پنچات نيراءِ ڪيو ته پنچات خانو سوراجين لاءِ
کليل رکجي. انڪري سرڪار کي ستياگرهين کي انڪل
٢٥ ڏينهن بعد حيدرآباد جيل مان بنا شرط آزاد
ڪرڻو پيو.

بابوجي اسانجي ڳوٺ پريس ۾ ١٢ فيبروري ١٩٢٩
تي آيو ته عام مجلس ۾ ڀاشڻ ڏيندي چيائين ته "جب تڪ
سوراج نه ملا هئي، تب تڪ مين ني چين رهونگا اور
اورون ڪو ڀي ني چين بيٺنر ڏونگا" يعني جيستائين
آزادي نه ملي آهي، تيستائين مان بي چين رهندس ۽
ٻين کي ٻه بي چين بڻائيندس.

هن اسرار جي گهرائيءَ ۾ وڃبو ته ڏسبو ته ايندو ته
هنجي اهنسا پريم ۽ ولولا جي مجسم هئي. هن اسان کي

لي چاڙهڻ بعد ڏسبو هو ته برابر من، وچن ۽ ڪرم ۾
هو اهڃاڪ رهيو.

مون ١٩٢١ جي زماني ۾ سرڳواسي **پرسرام ڌاراڻداس ٻالاڻي** نوشهري جو ڪم ڪندڙ ڏٺو، جو شاهوڪاري ٻار هوندي به پيري اُگهاڙو گهمندو هو، جو ٻرلگيا ڪٿي هٿائين ته جيستائين ملڪ آزاد نه ٿيو آهي، تيستائين پيري اُگهاڙو گهمندس. هاڙ گرميءَ جي موسم ۾، جڏهن وقت سج اڪيون پيو ڪيندو هو، تڏهن به هو جوان جهنگ جهاڳي زميندارن کان ڦنيون پيو پنندو هو. يا تلڪ فنڊ ۾ پيسا پيو اُگاڙيندو هو. سندس جيون مان اها جهنڪار پيئي ايندي هئي ته "لتيءَ لڏيءَ ڪاهه ڪانهي ويل وهڻ جي." (شاه)

ان مان ٻانڪ سمجهي سگهي ٿو ته ڪهڙي انوکي نموني جي تپسيا قومي ڪم ڪندڙ گانڌيجيءَ جي اڳواڻي هيٺ ڪندا هوا. اُن تپسيا مان ڪم ڪندڙن ۾ ايڏيءَ نرڀتا ۽ قربانيءَ جو معدو پيدا ٿيندو هو، جو ڦاسيءَ لئي تڪڙ يا بندوقن جي سامهون وڃڻ هنن لاءِ ڏاڍي هٿ جو کيل هوندو هو. جي ڪا هنسا ٿي پوندي هئي ته گانڌيجي پنهنجي اڳ سان اُنکي جهپي وٺندو هو. جي ڪا اهڙي عظيم هنسا ٿيندي هئي ته آندولن ئي بند ڪري ڇڏيندو هو، جئن **رولٽ ائڪٽ خلاف** ستياگره ۾ **چورا چوريءَ** پيري ڪيائين.

جو زور هو ۽ گانڌيءَ ۽ جولاهي سگهيو ۽ ۽ لڪ
مهاراج گانڌيءَ کي جولاهپ ظاهر ڪيو هو.

ان مان پاڻ ڏسي سگهندا ته ويهه سال ان جيڪو ڪم پارليامينٽ ڪي ڏکڻ آفريڪا ۾ اوڇي اٿارڻ لاءِ ڪيو هو، ان ڪارڻ جي پارت ۾ ساراهه ٿيندي رهي ۽ سنڌ جيالا سنڌ پرست هندستان ۾ ٿيا ڇڏي رهي. اسانجي ساهتيءَ جي ترڪ سماج سڌارڪ ديوان ڪوڙومل چندنمل ته ۱۹۱۳ ۾ اڪيل پيارو سماجڪ ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ گانڌيءَ جي ڏکڻ آفريڪا ۾ هلچل ڏانهن اشارو ڪيو هو.

ديش اندر هلچل ۾ گهڻو سان گانڌيءَ ته ڪمالو وارو ڪم ڪيو، جنهن جي شروعات ۾ سماجڪ سڌارڪ ۽ قومي ڪم ڪندڙ آگرين لاءِ ڪٺڻ جيترا هوا، انهي گانڌيءَ جي راهيتي ڪيتري ۾ آجڙ بعد هزارن جي تعداد ۾ سماج سڌارڪ ۽ انقلابي مورليءَ جا ماڻهو پيدا ٿي ويا، جي ساري پارت جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پکڙيل هوا.

رچنالمڪ ڪارڻ ڪرم (هرڙجڪي پروگرام) جيڪو اسان کي ڏنو ويو، سو اسان لاءِ اهڙڪ لڙائيءَ ۾ پاڻ ولڻ لاءِ هڪ قسم جي تربيت ۽ ليسا هئي. سالن جا سال اهو ڪارڻ لڳاتار ٿيندو رهندو هو. هلچل جو موقعو هرلدوهو ته حق سنڌڪ جي پرڪيا ٿيندي هئي ۽ ڏنو ستيه ته سنڌڪ پرڪيا ۾ پختو ثابت ٿيندو هو. ڪسوٽيءَ

سان هندستان ۾ ڦٽلي؛ جيتوڻيڪ هو اڃا ڏکڻ آفريڪا
و؛ اتي جي سرڪار سان ڇڪرٻون کائي رهيو هو.
سال اُتي ڪم ڪيائين. ان وچ ۾ ۱۹۰۱ واري ڪانگريس
س ۾ ڪلڪتي ۾ اچي شريڪ ٿيو هو.
هن ۱۹۰۸ ۾ ”هند سوراج“ پستڪ لکيو هو،
ڻ ۾ پنهنجا خيال چٽيءَ طرح ظاهر ڪيا هئائين. اُن ۾
چرخي ۽ کاديءَ جي پيداوارِيءَ کي وڏي اهميت
ني هئي. هندستان جي آزاديءَ لاءِ هن جيڪا هلچل
۱۹۱ کان زور شور سان هلائي، اُن ۾ کاديءَ جو مهتو
قرار رکندو آيو ۽ انکي پڪاڙيءَ لسائين گهٽ تيڻ نه
ڏنائين؛ ايتري قدر جو عادتي کادي پائيندڙ نسي
ڪانگريس جو عهديدار ٿي سگهندو هو يا ڪانگريس
پاران ميونسپالٽيءَ، اسيمبليءَ يا پارليامينٽ جو ميمبر ٿي
سگهندو هو.
۱۹۰۵ بعد لرت ني لالا لجپتراءِ ۽ لوڪمانيه تلڪ تي
گانڌيجيءَ جي شخصيت جو اثر ٿيو هو. ڪراچيءَ ۾ ۱۹۱۳
واري ڪانگريس اجلاس ۾ لالا لجپتراءِ گانڌيجيءَ
جي غير حاضريءَ ۾ سنڌس ڏکڻ آفريڪا ۾ هلندڙ اڌيت
ڪارڀ جي پنهنجي وباڪياڻ ۾ ازحد ساراهه ڪئي
هئي، جنهنجو نواب شاهه ضلع جي مکيه ڪم ڪندڙ
شري سچانند ٿانڌواڻيءَ تي زبردست اثر ٿيو هو.
۱۹۱۶ ۾ لکنو ڪانگريس اجلاس ۾ لوڪمانيه ڏڪ

۾ ڦهلجڻ لڳا. ونئي جو انگريزي تعليم شروع ٿي، اُن ڳالهه ۾ ساري پارت ۾ اُنهن خيالن ڦهلجڻ کي وڌي هٿي ڏني.

سنڌ ۾ پهريون انگريزي اسڪول ۱۸۴۱ ۾ ڪراچيءَ ۾ چرچ مشن وارن کوليو. ڏهن سالن بعد ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ بيا به انگريزي اسڪول کليا. اُن بعد انگريزي تعليم ڦهلجندي رهي ۽ ٻولن لائين وجهي پيئي. اسان جي اُستاد پرين (ساهتي) ۾ سرگواسي ديوان ڪوڙيمل چندن مل کلناڻيءَ پهرين انگريزي لکيل ۱۸۶۲ ۾ ڪوليو. اهڙيءَ طرح اُنوهيءَ صديءَ پوري ٿيڻ سان پارلواسن جي اکيتر لکاه ۾ کافي ڦيرو اچي ويو.

ويهينءَ صديءَ جي شروعات ۾ لال، پال ۽ بال ٽرمورتي ميدان ۾ آئي. "الحتراء" بپن چندر پال ۽ بال گنگادر تلڪ جي جوڙو، جهڙڪري مهاتما گاندي جي [illegible] ۾ هندستان ۾ آيو ته ميدان اڪيلي ليار هو.

۱۹۰۵ ۾ بنگال جي ورهاڱي واريءَ هلچل وقت انگريزن کي [illegible] بندو ٿيو ته جنتا پهنجيءَ ٿي آئي ته [illegible] پوندو ۽ کين بنگال [illegible] وٺو پيو.

[illegible] جي مها ڪرم وار جي

اڄ جا گهڻا نوجوان نه ان ڳالهه جو تصور ئي نه ٿا
ڪري سگهن ته اهنسا ذريعي اسان جو ڀارت ڪيئن
آزاد ٿي سگهيو!

اسان کي اها ڳالهه پڪي نه وسرڻ گهرجي ته سچي
اهنسا ادياتمڪتا جو روپ آهي. انسان کي جڏهين
پنهنجي سچي سروپ جي ڄاڻ ٿئي ٿي، تڏهن هو پنهنجي
اندر ۾ اٿاهه آتمڪ شڪتيءَ جو سنچار پسي ٿو.

سنه ١٨٩٣ ۾ سوامي وويڪانند شڪاگو ۾ دنيا
جي ڌرمن جي سميلن ۾ رڳو ٿورو ئي وقت ڀاشڻ ڪيو
ته ٻڌندڙ مٿس موهت ٿي پيا. هو سمجهي نه پيا سگهن
ته هندستان جهڙي غلام ديش جو رهواسي اهڙو
چمتڪاري ٿي سگهي ٿو. اهڙن انسانن ئي ڀارتواسين
کي بيدار ڪيو.

اڻويهين صديءَ جي پوين پنجويهن سالن ۾ سماج ۾
چڱو پرڀاو لن آيو. جهونن خيالن جي جاءِ نون خيالن
ورتي.

ڀارت ۾ آزاديءَ جي هلچل جي بنياد ۾ وڃبو ته
وسط ۾ ايندو ته ڀارت جي اڳوانن کي پنهنجي ڌر
مان ئي پريرڻا ملي. رامائڻ ۾ به هڪ هنڌ اچي ٿو
"پراڌين سپني سک ناهين" يعني غلام کي سپني ۾
سک نه ٿو ملي.

اڻويهين صديءَ شروع ٿيڻ سان نوان خيال هندس

حلاقي طاقت سان ڀارت جي مثل ماڻهن ۾ جان آئي.
ڀهرتا غلط رواج ۽ رسمون ڪين ٻهءِ رسالن کي ڇپائي
ڇڪيون هيون. راجا رام موهن راءِ، سوامي رامڪرشن
پرمهنس ۽ سندس شش سوامي وويڪانند، شري ڪيشب
چندر سين ۽ آريه سماج جي اڳوان سوامي دياند سرسوتيءَ
ملڪ کي چڱو لوڏيو ۽ خلق کي غفلت جي ننڊ مان
اٿاري کڙو ڪيو.

اُن صديءَ جي وچ ڌاري غدر (ٻلوو) لڳو. اُن
غدر ڀارتواسين کي قوم پرست بڻايو. هو جاڳيا هئا. اُن
جي دٻجي وڃڻ، بعد ۾ آزاديءَ جي آندولن جي چڻنگ
چمڪندي رهي.

برهمو سماج، آريه سماج، پرارٿنا سماج، شري رامڪرشن
مشن، ٿياسافيڪل سوسائٽي ۽ اهڙن ڪي سنستائن، جي
اُن زماني ۾ استاپن ٿيون، تن روحانيت سان گڏ ماڻهن
۾ نئين روشني ۽ نئين لکت نگاهه آندي.

ڀارت ۾ ڀاڳ سڀاڳ جي لهر آئي، جنهن ڀارت کي
جاڳائي کڙو ڪيو. آخرين طرح مهاتما گانڌيءَ جي رهبريءَ
هيٺ ڀارت اهڙو ته جاڳيو، جو دنيا جون طاقتون اسان ۽
جي قوميت. اڳيان لچه پاسجڻ لڳيون. گانڌيجيءَ لس
لي گول ميز ڪانفرنس جي کليل اجلاس ۾ انگريزن کي
ٻڌائي ڇڏيو ته "ڀارت جا مالڪ برطانيه سرڪار جي
ڪين ۽ ڀارتواسين کي ٺاڪرا ڪري سمجهندا آهن."

. شـري چتنچلداس رامچندائي ايـم ـ اي
شري لڌارام سنڌ هندو هاءِ اسڪول بڙوڏي ج
پرنسيپال لکي ٿو:ـ

”ڪتاب پڙهندي، سنيما جي پردي جيان
اکين جـي ڳرب ۾ وڇڙيل ساٿين ۽ رهبرن کي
ياد ڪري، حال کي ماضيءَ ۾ کوهجي ويٺس.
ڪتاب رثالتو، حقيقتن سان ڀريل ۽ ڪافي دلچسپ
آهي. ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپايو تـه مونکان ٻه
هڪ سـو روپيه گهرائي وٺو.“

مهاڳ

ڀارت جي آزاديءَ لاءِ آندولن جو احساس گهڻن
خيالن کان الڳ آهي. هن ويهينءَ صديءَ ۾ رشيا، آمريڪا،
چين ۽ ٻيا ڪيترا ننڍا ملڪ به آزاد ٿيا آهن ۽ پر اسان
جي ملڪ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ رستو ئي نرالو ورتو.
ان ڪري ساريءَ دنيا کي اهو احساس ڪافي دلچسپ
ٿو لڳي.
ڀارت ساري وشو ۾ اڳ کان روحانيت جو مرڪز
ٿي رهيو آهي. اڄ تائين اهو پورو پتو نه پئجي سگهيو
آهي ته ويد ڪڏهن ٺهيا ۽ ڪنهن لکيا، پر ويدن جي
واڻي آدي ۽ امر ليکي وڃي ٿي ۽ پوءِ جا شاستر انهن
تي آڌار رکندڙ آهن.
ان ڪري جڏهن ڀارتواسي پرڪرتي جي روڳي وضا
۾ ڪمزور ٿي پيا ته ڪي اهڙا اوتار، اوتاري پرش يا
اهڙيون شخصيتون ڀارت ۾ پيدا ٿيون، جن ستل ڀارت
کي غفلت جي ننڊ مان جاڳائي کڙو ڪيو.
اڻويهينءَ صديءَ ۾ ڪي اهڙا شخص هندستان جي
مختلف ڀاڱن ۾ پيدا ٿيا، جن پنهنجيءَ روحانيت

. شري چتنچاداس رامچنداڻي ايم- اي

شري لڌارام سنڌ هندو هاءِ اسڪول ٻڙوڏي جو

پرنسپال لکي ٿو:-

”ڪتاب ٻڙهندي، سٽنيما جي ٻرڏي جيان

اليت جي گرب ۽ وڏل ساٿين ۽ رهبرن کي

ياد ڪري، حال ۽ ماضيءَ ۾ ڪوهجي ويس.

ڪتاب رڻالتو، حقيقتن سان ڀريل ۽ ڪافي دلچسپ

آهي. ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپايو ته مونکان ٻه

هڪ سو روپيه گهرائي وٺو.“

مان سنڌين پاران شري مينارام کي واڌايون ٿو ڏيان جو هي اتهاسڪ ڪتاب هيترو پورهيو ڪري ويهي رچيو اٿس.

ڀارت جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سنڌ جي ڀاڱي جي اتهاس ۾ هي پستڪ چڱي جڳهه والاريندو. شل اهڙو ڪو ليکڪ نڪري، جو ڀارت جي آزاديءَ لاءِ لڙائيءَ ۾ سنڌ جي ڀاڱي جو سمورو اتهاس لکي."





ڊاڪٽر اُڌارام ناواڻي، جهونو ڪانگريس شيواڌاري، ليکڪ ۽ ميڊيڪل آفيسر سنور (بڙودا) لکي ٿو:-

" آزاديءَ لاءِ آندولن" ڪتاب سنڌي نوجوانن ۽ وديارٿين لاءِ سنڌر ۽ عمدو ڪتاب ثابت ٿيندو ۽ ڪين ديش ڀڳتيءَ ۽ قربانيءَ لاءِ پريرڻا ملندي. اوهان جا موڪليل ۱۲ ڪتاب کپي ويا. ٻيا ٻه سٽ ڪتاب موڪليو. ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپائڻ لاءِ ترت تياري ڪريو.





يڏ ۾ پورو پورو بهرو ورتائين ۽ ڪتاب لکي هن جڳ اُن بوري ونڍ جي ڪاريه جو پورو پالو آهي.

سنڌ ۾ نوابشاه ۽ خاص ڪري ساٿيءَ جا ڪم ڪندڙ سداءِ سوراج جي سڱڪن جي اول قطار ۾ ليکيا هوا. ساٿيءَ سنڌ ڪي تمام سنا، سشيل سوراج جا سپاهي ۽ سماج جا شيوڪ ڏنا آهن، جن جي هلت چلت ۽ ڪارنامن ڪيترن ئي ڪيترن ۾ سنڌ جو منهن مٿي ڪيو آهي. ڪيترا ئي لڪل لعل ساٿيءَ پيدا ڪيا. نيمڻ چڱو پڌرا ٿيا، ڪي لڪل ئي رهيا. جن سان شري ميٺارام، اسان جي هاٿي واقفيت ٿو ڪرائي. اڄ تائين ساٿيءَ جا ڪم ڪندڙ پارٽ جي ڪيترن ئي ڪاريه ڪرمن ۾ لڳل آهن ۽ سندن اڄوڪو مکيه اڳوان شري نيوندرام وشنداس سنڌ جي راڄنيتي اڳوانن جي اول قطار ۾ پهچي رهيو آهي ۽ اڄ به آهي ۽ سنڌين ڪي سندس جوانيءَ کان وٺي اڄ وڏيءَ اوسٿا تاءِ ديرينائيءَ ۽ لڳاتار قربانين جي انهاس تي فخر آهي.

آزاديءَ لاءِ آندولن

ڪجھ وڏيڪ رايا

شري جيرامداس دولترام، ڀارت جي راڄيہ سڀا جو ميمبر سنڌين جو محبوب اڳوان لکي ٿو:-

" آزاديءَ لاءِ آندولن" جو سنڌر ڪتاب رچي، اُن ۾ نواب شاه ضلع جو ۽ خاص ساٿيءَ جي ڀاڱي جو تفصيلوار بيان لکي ۽ اُتي جي انيڪ سٺن ڪم ڪندڙن جي ڪاري، ڪان سنڌين کي واقف ڪري شري مينارام اسان سنڌين جي وڏي شيوا ڪئي آهي. شري مينارام اسان سنڌين جو هڪ پرسڌ پراڻو راجنيتڪ ڪم ڪندڙ آهي. مٺي، مائيٽي، نماڻي ۽ محنتي ڍنگ سان هن جوانيءَ کان وٺي اڄ تائين جنتا جي شيوا ڪئي آهي. آزاديءَ جي اهنسڪ

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
١٧٩	١٣	الصاري	ألصاوي
١٨٢	٧	۾ ؟	۾
٢١٥	٧	ڪيڏن	ڪيترن
٢١٧	٦	مادمعه	مالصف
٢٥٨	١٨	اڪيتگ	پڌيتگ
٢٦٦	پوئين	ڪندڙن سان	ڪندڙن
٢٧٢	٩	پر	منجهه
٢٧٣	١	عوض	عرض
٢٧٣	١۴	پنجي	پهچي
٢٩١	٢	ڪسجي	مارجي
٢٩٥ (ii)	١٦	برطانيه هرپهن	سرڪار برطانيه سرڪار هرپهن
٢٩٨	٢١	حيدآباد	حيدراباد
٣١٠		ڊونو پهرين قطار ۾ ٣ شري ڀروومل وامروڪياڻي ٣ الف شري پيمنداس مدواڻي	ٻيءَ قطار ۾ ٣ شري ليولدرام وشنداس ٣ الف شري ولاچند لالاڻي
٣٢۴	١٦	ڪلڪرينس	ڪالڪرينس
٣٣٥	٦	جو پابوجيءَ آسان	جو آسان
٣۴٦	پوئين	ٽوني	چڏو ني

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۵۰	۱۹	سوت	پائيو
۵۹	۱۰	کليو	کوليو
۷۲	۱۷	حيدرباد	حيدراباد
۷۶	۱۴	سر	شمشان
۷۶	۱۴	هو	هوا
۷۹	۶	ب ساٿ	ساٿ
۸۵	۲	ودائي	وداعي
۸۹	۲۰	ي	ئي
۸۹	۲۲	صحيحين	صحين
۹۱	۲	جڙن	جهڙن
۹۲	۱۱	د ين	ڏين
۱۰۳		فرني برميارام هڪ ساٿيءَ	سان-ميارامءَ وبرومل ٺهلياڻي
۱۰۶	۱۴	ماري	باري
۱۰۸	۱۳	ٻيهر	ٻيهر
۱۱۲	۱۱	وانجو	وانجهو
۱۱۳	۸	(نقطن)	(نڪتن)
۱۱۳	۲۲	نائين	آئين
۱۱۴	۱۵	وڻ	پوڻ
۱۱۶	۱۲	سڙبون	ساڙبون
۱۳۹	۹	بانيم	باقاعدي
۱۷۷	۱۲	هيو	هليو

يلنامو

مهرباني ڪري هيٺيون پڙهون سڌاري پوءِ ڪتاب پڙهو:-

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۳	۱۸	رامچنداڻي	رامچنداڻي
۱۴	۱۳	أني	أتي
۱۵	۱۶	معدو	مادو
۱۹	۷	ڪلڪرس	ڪالڪرس
۲۱	۱۵	وغيره لحاظ	وغيره جي لحاظ
۲۲	۱۶	دايجيءَ	ڏيج
۲۲	۱۶	ڙائيءَ	لڙائيءَ
۲۳	۱۶	لاڊ	لارڊ
۳۱	۱۵	سوٽ	پاتڻي
۳۳	۱۵	ال	پال
۳۴	۴	ملبتا	ماليتا
۳۴	۷	لائين	لائن
۳۸	۶	پڪون	پڄون
۳۸ ۽ ۴۰	۲۱ ۽ ۱۰	اورووزجيءَ	اڙوڙجيءَ
۴۴	۸	ڪرالائين	ڪيائين
۴۷	۵	جوٽ جوٽ	ٻرُند جل
۴۸	۱۰	وڏي	وڏي زميندار
۴۹	۷	اثيري	اسيري

ساهتيءَ ۾ سوتنترتا هلچل جو
آندولن" ڪتاب لکي الساهه ڏيندڙ ۽
...تن ڪيو اٿس ۽ آئيندهه پيڙهين لاءِ
...يش ڀڳتيءَ جي پرڀرتا پيدا ڪندڙ پستڪ تيار ڪيو
...س. ساهتيءَ ۾ شري لولارام ميگهراج ٻالاڻي ۽ ڪاڪو
...چاند ڀيرومل اڏواڻي ۽ اهڙا جذباتي جوان پيدا ٿيا،
...جن نه رڳو ڀارت آزاديءَ جو انقلابي جهنڊو ڦڙڪائي ساريءَ
سنڌ ۾ سوراج جو سنيهو پهچايو پر ٻالاڻي ڪٽنب ۽ اڏواڻي
ڪٽنب اهو وڏن جو ورثو لوڙ لاءِ هٿ مان نه ڇڏيو.
...پيءُ به سوراجي سيوڪ، پٽ به سوراجي سيوڪ، نه انهن
...ءِ به سوراجي سيوڪ! جيئن هو پروفيسر هاسانند جادوگر، جنهن
...پنهنجيءَ انوکيءَ واٽ ۽ ڪلاڪارن ورهين جا ورهيه
...نه رڳو ساهتيءَ ۽ سنڌ جي ڳوٺن ۾ پر ڀارت ورش ۾
ڪراچيءَ کان ڪلڪتي تائين لوڪمانيه تلڪ ۽ مهاتما گانڌيءَ
جي هلايل آندولن جي جنبش جاڳائي. ڪتاب پڙهڻ سان
ساهتيءَ ۾ آزادي پد جي چاليهن ورهين جي عرصي ۾ جن
بزرگن، جوانن ۽ جوانڙن ديش ڀڳتيءَ جي بلي ۾ پاڻ بليدان
ڪيو يا ٻل ڦل جي پيٽا ڏني، تن جا نالا ۽ ڪيل ڪاريه
ورڻي اکين اڳيان ڦري ٿو اچي.
شري مينارام وڏي محنت ڪري اهڙو احوال ڪٺو
ڪيو آهي جو سنڌ ۾ سوتنترتا سنگرام جي ڪهاڻيءَ جو
مکيه ڀاڱو گڏيو ويندو.
١٩٧٣-٢-٣
بمبئي -

تيار ٿيندو، تڏهن ان لاءِ ڪيترا صفحا ضروري سمجهڻ!
پوري ميلارام کي ڪير نه داد ڏيندو؟

سنڌس ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪتاب لکڻ جو مقصد به درج ڪيو ويو آهي ۽ ان جي اهميت به. اسانجي لکڻ آهي ته ڪي پنهنجن ٻڌن وچن جي ويرا، شعرا ۽ ليکڪ پارال پنهن جي ڪجهه جهلڪ ملي اها مراد بخود ذات ساراهه جوڳي آهي. پر ان ۾ رڳو اها جهلڪ نه آهي، ان جو پورو تفصيلوار ورڻن ڏنل آهي ۽ ان ڪان وڌيڪ ان قسم جي شعرا ۾ جيون جو رهسيه سمجهايل آهي.

ڀارت جي آزاديءَ جو اهڙ ڪيئن شروع ٿيو، ستال داش کي ۽ پرم ۽ ٻي علميءَ جي غبار هيٺ آيل جنتا کي ڪنهن جاڳايو، ڪنهن اُتساهت ڪيو، ان جو به نقش چٽيل آهي.

شل اسان جا نوجوان هوڙن پستڪن مان ڪجهه پرايرڻا حاصل ڪن ۽ محسوس ڪن ته زندگي ڪهول موج مستيءَ ۾ گذارڻ يا دنيوي پدارٿن جي ڪٺي ڪرڻ لاءِ نه آهي، پر ڪي پيون وڌيڪ قيمتي وستر به هن سنسار ۾ آهن ۽ شل انهن جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙين.

ري وشنو نئنارام شرما
ڀهوڏو اخبار نويس ۽ ساهتيڪار ديش ڀڳت آديپور -

اوهان جو لکيل ڪتاب "آزاديءَ جو اتهاس" نواب شاهه ضلع ، سنڌ) وانت مليو. مٿاڇرو ڏسي ورتو اٿم. ڪي پيج نه سڄا ئي پڙهي ويو آهيان. املهه پستڪ هي. اوهان سچ پچ لک لهڻا، جو هڙو سنڌ پستڪ وهان لکيو آهي.
آئينده سنتان لاءِ هي پستڪ روشن منار رهندو. ۽ ڏسي سگهندا ته سنڌن وڏن ساهتيءَ ۽ نواب شاه سنڌ ، آزادي هت ڪرڻ لاءِ ڪيڏي نه جفاڪشي ڪري ديس کي آزاد ڪرايو. ڏن ڏن جن هڙي ديش شيوا ڪئي.
آديپور - ٢ فبروري ١٩٧٣

شري بلديو نارائڻ گاجرا
سمپادڪ "پارتواسي" سنڌي روزاني، بمبئي-

پنج سال پورهيو، ٥٠٠ صفحا ڪتاب، آزاديءَ جي يد بہ صرف نواب شاه ضلع جو ڀاڱو! اها هڪ حقيقت، اعتبار بہ نہ اچڻ جهڙي حقيقت ئي، شري مينارام هرومل ڪلناٿيءَ جي محنت جي سڦلتا جي هڪ سند آهي. ڪير سمجهندو هوندو ته سنڌ جي ننڍڙي پرڳڻي جو ايترو اهم ڀاڱو هوندو، جو ان جي ورڻن ڪرڻ لاءِ سڄا سارا ٥٠٠ صفحا کپندا. سڄي سنڌ جي ڀاڱي جو چڙهن گرنٿ

گهٽ ۾ گهٽ نوابشاھ ضلعي جي حصي جو گوڏو ڀاڱي
وارو وستار ڏنو آهي. اسان جا ڪي پاڻ آهن، جو هي
ڪتاب هڪ لائق قلم مان آيو آهي. اميد آهي ته هن
نموني تي جيڪڏهن هر هڪ ضلعي جو وستار ملي وڃي
ته اهي پوري اتهاس جا اُتم باب ٿي پوندا.

آرمان آهي ته ڪتاب گهڻو دير سان لکيو ويو آهي،
جنهن ڪري ڪيترا اهم تاريخون رهجي ٻه ويون
هجن. ڀلا هتي اهي سنڌ جون پراڻيون اخبارون ۽ پترا
ٻه ڪيترا ميسر ٿي سگهندا؟ ڪتاب بلڪل رواني ۽ سا
ڪنهن ٻوليءَ چپيءَ جي لکيل آهي. مان ڏسان ٿو ته ليکڪ
پنهنجي سياڻپ ڪماليءَ سبب پنهنجو يا پنهنجي ڀائيءَ
جي پاڻ جو ڪيترو احوال پاسيرو ڪري ڇڏيو آهي.
اڃيءَ اهم مگر ننڍڙن ۽ ڪتابن سان پوريل آندولن ۾
پنهنجي ضلعي جي اڳري رک جي هڪ ڪيتري
لکي رهي آهي، سو ان مان به پڌرو آهي جو هر هنڌ
هر "نوابشاھ ضلعي" کي "اسان جو ضلعو" سڏيو آيو آهي.
هيءَ پستڪ نه صرف ننڍڙن جو سٺو ڳهڻو آهن، پر
شاگردن لاءِ بلڪل ضروري آهن. هر هڪ سچائي سنڌيءَ
کي هيءَ ڪتاب پڙهڻ گهرجي.

...ون کي ساهتيءَ جا ماڻهو به مولڪي ساهتيءَ جو ٿي
...هڪ شيوڪ سمجهندا هئا. اوهان جيڪا لکڻ جي همت
...ڪئي آهي ۽ هيڏو سارو وڏو ڪتاب ڇپايو آهي،
...اِهو اوهانجو پورهيو شايد سنڌ جي ٻين ضلعن وارن
ساٿين ۾ به اُتساهه پيدا ڪري ۽ اهي به پنهنجي پنهنجي
ضلعي جي آزادي آندولن جو قومي اتهاس قلم بند
ڪري ڇپائين. جيڪڏهن سچ پچ ائين ٿيو ته پوءِ جڻ
سڄيءَ سنڌ جو قومي اتهاس سولائيءَ سان گڏ ڪري
ڇپائي سگهبو.

شري منو ٽولارام گدواڻي
مشهور سنڌي ساهتڪار جئپور

هن ڪتاب جو ليکڪ نه فقط آزاديءَ جو امرت
پروانو آهي، پر هڪ سانتڪو سماج سڌارڪ ۽ اوچ
چرتر جو آدرشي انسان به آهي. آئينده جي پيڙهين
لاءِ اتهاس نه رڳو آئينو آهي پر هڪ سنو پربرتا ڏيندڙ
هئيو. هندستان جي آزادي ۽ سا به اُهن ڪان وٺي،
جنهنجي سلطنت تان سج ٿي ڪين لهندو هئو، سا ڪا ڪچي
ڪانٽي ڪانه هئي. دنيا جي اتهاس ۾ هيءَ پهرئين مثال
ٿي رهندو جو ٻنا رتوڇاڻ جي ڀارت آزادي ورتي
اهڙيءَ انوکيءَ پڌ ۾ سنڌ ڪهڙو پارٽ ادا ڪيو، تنهنجو
مفصل احوال قلمبند ڪرڻ نهايت ضروري آهي. ما...
البان ٿو ته اهو اَيا ڪين ٿيو آهي ته ڀائو مينارام ڪلناڻي...

ڪتاب [illegible] ڪجھ رايا


[illegible] سنڌي روزاني بمبئي

[illegible] ”آندولن هو الهاس“ [illegible] و آهي. پستڪ لي ڇگي [illegible] ڪي واقع ۽ نهايت [illegible] ۽ سنڌ جي بن ضلعن [illegible] وجي، جن وڏي لوڙي [illegible] ڙهي پاليمن ڪي صديم ملھ [illegible] مکيھ هگھ ڏني.

[illegible]

[illegible] ”ڌرتي ماتا“

[illegible] توءِي هلچل وارو الهاس لطر [illegible] ڇگي محنت ڪئي اٿو، خاص [illegible] جدا جدا وقتن لي هلبون آهن، [illegible] ساهتيه جي آزاديءَ هلچل [illegible] توءِي الهاس سان ڳنڍي [illegible] وسارڻ اٿو، جنهي ساهتيه جي [illegible] ڪر شڪ ناهي [illegible] اٿوه الوءِ [illegible]



اسانجي جنم ڀومي سنڌ

جا اسان جي ڀلي مادر ڀومي ڀارت جي آزاديءَ جي
پد ۾ سداءِ اڳري رهي

۱۲- ميسرس ريجهوائي برادرس، فورٽ
بمبئي ۲۰۰-۰ "

۱۳- " هيرالال جيمس اينڊ آرنس
فورٽ بمبئي ۲۰۰-۰ "

۱۴- " ٽي. لڌارام روپچند، احمدآباد ۱۰۰-۰ "

۱۵- " آسودومل شرنائي، موتي نگر
دهلي ۵۰-۰ "

۱۶- " ڪيولرام هاسارام ڪلنائي
ڪولابا، بمبئي ۵۰-۰ "

ميلارام هرومل

نوٽ- هن ڪتاب مان ڪيل اڀياس مان ديوناگري سنڌيءَ ۾ ٻه ٻيا ڪتاب ڇپايا ويندا.
پاڻ ڪي ٻه غلطيون نظر اچن ته آئينده لاءِ مهرباني ڪري ٻڌائي ويندي.
ڪي سچيون وڏيون حقيقتون موڪليندا ته ديوناگري ڇاپي ۾ ڏنيون وينديون.

جون گوربيل حقيقتون وغيره گڏي ڪتاب جو ڪم سمجهڻ ڪيو آهي ۽ هن ئي جڳهي ڪتاب ڇپايو آهي.

مان، انهن انهي پاڙن ۽ انهن جن مون کي جدا جدا نمونن ۾ مدد ڪئي آهي، تن سڀني جو ٿورائتو آهيان.

هيٺين پاڙن هي ڪتاب ڇپائڻ لاءِ مالي سهائتا ڏني آهي، جن کي ۾ دلي ڌنيواد ڏيان ٿو.

١- سرڳواسي سيٺ الهند تيرومل ناگپور ڪنهن ساٿيءَ ڪان وڻي موڪليا	٢٠٠-٠ روپيه
٢- ڊاڪٽر آڏارام ناروائي، بڙودا	٢٠٠-٠ ,,
٣- شري ساڌو رام نهالاڻي، بريلي	١٠٠-٠ ,,
٤- ,, لڇمل آسواڻي، ٽاٽا	٢٠٠-٠ ,,
٥- ,, لالچند وشنداس، پيلواڙا	٢٠٠-٠ ,,
٦- ,, کيمچند چيتنداس بالاڻي، جوڌپور	٢٥٠-٠ ,,
٧- ,, ميارام چيلارام، دهلي	٢٠٠-٠ ,,
٨- ,, آسنداس خوشحالداس، دهلي	٢٠٠-٠ ,,
٩- ,, گوبندرام پميومل، دهلي	١٥٠-٠ ,,
١٠- ,, جگت راءِ ڏوڏومل، دهلي	١٠٠-٠ ,,
١١- ,, ميشرس رامچنداڻي برادرس الهاس نگر	٢٠٠-٠ ,,

ضلع ۾ ته اها ڪرامت جو ڪم ڪري ڏيکاريندي رهي. بابوجي اسان جي نواب شاه ضلع ۾ ١٩٣٦ ۾ ٻهراڙين ڏٺو آهي ته هو اسان ۾ آزاديءَ لاءِ اهڙي لڳن پيدا ڪري ويو ۽ سائين وقت انهسا جي بدلي شڪتيءَ جي اهڙي ڪا پياري ڏيو، جو هن ڪتاب الله ڀاڳ ڏسندا ڏ ضلع ۾ شانتيءَ بنان ڪم لڳندو رهندو هو ۽ ته موقعي اچڻ تي هن ڪوشش ڪندو هو ۽ سرڪار خلاف جهاد ڪري ڪٽر پرلدو هو يا وقت لڳندا هئا. ته عام جنتا جي اهڙي پليراڻي ملندي هئي جو تڙس ولي ويندو هو ته انڌو السان ۽ آڳ شڪتي ڪٿان پيدا ٿي! اها نسب شانتيءَ سان پورن انهسا جو سهارو وٺي لڳاتار ڪم ڪرڻ جي ڪرامت هئي. خاص اها ڳالهه ٿي ظاهر ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب لکيو ويو آهي.

مان هي ڪتاب ڪراچي پنجن سالن ۾ پورو ڪري سگهيو آهيان، ڇاڪاڻ ته حقيقتن هٿ ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳو. مان ڏسان ٿو ته ان هوندي به نوابشاهه جو زن جو پورو احوال نه ملي سگهيو آهي، جنهن لاءِ معافي پوري ڪوشش ڪئي ۽ ڪامياب ڪين ٿيس.

مان هي ڪتاب پورو نه ڪري سگهان ها جي سرڳوري پريداس ٻرهمچاري ۽ ڏيپچند رلارڪيچند جو ساٿ نه ملي ها. هو ٻئي آندولن ۾ سنڌ ڪ پتهئاپ ۾ اخبار نويس به هئا. شري پريداس ته ڪانگريس ۽ الواس

ٻه اکر

مونکي پنهنجي نواب شاه ضلع جي بزرگ سائي ڳواسي شري سچانند ڦيرومل اُساهت ڪيو ته نواب شاه لع ۾ آزاديءَ جي آندولن جو اِتهاس لکان. مون اهو م شروع ڪيو. وچ ۾ هڪ اڌ سائيءَ پنهنجو رايو نو ته اُن جي ڪا خاص ضرورت ڪانه آهي.

مان اُنهن سائين جي جذبات کي سمجهي ويس، چاڪاڻ ته مون آندولن ۾ سيوڪ رهندي ڏٺو ته اسان جي ضلع ۾ گهڻا اهڙا ڪم ڪندڙ هوا، جي هلچل ۾ مري مٽڻ لاءِ آيا هوا، جن کي پنهنجو نام روشن ڪرڻ جو ڪوبه ويچار ڪونه رهندو هو، ايتري قدر جو ڪنهن کي ڪانگريس ۾ يا ملڪ جي سرڪار ۾ پد گرهڻ ڪرڻ لاءِ چيو هو ته يڪدم ناڪاري جواب ملندو هو، زوريءَ هنکي اُن پد لئي آڻيو هو.

ن ڪري مون هي ڪم پورو ڪرڻ فرض سمجهيو؛ چاڪاڻ ته اُن ۾ نه صرف اهڙن سيوڪن جو سنکيپ ۾ ورڻن اچي ٿو، پر اُن ۾ مکيه ڳالهه جا مون سڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سا اِها ته ستيه ۽ اهنسا جي ٻي پرم شڪتي هئي، جا گانڌيجيءَ اسان کي ڏني، جنهن ذريعي اسين ڀارت آزاد ڪرائي سگهيا سين. اسان جي

۲۶ جنوري ۱۹۷۳ .
قیمت: پنج روپیه

د اهر بهراوچ .
۵۵۰ کاپیون

آزاديءَ لاءِ آندولن

ليکڪ: هيتارام هروهل ڪلناڻي